ويٺي ورق ورايم

- راج ڏاسواڻي



ميرج ساهتيہ مالها

Humble request to Sindhi political & social leaders.

Open call to Sindhi youth.

If you follow the path I have mentioned in this book.

I guarantee Sindhi Community will survive along with its rich Heritage, Language and its unique IDENTITY.

Fight for your rights.

Today I will speak
in Sindhi.
In my home,
With my family members,
With my children,
With my neighbours,
With my friends,
With Sindhis, where ever,
whom ever I meet.

ويٺي ورق ورايم .....!

راج ڏاسواڻي

اُنهن لاءِ، جن سان رهيس، رسيس، پرچيس، وڙهيس ۽ پيار
ڪيو ۽ پيارپاتو. جي دل ۾ جيءَ سان اڃان بہ جڙيل آهن.

رپيا : 415□00

ڊالر : 7□00

پائونڊ : 5□00

ڪاپيون : 1□000

سال : 2013

ميرج ساهتيہ مالها

فلسوفو زندگيءَ جو .....!

(سنتوش آنند جي لکيل فلمي گاني تي آڌارت)

هڪ پيار جو نغمو آ، موعاجن جي رواني آ،
زندگي ٻيو ڪجهه به نه آ، تنهنجي منهنجي ڪهاڻي آ
ڪجهه پائي وڃائڻو آ، ڪجهه وڃائي پائڻو آ،
جيون جو مطلب ته، اچڻو ۽ وڃڻو آ
هڪ پل جي جيون کان، هڪ عمر چورائڻي آ
طوفان کي اچڻو آ، اچي هلي وڃڻو آ
بادل آهن هيءُ کن پل جا، ڇائنجي ڍلجي ويندا
پرڇايون رهنديون ناهن، رهنديون آهن نشانيون
جو گذري ويو آ، وري واپس نه اچڻو آ
هن دل ۾ سواءِ تنهنجي، ڪوئي ٻيو نه اچڻو آ
گهر ڦوڪي ڇڏيو آ مون، هاڻ انجي رک کٽڻي آ
زندگي ٻيو ڪجهه به نه آ، تنهنجي منهنجي ڪهاڻي آ

تون پل ساٿ نه ڏي مونکي، اڳتي وڌڻ مونکي ايندو آ
هر آگ کان واقف آهيان، جلڻ مونکي ايندو آ
تدبير جي ڪوشش سان، تقدير بڻائڻي آ
زندگي ٻيو ڪجهه به نه آ، تنهنجي منهنجي ڪهاڻي

Printer:- **Impressions**- Mumbai Mob.: 9820883807
DTP: **Shobha. R. Lalchandani** -Mob.: 93226510668

ويٺي ورق ورايم ......!

”پير پٿون هر پانديئڙي جا، منزل جو ڪو اير نہ پير!“

راج ڏاسواڻيءَ جا لکيل ڪتاب

پہ ڪنارا (اصلوڪو ناول)
غريبن جي جھوپڙي :- ليکڪ :- منشي پريمچند
انوادڪ : راج ڏاسواڻي
ٽامي جا ٽڪرا (ادبي لطيف)
ريشمي ڌاڳا (ڪھاڻيون)
هيمون ڪالاڻي امر شهيد (پنج فصلو ناٽڪ)
پڙاڏو پھرين پيار جو (اصلوڪو ناول)

ميرج ساهتيہ مالھا طرفان ڇپايل ڪتاب

سوپنمئي (ناول) ليکڪ :- وشنو پريار انوادڪا : گيتاراج
نظر نظر جو ڦيڙ (ناول) ليکڪ : دويندرناٿ ”نرگن“
انوادڪا : گيتاراج
سرگ جي ڳولھا (ٻال ناول) ليکڪ : موهن ڪلپنا
سمرپڻ (ناٽڪن جو مجموعو) انوادڪ : رميش ڇاڇا ٽي
نرماڻ (ناٽڪن جو مجموعو) انوادڪ : رميش ڇاڇا ٽي

اُن ۾ اسي ٽڪا ڪوڙ يا اسي ٽڪا سچ، ان جو ڪٿن ڪرڻ ڏکيو آهي. جي سوَ ٽڪا ڪير سچ لکي ته هنجي ڪارن ڪرمن جو چٽو پڙهندڙن اڳيان ظاهر ٿي پوندو. ان ڪري جو به پنهنجي جيون ڪٿا لکي ٿو اهو پنهنجو اهُوئي روپ پاٺڪن کي ڏيکارڻ ٿو چاهي جو هنجو بهترين روپ آهي.

منهنجي هنن گذريل جيون جي ورايل ورقن جو ورنن به اُن سچ ڪوڙ کان آجو نه آهي. هنن ورقن ۾ جو ناول جو حصو آهي، اهُو هڪ خيالي آهي ۽ جو سنڌيت ۽ سنڌي قوم جي حقن جو ڀاڱ آهي اها هڪ تمنا، قوم جي ضرورت ۽ منهنجو سپنو آهي.

هر هڪ پنهنجي جيوني لکڻ وقت اها ڪوشش ٿو ڪري ته هنجا گڻ، ۽ هنجي قابليت ۽ هنجي حاصل ڪيل مڪانن جو ذڪر ڪري جيئن هماجو ڪردار پاٺڪن جي اڳيان اُڀري بيهي.

سلسليوار جيوني لکڻ معنيٰ روز جي ڊائري لکي انکي دهرائڻ، مون ڪڏهن به پنهنجي ڊائري نه لکي آهي، هڪ ڏاڍو آهي جنهن ۾ جيڪي گل گڏ ٿي سگهيا آهن پوئيندو ويو آهيان.

ان ڪري منهنجن هنن ورايل ورقن ۾ سلسلو نه آهي. ٿي سگهي ٿو ان ڪري پاٺڪن جي ذهن تي ٿورو زور پوي، ۽ مونجهارو پڻ پيدا ٿئي ته ليکڪ هيئنر ڪهڙي ورق کي ٿو ورائي. اهو مونجهارو ايترو به نه آهي جو هو سولائيءَ سان هر ورق ٻئي ورق سان ڳنڍي نه سگهن. باقي پاٺڪن تي ٿو ڇڏيان ته هو ڪيترا ورق ورائي ٿا سگهن.

راج ڏاسواڻي

هيءُ سڀ لکان نہ لکان؟

جنم :- ڪوئيٽا بلوچستان. تواريخ :- 14 نومبر سال1932

پڙهائي لکائي 5 درجي سنڌي ۽ پهريون درجو انگريزي ڪراچيءَ ۾ ٿيو.

اسڪول : پريتم ڌرم سڀا هاءِ اسڪول ڪارو در ڪراچي

رهڻ جي جاءِ : پهرين گنو پاٽو بلڊنگ ڪارو در، پوءِ رام باغ گاڏي خاتو، (بلڊنگ جو نالو ياد نہ اٿم، هارمونيم ڪلب جي سامهون) ۽ انڪان پوءِ سلڪ بزار ٽانڪي نمبر5 جتان لڏي آيس ممبئيءَ.

ويٺي ويٺي ورق ورائيندي، ڪيترا ئي عڪس ڏسڻ ۾ ٿا اچن، ڪي چٽا تہ ڪي ڌنڌلا. پر آهن سڀ رنگين، نہ رنگين نہ، رنگا رنگي.

مون وٽ هڪ خيالي ڏاڳو آهي، زندگيءَ ۾ هر قدم اڳتي وڌڻ سان گڏ ڏاڳي ۾ ٿيندڙ گهٽنائن سان گڏ ڪيترن مترن، يارن، دوستن ۽ واقفڪارن جون ريڪائون پوئيندو ويندو آهيان.

اڄ جڏهن اُن ڏاڳي ۾ پويل هرهڪ پنکڙي ۽ گل توهانجي اڳيان ٿو رکان، انهن ۾ ڪي تازا آهن ڪي ڪومايل، ڪي تہ اڻ ڦٽل ڪليون بہ آهن جي اجان گل نہ ٿيون آهن، پر سيني ۾ سڳنڌ ضرور آهي.

ڪهڙي گل جي ڪهڙي خوشبوءِ توهانکي پسند ٿي اچي، اهو توهان تي ٿو ڇڏيان.

ڪنهن بہ آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکندڙ پنهنجي جيونيءَ جو اونداهو پهلو لڪائي ڇڏيندو آهي، روشن پهلو ئي رکندو آهي پاٺڪن اڳيان.

نہ صرف سميلن جا سن ڏنا ويا آهن پر ڪيترا ڊيليگيٽ آيا - صدر ڪير هو وغيره سڀ حقيقتون آهن.

ليڪڪ حشو ڪيولراماڻيءَ جي يوگدان ڪي بہ نہ وساريو آهي.

1960 واري سميلن ۾ گانڌيڌام واري سميلن ۾ جوڙجڪ ٻڌائجي تيار ٿيو جيڪا جوابداري اي-جي-اُتم ڪي سونپيل هئي.

پڳونتي ناواڻي ۽ سترام روهڙا ناگپور سميلن ڪان پوءِ مشهور ٿيا.

اَهڙيون ڀيون بہ تاريخي حقيقتون ۽ واقعا لکيا ويا آهن. ورهاڱي بعد سنڌي اَدبي تحريڪ جي مڪمل تصوير پيش ڪن ٿا ۽ رڻائتي نموني ڪوئي اُها تاريخ لکندو تہ هي سچو اَحوال بيحد ڪارائتو ٿيندو.

مٿيون ڏنل سچو اَحوال ليکڪ جو پٽ آڪاش پنهنجيءَ ڀيڻ اَنيتا ۽ ٿيڻ واريءَ پتنيءَ اَلڪا اڳيان بيان ڪري رهيو آهي. انهن ۾ ڪيترن صفحن تي آڪاش جي زبانيءَ مان ليکڪ راجوءَ جو ڪردار اُڀريو آهي.

رميش چاچاڻيءَ جي ناٽڪن ۾ منو تولاڻي ڪم نہ ڪيو پر منو گيهاڻي صحيح نالو آهي. ٻي ڳالهہ تہ پشپا گيهاڻي بہ چاچاڻيءَ جي ناٽڪن ۾ ڪم ڪيو. اُن جو ذڪر نہ آهي.

گنو راجو ۽ ڪلينا هم ڪلاسي هئا ۽ اِسڪول ڪان سواءِ شام جو پنهنجي سرڪار ٺاهيندا هئا ... اِهي تفصيل اَسان اَدبي ڪيتر جي ساٿين لاءِ دلچسپ آهن.

ليکڪ ري روڊ چڏي جڏهن باندرا ۾ ترلوڪ بلڊنگ ۾ وڃي رهيو تڏهن سندس ڏنڏي، مالي اوقات ۽ رلٽي ملٽي سياءَ ۽ گيتا جي مهمان نوازيءَ ڪري هن جوڙي ڪي راجيش کنا ۽ ڪعفي اَعظمي جهڙن فنڪارن

مهاڳ

راج ڏاسواڻيءَ جو ويڻي ورق ورايم!...

ويڻي ورق ورايم .....!

هڪ خاص مقصد سان لکيو ويو آهي. اُهو مقصد ص آڪاش جي زبان مان چوايو ويو آهي تہ سندس دادا کي افسوس آهي تہ سنڌي اَديبن گهٽائي سميلن ڪيا ۽ پرڏان منتريءَ اڳيان پنهنجين ضرورتن جا چِٽا پيش ڪيا ۽ ڪوشش ڪئي تہ سنڌي ٻوليءَ کي اَٺين شيڊيول ۾ جڳهہ ملي پر هنن ڪڏهن پنهنجيءَ سنڌي قوم کي راڄنيتي حق وٺي ڏيڻ جي هلچل نہ هلائي - جيتوڻيڪ سنڌي قوم ڀارت جي آدمشماريءَ موجب ٽورائيءَ جي درجي ۾ آهي.

هن ناول جي خصوصيت اِها آهي جو ٻولي تسليم ٿيڻ کان اڳ جيڪي بہ سميلن ٿيا تن جو تفصيلوار اَحوال ٿو ملي. اِهي حقيقتون سنڌي اَدبي تحريڪ جي تاريخ آهن ڇڻ هڪڙو ڪارائتو دستاويز آهي - مثال طور هي حقيقتون تہ 1961 ۾ سيا سنڌي ٻولي تسليمي ڏينهن ملهائڻ جي شروعات ڪئي.

1963 ۾ جئپور ۾ سميلن ٿيو.

1964 ۾ لکنئوءَ ۾

1966 ۾ بئنگلور ۾

احساس ٿو ڏياري.

پيو آهي نمو. نائڪ جي ڏرم جي ڀيڻ. هوءَ بہ ٿورن ئي صفحن ۾ ذڪر هيٺ آئي تہ نائڪ کي رکڙي ٻڌندي هني پر ٿرين accident ۾ مري ويئي. نائڪ اڄ تائين سمجهي ٿو تہ جڻ هوءَ پنهنجي زندگي هن کي ڏيئي ويئي. هن جي اِها جهلڪ ڀيڻ جي پيار ۽ رکڙيءَ جي رشتي جو ماڻ وڌائي ٿي ڇڏي.

نائڪ پاڻ تہ ڇانيو پيو آهي - آڪاش بہ پيءُ بابت ڳالهائي تہ اَنيتا بہ - نائڪ راجوءَ جو ڪردار dominating آهي. ٻيا ڪردار ڄڻ ڪٺ پتلين وانگر هن جي مرضيءَ مطابق پيا جيئن.

آڪاش جو سُهاڳ رات وارو پنهنجيءَ پتنيءَ ڏانهن لکيل خط سندس ڪردار کي ڪافي چمڪائي ٿو. پر آڪاش کي بہ اِهي ويچار سنسڪارن جي روپ ۾ پيءُ وٽان مليل آهن.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، جنهن جي رهنمائي هيٺ ورهاڱي بعد سنڌي ساهت ۾ جاڳرتا آڻڻ جي اُتاهين لهر اُٿي، تنهن جي 'سنڌي نثر جي تاريخ' هڪ سنڌي حيثيت وارو ڪتاب آهي. تنهن جي حوالي مطابق ... ڀهريان پستڪ جن سان سنڌي ساهتيہ ناول نويسيءَ جو پايو پيو سي انگريزي مان ترجمو ڪيل هئا ۽ اٽڪل 1870 ڌاري ... پر سنڌي ادب جا ڀهريان ٻہ دليان جوڙيل ناول لکڻ جو شرف مرزا قليچ بيگ کي حاصل آهي جي هئا دلارام 1888 ۽ 'زينت' زينت ۾ اُن دؤر جي سماجڪ حالتن جو ۽ عورت جي صورت ۽ سيرت چٽڻ جو شاندار مثال آهي. 1892 ڌاري ديوان پريتمداس حڪومت راءِ جو خواساختو ناول 'عجيب پيٽ' ظاهر ٿيو. جنهن ۾ روز مره جي زندگيءَ جا واقعا، معاملن ۽ پائيبندن جي پنگتي رسمن رواجن ۽ تعليمي، اخلاقي ۽ ڌرمي جيوت نهايت چيدي ۽ سپڪ سنڌي ۾ چٽي ويئي آهي. 1888 ڌاري ازغنبي ۽ ڪرامتي قصا بہ شايع ٿيا پر اُهي گهٽو ڪري عاشق معشوق، ڀوتن، ديون، پريتن جي ڪردارن سان ڀريل آهن ۽ اردو ۽ فارسي هنديءَ تان ورتل آهن.

جي نزديڪي حاصل ٿي. اِن پٺيان راجوءَ جي محنت بہ آهي پر قسمت اَڪثر ڪيس ساٿ ڏنو آهي.

ڏٽيءَ جي هستيءَ بابت ليکڪ جو پنهنجو رايو ۽ گرهن بابت سمجهاڻي وغيره سندس ڪردارڪي ۽ ويساهن کي پڌرو ڪن ٿا.

اَلڪا آڪاش ۽ اَنيتا پاڻ ۾ ڳالهائيندي ڪافي فيلسوفاڻا ويچار ۽ وزندار ڊائلاگ پيش ڪن ٿا. حقيقت ۾ ليکڪ جا اِهي پنهنجا ويچار آهن جيڪي هن پنهنجن ڪردارن معرفت ظاهر ڪيا آهن.

سڀ جا سڀ ڪردار فيلسوفاڻا سوچ رکندا هجن اِهو ممڪن آهي ڇا؟ ۽ ٻولي بہ ساهتڪ ڪم آڻين اِهو بہ سياويڪ آهي ڇا؟

آخر ۾ راجوءَ جي پروفيسر رام پنجواڻيءَ سان ٿيل گفتگو اَهم آهي. رام پنجواڻي پنهنجي غلطي قبول ڪندي ليکڪ کي چوي ٿو: تنهنجيءَ رَتا تي هلجي ها تہ اڄ سنڌين جي هڪ ڊائريڪٽري ٺهي پوي ها، پر راجو هاڻي ڏاڍي دير ٿي ويئي آهي. چنتا نہ ڪر. ڪنهن ڏينهن ڪو نڪرندو جو اهو سنڌين کي هڪ ڌاڳي ۾ پوئڻ جي ڪوشش ڪندو.

رام پنجواڻيءَ جي اڳڪٿيءَ مطابق هن ناول جا ٻہ ڪردار آڪاش ۽ اَلڪا، ليکڪ جي هدايت موجب پارت جي دؤري تي نڪرن ٿا اُها ڊئريڪٽري تيار ڪرڻ لاءِ جيئن سنڌي ڪنهن ڏينهن راڄنيتيءَ ۾ اڳرا ٿي سگهن. پنهنجا حق وٺي سگهن.

ليکڪ پنهنجي مقصد کي ڇٽو ڪري ناول پورو ڪيو آهي □

ڪردار نگاري

هڪ شاهاڻي عورت جيڪا دادا جي پتني آهي اُها غير حاضر آهي. راجو نائڪ وقت بہ وقت هن کي ياد ڪري سندس عظيم هئڻ جو

هو پروفيسر رام پنجواڻي، جنهن جا دليان جوڙيل ناول هئا : 'قيدي' (1943)، 'لطيفا' (1945) ۽ 'چانديءَ جو چمڪو' (1947) سندس ٻيا به ناول جيڪي سنڌي ماحول ۾ ٺهڪايل هئا سي هئا 'اساڻاجو گهر' (1946) ۽ شرميلا (1944) ٻهريون پرٿويراج ڪپور جي ناٽڪ 'ديوار' تان ورتل هو. ۽ ٻيو هڪ انگريزي ناول جي آڌارتي لکيل هو.

ٻيو پروفيسر هو نارائڻداس ميوارام ڀمڀاڻي () اصلوڪو ناول هو مالهڻ (1942) ۽ وڏوا (1943) ٻهرئين ۾ موت، خودڪشيءَ جا سنسنيز واقعا هئا ۽ ٻئي ۾ هڪ وڏوا، سماجڪ ريتين رواجن کي ٺوڪر هڻي هڪ لائق جوان سان شادي ٿي ڪري. 'غريبن جو وارثو' (1946) سندس ٽيون ناول هو. چيتانند لالواڻي جو 'ميونسپل ڪائونسلر' (1944) ۽ نانڪرام ڏرمداس ميرچنداڻيءَ جو آرام محل (1946) وٽندڙ پنگتي ناول هو. جي.ڊي. آهوجا جو ناول 'راڻي' هو. جيڪوئي شايد ورهاڱي کان اڳ جو آخرين ڇپيل ناول هو.

ناول جو سونهري دؤر (ڀارت ۾ ورهاڱي بعد)

ورهاڱي بعد گوبند مالهيءَ جو پهريون اصلوڪو ناول 'آنسو' هو. هن اٽڪل 24 ناول لکيا ۽ ڪيس ناول سمراٽ جو درجو مليو. سندس مشهور ناول هو 'پکيئڙا ولرکان وڇڙيا' جنهن ۾ ملڪ جي ورهاڱي ۽ اُن جو سنڌي سماج تي پيل اثر جو دل ڀڄائيندڙ ذڪر مليو ٿو.

سندري اُتمچنداڻي به ناول لکيا - 'ڪرندڙ ديوارون' ۽ 'پريت پراڻي ريت نرالي' پر انهن جو ٻنهي ناولن جي ٻولي گهرو اصطلاحي ۽ اثردار رهي ٻولي نهايت اثردار رهي ۽ اڄ به ياد ڪيا وڃن ٿا.

تارا ميرچنداڻي ناول لکيا، سندس هن يوگي ناول هڪ نئين وشيه کڻي آيو. تفصن جي اندر جي شاخص سان جنگ.

موهن ڪلپنا به اٽڪل پنج ڇهه ناول لکيا. آوارا سندس پهريون ناول هو ۽ تنهن کان سواءِ لگن ...

شوو رامناڻي به ... ناول لکي ناول نويسن جي صف ۾ شامل ٿيو.

چندولال جنسنگهاڻي بئريسٽر سلسلي ۾ وڪالت ۽ جاسوسي عنصر آهن. سندس ناول مشهور ٿيا. ڪلا پرڪاش جو پهريون ناول هڪ دل هزار

1901 ۾ ڪراچيءَ مان سناتن ڌرم پرچارڪ پتر جيڪو منهنجي ناني جي ياءُ مهاراج سوپراج لالچند شرما جي رهنمائيءَ هيٺ نڪتو. ۽ سندس ديهانت بعد مهاراج تاجورام شرما هلائيندو رهيو. اُن ڌرم جو پرچار ڪندڙ پتريڪا جي سايي هيٺ هنديءَ مان ترجمو ٿيل، پنگتي، ڌارمڪ، رسمن ۽ رواجن جي سڌاري ۽ اوگهڙ ڪندڙ ناول نڪتا.

مرزا قليچ بيگ جي زينت ۽ پريتمداس حڪومت راءِ جي 'عجيب پيٽ' ٿيون ناول هو لالچند امرڏني مل جڳتياڻيءَ جو 'چوٽ جو چنڊ'. جنهن ۾ ٻن نوجوان دوستن جي ٻي طمع سِڪ جو ورنن ڪيل آهي. اٽڪل 1910 ڌاري پيرومل مهرچند جا ناول 'آنند سُندريڪا' ۽ موهني ٻائي 1917 نڪتا، جن ۾ گهروُ جيوت جا چٽ، زناني تعليم، ڏيتي ليتي جيئري تہ جيئري شادي وغيره جهڙا مسئلا چٽيا ويا. 1915 ۾ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي جو پهريون تاريخي ناول نڪتو 'نوُر جهان'.

سنڌ جي تاريخي پس منظر ۾ بيهاريل 1922-1923 ڌاري حڪيم عبدالخالق مورانيءَ جا ناول، 'سُندري'، 'ستيءَ جي سيتا' ۽ 'چترپتي' نڪتا تان جو 1933 ڌاري دادا اشوڪ يوڳراج مونواڻيءَ جو اصلوڪو ناول آشيرواد نڪتو. جيڪو ورهاڱي کان اڳ جو پهريون حقيقت نگاريءَ وارو ناول هو. اُن ناول کان سواءِ ٻيا ذڪرلائق ناول هئا : اوچيرام ٿانواڻيءَ جو 'عمر مارئي' (1930) ، ۽ 'آزاد خيال زالون' (1937)، آسانند مامتوار جو 'شاعر' پهريون سنڌي ناول هو، جنهن ۾ گهرا، فيلسوفاڻا خيال ۽ آتموادي ويچار هئا. گلي سدارنگاڻي جو 'اتحاد' (1941) ناول ڌرمي ويچارن جا ٻنڌن مٽائي هندو ڇوڪري جي ڪشميري مسلمان سان شادي ڪرڻ جو قصو آهي جنهن سماجي حلقن ۾ وڏو ڇوٻول مچايو. (1942) ۾ چندولال جئسنگهاڻيءَ جو پريم ۽ شادي جي مسئلي تي لکيل ۽ شاعر نرمل جوتواڻيءَ جو (1943) بينا ناول ظاهر ٿيو.

ورهاڱي کان اڳ ۾ پروفيسرن سنڌي ناول جي وڏو يوگدان ڏنو. هڪ

جي تہ اِهو سنڌي ناول سڌجي! هي ڪتاب خود زباني، جيون ڪٿا، سنڌي ٻوليءَ جي ٻچاءَ جي طلب تاريخ، سماجڪ حالتن جو دستاويز وڌيڪ آهي.

مان هن رچنا تئ ڪا تنقيد يا اُن جي اوک ڀوک ڪرڻ کان ڪنارو ڪري ڪيس اپيل ڪندس تہ ڪيترا تفصيل صحيح آهن تہ ڪي هڪوار وري ڏسي □ پڙهي.

راڄ جو هي ناول ناول جي ٽيڪنڪ کان دور لڳي ٿو پر ادب ۾ سماج ۾ جيڪو بدلاءُ اچي رهيو آهي تنهن کي روڪڻ واجب نہ آهي.

راڄ جي سنڌ ۾ سنڌي ساهت ۾ ٻوليءَ سان لڳاءُ ۾ پيار ڪي مان سلام ڪريان ٿو.

موتي پرڪاش

ارمان هو. سندس شيشي جي دل، ’هڪ سپنو سکن جو‘ ۾ ٻئي اصلوڪا ناول هئا. مثال طور حالتن جي چڪر ۾ آيل هڪ گهروُ ناريءَ جو دير سان وواه هڪ نهايت بولڊ وشيہ تي هو. سندس اِهو سفر اڃا جاري آهي.

ٻيا ناول نويس جن لاءِ الڳ الڳ ذڪر ڪري سگهجي ٿو سي آهن، هري همٿاڻي، سندر حشمتراءِ، پوپٽي هيراننداڻي، ريٽا شهاڻي وغيره.

اِنهن ناول نويسن ۽ سندن ناولن جو ٿوري ۾ ذڪر ان ڪري ڪيو ويو آهي، ڇو جو راج ڏاسواڻي خود اُن دؤر جو گواه ٿي رهيو آهي.

لکڻ جو مطلب اِهو آهي تہ سنڌي ناول جي روايت رهي آهي ۽ ناول ۽ هند جي سنڌي ليکڪن جو وڏو حصو رهيو آهي.

ورهاڱي جو ڀاري اثر سنڌي ساهتيہ تي پيو. سماج جو ڍانچو ٽٽي پيو. زندگيءَ جي مسئلن ۾ ڪٺورتا آئي. وشيون وشال ٿيون، زميني حالتون بلڪل بدلجي ويئون ان ڪري ساهت جا رنگ روُپ بدلجي ويا، سماج جي ريتين رسمن، سنڌين جي ٻول چال ۾ وڏو ڦيرو آيو. عجب آهي تہ اتهاس جي ورقن سنڌين سان ٿيل عقوبتن، مصيبتن، جو پوءِ بہ ساهت ۾ ۽ خاص طور ناول ۾ (ڪن ٿورن کي ڇڏي) اُنهن جو اُهو چٽر نٿو ملي. ڪارڻ گهٽا ئي ٿي سگهن ٿا جن جو بيان هتي ضروري نٿو سمجهان.

راج ڏاسواڻيءَ جي رچنا ساهت ۾ هن کان اڳ ٻہ ناول ملن ٿا. ’ٻہ ڪنارا‘ ۽ ’پراڏو پهرئين پيار جو‘. تن ۾ بہ سنڌين سان ٿيل بي انصافيءَ جو بيان ڪونهي. انکري مون کي لڳي ٿو تہ ’’وِڇِٽي ورق ورايم.‘‘ هُن ڀرپور دل سان سنڌ ڌرتي، ٻولي، ساهت ۽ سنڌي سماج جي لاپرواهيءَ جو ذڪر بيباڪ ٿي ڪيو آهي ۽ سنڌين کي سڄاڳ ٿيڻ جي للڪار ڪئي آهي ۽ نئين پيڙهي کي سنڌي جاتيءَ جي ڪمزورين کان واقف ڪري کين پيغام ڏنو آهي، تہ جاتيءَ جي بچاءُ لاءِ اُٿي بيهن ۽ آواز اُٿارين. پنهنجن جذبن ۽ ويچارن کي عام اڳيان پيش ڪرڻ ۽ ساڻن ونڊ وراهہ ڪرڻ لاءِ هن هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي. ان ڪري هن پستڪ مان اِها اُميد رکن تہ منجهانئس ٻوليءَ جو رس، سلسليوار ڪهاڻيءَ جو جس ملندو. پر جتي ڪردار نگاري، ڪهاڻي جي افسانوي انداز جو اُميد رکڻ جو سوال ئي نٿو اُٿي، ڪردارنگاريءَ جي ڀيٽ ۾ گفتگو، بيان بازي، وڌيڪ هئڻ سبب اِئين لڳي ٿو هُن جاتيءَ سان لڳاءِ، سنڌ کان جدا رهڻ جي درد کي وڌيڪ ترجيح ڏني آهي، بنسبت اُن

راڄ ڏاسواٽيءَ جو ناول
پڙاڏو پهرين پيار جو
(لڇمڻ ڪومل جي فلئٽ ۾)

''راڄ'' جو ناول پڙهيو ويو،
ان ۾ ڪويتا به آهي چترڪاري
جذبا ۽ احساس به آهي جيئن ٽڏو
۽ متو جل ڍڪ ڍڪ ڪري پيئبو
آهي ائين ئي مون هِي ناول پڙهيو
پورو ڪيو آ به آهي گهٽي نه پر
وڏي وئي هن ناول جو مکيه ڪئنواس
ڪويتا، رنگ سُرنگ سڳڻ
''سنڌيت''جو سڳنڌ آهي،
جيڪو پوري وجود کي
پنهنجي پاڪر ۾ پري ٿو ڇڏي!
''راڄ''کي جس آهي ۽ هن کي
لکندو رهڻ کپي، ڇا منهنجون
هي سٽون هن تائين پهچنديون؟
امداد حسين
حيدرآباد سنڌ

ڪجهه ليکڪ بابت...

ناول پڙهڻ سان ڪي اهڙيون ڳالهيون پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ آهيون آهن. ڇا اهڙا مرد به ٿيندا آهن جيڪي مرڻ کان پوءِ به پنهنجي زال جي ڪمي ايڏي محسوس ڪندا آهن.پنهنجي زال جو ڇهاءُ محسوس ڪندا آهن.

راج جي ناولن ۾ پيار جو اظهار هڪ الڳ قسم جو هوندو آهي، اُهو ڳالهين سان پر اکين سان ۽ بدن جي عضون مان ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ،هڪ عجيب ڇڪ هوندي آهي. اُهو ناتو اُها ڪشش هڪ پوتر آتما سمان هوندو آهي.

هن ناول ۾ جاڻ ملي ٿي ته اڳئين زماني ۾ ڪيتري سادگي هوندي هئي ۽ سڀ هڪ ٻئي سان سچيار هئا ۽ پنهنجي پنهنجي ڪم سان وفادار هئا ۽ هر هڪ ڪم لڳن سان ڪندا هئا، پوءِ پل اُهو ڪهڙي به ڪيتر ۾ هجي. ايتريون ته يادگيريون آهن هنن ڪي سنڌ جي لاءِ جڻ ته دل تي ترن پيون.

ٻولي سؤلي ۽ سليس آهي. هر ڪنهن ڳالهه جو ورنن ڪرڻ جڻ اسان اُتي گهمون پيا. مان ته هت ڇاول آهيان پر پنهنجن وڏن کان ايتريون ته ڳالهيون ۽ قصا ٻڌا آهن جڻ مان به اُتي جي آهيان، منهنجي دوستي به منهنجي عمر کان وڏن سان ئي آهي، مان ته اهڙي ئي ماحول ۾ پلي آهيان ۽ اڃا تائين اُتي رهي رهي آهيان. هاڻ جڻ ته لڄ ايندي آهي ته منهنجي عمروارن کي سنڌي ٻولي سنڌي ڪلچر سان ڪجهه لڳاءُ ئي ڪونهي. اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجي ننڍي ٿهيءَ کي هر ڪنهن جي جاڻ ڏيون.

شويا لعلچندائي

آهي، اُن جو رس بہ هوءَ ماڻي نہ سگهي. سکي شرير ۾ دکي آتما هئي هوءَ. خيرانِ جي وستار ۾ نہ تو وجھڻ چاهيان.

تون ڄاڻندي هونديئن تہ ڪيئن راهہ ويندي منهنجي ماتا ڪوريگاون جي جرمن بنڪري ۾ تيل بام بلاسٽ ۾ سرگواس پڌاري. ممبئيءَ ۾ تيل آتنڪوادي حملي کان پوءِ پارت ۾ هتي جو هيءُ پهريون ۽ وڏو ڌماڪو هو.

منهنجيءَ ماءُ کي ڌماڪي وقت ڪوبہ زخم نہ ٿيو هو. هوءَ راهہ ويندي ڏڏڪي ۾ گذر ڪري ويئي.

جيڪا هڪ رڙ ڪرڻ تي ئي سهماجي ويندي هئي، اُها ايڏي وڏي ڌماڪي جو ڌڪاءُ سهي نہ سگهي هئي.

جڏهن هنکي گهر ۾ آندو ويو، منهنجو پيءُ ڪيترا ڪلاڪ هناجي سراڻي طرف ويهي هن جي سينڌ سنواريندو رهيو. شايد اِن اُميد سان تہ هوءَ ڄاڻ تي اُٿي ڪڙي ٿيئي.

هنکي ياد هو منهنجي ماءُ چوندي هئي، ”راجو جڏهن منهنجي مٿي تي هٿ گهمائيندو آهي تہ منهنجو هر دک دور تي وندو آهي.“

منهنجو پيءُ بڻ بڻ ڪري چوندو رهيو، ”اُٿ جاڳ نہ. جاڳ نہ... جاڳ نہ. جاڳ. جاڳ اُٿ جاڳ. ڪي طعنا هڻ. ڪي ڏوراپا ڏي. ڪا تنقيد ڪر، ڪا شڪايت ڪر، تون نہ هونديئن تہ ڪير پڙهيندو منهنجا ڪن انهن طعنن. ڏوراپن. تنقيد ۽ شڪايتن سان.“

منهنجي ماءُ جي خواهش هئي تہ سندس مرڻ کان پوءِ سندس هر هڪ عضوو ٻين جي ڪم آندو وڃي ۽ هناجي هاڏين جي رک ڪنهن نديءَ يا درياهہ ۾ نہ وهائي گلن جي هڪ ٻوٽي جي ڪونڊيءَ ۾ رکي وڃي ۽ باغ ۾ پوکي ڇڏجي.

شروعات

الڪا آڪاش جو خط وري پڙهڻ شروع ڪيو لکيل هو، ''اُن سمي مان توکي اپنائي تنهنجي من ۾ اشانتي نٿي پيدا ڪرڻ چاهي. اڄ بہ تون نٿي ڄاڻين مان ڪهڙيءَ اُلجهن ۾ آهيان. ممڪن آهي، هيٺ ڪجهہ لکيل پڙهي وڏيڪ ڄاڻين سگهين. ۽ اهو بہ ممڪن آهي تون بيرخيءَ وچان منهن موڙي ڇڏين. جو ٺيڪ نہ ٿيندو ائين نٿو چوان، سياويڪ آهي.

ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ تون الحدي ڍنگ ۾ سوچين ۽ مونکي اڪيلو ڄاڻين اڳيان وڌي اچين تہ اهو ٿيندو مونتي احسان جو بار رکي، پنهنجيءَ زندگيءَ سان کيلڻ.

ڄاڻ پيم تون بہ بلڪل اڪيلي آهين. تنهنجي ماتاجي اوچتو سرڳواس ٿي ويئي.

مان سمجهي سگهان ٿو توهن جي جدائيءَ جو غم ڪيئن سهن ڪيو هوندو. مان ڄاڻان ٿو هن ڪيئن توکي لاڏلي ڪري پاليو آهي.

مان اهڙي دور مان گذريو آهيان. ياد اٿم منهنجي ماءُ جا آخرين ڏينهن، هوءَ پنهنجي گذريل زندگيءَ جا ڏينهن ياد ڪندي دکي ٿيندي رهي، ماضي هنجو پيڇو ڪندو رهيو، جنهنڪري هوءَ اڄ جو سک ماڻي نہ سگهي.

سماج جو ڊپ، پاڙي اوري وارن جي پرواه ۽ گهر وارن جي چنتا هنکي سک سمهڻ نہ ڏنو. جيتوڻيڪ هوءَ پيار ۾ سموري ٻڏل هئي، پنهنجن لاءِ پيار، پراون لاءِ پيار، پراون کان پراون لاءِ بہ پيار. سڏ ۾ ڏينهن رات سڏ ڏيڻ واريءَ پنهنجو پاڻ کي هر سک کان وانجهيل رکيو. جنهن کري پيار ۾ کيل شاديءَ ۾ جو سکميہ سنگيت هوندو

لکيل هو، ''مان مائٽن جو سڪيلڊو پٽ آهيان، اِن خيال کان جو هڪ وڏي ياءُ اُميش، ٻن ڀينرن ۾ ننڍي ۾ ننڍو آهيان، تون سيني کي چڱيءَ طرح سڃاڻين. انيتا تہ توسان ڪافي ويجهي آهي.

منهنجي ٻن ڀينرن ۽ منهنجي ياءُ جي عمر ۾ ڪافي وڇوٽي آهي، اِن ڪري مان بہ لاڏلو ئي آهيان.

منهنجو پيءُ آهي، سندس زندگيءَ ۾ ڪيترائي لاها چاڙها آيا آهن جنجو هن همٿ سان مقابلو ڪيو آهي.

ڪن تورن جي حياتي اهڙي رنگ بہ رنگي گذري هوندي جهڙي هناجي. هن جو بہ ڪاربہ هٿ ۾ ڪنيون اُن کي آخري سطع تي پهچائي ئي پورو ڪيو آهي. فائدي نقصان جي هن ڪڏهن بہ پرواه نہ ڪئي.

پنهنجي گذريل زندگيءَ تي ۽ پنهنجن جي باري ۾ وڌيڪ نہ لکي، مان ايترو ئي لکندس تہ هڪ دفعو گڏجي سگهون تہ بهتر ٿيندو. تنهنجو کهڙو خيال آهي، ڪجهہ ٻڌائيندئين تہ ڪجهہ مان بہ سوچيندس.

پيارن سان آڪاش.''

بستري ۾ پاسا وڙائڻ الڪا کي ستائڻ لڳا. بسترو ڇڏي لکڻ واري ميز تي اچي ويٺي. قلم ۽ پنو کڻي لکڻ ويٺي.

هن پترلکڻ تہ شروع ڪيو پر ڇا لکي اهو هنکي نہ پئي سجهيو. منجهي پيئي شروعات ڪيئن ڪري.

''آڪاش'' لکي شروع ڪري ڇڏيائين، ''ڪڏهن ڪڏهن زندگيءَ جي گذريل زماني تي نظر ڊوڙائيندي ائين محسوس ٿيندو آهي تہ ڪيتريون ئي چاهنائون ڪيتريون ئي حسرتون ائين ئي دل ۾ پيدا ٿي، ڪن لهرن وانگر ڪناري نہ پهچي، اتي ئي دل جي

اڄ ڏينهن تائين اها ڪونڊي اسانجي بنگلي جي حاطي ۾ رکيل آهي ۽ روز ان ۾ هڪ نئون گل نڪرندو آهي ۽ دادا حاطي ۾ ويهي انُهن گلن سان ڳالهيون ڪندو آهي.

جو وڃي ٿو، ڏک انُ لاءِ نہ آهي، ڏک تہ پٺيان جيئڻ لاءِ آهي، جي پل پل ويندڙن جي سمرتين جي چڪيا ۾ جلندا ٿا رهن.

جي آتما آهي تہ هوءَ سمپورڻ سک پائي ٿي، بس حياتي آهي تہ انُ سان انيڪ سک دک جڙيل آهن. موت ڪانپوءِ نہ سک آهي نہ دک.

منهنجي ماتا پتا جي زندگي رنگين گذري هئي، هو پنهنجي پنهنجي شرطن تي زندگي جيئندا رهيا.

فلحال مان اڇان پنهنجيءَ آئيندھ تي پنهنجي باري ۾ جو ڪجھ لکڻ چاهيان ٿو انُ مان ڪي قدر توکي اڳ ئي ڄاڻ هوندي اها اُميد ٿو رکان، سوچيو پئي هڪ دفعو توسان گڏجي زندگيءَ جي ڪا راھ ڳولهيان."

خط اڌ ۾ ڇڏي پاسيرو رکي، الڪا سوچڻ لڳي، هنکي ياد آيو اهُو ڏينهن جنهن ڏينهن هن آڪاش جو فوٽو آڪاش جي ڀيڻ جي گهر ۾ هڪ ديوار تي ٽنگيل ڏٺو هو. اڇي ڪرتي، سوڙهي پتلون ۾ ٺاهوڪو سڊول، مشڪندڙ ڇهري وارو جوان.

هن سوچيو پئي، "هوءَ خود بہ تہ ڇئي نٿي سگهي، ڇا انيتا سان هوءَ پاڻ آڪاش لاءِ... نہ نہ. آڪاش پڙهيل هوندي بہ اڄ ڪالھ جي جوانن وانگر اجايو نٺش رکي هلڻ وارن مان نہ آهي." هوءَ من ئي من ۾ آڪاش لاءِ هڪ روپ بٺائي رات پٽڙ سوچيندي رهي هئي، اهو اهڙي روپ لاءِ جنهن روپ ۾ هر عورت هڪ بار ئي ڪنهن لاءِ سوچيندي آهي.

بستري ۾ ئي ليٽي هن آڪاش جو خط وڏيڪ پڙهڻ شروع ڪيو.

کن ڏينهن کانپوءِ ئي پيڻ انيتا وٽ ٽيليفون اچڻ تي ئي هو ننڍي بنگ ٿاهي ممبئي وڃڻ لاءِ نڪري پيو. لوناوالا کانپوءِ آڪاش جي دل جي ڌڙڪڻ وڌندي رهي. اکين ۾ انتظار جون ريکائون چڻ پوسرائيندڙ سرمي وانگر اکين کي ستائڻ لڳيون.

آڪاش سوچيو پئي، ''الڪا سان اڪيلو گڏجي سگهندو؟'' ڪيئن ٿيندو اهو سڀ؟'' ۽ پنهنجو پاڻ کي ئي جواب ڏيئي چيو هئائين، ''جي الڪا راضي ٿي ويئي ته سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.''

گهر ۾ جا ڪنهن گهرواريءَ جي هجڻ جي ڪمي آهي اُها پوري ٿي ويندي. گهر گهر بڻجي پوندو.

گاڏي پهاڙن جي وچ مان هلندي رهي. ٻاهر اڃان سج جي ڪني ئي نڪرڻ واري هئي. آڪاش جي دل ۾ آيو پنهنجو ڌيان ٻئي طرف هٽائڻ لاءِ دري کولي، اليڪٽرڪ جا ٿمبا ڳڻيندو رهيو. وقت گذرندو نه وڌندو پئي ويو. ٿڪايل اکيون بند ڪري دريءَ جي آڏ ۾ ويٺو رهيو. پر انتظار ڪارڻ اکين مان ننڊ گم هئس. اکيون کولي ٻاهر نهاريندو رهيو.

ننڍيون وڏيون پهاڙيون پٺيان ڇڏيندي گاڏي اڳيان وڌندي پئي ويئي ۽ بجليءَ جا ٿميا پهاڙين کان وڌيڪ تيز پٺيان ڊوڙندا پئي ويا ۽ آڪاش جي ذهن ۾ الڪا جو ريڪا چتر ٺهندو پئي ويو.

هو سوچڻ لڳو، اڃان به ڇا الڪا ساڳئي نموني ٿهڪ ڏيندي هوندي؟ هوءَ جڏهن ٽهڪ ڏيندي هئي ته ائين لڳندو هو ڪمري جي هرڪا ڪنڊ ٽهڪن سان گونجي اُٿي آهي. هڪ چوٽي ڪري ساڄي پاسي ڪلهي تان لٽڪائي ڇڏيندي هئي، سندس چوٽي پٺيان چيله کان به هيٺ هلي ويندي هئي انڪري ڪوشش ڪري پٺيان نه ڪندي هئي. ڪوشش ڪري سلوار ڪڙتو ئي پائيندي هئي، پر ساڙهيءَ ۾ سندس بدن وڌيڪ سڊول ٿي ويندو هو. هو ته ڪيس ڏسندو ئي رهندو هو، پين جي اکين جي چاڻ نه هئي هنکي.

گهراين ۾ ختم ٿي وينديون آهن. زندگيءَ جو هرهڪ پهلو ائين ئي ويران ۽ سڃو رهڻجي ويندو آهي. اهڙي دور مان گذرندي پنهنجن ٻوڙهن تي وس نہ رهيو. ڏيپل ڪوڪ تي بہ ڪو وس ڪونہ رهيو. اوچنگارون بہ منهنجي وس کان ٻاهر هيون. پر ڪٿي بہ انهن ٻوڙهن جي هڪ بوند جو اثر منهنجيءَ واراسيل جيون جي پهلوءَ تي هڪڙو سائو پن بہ اڀُائي نہ سگهيو. دل جي دانهن ائين ئي بيابان ۾ دور ڦهلجندي ويئي ڪير بہ مدد لاءِ نہ آيو.

ڪيترين حسرتون، گهر جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ ڄڻ انهن جي پيدائش ٿيندي آهي ۽ اِتي جو اُتي ئي ختم بہ ٿي وينديون آهن. اهڙي وقت ۾ توهان سياڳيءَ ڪي پنهنجي جيون ۾ اچڻ لاءِ چيو آهي. ڇا ممبئيءَ اچي سگهندا.

”اميد رکي الڪا..“

آڪاش هن جو خط ڪيترا دفعا پڙهي ڇڏيو ڏينهن گذرڻ ڪانپوءِ جواب ۾ لکيو، ”گهر ۾ هڪ مان ۽ منهنجو پتا آهيون. ڪمائي ڪافي اٿم.

اڄ ڏينهن تائين گهر بنائڻ جو ڪو بہ خيال نہ ڪيو آهي. انڪري پئسي ۾ موهہ نہ اٿم. پر دادا وٽ ٻاهران ايندڙ ڪجهہ پينشن ۽ ڪجهہ ورتل جڳهين جي مسواڙ ايندي رهندي آهي. ائين سمجهہ تہ مان امير دل رکندڙ پيءُ جو غريب پٽ آهيان.

ڇڏيو ڪمرن وارو گهر پوني جي پاش ڪالونيءَ ۾ آهي.

مان هر ناريءَ جو سنمان ڪندو آيو آهيان ۽ آئينده بہ ڪندو ايندس، تو جو پتر لکيو هو، انڪي ڏسي وري بہ توکي سوچڻ لاءِ تو چوان، ۽ بس...“

آڪاش خط تہ لکيو پر هو الڪا ڏانهن موڪلي نہ سگهيو. سبب جي هن کي بہ ڄاڻ نہ هئي.

ٿوري دير ڪانپوءِ آڪاش بالڪنيءَ ۾ ويهي هيٺ ڏسي رهيو هو. الڪا هڪ پنو هن طرف ڦٽو ڪري واپس هلي ويئي. آڪاش پنو کنيو لکيل هو، ”ڪيئن ڏسڻ آيا آهيون مونکي؟ اُن ڪانسوءِ ڇا ڪم نہ هلي سگهي ها؟ بين پرشن وانگر روپ جو موه توهان تي بہ غالب پئجي ويو. ٺيڪ آهي، مونکي ڪوبہ اعتراض نہ آهي. جيون ۾ اگر ساٿ ٿيڻ وارو آهي، تہ اهو سڀ تہ ڪرڻو ئي پوندو.

ها توهين مون سان ڳالهائڻ لاءِ بہ آتا هوندا، پر حالتون موافق نہ آهن جو گهر ۾ کُلئي من سان اهڙو ڪاجهہ ٿي سگهي. مان ڏوپهري ٽلاءُ تي جا لائبرري آهي، شام جو اُن ۾ رفرنسز لاءِ ويندي آهيان، توهين اُتي مونسان گڏجي سگهو ٿا.“

آڪاش جي چپن تي مسڪراهٽ جي ليڪ ڊوڙي آئي. الڪا ۾ موهہ وڌي ويس.

منجهند اچي ٿي هئي، ماني کائڻ جو وقت ٿيو هو. آڪاش هٿ ڌوئي ڪاڌي جي ميز تي اچي ويٺو. ٿدالي دال ۽ تريل پٽاٽا، گرم گرم ڦلڪا پڇائي الڪا کڻي پئي آئي.

آڪاش هٽڪندي چيو، ”ائين تہ سٺو نٿو لڳي جو اسان ٻئي کائون ۽ تون اندر مانيون پڇائين. اسين ٿورو وقت ترسون ٿا، سڀ گڏجي کائينداسين.“

انيتا هن سان سهمت ٿيندي چيو، ”ها ائين ٺيڪ آهي، الڪا تون سڀ مانيون پڇائي کڻي اچ اسين سڀ گڏجي ٿا کائون.“

جيستائين الڪا اچي آڪاش تريل پٽاٽا پاپر سان گڏ کائيندو رهيو. هنجو پيءُ چوندو آهي پٽاٽن سان پاپر کائڻ سان ماڇيءَ جو سواد ايندو آهي. کائيندي کائيندي ئي انيتا کان حال احوال پڇندو رهيو.

نرمل انيتا جو گهوٽ واپار جي سلسلي ۾ ممبئيءَ کان ٻاهر ويل

ممبئي اچي ويئي.

بئنگ ڪٽي هيٺ لهڻ سان ئي هنجي تصور ۾ آئينده جي هڪ نئين تصوير اچڻ لڳي. ”هڪ ڏينهن مان ساڳيءَ طرح ئي گاڏيءَ مان لهندس الڪا اچي مونسان ڊوڙندي گلي ملندي.“

ائين ئي تصور ۾ سيڪاجهه سوچيندي آڪاش مشڪي ويٺو. آڪاش پيڻ جي گهر پهتو. پنهنجين ماڙي تي سندس پيڻ جو گهر هو. هيٺان متي نهارڻ سان ئي انيتا جو گول حسين مشڪندڙ چهرو هنکي نظر آيو. ائين لڳو ڄڻ خزان جي اچڻ تي به هڪ اڪيلي ٽاڙيءَ تي گلاب جو گل ٽڙيل بيٺو آهي. آڪاش پيڻ وٽ پهچي ويو.

هنجي پيڻ دروازو کولي هنجي آجيان ڪرڻ لاءِ بيٺي هئي. ”اچ پائرا ڪهڙو حال اٿئي؟ دادا ڪيئن هو گهٽي وقت کان هن سان به ملڻ نه ٿيو آهي. فقط فون تي ئي ڳالهايو اٿئون.“ هڪ ئي جملي ۾ سڀ چئي ويئي.

الڪا رنڌڻي مان ٻاهر اچي آڪاش سان مشڪي ڪيڪاري نمستي ڪئي. جيئن ئي هٿ هيٺ ڪيائين سندس ڪڙائيءَ ۾ پيل ٻاڙهين ڪنگڻين جي جهن جهن جو آواز فضا ۾ ڦهلجي ويو.

اُن ”نمستي“ چوڻ جي آواز ۾ ڪاجهه هو، هڪ مائيٽي لرزش، دل جو آواز، اهڙي ئي آواز جو هڳاءُ آڪاش کي الڪا جي لکاوٽ مان به آيو هو.

اکين ۾ (استريپٽي) اَڇُهي ڪنواريپٽي جي جوت جي چمڪ، چهري تي شرم جي ريکا، نرڙ تي چنب جهڙي چمڪ، آواز ۾ مدرتا سان گڏ پيار ۽ شرڌا. اکيون هيٺ ڪري، هٿ سان پوتيءَ جو پلئُه ڇاتيءَ تي ٺاهي پويان پير ڪري موٽي اندر هلي ويئي.

الڪا هنڪي لائبرريءَ جي ٻاهران بيٺل نظر آئي. الڪا وٽ پهچي ويو. هلڪو مشڪي ٻنهي هڪ ٻئي کي ڪيڪاريو. ٻئي گڏجي مرينلائينس اسٽيشن واري پل لتاڙي سمنڊ جو ڪنارو وٺي هلندا رهيا.

ٻئي خاموش هڪ ٻئي سان قدم سان قدم ملائي ائين اڳيان پئي وڌيا ڄڻ رستو پنهنجن قدمن سان ماپي رهيا هجن. رکي رکي هڪ ٻئي ڏانهن نهاري مشڪندا رهيا. خاص ڪري تنهن وقت جڏهن ٻنهي جا ڪلها هڪ ٻئي کي ڇهي الڳ پئي ٿي ويا.

شانت کي ٽوڙيندي آڪاش چيو، ”ڏسڻ ۾ تو اچي تون ڪجهه بہ ڳالهائڻ جي شروعات نہ ڪندين.“

”مان بہ توهان لاءِ اهوئي سوچي رهي هئس“ الڪا جواب ۾ چيو.

”جنهن وٽان گڏجڻ جي نينڊ آئي، ٺيڪ تہ ائين ئي ٿيندو تہ ڳالهائڻ جي شروعات بہ اتان ئي ٿئي.“آڪاش جهٽ ۾ جواب ڏنو.

”ائين ئي تہ ٿي رهيو آهي، هتي اچڻ لاءِ برابر مون ئي توهان کي چيو هو. پر ڇا توهين مونکان هميشهہ ائين ئي استري فطرت جي اُبتڙئي سبب ڪجهہ ڪرائيندا رهندا؟“ الڪا سوال ڪندي پڇيو.

”اهو تون ڪيئن ٿي چئين؟“ آڪاش موٽ ۾ سوال ڪيو.

”ائين ئي تہ ٿي رهيو آهي، نہ تہ تہ ڇا اهڙي ناتي جي شروعات ڪنهن ڇوڪريءَ کي ڪرڻ جڳائي.؟“

”اڄ جي ترقي پسند زماني ۾ ان ۾ ڪهڙو فرق آهي ڇوڪري ڇا ۽ ڇوڪرو ڇا ناتو اگر ٽيٺو آهي ۽ جنهن ناتي ۾ هڪ طرف يعني مان ۽ ٻئي طرف تون...“

جو ڇوڙ پئي چاهيائين اڌ ۾ رڪجي هن چيو، ”پلا اهو تہ ٻڌاءِ اها ’توهان‘ جي ديوار ڪڏهن ٽٽندي.؟“

هو. ڪڏهن ايندو اُنجي پڪي ڄاڻ انيتا کي بہ ڪونہ هئي. آڪاش نرمل لاءِ ڪجھہ پڇي تنهنکان اڳ ۾ ئي انيتا چيو، ”نرمل جي توکي خبر آهي، نہ وچڻ جو پتو ۽ نہ اچڻ جو. هنجو پيو گهر ريل گاڏي ۾ آهي.“ منجهند جي ماني ٽنهي گڏجي کاڌي.

الڪا ٻنهي کان موڪلائي ٻاهر هلي ويئي، انيتا ۽ آڪاش آرام ڪرڻ لاءِ اندر ڪمري ۾ هليا ويا.

انيتا آڪاش جي پيرَ ۾ ئي ليٽندي پڇيو، ”ٻڌاءِ دادا پنهنجو وقت ڪيئن پيو گذاري؟ مميءَ جي وڃڻ ڪانپوءِ اڪيلو ٿي پيو هوندو.“

”اڪيلائي تہ اچي ويئي آهي دادا جي زندگيءَ ۾، پر هو گذريل ڪل جون مميءَ سان گڏ گهاريل گهڙيون ياد ڪندي ۽ آئينده جي سپنن سان گڏ دوستن جي محفلن ۾ ويهي وقت گذاريندو آهي. رات رات پيو لکندو رهندو آهي، هنجو تازو ڪتاب ’پڙاڏو پهرين پيار جوَ ڇپجي آيو آهي، تو لاءِ ڏنو اٿس بئگ مان ڪڍ.“

انيتا ٽپو ڏيئي اُٿندي پڇيو، ”ڪيئن آهي دادا جو هيءُ ڪتاب.؟“

جيستائين آڪاش جواب ڏي، انيتا رڙ ڪري چيو ”واھ گيٽ اَپ تہ تمام سٺي آهي. مان هيءُ رات جاڳي پورو ڪنديس.“

الڪا ڪتاب جا ڪي پنا اُٿلائيندي رهي ۽ پاڻ سان ئي پڙ پڙ ڪندي رهي. ”ڪاش ممي اڄ...!“ هن جون اکيون ڀرجي آيون ۽ ڪمري کان ٻاهر هلي ويئي.

ملاقات

آڪاش شام جي اچڻ جو انتظار پئي ڪيو ۽ شام ٿيڻ تي ئي ڌوٻي تلاءُ پهچي ويو.

توهان تي وشواس هو ان ڪري ئي توهان سان اڪيلي آئي آهيان.''

آڪاش ٿوري دير الڪا ڏانهن ڏسندو رهيو.

الڪا جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ سوگهو جهلي چيو، ''تنهنجو وشواس نہ ٽٽندو الڪا. ايترو وشواس رک مون تي.''

ٻئي خاموش ويٺا هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا رهيا.

آڪاش اکين ئي اکين ۾ الڪا کي اٿڻ لاءِ چيو. ٻئي اُٿي ڏوڙي تلاءُ طرف وڌڻ لڳا. وري بہ پهرين آڪاش ئي ڳالهايو. چرچو ڪندي چيائين،

''الڪا ديوي ائين ڪيترو وقت شانت هلنديئن؟ توکي ڇا گهٽ ڳالهائڻ ئي سيڪاريو ويو آهي.؟''

''مون سان گڏ توهين بہ تہ شانت ئي آهيو.''

''چوندا آهن شاديءَ کان اڳ ڇوڪريون گهٽ ئي ڳالهائينديون آهن.''

''ڇا مطلب؟'' الڪا اعتراضي نظرن سان آڪاش کان پڇيو.

''ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تون مطلب سمجهڻ ۾ بہ ڍلي آهين. يا اهو هڪ قسم جو طريقو آهي مونکي وڌيڪ ڳالهائڻ لاءِ مجبور ڪرڻ جو.

''مون لاءِ تہ اها فخر جي ڳالهہ آهي، جو منهنجو سوچيل طريقو ڪامياب ويو.''

''ائين تہ هر ڳالهہ ۾ اهنسا کان ڪم وٺي تون بازي کٽندي رهندينءَ، اهو تہ ٺيڪ نہ ٿيو. خيراچ تہ توکي سڀ معاف آهي. ٻئي دفعي گڏجنداسين تہ...'' آڪاش جملو پورو ئي ڪيو هو تہ الڪا چيو، ''ايتري ۾ توهانجو وري گڏجڻ جو موهہ ڪيئن وڌي ويو.''

''موهہ تہ سدا وڌندو ئي رهندو آهي ۽ ها مان سياڻي شايد پوني واپس وڃان.''

''ائين نہ آهي، ڪنهن ناتي جي ناتي اها ديوار فقط هڪ طرفي ئي سٽي ٿي لڳي.'' ٻئي اچي سمنڊ جي ڪناري ٺهيل ديوار تي ويٺا.

آڪاش چپن ۾ مشڪندي چيو، ''توکي اهڙي پڪ پلا ڪنهن ڏني تہ اهو ناتو ٿي ئي ويندو...!''

الڪا جي هٿن مان گويا ڪجهہ ڇڏائجي ويو. آڪاش ڏانهن نهاريندي ئي هنجي اکين ۾ آنسون پرجي آيا ۽ دٻيل آواز ۾ چيائين، ''آڪاش...!''

آڪاش پنهنجي ٻانهن وڌائي الڪا جي ڪلهي کي ٿورو زور ڏيئي چيو، ''چرچي کي چرچو ئي رهڻ ڏي الڪا.''

''اهڙو چرچو وري نہ ڪجو.'' الڪا پنهنجن ڳوڙهن کي روڪيندي چيو.

آڪاش مشڪي الڪا جو هٿ پڪڙي چيو، ''چرچو تہ چرچو ٿيندو آهي پگلي، چرچوپاڇي تہ نہ آهي جا پنهنجي پسنديءَ موجب وڌبي، رڌبي ۽ ڪائبي.''

''پر اهڙو چرچو نہ جنهن مان پارٽي استريءَ جي استريپٽي کي چوٽ لڳڻ جو امڪان هجي.''

''اهڙي وڏي ڳالهہ ڪيئن ٿي ويئي مونکان، الڪا مون نہ سمجهو.''

''توهين سمجهندا هوندا، ٿورو پڙهي، اڄ جي زماني ۾ رهندي مون پنهنجي سيتا کي صفا وساري ڇڏيو هوندو. توهان کي خبر آهي پارت ۾ اڄ بہ هر ماتا پنهنجي پيٽ جائيءَ کي شاديءَ کان اڳ ۾ ڪنهن پر پرش سان ڪوبہ ناتو نہ رکڻ جي سُڌي پيارينديآهي.

ھئي ڪيتري دير خاموش ھڪ ٻئي ڏانھن نھاريندا رھيا. آخر ۾ آڪاش الڪا جي ڳل تي ٿپڪي ھڻي اشاري سان وڃڻ لاءِ چيو. الڪا آھستي آھستي اٿي اندر ڪمري ۾ ھلي ويئي.

رات جي ماني ٿنھي گڏجي کاڌي. کائيندي کائيندي انيتا پنھنجي پيءُ لاءِ چوندي رھي، ”مونکي دادا جي اڪيلپڻي کان ڊپ لڳندو آھي.“

”تون دادا جي چنتا نہ ڪر، ھو پنھنجيءَ دنيا ۾ خوش رھڻ جي ڪوشش ڪندو آھي.“ آڪاش پيڻ کي آٿت ڏيندي چيو.

”اھائي تہ وڏي ۾ وڏي چنتا جي ڳالھہ آھي پائرا، ھو پنھنجي اندر جي حال کي ڪنھنجي بہ اڳيان ظاھر ڪرڻ نہ ڏيندو آھي.“

دادا چوندو آھي، ”ھاڻ تہ اڪيلائيءَ سان گڏ رھڻ جي عادت وجھڻي پوندي، خوشي تہ ڪن پل جي مھمان ٿيندي آھي، غم جو ساٿ گھڻو دور تائين ساڻ ھلندو آھي. ھليو وڃڻ جي ڪٿي شانت ۾ جتي پنھنجي دل جي دڙڪڻ جو آواز بہ ٻڌڻ ۾ نہ اچي.“

انيتا چنتا ڏيکاري پوري ڪئي تہ آڪاش ھن کي آٿت ڏيندي چيو، ”اڄ ڪالھہ ھو سنڌين کي راڄنيتي حقن وٺڻ جي ڳالھہ ڪندو آھي، چوندو آھي جيستائين سنڌين کي راڄنيتڪ حق نہ ملندا، سنڌي قوم، ٻولي ۽ سنڌي سڀيتا زندھہ نہ رھي سگھندي.“ آڪاش چوندو رھيو.

”دادا ھڪ ننڍي بڪليٽ لکي ڇپائڻ جي ڪوشش ۾ آھي، جنھن ۾ سنڌي ليکڪن جون ڪيل ڪوشش جو ذڪر ٿيل آھي.“

”جيئن تہ.؟“ انيتا سوال ڪيو.

”جيتري قدر مونکي ياد ٿو اچي ۽ جيئن دادا ٻڌايو آھي، 1952 ۾ دھليءَ ۾ ايشيا جي ليکڪن جي گڏجاڻي ٿي، انگلش، اُردو ۽ ھنديءَ جو مشھور ليکڪ ملڪراج آنند اُن جو سڀاپتي ھو. ڪيترا سنڌي ليکڪ انھہ ۾ شامل ٿيا. اُن مان اتساھہ پائي سنڌي ليکڪن

''ايترو جلد، ڪو خاص ڪارڻ.؟''

''آفيس آهي وڃڻو تہ آهي ئي. دادا بہ اڪيلو آهي، هتي ممبئيءَ ۾ ٿورو ڪم بہ آهي.'' آڪاش جواب ڏنو.

''چڱو هاڻ هلڻ ڪپي، توهين رات جو سويل اچجو، سوچي پنهنجو فيصلو ٻڌائجو.''

آڪاش الڪا ڏانهن نهاري مشڪندو رهيو، ٻئي هڪ ٻئي جي مختلف رستن ڏانهن وڌندا رهيا.

ٻنهي جي هڪ ٻئي ڏانهن هئي تہ پٺي پر نہ معلوم ڪهڙي ڏور ٻڌجي ويئي هئي ٻنهي جي وچ ۾ جو ڪيترا دفعا پٺيان نهاري هڪ ٻئي کان بي خبر هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا رهيا. آخر ايترو دور ٿي ويا جو پٺيان ڪيترو دور نهارڻ سان بہ هو هڪ ٻئي کي نہ ڏسي سگهيا.

الڪا هڪ دفعو ئي گڏجڻ ڪانپوءِ آڪاش جي آهٽ سڃاڻي ويئي هئي. دروازي جي گهنٽي لڳي، هن دفعي دروازو انيتا نہ الڪا کوليو. ٻاهر تہ رات جي اونداهيءَ سان گڏ سناٽو هو، اندر ڪمري ۾ بہ شانت چانيل هئي. بالڪنيءَ مان رڪي رڪي ڪنهن ڪار جي هارن جو ڌيمو آواز پئي آيو. انيتا رنڌڻي ۾ رات جي ماني ٺاهڻ ۾ رڌل هئي.

وري بہ الڪا ئي چيو، ''توهين صبوح جو هليا ويندا مون لاءِ توهان چپ رهڻ ئي بهتر سمجهو آهي.؟''

''نہ ائين نہ آهي تون نشاچنت رهہ...''

''ڪجهہ ٻڌائي نہ ويندا.؟''

هيڏانهن هوڏانهن نهاري، الڪا جي چهري کي آڪاش هٿن ۾ جهلي ورتو. ڪيتري دير هنڪي ڏسندو رهيو ۽ الڪا اکيون بند ڪري بيٺي رهي.

تي جوڙجڪ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو تسليم ڪرڻ جي لاءِ ٻيڪراءِ ٿي بيٺا. ڊيلگيٽن جي بيٺڪ ٿي جتي يڪمشتيءَ سان ٺهراءُ پاس ڪيو ويو ته سنڌي ٻوليءَ کي جوڙجڪ ۾ جاءِ ڏني وڃي. شام جو سپيتڪ پروگرام ٿيو ۽ ٻئي سميلن جي نينڊ ممبئيءَ وارن ڊيلگيٽن ڏني.

1958 ۾ اکل ڀارت سنڌي ساهت جي طرفان سميلن ممبئيءَ ۾ ٿيو. ممبئي هر هلچل جو مکيه ڪيندر آهي. هتي سنڌين جي گهڻي ۾ گهڻي آدمشماري آهي. خاص ڪري ممبئيءَ جي آس پاس ڪيترين سنڌين جون ڪالونيون آهن. جيئن ته سيان، ولي پارلي، ڪرلا، ٽاٽا، ملند، وڏي ۾ وڏي ڪالوني سنڌونگر.

ممبئيءَ جي هر ڌنڌي ۾ سنڌين جو اهم حصو رهيو آهي. فلم انڊسٽري هجي يا بلڊنگ انڊسٽري، تعليمي ڪيتر هجي يا هاسپيٽل ٺهرائڻ هر ڪيتر ۾ سنڌين پاڻ موکيو آهي. ممبئيءَ جي سميلن جو مهورت ڀارت جي سرڪار جي وزير همايون ڪبير ڪيو. ممبئيءَ جي سميلن ۾ سنڌيت جي انمول سپيتڪ خزاني جو نماع رکيو ويو جنهن ۾ هٿ جو هنر، ڀرت جو ڪم، سنڌي ٽانڪ، سنڌي زيور، پراڻا اڻلپي ڪتاب، جنڊيءَ جو ڪم، سنڌي ساز، هٿ جون لکيل لکاوٽون، سنڌي چٽڪارن جي چترڪاري وغيره.

هتي هڪ مشاعرو پڻ رکيو ويو جتي ڪعفي اعضمي ۽ سردار جعفري آيا. هن سميلن ۾ پڻ ديوناگريءَ جي حمايتن ٺهلرام آزاد ۽ ٻلديو گاجرا گور ڪرڻ پئي چاهيو پر ڪامياب نه ويا. اُن ڏينهن کليل اجلاس رکيل هو، جنهنجي صدارت دادا جيرامداس دولترام ڪرڻ وارو هو، ناري گرسهاڻي ۽ غريبداس جيرامداس کي هڪ قسم جي ڌمڪي ڏني ته جي لپيءَ جو سوال اٿاريو ويو ته اجلاس ٿيڻ نه ڏينداسين ۽ نوجوان اديب ڪجهه به ڪري سگهن ٿا. جيرامداس کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي ۽ هن پنهنجن حمايتن کي چپ رهڻ لاءِ چيو. هن سميلن ۾ پڻ ٺهراءُ

سنڌي سڀا جي طرفان سنڌي عالمن، تعليم دانن، ساهتڪارن، اخبار نويسن ۽ سماجڪ شيوڪن جون صحيون گڏ ڪري برپا ڪيل سنڌي ٻولي سڀا جي پرڌان لالسنگهہ اجواڻي، سيڪريٽرٽ گوبند مالهيءَ جي اڳوانيءَ هيٺ سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي وڌان ۾ پوري مانيتا ڏيڻ لاءِ اُهي پنڊت جواهر لال نهروءَ کي ڏنا.

ساڳئي وقت دهلي ۾ حشو ڪيولراماڻيءَ تيرٿ بسنت، هرو سدارنگاڻي، شيام ڀاڳيا، جيئو گرسهاڻي ۽ ڪيئو سئناڻي سان گڏ سنڌو سڀا جو پايو وڌو. حشو ڪيولراماڻيءَ جي اڳوانيءَ هيٺ سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ جي هلچل شروع ٿي ويئي.

هنن اٽڪل هڪ لک صحيون گڏ ڪري پارليامينٽ جي اسپيڪر کي گڏ ڪيل صحين جي بنڊل سان گڏ چندوءَ جي حلوي جي هڪ چڪي به ڏني، اهو چئي ته هن حلوي سان وات مٺو ڪريو ۽ اسانجي ٻوليءَ کي ڀارت جي وڌان ۾ جوڳي جاءِ ڏيو. هن پارليمينٽ ۾ اندر ايندڙ هر ميمبر کي بل جي حمايت ڪرڻ لاءِ به هڪ چڪي حلوي جي ڏني.

اهڙي طرح حشو ڪيولراماڻيءَ پنهنجي شخصيت جي ڇاپ سنڌي جاتيءَ جي هلچل تي سڌ ڪري ڇڏي. هنن 1957 ۾ دهليءَ ۾ هڪ ڪنوينشن ڪيو جنهن ۾ سنڌي جاتيءَ جا شعوري ۽ ذهني طور سجاڳ طبقو گڏ ٿيو. ڪنويشن جو مهورت تنهن وقت جي ڀارت جي پرڌان ڊاڪٽر راڌاڪرشن ساپرو هال ۾ ڪيو. جيرامداس دولترام صدر هو. ساهتڪ بيٺڪ جي صدارت پرنسيپال لال سنگهہ اجواڻيءَ ڪئي. سڄي ڀارت مان ڪيترن ليکڪن، تعليمدانن ۽ مفڪرن هن ڪنوينشن ۾ ڀهرو ورتو.

ٻهريون دفعو سنڌي لپي ۽ ديوناگري لپيءَ جا حمايتي هڪ راءِ

هن سميلن ڪانپوءِ سنڌي سميلن جو نالو سڄي ڀارت جي سنڌين لاءِ هڪ ساليانو ميلو بڻجي پيو. هن ئي سميلن ڪانپوءِ سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا اکل ڀارتيہ سطح تي برپا ٿي. هن ئي سميلن ۾ جوڙجڪ موجب چونڊون ٿيون جنهن ۾ دادا ايم يو ملڪاڻي پرڌان ۽ اي جي اُتم سيڪريٽري چونڊيو ويو ٻيا عهديدار ۽ ڪاميٽين جا ميمبر جدا جدا شهرن مان چونڊيا ويا جي گهڻو ڪري ادبي ڪيتر مان هئا.

سنڌي ادب ۾ ترقي پسندن جو زور هو جنهجو لاڙو ڪميونسٽ ڏانهن وڌيڪ هو ٻئي پاسي آر ايس ايس جي اثر هيٺ هڪ ڌر هئي جنهن ۾ موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي، لوڪناٿ جيٽلي ۽ ٻيا هئا. 1960 ۾ ادبي منڊل جي جنرل سيڪريٽريءَ جي چونڊ ٿيڻي هئي جنهن لاءِ ترقي پسندن اي جي اُتم کي چونڊڻ ۾ بهاريو، ۽ ٻئي طرف هن جي سامهون بيهاريو ويو لوڪناٿ جيٽلي کي. لوڪناٿ جيٽلي هڪ ووٽ تان هارايو آيو.

هن مهل تائين منڊل ۾ ئي نہ ادبي هلچل ۾ نظرياتي متڀيد وڌي ويو هو. ترقي پسندن جي مارڪسوادي ڌارا جي سامهون هندوتوَ جي ڌارا هئي. ڪيترا اديب ترقي پسندن کان خفي هئا هنن کي ڪنهنجي بہ ڊڪٽيٽوريل رويو منظور نہ هو. ترقي پسند ادبي منڊل ڇڏي ويا. پر قريبن هڪ سال ڪانپوءِ وري واپس آيا ۽ ادبي منڊل هلائيندا رهيا. سنڌو نگر ۾ پڻ ادبي ڪلاس شروع ڪيو ويو. پهرين چوهڙمل هندوجا ۽ پوءِ پرسرام ضيا صدارت ڪئي. سنڌو نگر جا ليکڪ هر ڇنڇر تي ادبي ڪلاس ۾ اچڻ لڳا ۽ ممبئيءَ ۾ هلندڙ ادبي منڊل جي چال پٺتي پوندي ويئي.

1961 ۾ سيا طرفان سنڌي ٻولي تسليمي ڏينهن ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جنهن ۾ ڀارت جي ڪيترن شهرن ۽ پرڳڻن ۾ ٿهيل سنسٿائن، منڊلين، پئنچائتن ۽ شخصن سات ڏنو ۽ هنن طرفان هزارن

پاس ڪيو ويو تہ سنڌي ٻوليءَ ڪي جوڙجڪ ۾ آندو وڃي.

ممبئيءَ جي سميلن ڪانپوءِ ناگپور مان ايسر ڪلياڻي، لڇمڻداس ٻجاج، ديو ناٿاڻي ۽ روچيرام ٿانواڻيءَ 1959 جو سميلن ناگپور ۾ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

هن سميلن جي صدارت شري نارائڻداس ملڪاڻي ڪئي، سپيتڪ پروگرام گوبند مالهيءَ ڪلاڪار منڊل طرفان ڪي، ڀڳونتي ناواڻي هن سميلن ڪانپوءِ گائڪا طور اڀري آئي. اڳين ٻن سميلن ۾ جيڪا عارضي ڪاميٽي ٺاهي ويئي هئي ان طرفان ڪو خاص ڪم نہ ٿي سگهيو هو، جنهنڪري هن سميلن ۾ هڪ نئين ڪاميٽي ٺاهي ويئي جنهنجو ڪنوينر اي جي اُتم ڪي بڻايو ويو ۽ هن تي مکيہ ڪم رکيو ويو تہ هو سڀا جو جوڙجڪ ٺاهي.

1960 ۾ گانڌي ڌام ۾ سميلن ٿيو جو تمام ڪامياب ويو ۽ هن ئي سميلن ۾ سڀا جو جوڙجڪ بڻجي تيار ٿيو.

سميلن ۾ اٽڪل ٻہ هزار ڊيليگيٽ آيا ريلوي ٽڪيٽن تي ڊيليگيٽن ڪي اڌ ڀاڙي جي رياعت ملڻ ڪري ڪيترا سنڌي گانڌي ڌام ڏسڻ آيا، ان رياعت ڪري جتي بہ سميلن ٿيندو هو سنڌي ايندا هئا ڪي شهر ڏسڻ ايندا هئا تہ ڪي واپار جي تلاش ڪرڻ.

هن سميلن ۾ ڀڳونتي ناواڻي ۽ سترام روهڙا جو ڳايل ڪرشن راهيءَ جو لکيل سنڌ ۽ سنڌي ’وطن تان جان گهوري تہ بہ ٿوري، سنڌين جان نہ گهوري وطن گهوري آيا.‘ حاضرين جي اکين ۾ ڳوڙها آڻي ڇڏيا ۽ تاڙين جا ٺهڪا ڪيترو وقت فضا ۾ گونجندا رهيا. اُن گيت جا ڇپيل پترا ٻڻ وڙهايا ويا جي ڊيلگيٽ پاڻ سان گڏ کڻي ويا. رهائش جو بندوبست ڀائي پرتاب طرفان ٺهرايل ننڍڙن بنگلن ۾ ڪيو ويو هو جي اجان تائين والاڙيا ڪون ويا هئا.

اڳيان پنهنجين ضرورتن جا چٽا پيش ڪيا ۽ ڪيئن هنن جي ڪوشش سنڌي ٻوليءَ کي ائٿين شيڊيول ۾ جڳهه ڏياري وغيره وغيره. پر افسوس جي ڳالهه آهي ائين جو هنن ڪڏهن به پنهنجيءَ سنڌي قوم کي راڄنيتڪ حق وٺي ڏيڻ جي هلچل نه هلائي. جيتوڻيڪ سنڌي قوم ڀارت جي آدمشماريءَ موجب ٿورائيءَ جي درجي ۾ آهي.

"توهين نٿا سمجهو ته اُن لاءِ تمام دير ٿي ويئي آهي؟." الڪا سوال ڪيو.

"نه دادا چوندو آهي ڪنهن به قدم کڻڻ لاءِ دير نه ٿي ويندي آهي. هروقت جي پنهنجي اهميت ٿيندي آهي. جڏهن اسين پنهنجي سنڌ ڇڏي ڀارت ۾ آياسين. اسان جي اڳيان پهريون مسئلو هو پنهنجي روزي روٽيءَ جو. اُن مسئلي کي پوريءَ طرح حل ئي نه ڪيو هوسين ته ٻوليءَ ۽ ٻوليءَ جي لپيءَ جو مسئلو ڪڙو ٿي ويو.

ٻوليءَ ۽ لپيءَ جو مسئلو ترقي پسندن ڪاميابيءَ سان حل ڪيو. ٿي سگهي ٿو راڄنيتي هنن جي دائري کان ٻاهر هئي. جيڪي ڳاٽڳٽيان سنڌي راڄنيتيءَ جي کيتر ۾ آيا اُهي ديش جي ڪن راڄنيتڪ پارٽين سان شامل هئا ۽ پاڻ کي سنڌي سڏائڻ کان وڌيڪ پارٽيه سڏائڻ لڳا."

"پر دادا..." الڪا ۽ انيتا ساڳئي وقت ڪجهه چوڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هڪ ٻئي کي ڏسي کلندي چپ ٿي ويئون.

آڪاش الڪا ڏانهن ڏسندي چيو, "ها الڪا تو ڪجهه چوڻ پئي چاهيو."

"مون پئي چيو, دادا اڪيلو ڇا ٿو ڪري سگهي.؟ توهان ته ڄاڻو ٿا اڄ ڀارت جي راڄنيتيءَ ۾ ڇا ٿي رهيو آهي.؟"

"برابر, پر هن جي رڳو ڪجهه ٻئي قسم جي آهي."

جي تعداد ۾ ڀارت جي پرڌان منتريءَ ۽ راشٽريہ پتيءَ ڏانهن تارون ۽ ٺهراءُ پاس ڪري موڪليا.

1961 ۾ ڀوپال وارن جي ڪوٺ تي سميلن ڀوپال ۾ لال سنگھ اجواڻيءَ جي صدارت هيٺ ڪيو ويو. اُتي جو مکيہ عهديدار هو ديپڪ ڪوڏواڻي جو پڻ هندتوَ جي خيالات جو هو ۽ ترقي پسندن جو مخالف هو. ڀوپال ۾ وري ٻنهي ڌُرين وچم جنرل سيڪريٽريءَ جي پد لاءِ ڇڪتاڻ شروع ٿي، ٻنهي ڌرين پنهنجي پنهنجي طرفان ڊيليگيٽ ڪرڻ شروع ڪيا. ديپڪ ڪوڏواڻيءَ ڀوپال جا ڪيترا آر ايس ايس جا سويمسيوڪ ڊيليگيٽ ڪيا جيئن اي جي اُتم جي خلاف بيٺل اميدوار لوڪنات جيٺلي کي گهٽائيءَ سان کٽائي سگهي. اُتم جي ضدي، بي صبري ۽ ڪٽرپڻي سياءُ ڪارڻ پنهنجي ترقي پسند ڌُر ۾ ناراضپو پيدا ٿي ويو هو پر تڏهن بہ هنن پنهنجي ڪل بچائڻ لاءِ اُتم جي حمايت ڪئي. سنگهہ وارن ترقي پسندن کي سمجهاءُ ڏنو تہ جي ڪيرت ٻاٻاڻي چناءُ ۾ بيهندو تہ هو پنهنجو اميدوار نہ بيهاريندا.

اهو سمجهاءُ ترقي پسندن کي قبول نہ ٿيو. ڇو تہ هننکي پڪ هئي تہ هنن جي چونڊن ۾ جيت ٿيندي، پر ائين نہ ٿيو جيٺلي کٽي آيو.

1962 ۾ چين ڀارت تي حملو ڪيو جنهنڪري سميلن مهمل ڪيو ويو. 1963 ۾ دادا رام پنجواڻيءَ جي صدارت هيٺ سميلن جئپور ۾ ٿيو. اُن سميلن ۾ پڻ سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ تي ڪافي وادوواد ٿيو آخر ۾ سميلن سک سان پورو ٿيو.1964 ۾ لکنئوءَ ۾ ٿيو. 1965 ۾ پاڪستان سان جهنگ ٿيڻ ڪري سميلن نہ ٿيو. 1966 ۾ بئنگلور ۾ سميلن ٿيو جنهن ۾ اٽڪل اڍائي هزار ڊيليگيٽ آيا.

ان ڪانپوءِ ڪيترا سميلن ڪيا ويا. ڪيترا دفعا هر پرڌان منتريءَ

پر جي پائي پرتاب گانڌيءَ جي مالها نہ جپي، مليل ڌرتيءَ جي ٽڪري جو نالو سنڌوڊام رکي ها تہ شايد سنڌي جذباتي طور اُن ڌرتيءَ کي پنهنجو ڪري سمجهن ها.''

ٽنهي ماني تہ کائي پوري ڪئي هئي پر ٽنهي مان ڪير بہ ٽيبل تان اُٿيو نہ. انيتا وري سوال پڇيو، ''تو ٻڌايو تہ نہ تہ دادا پارٽ جو دورو ڪري ڇا ٿو ڪرڻ چاهي.؟''

''دادا خود دورو نٿو ڪري سگهي، هن عمر ۾ هنڪان اهو ٿيندو بہ نہ، هو چاهي ٿو هر پرانت ۾ ٻہ ٻہ ڇٽا پيدا ڪري جي هنجي رٿا موجب ڪم ڪري سگهن. دادا هننجي هميشهہ لڙ وچڙ ۾ رهندو.'' آڪاش جواب ڏنو.

''پر ڪرٽو ڇا آهي.؟'' انيتا سوال پڇيو.

''هر پرانت جي راڄڌانيءَ ۾ وڃي پهرين تہ اُتي جي چونڊ (اليڪشن) آفيس مان سنڌين جي لسٽ حاصل ڪرٽي آهي. پرانت ۾ پرانت جي هر ضلعي ۾، ضلعي جي هر شهر ۽ هر ڳوٺ ۾ ڪيترا سنڌي آهن، انجا انگ اکر گڏ ڪرٽا آهن. نہ فقط ايترو اُن پرانت ۾ رهندڙ ڪهڙا سنڌي راڄنيتيءَ ۾ چاهہ وٺندڙ آهن. ڪهڙيون ادبي، سياسي، سماجڪ سنسٿائون آهن. ڪيتريون سنڌي پئنچائتون آهن ۽ اُهي اسان جي مقصد کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪيتريون مددگار ٿينديون.''

انيتا وائڙي ٿي آڪاش ڏانهن نهاريندي رهي، آڪاش هن جي نهار مان سمجهي ويو تہ انيتا کي دادا جون ڳالهيون دلچسپ تہ لڳن ٿيون پر هنکي ڪجهہ اڃان سمجهہ ۾ نہ آيو آهي. آڪاش هاڻ کليءَ طور انيتا ۽ الڪا کي سڌيءَ ٻوليءَ ۾ ٻڌائڻ شروع ڪيو، ''انيتا دادا چاهي ٿو تہ هر پرانت جي اسيمبليءَ ۾ اسانجا بہ سنڌي ميمبر هجن،

”جيئن تہ...؟،“ انيتا سوال پڇيو.

”هو ڪن جوانن ۽ وچين عمر وارن جي گروپ ٺاهي پارت جي هر پرانت، پرانت جي هر تعلقي جو هو دورو ڪن ۽...“

”آڪاش مونکي جيتري قدر ياد ٿو اچي ڪجهہ سال اڳ دادا ڪيرت ٻاٻاڻي، دادا ڪرشن راهي ۽ دادي پوپٽي هيرانندڻي هڪ دوري تي نڪتا هئا. هڪ سروي ڪاميٽي ٺهيل هئي جنهن ۾ ارجن شاد ۽ سڳن آهوجا پڻ شامل هئا. انجو ڪٿيل ڇا نڪتو؟“

”برابر هو دوري تي نڪتا هئا. پر هنن جو مقصد ٻيو هو، هو ڪڇ ۽ گانڌيڌام ۾ سنڌين ۽ ڪڇين جي آدمشماريءَ موجب ڪو ڌرتيءَ جو ٽڪر وٺڻ نڪتا هئا. ڪوبہ پرانت پنهنجي پرانت جو ٽڪر ڪٽي سنڌين کي نہ ڏيندو اهو سنڌين کي سوچي هلڻ کپي. دادا چوندو آهي سنڌين پنهنجي لاءِ ڌرتيءَ جو ٽڪر حاصل ڪرڻ جو موقعو پارت جي ورهاڱي ٽيڻ وقت وڃائي ڇڏيو.“

”سنڌين کي گانڌيڌام مليو پوءِ اتي وڃي پنهنجي جاتيءَ کي ڇو نہ وسايائون.؟“ انيتا سوال پڇيو.

”سچي ڳالهہ آهي، سنڌي جي گانڌيڌام وڃي وسائين ها تہ اڄ اهو هنن جي سنڌ جون سڪون لاهي ها.؟“ الڪا چيو.

”برابر ڪين پارت جي کهڙيءَ بہ ڪنڊ ۾ سنڌين کي جي ڌرتيءَ جو ٽڪر ملي ها تہ هنن جي سنڌ جڙ هنن وٽ واپس اچي وڃي ها. هڪ تہ جنهن وقت لڏپلاڻ ٿي اُن وقت هنن لاءِ گانڌيڌام پوريءَ طرح تيار نہ هو، ٻيو سموري لڏپلاڻ ڪنهن بہ صحيح رٿا موجب نہ ڪئي ويئي، ڪنکي اوکا بندر تي ڪنکي دوارڪا تہ ڪنکي ممبئيءَ بندر تي لاٿو ويو ۽ هر ڪوئي پارت جي الڳ الڳ شهرن ۾ وڃي وسيو. هوئن بہ گانڌيڌام نالي سان سنڌي پاڙ کي ٺهڪائي نہ سگهيا

آشا چاند ڪيترن سالن کان ڪوشش ڪري رهي آهي.''

''انهجو علاج اهو آهي تہ اسين دادا جي رٿا موجب هر پرانت ۾ بہ ڇٽا چونڊيون ۽ پنهنجيون اسيمبليون ۽ پنهنجي پارليامينٽ قائم ڪريون جنهنجي طرفان سنڌين جي هر گهرج پوري ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪريون. آشا اڪيلي ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهندي، جيستائين پنهنجي نالي ڪمائڻ جو موه ڇڏي بين سنستائن ۽ شاخصن سان گڏجي نہ هلي آهي.''

انيتا ۽ الڪا ٻئي ٿوري دير خاموش ويٺيون رهيون. ائين پئي لڳو، آڪاش جي ٻڌايل دادا جي رٿا تي سوچي رهيون آهن. چپ ٽوڙيندي انيتا چيو، ''تون ان ڪم ۾ دادا جي مدد ڇو نہ ٿو ڪرين.؟''

''مان ڇا ڪري سگهندس انيتا.؟ منهنجي پنهنجي آفيس آهي.''

''آفيس آهي تہ ڇا ٿيو. آفيس ۾ ٻيا بہ تہ ڪم ڪندڙ آهن جن جي آسري ڇڏي بہ سگهين ٿو. دادا جو اڄ سنڌي جاتيءَ ۾ نالو آهي، جنهنڪري توکي بہ هرڪو سڃاڻندو ۽ مانُ پڻ ڏيندو. اڄ تون اڪيلو آهين...''

شرارتي نظرن سان الڪا ڏانهن نهاريندي چيائين، ''سياٽي جي بہ بہ ٿيا تہ وڌيڪ سٺو. گڏجي پارٽ جو دورو ڪندا رهجو. هر ڏينهن، هر نئين شهر ۾ هڪ نئون 'هني مون.''

الڪا شرمائجي اُٿي ڪڙي ٿي، آڪاش ۽ الڪا جون بہ پليٽون کڻي اندر هلي ويئي.

''مان چرچو نہ ٿي ڪريان آڪاش. جيستائين دادا اسان سان گڏ آهي توکي پنهنجيءَ آفيس جي چنتا ڪرڻ جي ضرورت نہ پوندي. اُنکي بہ ڇڏ دادا جي رٿا جي هر سنڌيءَ کي ڄاڻ تہ

جي سنڌين جي ٽڪيٽ تي اليڪشن ۾ بيهن ۽ سنڌين جي گهرجن کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪن.''

''پر اهو ڪيئن ممڪن آهي.؟ ديش جي کهڙي پرانت جي سرڪار پنهنجيون به سيٽون سنڌين کي ڪڏهن ڏينديون.''

''دادا ڪنهن به پرانت جي سرڪار ڪان ڪنهن به پارٽيءَ جون سيٽون نه ٿو وٺڻ چاهي، هو ته سنڌين لاءِ به سيٽون هائوس ۾ وڌائڻ ٿو چاهي، جنهن پرانت جي هائوس ۾ 180 سيٽون آهن انُهن کي وڌائي 182 ڪرائڻيون آهن. به خاص سنڌين لاءِ مقرر.''

''سنڌين کي غير سنڌي ووٽ ڇو ڏيندا...؟''

''مونکي پوري ڳالهه سمجهائڻ ڏي، انهن نيئن سيٽن جي لاءِ فقط سنڌي اميدوار چونڊن لاءِ بيهندا، اهي اميدوار کهڙيءَ به راڄنيتڪ پارٽيءَ جي طرفان بيهن، جيستائين هو سنڌي آهن ۽ سنڌين جي گهرجن جي پوروائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهن.''

''انُ لاءِ ته سموري سنڌي سماج جي پٺڀرائيءَ جي ضرورت آهي، سمورا سنڌي ڇا اڳيان وڌندا.'' انيتا سولو سوال ڪيو.

''ضرور اڳيان وڌندا، جي سنڌي ٿي زنده رهڻ چاهن ٿا، جي پنهنجي ٻولي، ساهتيه، ۽ اباڻي سڀيتا کي قائم رکڻ چاهن ٿا ته ضرور اڳيان وڌندا. نه فقط سنڌين کي اڳيان وڌڻو پوندو، ۽ ڪوشش ڪرڻي پُوندي ته ڀارت جي هر پرانت جي سرڪار ۽ ڪيندريه سرڪار کي جوڙجڪ ۾ گهربل تبديلون ڪري.''

''۽ جي مڪاني سرڪارون ساٿ نه ڏين ته، ڪيندريه سرڪار جا سنڌين جي معمولي گهرج '24 ڪلاڪ آڪاشواڻي تي پروگرام' سنڌين کي ڏين، 8 شيڊيول ۾ شامل هر ٻوليءَ کي آڪاشواڻيءَ تي پروگرام ڏنو ويو آهي سواءِ سنڌي ٻوليءَ جي جنهن لاءِ اسانجي نياڻي

لڪائيندي اندر هلي ويئي.

الڪا ٻاهر آئي، آڪاش کان ڏانهن هٿ وڌائي چيو، ”مان وڃان ٿو... توکي جي پوني اچڻ لاءِ لڪان ته ايندين نه؟“

”مان اُن جو انتظار ڪنديس. هينئر مان به نڪران ٿي ٻاندرا گهر ويسنديس توهان سان گڏ ويٽيءَ تائين هلي سگهان ٿي.“

”نه انجي ڪا ضرورت نه آهي، تون چرچ گيٽ تان هلي وڃج. ٿورو وقت انيتا سان گذار هن جي دل کي ٿورو آٿت ملندو.“ انيتا پاڻ سنڀاليندي ٻاهر آئي.

الڪا انيتا کي ڀاڪر پائي چيو، ”توهين انيتا جي چنتا نه ڪريو، مان هڪ نه ٻئي ڏينهن هن وٽ ايندي آهيان. منهنجي آفيس ويٽيءَ جي پاسي ۾ ئي آهي، جنرل پوسٽ آفيس ۾.“

آڪاش لفٽ ۾ اندر ويو، الڪا ۽ انيتا ٻئي اندر هلي آيون.

ٿورو وقت بالڪنيءَ ۾ اچي ويٺيون، جيستائين آڪاش کي ٽئڪسي ملي.

اندر آيون ۽ آرام سان هڪ ٻئي جي سامهون اچي ويٺيون. انيتا چپي ٽوڙيندي الڪا کان اڳئين ڏينهن جو احوال پڇندي چيو، ”الڪا توکان ڪالهه جو احوال پڇان تنهنکان اڳ ۾ اچ ته هڪ ڪرڪ چانهه جو ڍڪ پيئون.“

”تون ويهه چانهه مان ٿي ٺاهيان.“ چئي الڪا ٽپو ڏيئي اُٿي کڙي ٿي.

ٿوريءَ دير ۾ الڪا هڪ ٽري ۾ هڪ ڪيڪ سان ڀريل پليٽ ٻه ڪوپ ۽ ڪوزيءَ سان ڍڪيل چانهه جي ڪيٽل کڻي ٻاهر آئي، ٽري ٽيبل تي رکندي الڪا چيو، ”پڇ هاڻي ڇا ٿي پڇڻ چاهين.؟“

سمجهين ٿو دادا جو ڪيترو وڏو سپنو پورو ٿيندو.“

”نرمل واپس اچي ته مان هن سان پڻ ان لاءِ ڳالهائيندس.“ انيتا آڪاش کي اُتساهه ڏيندي چيو.

اندران برتنن جي ٽڪرجڻ جو آواز پئي آيو. انيتا سمجهي ويئي ته الڪا برتن صفا ڪري رهي آهي، هن رڙ ڪري چيو، ”اڙي او پاگل ڇوڪري ڇڏ برتنن کي صبوح...“

انيتا جملو پورو ئي نه ڪيو هو جو الڪا نئپڪن سان پنهنجا هٿ سُڪائيندي ٻاهر آئي.

انيتا اڌ ۾ ڇڏيل جملو پورو ڪندي چيو، ”برتن ملڻ لاءِ صبوح سان مائي ايندي آهي، اها توکي خبر آهي.“

”۽ اها توکي به خبر آهي ته رات پڙ جوٺا برتن پيا هجن اهو مونکي نه وڻندو آهي. تڏهن به تو هر دفعي ان ڳالهه تي مونکي دڙون ڪيندي آهين.“ الڪا ويهندي چيو.

انيتا به چپ نه رهي پياريري لهجي ۾ چيائين، ”نه مان سڌرڻ واري آهيان ۽ نه تون، تون ڪندي رهنديئن ۽ مان توکي دڙون ڪيندي رهنديس.“

”توهين پاڻ ۾ سمجهو مان وڃان ٿو، مونکي صبوح جو سويل وڃڻو آهي.“ آڪاش پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

صبوح جي سورج جي ڪني اجان نڪرڻ واري هئي، آڪاش بئگ تيار ڪري پوني وڃڻ لاءِ تيار ٿي نڪرڻ وارو هو ته سندس پيڻ انيتا ٻاهر آئي. هنجي اڳيان ڪاڏي جو باڪس رکندي چيو، ”هيءُ رستي لاءِ ڪجهه اٿئي، دادا کي منهنجو پيچاڄ. ترس الڪا اچي ٿي متان هليو وڃين.“ انيتا اکين ۾ پيڙجي آيل چلڪيل لڙڪن کي

پوءِ ڪيس مان فون ڪري سندس رايو پڇنديس.'' انيتا سبب ڏيندي الڪا کي روڪي ڇڏيو.

الڪا ڪليءَ طرح ته نه دل ئي دل ۾ اهو ئي سوچي خوش هئي، ته انيتا اهو ئي ڪري ته ايندڙ راتيون چين سان گذرنديون.

آڪاش جي گاڏيءَ ۾ وهڻ جي سيٽ دريءَ وٽ رزورڊ هئي. هنکي پنهنجي سيٽ ڳولهڻ ۾ ڪابه دقت نه ٿي، آرام سان پنهنجي سيٽ تي اچي ويٺو.

هڪ ورق...!

دادر تي گاڏي بيٺي، صبوح جو مسافرن جي ڀيڙ گهٽ هوندي آهي. ڪرلا، ٿاڻا، ڪانپوءِ ممبرا، جڏهن به وڪٽوريا تان پوني وڃڻ ٿيندو آهي ساڳيون اِسٽيشنون اينديون آهن ۽ پاڻ سان گڏ ڪٽي اينديون آهن آڪاش جي پيءُ جي ماضيءَ ۾ گذري ويل ڪيترين ئي يادن جون لڙيون، جن جو ذڪر هو بار بار آڪاش کي سمجهه اچڻ کان وٺي اڄ تائين ڪندو آيو آهي.

ممبرا نديءَ ۾ چانڊني رات جو ٻيڙيءَ جو سير، دادا ايم يو ملڪاڻي، دادا گوبند مالهي، دادا ڪيرت ٻاٻاڻي، دادا اُتم، دادا موتي پرڪاش، ڪلا پرڪاش ڪرشن راهي، موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي، راج ڏاسواڻي، گيتا راج، موهن گيهاڻي ۽ ڪيترا ٻيا سنڌي ساهت جا پندار پريندڙ ليکڪ جن مان اڄ ڪي زنده آهن ۽ ڪي راهه رباني وٺي ويا آهن ۽ ڇڏي ويا آهن پنهنجي قدمن جا نشان ۽ ڪشمڪشي زندگيءَ جي رنگين پهلن جي ياد. انهن سيني جي ياد دادا ۽ هنجي هم عمر وارن ساٿين جي جيئڻ جو هڪ آٿت ۽ اطمينان آهن.

ان رات کي ياد ڪري هن جو دادا چڻ ان چانڊني رات، ممبرا جي ننڍين پهاڙين، اُن نديءَ جو ۽ اُن ٻيڙيءَ جو سير يادگيرين جي

”ٻڌاءِ منهنجو ڀائرو ڪيئن لڳئہ.؟ ۽ کهڙيون ٻولتيون ٻڌايائين.؟“ انيتا سوال ڪيو.

”ٻولتيون.؟ تون پنهنجي ڀاءُ کي نہ سڃاڻين. ڳالهائڻ تي ٽئڪس پئي پيس شايد، مونکي ئي ڳالهائڻو پئي پيو. پهريون دفعو هو مون پڻ ڳالهائڻ ۾ توري ڪنجوسي ڪئي. پر مونکي تنهنجو ڀاءُ وڻيو. هاڻ ڏسڻو آهي هنجي ڀيءَ ملاقات لاءِ ڪڏهن ٿي نيندب اچي.“ الڪا ڪيڪ جو ٽڪڙو کائيندي ٻڌايو.

”تو تہ هنڪان پڇيو هوندو تہ هو ڇا ڪندو آهي، سندس ڪمائي ڪيتري آهي وغيره وغيره…“

”نہ انيتا ان باري ۾ ڪابہ ڳالهہ نہ ڪئيسين، ۽ ڪمائيءَ جو ڇا آهي ڪيتري بہ هجي، ايتري هجي جو پيٽ ڀري کائي سگهجي.“ الڪا ديرينائيءَ سان چيو.

”تون ڇا ڪندي آهين هن توکان اهو پڇيو هوندو.“

”نہ انيتا، اهڙو ڪجهہ بہ هن نہ پڇيو. پر هنجي وڃڻ کان اڳ۾ ئي مون کيس ٻڌايو تہ مان جنرل پوسٽ آفيس ۾ ڪم ڪندي آهيان.“

”اڄ تہ آرتوار آهي تون جلدي گهر وڃي ڇا ڪندينءَ.؟“

”تنهنجو ڇا مطلب آهي؟“ الڪا پڇيو.

”منهنجو مطلب صاف آهي، موڳي.“ انيتا الڪا کي سڌيءَ طرح نہ لفظن کي گهمائيندي پاڻ وٽ رکڻ لاءِ چيو.

”چڱو منهنجي وڏي دادي مان شام جو ويندس بس خوش هاڻي ٻڌاءِ ڏينهن گذارڻ لاءِ ڇا سوچيو اٿئي.؟“

”سوچڻو ڇا آهي، اٽڪل يارهين بجي آڪاش پوني پهچندو

هو هڪ خودمختيار ۽ پاڻ تي ڀاڙيندڙ ماڻهو هو. هن ڪڏهن بہ ڪنهن جي نوڪري نہ ڪئي هئي.

سرڪار طرفان ڪئمپ جي سيني شرنارٿين کي سڙيل پٽاٽا ۽ بانسي بصر ملندا هئا. هڪ ڏينهن جيئن ٽرڪ پريل پٽاٽن ۽ بصرن جي آئي تہ دادا بہ وٺڻ ويو. ۽ قضا سان اُن وقت ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، پروفيسر گهنشيام شوداساڻي ۽ ڊاڪٽر وليچا بہ اچي پهتا. دادا ڪراچيءَ کان هننکي سڃاڻندو هو. هو ڪراچيءَ جي سوراج پون ۾ اڪثر ويندو هو.

دادا جي عمر تنهن وقت لڳ ڀڳ چوڏهان سال هئي جڏهن فيبروري 1946 ۾ ڪراچيءَ جي منوهرو سامونڊي بندر تي رايل انڊين نيوي وارن بلوو ڪيو هو. بلوو بمبئيءَ کان شروع ٿيو هو پوءِ ڪلڪتي ۽ ٻين بندرن تائين وڃي پهتو. انڪري هن بلوي کي بمبئي ميوٽنيءَ جو نالو پيو. تنهن وقت دادا جو ڪٽنب 5 نمبر ٽانڪيءَ وٽ سلڪ بزار ۾ رهندو هو. هنن جي جاءِ جي ڪڏ تان بندرتان ٿيندڙ گوليبازيءَ جا آواز ۽ رات جي اونداهيءَ ۾ بمن جي روشني صاف نظر ايندي هئي. ويهہ هزار سامونڊي سولجر، ويهن بندري سنستائن 78 جهازن تي قبضو ڪيو هو. فقط ڪميونسٽ پارٽيءَ هن بلوي جي حمايت ڪئي. باقي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ خلافت ڪئي. دادا ڪڏ تي ياسمين سان گڏجي خوب نچيو هو ۽ رڙهيون ڪري چيو هئائين، ”هاڻي اسانکي آزادي ملندي، نيتاجي سڀاش چندربوس هندستان جو پرڌان منتري ٿيندو، جئہ پرڪاش، رام منوهر لوهيا، ارونا آصف علي، اڇوت پٽورڌن، جواهر لال نهرو منتري ٿيندا، مهاتما گانڌي پريزيڊنٽ. مهاتما گانڌي هن قسم جي هنساوادي رستي آزادي وٺڻ جي حق ۾ ڪونہ هو هن اُن نيوي بلوي جي نندا ڪئي.

آزاديءَ کانپوءِ مهاتما گانڌي راشٽر-پتا بنايو ويو، چڱو ٿيو هنکي

دريءَ مان چڪي آڪاش جي اڳيان رکندو هو. آڪاش به مگن ٿي ان جو مزو وٺندو هو. ڪڏهن ته سوچيندو هو ته هو چاليهه پنجاهه سال اڳ ڇو نه پيدا ٿيو.

هر هفتي ٻي جڏهن دادا ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ دادا موتي ۽ ڪلا پرڪاش، لڇمن ڀاٽيا ۽ ٻين پراڻن دوستن سان فون تي ڳالهائيندو آهي ته جو اتساهه ۽ امنگ هن جي ڳالهائڻ ۾ هوندو آهي ائين لڳندو آهي انهن فونن ڪرڻ ڪانپوءِ هو وري جوان ٿي پيو آهي. هر دفعي ساڳيون ئي ڳالهيون هونديون آهن پر هر دفعي نيون لڳنديون آهن.

آڪاش گهڻو ڪري هنجي پڙ ۾ ويٺو هوندو آهي ۽ هر دفعي هن جي دادا ۾ هڪ نئين ڦرتي نظر ايندي آهي. آڪاش سوچيندو آهي، جي هنجي دادا جي هن عمر ۾ ڪن هم عمر وارن سان فون تي ڳ الهائڻ تي هيئن جذبات جو سمندر ٿو اٿلجي پوي ته هنن جي جوانيءَ جو وقت ڪيترو رنگين رهيو هوندو.

نئين ڌرتي

منهنجي دادا جي واقفيت ڪري جهاز ۾ هندستان وڃڻ لاءِ سوراج ۾ مان اسپيشيل ڪوٽا هنجي سموري ڪٽنب لاءِ ملڻ تي، سنڌ مان هنجو پيءُ جهاز ۾ پنهنجن ٻن چاچن جي ڪٽنبن، پنهنجي ۽ ماءُ پيءُ سان گڏ هند ۾ ڪنگ سرڪل ڪئمپ ۾ اچي پهتو هو. هنجي وڏي چاچي کي ست ڌيئر ۽ ٻه پٽ هئا ۽ ننڍي چاچي کي ٻه پٽ ۽ هڪ ڌيءَ هئي. ان حساب سان هو اڪيلو پٽ هئڻ ڪارڻ سڪيلڏو ليکيو ويندو هو. هنجو پيءُ ڪراچيءَ ۾ هڪ واپاريءَ ڪانسواءِ هڪ نالي وارو ۽ وشواس جوڳو اڪائونٽنٽ به هو. ڪيترا بئنڪرس هنجا دوست هئا. هن کي هڪ جي پٺيان هڪ نوڪري ڏيڻ لاءِ آتا هئا.

کي ڏيکاري، نہ فقط ڏيکاري پر ڊاڪٽر کي چيو. ”دادا هيءُ توهين گهر کڻي وڃو ۽ پنهنجن پيارن جي محفل ڪريو. هنڙا پٽاٽا بصر جي جانورن کي ڏيندا تہ اهي بہ نہ ڇهندا.“

دادا نندي هوندي کان ئي نڊر هو. ڊاڪٽر چوئٿرام پٽاٽن بصرن جي حالت ڏسي ۽ اُن مان نڪرندڙ بانس ڏسي وائڙو ٿي ويو ٽرڪ کي واپس موڪلي لنبي قطار ۾ جيڪي شرنارٿي بيٺا هئا انهن کان هٿ ٻڌي معافي وٺندي چيو. ”توهين صبر ڪريو مان ٻيءَ ٽرڪ جو بندوبست ٿو ڪريان. آئينده ائين نہ ٿئي. اها جوابداري مون تي آهي.“

دادا جيترا ڏينهن ڪئمپ ۾ هو، ڪئمپواسين جو اڳوان بڻجي ويو.

ڪنگ سرڪل ڪئمپ ۾ دادا ۽ سندس چاچا فقط ٻہ هفتا هئا انهن ٻن هفتن ۾ هنن جو سنڌ مان آندل راشن ختم ٿيڻ تي هو.

دادا جي ٻن چاچن ۽ هنجي پيءُ فيصلو ڪيو تہ هو ڪئليڪٽ ويندا. هنن جو پيٽوو ڏکڻ ڀارت جي ڪيرالا پرڳڻي جي ڪئلڪيٽ شهر ۾ رهندو هو. سندس نالو هو گوڪلداس. منهنجي ڏاڏي کي ڪل ٽي ڀينر ۽ ٻہ ڀائر هئا. پاڻ وچون ڀاءُ هو.

ٽنهي ڀائرن ڏڻ وار ڏيڻ جي خيال کان ٽيئي ڀينرون وڙهائي ڪنيون هيون. ڪئليڪٽ واري ڀيڻ منهنجي ڏاڏي جي حصي ۾ هئي. هن ڀيڻ کي پٽ ڪونہ هو فقط ٻہ ڌيئر هيون، ٻئي اسڪول ويندڙ هيون. دادا کان سواءِ ٻيا هنجا سوٽ اِسڪول جا چار درجا پاس ڪري وڌيڪ پنهنجي تعليم وٺڻ بند ڪري اِسڪول ڇڏي ڏنو هو. پنهنجي شونق ڪارڻ دادا اِسڪول نہ ڇڏيو هو. ڀهريون انگريزي پاس ڪري سنڌ مان نڪتو هو اُن ڪري هنکي ٿوري انگريزي ڳالهائڻ ايندي هئي، جنهنڪري هو پنهنجي ڪانوينٽ ۾ پڙهندڙن ٻن ڀڦاٽين جي وڌيڪ ويجهو وڃي سگهيو هو.

نٿورام گوڊسي ماريو ۽ هو شهيد ٿي ويو نہ تہ اڄ جا ديش کي هلائيندڙ هنکي ستا ۽ رشوت پائڻ خاطر ماري ڇڏين ها، جيئن سماج ۾ ٿي رهيو آهي، جو پئسي ۽ ملڪيت خاطرپٽ پيءُ جي جان ٿو وٺي، ياءُ ياءُ جو گلو ٿو ڪٽي.

پي ٿي راجپال جو راشٽريہ سويم سيوڪ دل جو سنڌ پرانت جو انچارج هو. ۽ ڪيترا دفعا دادا کي پاڻ سان سندس گاڏيءَ ۾ وٺي ويندو هو. گاڏيءَ ۾ پٺيان سيٽ ڪونہ هوندي هئي انجي بدلي هٿ سان هلندڙ ڪاپي ڪرڻ جي مشين رکيل هوندي هئي جنهن مان هو ڪن پترن جون ڪاپيون ڪڍي دادا کي ڏيندو هو تہ بنس روڊ جي نالي تي هڪ مقرر جاءِ تي وڃي رکي اچي. موٽ ۾ دادا کي چاڪليٽ ۽ بسڪيٽ ملندا هئا.

9 آگسٽ ڪراچيءَ ۾ رام باغ ۾ ترنگي جي سلامي هئي، جتي ڪانگريس جا اڳوان جواهرلال نهرو وغيره اچڻا هئا. آيا بہ پر منچ تائين پهچڻ کان اڳ۾ ئي گرفتار ڪيا ويا.

اچانڪ سفيد ساڙهي نيري بارڊر سان هڪ اڻڄاتل والنٽيئر منچ تي پهچي ويئي ۽ وقت سر جهنڊي جي سلامي ڪئي.

اُها هئي ارونا اصف علي جا ان ڏينهن ڪانپوءِ روءِ پوش ٿي ويئي.

سوراج ڀوَن مان روزهن لاءِ ڪاڏي جو ٽفن ايندو هو ۽ منهنجي دادا جي اها جوابداري هوندي هئي تہ هو ارونا تائين پهچائي. دادا کي خبر هئي تہ ارونا ڪنهن وٽ لڪل آهي. هوءَ ڪراچيءَ ۾ پوليس ڪمشنر جي گهر ۾ گهر جو سارو ڪم ڪار ڪندي هئي.

ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻيءَ کي اها ڄاڻ هئي، انڪري دادا هننجو پيارو هو.

دادا اها بانسي بصرن ۽ سريل پٽاڻ جي ترڪ ڊاڪٽر چوئٿرام

نديءَ تي حشام ماڻهن سان گڏ سنان ڪرڻ ڪانپوءِ اپواس ٽوڙيو.

مئسور ۾ هڪ سال رهڻ ڪانپوءِ ممبئيءَ هليا آيا. روز صبوح جو ستين بجي شري رام مِل جي ٻاهران قطار ۾ ويهي ڪپڙن جو هڪ لاٽ 35 رپين ۾ وٺي 65 رپين ۾ بزار ۾ وڪڻندو هو. اهڙي طرح روز 30 رپيا ڪمائي مائٽن جي شيوا ڪندو رهيو.

دادا تمام رنگين مجاز هو. ڪمائي ڪرڻ ڪانپوءِ ڪلف لڳل اڇو ڪرتو سوڙهي پتلون پائي چائيئن جي موسم ۾ چائين ۽ موسم نہ هوندي هئي تہ چٽن پوئيمگن جي پُري هٽ ۾ ڪٽي مرين لائين جي فٽپاٿ تي گهمندو هو. ياسمين، ڪراچيءَ جا رستا، اِسڪول جا دوست، لڪشمي بلڊنگ ۾ سندس پيءُ جي آفيس، سلڪ برار ۾ ريشمي ساڙهين جو دڪان، سنگهہ جي شاخا، لسي ۽ سلورين پورين جي نيري سڀ هنجي ذهن ۾ گهمندا هئا. ٿڌو ساه ڪٽي دل ئي دل ۾ چوندو هو، ”هاءِ منهنجي ڌرتي، هاءِ منهنجي سنڌ...!“

اِهو ڪپڙن جي ملين مان ملندڙ لاٽن جو ڌندو گهٽا ڏينهن نہ هليو.

دادا جي مميءَ جو سوٽ مولجي جيٺا مارڪيٽ ۾ هولسيل ڪپڙي جو واپاري هو. دادا جو پيءُ تہ بستري داخل هو. دادا جي ممي جو سوٽ هن وٽ آيو ۽ دادا جي پيءُ ڪيمجائي، ٻہ تاڪيا لٺي جا الڳ الڳ رنگ جا چار تاڪيا پاپلين جا. ڇهہ ننگ ڌوتيون، چار ساڙهيون هڪ تاڪيو زناني پيٽي پڙي جو ڪپڙو ۽ ڪپڙي ماپڻ لاءِ وال اوڊر تي موڪليو.

تنهن وقت هو پوليشور ۾ آريہ سماج جي ڪيندر ۾ هڪ روم ۾ رهندا هئا. ڪيندر جي ٻاهران هڪ ٿلهو هو. صبوح ٽيڻ سان ئي اُن ٿلهي تي ڪپڙن جو دڪان لڳائي ڪپڙن جا وال ڪاٽڻ ۾ لڳي ويو. خريداري ڪان25 ٽڪا مٿي قيمت رکي ڪپڙا وڪڻندو ويو.

هنجي چاچن لاءِ الڳ رهڻ لاءِ الڳ جاءِ جو بندوبست ڪيو ويو هو ۽ دادا جي ماءُ پيءُ لاءِ پنهنجي ئي گهر ۾ رهڻ جو بندوبست ڪيو. گهر جي ورانڊي ۾ هڪ کوهہ هو جنهن مان روز صبوح جو پاڻي ڏول سان ڇڪي سنان وغيره لاءِ ڪم ۾ آندو ويندو هو.

هڪ ڏينهن صبوح جو گوڪلداس پاڻي ڀرڻ لاءِ کوهہ وٽ آيو تہ منهنجو ڏاڏو ٻاهر ئي ويٺو هو. هو گوڪلداس کان ڏول وٺي کوهہ مان پاڻي ڇڪڻ لڳو.

اها هڪ فهميدگيءَ جي نشاني هئي. پاڻي ڀريندي هنجو پير ترڪي ويو ۽ چاتيءَ ڀر ڪري پيو ۽ هنجي پاسيريءَ جي هڏي ٽٽي پيئي، جنهن جو علاج اٽڪل ہہ سال هلندو رهيو. ماءُ پيءُ جي پالن پوشڻ جو سمورو بار دادا تي اچي پيو هو. هنجو علاج ڪئليڪٽ ۾ پوريءَ طرح نہ ٿي سگهڻ ڪري هو ڪئليڪٽ ڇڏي مئسور شهر ۾ اچي رهيا.

دادا اُتِ ڏينهن اِسڪول ۽ اُتِ ڏينهن وياج جي ڪم ڪرڻ ۾ لڳي ويو. گهر ۽ پيءُ جي علاج اِسڪول جي في سميت هو ننڍيءَ عمر ۾ ئي پورائي ڪندو آيو.

جڏهن هو مئسور ۾ هئا، 30 جنوري 1948 ۾ مهاتما گانڌيءَ کي گولي هڻين ويئي. دادا مهاتما گانڌيءَ جي عزت ڪندو هو، مهاتما گانڌي هن جو اڳوان تہ نہ هو. هنجا اڳوان هئا، جئہ پرڪاش نارائڻ، رام منوهر لوهيا، اچوتپٽوردن، ارونا عصف علي، جواهرلال نهرو ۽ نيتاجي سياش چندربوس.

دادا چوندو آهي جي گانڌي چاهي ها تہ ڀارت جو ورهاڱو ٿيڻ کان روڪي سگهي ها. هنکي گانڌيءَ تي غصو هو. تڏهن بہ گانڌيءَ لاءِ هنکي عزت ۽ شرڌا هئي دادا سڄو ڏينهن اُپواس رکيو ۽ ڪاويري

وڏا ڀاڳ. توهان اسان سان گڏ ويهي ڀوڄن ڪري رهيا آهيو.''

مهراج کي دال مان مزو اچي ويو. آڱريون چوپڻ لڳو. مهراج منهنجي دادا کي چيو. ''جي توکي تڪليف نه ٿئي ته سياڻي کان وٺي منهنجي لاءِ به اها دال وٺي اچجانءِ ها شام جو وڃڻ وقت مونکان لوٽو وٺندو وڃجانءِ.''

اهو سلسلو هڪ مهنو ڀيو به هليو. ٿي مهنا گذري ويا هئا. مهراج جي صبر جو گهڙو ڀرجي چڪو هو. قيمي مڪس دال مان هنجي دل ڀرجي ويئي هئي. هاڻ روز هن جي مرلي وڄڻ لڳي. اها ئي رٽ ته ''هاڻ ڪمرو خالي ڪريو.''

هڪ ڏينهن دادا هن وٽ قيمي مڪس دال جو ڪٽورو ڪٽي هن جو ڪمري ۾ ويو. هن جي پاسي ۾ ويهي ڪيس ٻڌايو. ''مهراج سائين. هيءُ دال جا توهان روز گهرائي کائيندا هئا اُن ۾ اصل ۾ ڇا گڏيل آهي اها توهان کي خبر آهي.؟''

''ڇا گڏيل آهي مان به ته ٻڌان.''

''قيمو ٻڪريءَ جو.''

مهراج جو چهرو ڏسڻ جهڙو هو. غصي ۾ تپي ٽامي وانگر لال ٿي ويو. ٽپو ڏيئي پنهنجي اسٽان تان اٿي ڪڙو ٿيو ۽ غصي ۾ چيائين. ''تو ته منهنجو ڌرم ڀرشٽ ڪري ڇڏيو. مان توکي ان جي سزا ڏيندس.''

منهنجي دادا به همٿ ڪري جواب ۾ چيو. ''مهراج سائين اهڙي غلطي نه ڪجو. مان صبوح جو ئي سيني کي ٻڌائيندس ته توهان ڪيئن مهني ڏيڍ کان قيمي ۾ ملايل دال کائيندا آيا آهيو.''

''تون ائين نه ڪندي.'' هيڪندي مهراج چيو.

هنجا اڳهہ تڏهن بہ بازارڪان سستا هئا.

شام تائين هنجو سمورو سامان ختم ٿي ويو. لاڳت جا سمورا پئسا مامي کي ڏيئي، بوري بندر جي آزاد ميدان جتي سنڌي شرنارٿين جا ڪچا دڪان هئا، اتان قيمي ۾ دال ملائي گهر ڪٺي آيو.

هنجي ماءُ گرم گرم ڦلڪا پچايا ۽ تنهي پيٽ ڀري کاڌو. ڪيترا ڏينهن پاڇيون ۽ داليون کائي کائي هننجي ڄڀ جو سواد ئي بدلجي ويو هو. هي سلسلو روز جو بڻجي پيو. روز قيما مڪس دال ايندي هئي، گرم گرم ڦلڪا پچندا هئا ۽ هنجو پيُ ماءُ ۽ هو آرام سان رات جي ماني کائيندا هئا.

آريہ سماج جي ڪيندر ۾ ٻن هفتن کان وڌيڪ ڪنهنکي رهڻ نہ ڏيندا هئا. هنن کي چار هفتا ٿي ويا هئا. دادا ڪيندر جي مکيہ مهراج جي ڪجهہ ڪم ۾ مدد ڪندو هو. جيئن تہ کوهہ مان پاڻي ڀرڻ ڪمپائونڊ ۾ ٻهاري پائڻ وغيره.

ڪڏهن ڪڏهن رات جو کاڌي مهل مهراج ڪمري ۾ هليو ايندو هو. اهو جاچڻ لاءِ تہ ڪيندر ۾ رهيل مهمان ماس مڇي تہ نٿا ورتائين.

هنن جي ڪمري مان قيمي مڪس دال جي وڻندڙ خوشبوءِ ايندي هئي. هڪ رات مهراج کان رهيو نہ ٿيو. ڪمري اندر ايندي ئي پڇائين، ''امان ڇا ٺاهيو اٿئي.؟''

منهنجي ڏاڏي منجهي پئي تہ ڪهڙو جواب ڏي، منهنجي دادا جواب ڏنو، ''مهراج سائين امان ڪجهہ رڌو نہ آهي مان آزاد ميدان تان اسپيشل دال وٺي ايندو آهيان امان ڦلڪا پچائيندي آهي گرم گرم، اچو اَڄ توهين بہ اچي کائو.''

۽ مهراج پرٿي ماري پٽ ۾ ويهي رهيو. دادا جي ماءُ هنکي پليٽ ڏني، هڪ ڪٽوري ۾ قيمي مڪس دال ڏيندي چيو، ''اڄ اسانجا

بيناچ تي کيس هڪ وهڻ جي جاءِ نظر آئي. هر بيناچ تي 3 شاگرد ويهي پئي سگهيا. هن ڪنڊ واري سيٽ تي وهڻ لاءِ ويٺل شاگرد کي اشاري سان سرڻ لاءِ چيو جو سري وچ ۾ هليو ويو ۽ منهنجو پيءُ ڪنڊ واري سيٽ تي ويهي رهيو.

اسڪول جي بند ٿيڻ ڪانپوءِ کيس ڄاڻ پيئي ته هن سان گڏ ويٺل ٻه شاگرد هئا موهن لالا (جنهن ليکڪ بڻجڻ کانپوءِ پنهنجو تاخلص ڪلپنا رکيو) ۽ گنو سامتاڻي.

گنو سامتاڻي 3 نمبر ڪئمپ جي اوتي سيڪشن ۾ رهندو هو ۽ موهن ڪلپنا 17 سيڪشن ۾ ريجنٽ ٽاڪيز جي سامهون هڪ بئرڪ ۾ رهندو هو.

هنن ٽنهي جي ٽڪري اسڪول جي ٻين شاگردن ۽ ماسترن ۾ ڪافي پياري ٿي ويئي.

موهن ڪلپنا، راج ڏاسواڻي، گنو سامتاڻي، نارائڻ يارتي سڀ ساڳئي ڪلاس ۾ هئا. هنن سان گڏ ٻه مکيه دوست هئا، موهن متائي ۽ گهنشيام ليکراجاڻي.

وٺلواڙيءَ جي پاسي ۾ هڪ ننڍو تلاءُ هو. جتي هيءُ سڀ دوست گڏجي پنهنجي سرڪار ٺاهيندا هئا. موهن ڪلپنا پرائيم منسٽر بڻجندو هو. راج ڏاسواڻي هوم منسٽر، گنو سامتاڻي فنئنس، موهن متائي ڊفينس، گهنشيام فوڊ ۽ نارائڻ يارتي تعليم منسٽر. روز هنن جي پارليامينٽ لڳندي هئي. يارت جي پارليامينٽ ۾ جيڪي سوال اُٿاريا ويندا هئا. اُنهن تي بحث ٿيندو هو. هيءُ ست ساٿي نه فقط ماسترن جا دلگهُريا هئا پر سڄي اسڪول جا اڳوان هئا.

شام جو ڪي ٻيا شاگرد پڻ اسڪول ۾ ايندا هئا. ڪي پڙهڻ لاءِ ته ڪن کي ماستر ايڪسٽرا ڪلاس ڏيندا هئا. هيءُ ست ئي

”ان شرط تي تہ اسانکي وري ڪمرو خالي ڪرڻ لاءِ نہ چوندا.“

جيستائين مهراج پاڻ سنڀالي منهنجي دادا کي ڪجهہ چوي منهنجي دادا چيو. ”ها جڏهن اسان کي ٻئي ڪٿي رهڻ لاءِ جاءِ ملندي اسين ڪمرو خالي ڪري هليا وينداسين.“

مهراج ڪمرو ڇڏي ٻاهر هليو ويو. ڪوهہ مان پاڻي ڪڍي گايتري منتراُچاريندي ٻہ چار ڏول پنهنجي بدن مٿان اوتيندي پاڻ کي شڌ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.

بنا ڪنهن ڪتڪي جي هڪ ٻيو مهنو بہ گذري ويو. ڪيندر ۾ ڪيترا ياتري آيا ۽ هفتو ٻہ هفتا رهي هرڪو هليو ويندو هو. منهنجي دادا جو دڪان بہ هلندو رهيو. منهنجو ڏاڏو بہ ڪافي ٺيڪ ٿي ويو هو. هلڻ چلڻ لڳو هو. سنڌ جي ڪيترن يارن دوستن، مٽن مائٽن سان گڏجڻ لڳو. انهنجي معرفت ئي ڪيس ڪيترن ٻين جا پتا پوندا ويا ۽ هو ڪوشش ڪري انهن سان ملندو رهيو. هن وٽ هنجي پٽ (منهنجي دادا) جا ڪمايل ٻہ ٽي هزار رپيا هئا. هاڻ هنجي دوا درمل تي خرچ نہ ٿيندو هو. منهنجي ڏاڏي هنجي پاسيريءَ جي ڪوڙي تيل سان مالش ۽ گرم پاڻيءَ جي ٻنگ سان سيڪ ڪندي هئي.

منهنجي ڏاڏي کي سندس دوستن مان ڄاڻ پيئي تہ سرڪار ڪلياڻ جي پاسي ۾ وٺلوازيءَ وٽ پنهاگيرن لاءِ هڪ ڪئمپ کولي آهي جنهن ۾ ۵ ڪئمپون آهن. نمبر۱ ۽ ۲ پرجي ويئون آهن هاڻ نمبر۳، ۴ ۽ ۵ کليون آهن. ڇون ٿا رهڻ لاءِ بلاڪس ۽ بئرڪون آهن. ڪيترا سنڌي پيا وڃن. منهنجي ڏاڏي بہ فيصلو ڪيو. ”هلو تہ ڪلياڻ هلون.“

نئون ديش

7 جولاءِ 1949 وٺلوازيءَ وٽ سنڌ نئشنل اسڪول ۾ منهنجي پيءُ داخلا ورتي. ڪلاس ۾ گهرڻ سان ڪيس وچين قطار جي ٻيءَ

ڪنهن پيئي ڳانو ڳايو؟.''

ڳانو موهن واسواڻيءَ پئي ڳايو. پر هنڪي همٿ نه پئي ٿي ته اُٿي چوي ته ''سائين مون پئي ڳايو.'' منهنجو پيءُ اُٿي بيٺو چيائين، ''سائين مون پئي ڳايو.''

ماستر حڪم ڪندي چيو، ''هاڻ ڳاءِ.''

منهنجي پيءُ جواب ڏنو، ''سائين هاڻ ڳائڻ جي موڊ نه اٿم.''

ماستر چيو، ''جي نٿو ڳائين ته ڪلاس مان نڪري وڃ ۽ منهنجي پيرڊ ۾ ڪڏهن به نه اچڄ.'' منهنجو پيءُ ڪلاس مان ٻاهر نڪري ويو.

اسڪول جون ٻئرڪون رستي جي ٻنهي پاسي هيون جنهن ڪري هر ڪلاس جو دروازو بند رهندو هو، جيئن رستي تان لنگهندڙن کي ڪجهه نظر نه اچي.

منهنجو پيءُ ڪلاس جي ٻاهران بيهي رهيو. وائيس پرنسيپال مسٽر ايشور داس شرما هڪ ڪلاس مان نڪري آفيس ڏانهن پئي ويو، منهنجي پيءُ کي ٻاهر ڏسي پڇيائين، ''تون ٻاهر ڇو بيٺو آهين؟.''

''سائين اندر ڳانا ٻجانا پيا هلن. سو مسٽر ڇيٺملاڻيءَ چيو آهي ته ٻاهر بيهي پهرو ڏيان ۽ جي توهين يا پرنسيپال اچي ته ڪيس اطلاح ڪريان.''

ايشورداس غصي ۾ آفيس هليو ويو ۽ منهنجي پيءُ کي پنهنجي پٺيان اچڻ لاءِ چيائين.

ايشورداس پٽيوالي کي مسٽر ڇيٺملاڻيءَ کي آفيس ۾ ڪوٺڻ لاءِ چيو. جڏهن ڇيٺملاڻي آفيس ۾ آيو ته ايشورداس هن تي غصو

منسٽر پارليامينٽ جو سيشن ختم ڪري پين شاگردن سان گڏ هڪ ڪلاس ۾ اچي گڏ ٿيندا هئا جتي هو خوب مستي ڪندا هئا. گانن بجانن جي محفل لڳائيندا هئا ۽ سمورو جُهٽُ گڏجي پوائي چونڪ جي رستي پنهنجي پنهنجي گهر هليو ويندو هئو. موهن مٽائي ته رهندو ئي پوائي چونڪ ۾ هو. موهن ڪلپنا، راج ڏاسواڻي، گنو سامتاڻي ۽ گهنشيام ليکراجاڻي موهن مٽائيءَ جي گهر ۾ ترسي پوندا هئا.

موهن مٽائيءَ جي پيڻ هئي ڪملا، پوائيءَ چونڪ ۾ گهنشيام جي واقفڪار درو ڪرپلاڻي پڻ رهندي هئي جنهن جون ٻه ماسيون درو، گوپي ۽ ٽي ماما گلاب، لکو، شيام ۽ هناجو ناتو به اتي ئي رهندا هئا.

دروءَ جي ماءُ جنهنکي سڀ ممان ڪري سڏيندا هئا. سڊول، سهڻي سدائين اٽينشن ۾ هلندڙ ممان هنن سيني کي پيار ڪندي هئي. حيدرآباد سنڌ کان وٺي ممان راشٽريہ سويم سيوڪ سنگهہ جي سمتيءَ سان واستو رکندڙ هئي. دروءَ جون ٻه پينر مايا ۽ نمون، پاءُ موهن ۽ پيءُ روپچند سڀ جو سڀ هنن کي چڻ پنهنجي ڪٽنب جا ڀاتي ڪري ليکيندا هئا. دروءَ جو هڪ اسڪول جو دوست سئان ممبئيءَ کان ايندو هو. چندرو سدارنگاڻي اهو پڻ ڪڏهن ڪڏهن هننجي محفل ۾ شامل ٿيندو هو.

سيني ۾ سيني کان پيارو هو راج ڏاسواڻي (جنهنکي سڀ پيار مان راجو ڪري ڪوٺيندا هئا.) راجو هو ته پوري پني قد جو پر سندس ڪپڙن پائڻ جو ڍنگ سندس حاضر جوابي ۽ چرچي مسخري ڪرڻ جو ڍنگ سيني کان نرالو هو.

هڪ ڏينهن ماستر جيٺملاڻي ڪلاس ۾ پنهنجو پيرڊ وٺڻ لاءِ ڪلاس ۾ آيو، اچڻ سان ئي پڇيائين، ”ڪالهہ شام جو ڪلاس ۾

هڪ اهڙو ئي هڪ ٻيو قصو بہ ياد ٿو اچي. واسواڻي اسڪول ۾ آلجبرا جو ماستر هو مسٽر هيرا. اسانجي ڪلاس جو مانيٽر هو موهن مٽائي. منهنجو دادا گنو سامتاڻي ۽ موهن مٽائي ساڳيءَ بينچ تي ويهندا هئا موهن مٽائي وچ ۾ ويهندو هو ۽ مسٽر هيرا جي اچڻ کان اڳ ۾ ٽيئي ڪلاس جي ٻاهران رکيل مٽڪي مان پاڻي پيئڻ ويا. هو ٽيئي گڏجي اندر پئي آيا تہ ساڳئي وقت مسٽر هيرا پڻ ڪلاس اندر آيو.

هنن ٽنهي کي گڏجي اندر ايندو ڏسي. مسٽر هيرا گني کي ٻاهر نڪري وڃڻ لاءِ چيو. گنو تہ چئيوان شاگرد هو ڪلاس مان نڪري ويو ٻاهر. مسٽر هيرا جڏهن منهنجي دادا کي نڪري وڃڻ لاءِ چيو. تہ هن جواب ڏنو. ''سائين پهرين موهن جو وارو آهي هنکي ٻاهر وڃڻ لاءِ چئو.''

ماستر وائڙو ٿي ويو. چيائين، ''تون نٿو وڃي ٻاهر.؟''

دادا چيو. ''نہ سائين.''

ماستر چيو. ''پر هيءُ تہ مانيٽر آهي.''

منهنجي دادا چيو. ''برابر. پر توهانجي غير حاضريءَ ۾. توهين جيستائين ڪلاس ۾ نہ آيا هئا تہ موهن بہ اسان سان گڏ ٻاهر هليو هو ڏوهہ اسان ٽنهي جو ساڳيو آهي.''

مسٽر هيرا ٿورو ترسي چيو ''چڱو جي تون ٻاهر نٿو وڃي تہ مان ٿو وڃان.'' ۽ هو ٻاهر هليو ويو.

ٿوري دير ئي نہ گذري تہ پٽيوالو منهنجي دادا کي اچي چيو. ''توکي پرنسيپال صاحب ٿو ڪوٺي.''

منهنجي دادا پرنسيپال کي سمورو قصو ٻڌايو تہ پرنسيپال چيو. ''مسٽر هيرا هيءُ تہ ٺيڪ ٿو چوي. توهانکي ٽنهي شاگردن کي گڏ ئي سزا ڏيڻ کپندي هئي.''

ڪندي چيو. ”هيءُ چا پيو چوي، توهين ڪلاس ۾ گانا بجانا پيا ڪريو.“

”سائين اهو تہ سچ نہ آهي.“ ڇيتملاڻيءَ جواب ۾ چيو.

”هيءُ سٺو شاگرد آهي، ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهائيندو. هيءُ توهان کي چتاءُ آهي اڳتي خيال رکجو. هاڻ وڃوءِ وڃي ڪلاس وٺو.“

ڇيتملاڻي اها بي عزتي سمجهي ۽ استيعفا ڏيئي نوڪري ڇڏي ويو. ان ڪانپوءِ هڪ دفعو جڏهن منهنجي پيءُ سان گڏيو تہ چيائين، ”مونکي تو سان ڪابہ شڪايت نہ آهي، توکي سزا نہ ڏيڻ کپندي هئي.“ اُن کان پوءِ ٻئي دوست بڻجي ويا.

مسٽر ملڪاڻي انگريزي پاڙهيندو هو ۽ خود بہ پڪو انگريز هو، سندس حلت چلت بلڪل انگريزن جهڙي. منهنجي دادا کي مستي سجهي ۽ هو ڪلاس کان ٻاهر وڃي پٽيوالي کي هڪ لکيل پنو ڏنو ۽ چيائين هيءُ سيني ڪلاسن ۾ وڃي ڏيکاري لکيل هو، ”جارج ڇهون مري ويو.“

پٽيوالي کي اها بہ حدايت ڪيائين تہ سيني ڪلاسن ۾ ڏيکارڻ ڪانپوءِ گهنڊ وڃائي، اهو پنو جڏهن مسٽر ملڪاڻيءَ ڏٺو تہ هن سيني کي بہ منٽ شانت رهڻ ۽ جارج ڇهين جي آتما کي پرارٿنا ڪرڻ لاءِ چيو ۽ جارج ڇهين جي جيون تي هڪ وڏو ليڪچر جهاڙيو.

منهنجي دادا ۽ هنجي ٻين دوستن کي تہ موڪل کپندي هئي جيئن هو ڪٿي رلڻ وڃي سگهن، ٿوري ئي دير ۾ اسڪول جي گهنٽي لڳي ۽ اسڪول جا سڀ شاگرد ٻاهر نڪري آيا.

پرنسيپال کي جڏهن هن ڳالهہ جي خبر ملي تہ پٽيوالي منهنجي دادا جو نالو ورتو ۽ پرنسيپال جي گهرائڻ تي منهنجي دادا مسٽر ملڪاڻيءَ جو نالو ورتو پرنسيپال چپ ٿي ويو.

مهراج منهنجي پيءُ جو هٿ ڏسي چيو، ”تنهنجي حياتي تہ ننڍي آهي، توکي تنهنجو ڪو دوست ڪنهن پهاڙيءَ تان ڌڪو ڏيندو سنڀال ڪج.“

تنهن وقت موهنيءَ جي گهر ۾ درو ڪرپالاڻيءَ سان گڏ سندس ننڍي ڀيڻ نمو بہ ويٺي هئي، هنجي تنهن وقت عمر 10 سال هئي. نمو منهنجي پيءُ کي هرسال رکڙي ٻڌندي هئي، مهراج جي ڳالهہ ٻڌي نموءَ مهراج کان پڇيو، ”مهراج جي مان پنهنجي حياتي هن کي ڏيان تہ هن جي حياتي وڌي ٿي ويندي؟.“

مهراج هن ڏانهن نهاريندي چيو، ”پٽ اِهي ڳالهيون اڳ ۾ ٿينديون هيون، هاڻ اِهي ڪرامتون ڪٿي ٿيون ٿين.“

ٻئي ڏينهن صبوح جو نموءَ جو ريلوي سان ٽڪرجڻ ڪري ديهانت ٿي ويو.

اُن ڏينهن کان اڄ ڏينهن تائين هرسال جڏهن بہ منهنجي دادا جو جنم ڏينهن ايندو آهي، هو ياد ڪندو آهي نموءَ کي ۽ سوچيندو آهي، ”مان نموءَ جي حياتي پيو جيئان.“

آر.ايس.ايس

اسڪولي زندگي مستيءَ ڀريل ڏينهن سان گذرندي رهي. اچانڪ سرڪار راشٽريہ سويم سيوڪ سنگهہ تي بندش وڌي ۽ سنگهہ جي سروَ سنگهہ چالڪ گرو جي گولولڪر کي جيل ۾ وڌو.

رعيتي راڄ جو اهو خون هو، ديش ڀر ۾ سنگهہ جا سويم سيوڪ ڀاڻ کي گرفتار ڪري جيل ڀرڻ لڳا. موهن ڪلپنا پڻ جيل ۾ ويو، منهنجي پيءُ کي منهنجي ڏاڏي باٿ روم ۾ بند ڪري ڇڏيو.

قريبن هڪ مهني ڪانپوءِ جڏهن سڀ سويم سيوڪ آزاد ڪيا ويا، هڪ نريندر ڪمار سنگهہ جي طرفان پنهنجن ئي ڪئمپن جو

مسٽر هيرا اُن ڏينهن کان پوءِ دادا جو سٺو دوست ٿي ويو. هيرا شام جو شاگردن کي ٽيوشن ڏيندو هو ۽ ڪافي پئسا وٺندو هو، پر دادا کي ٽيوشن مفت هئي.

شاگردن جو هڪ دلگريو ماستر هو جهمرومال لالچنداڻي، اسڪول جي برپا ڪندڙ منگهارام منشاراماڻي جو ساهڙو مائٽ هو. گهر وادوواد ٿيڻ ڪارڻ لالچنداڻيءَ کي اسڪول ڇڏڻو پيو.

هرهڪ ڪلاس ۾ 40 شاگرد هئا. منهنجي پيءُ جي ڪلاس ۾ سيني شاگردن فيصلو ڪيو ته اسڪول ڇڏي واسواڻي هاءِ اسڪول جو ڪئمپ نمبر 2 ۾ هو جتي هنن جو ماستر لالچنداڻي ويو هو، اُن ۾ داخلا وٺن.

اسڪول گهر کان ٻن ميلن جي دوريءَ تي هو. دادا جو گهر 17 سيڪشن ڪئمپ نمبر 3 ۾ هو ۽ اسڪول ڪئمپ نمبر 2 اوٽي سيڪشن ۾.

موهن مٽائي ۽ سندس ڀيڻ ڪملا پوائي چونڪ کان، ڪملا رامناڻي ۴ نمبر ڪئمپ مان، هرگوبند ڪيسواڻي، موهن واسواڻي، موهن ڪلپنا 17 سيڪشن ڪئمپ 3 مان، موهني ڇڳاڻي هاسپيٽل ايريا مان سڀ جو سڀ جهنڊ ٺاهي ڪئمپ نمبر2 جي اوٽي سيڪشن ۾ واسواڻي اسڪول ويندا هئا. واپس موٽندي موهني ڇڳاڻيءَ جي گهر ۾ ٿورو وقت رڪجندا هئا.

سوغات حياتيءَ جي.

هڪ ڏينهن موهنيءَ جي گهر ۾ هڪ مهراج ويٺو هو، جنهنکي موهنيءَ جي ماءُ پنهنجو هٿ پئي ڏيکاريو. منهنجي پيءُ جو جيتوڻيڪ انهن ڳالهين ۾ وشواس ڪونه هو، تڏهن به هن ڀين سان گڏ هنکي پنهنجو هٿ ڏيکاريو.

موهنيءَ چڱاٽيءَ جي رڙين ڪندي واپس اچڻ تي معاملي جي ڄاڻ پيئي ته موهن ۽ منهنجي پيءُ جو خون ٽهڪي اٿيو. دادلاٽي پاڻن جي پٽيان پيا. هڻي پائريهجي ويا. ٿوريءَ ئي دير ۾ هڻي پائرات ڏهه غوندا پاڻسان گڏ وٺي آيا ۽ موهنيءَ جي گهر تي حملو ڪرڻ لڳا.

موهن ۽ منهنجي پيءُ کان ڏٺو ته ٿيو، سنگهه ۾ لاٺي هلائڻ ته سکيا هئا. موهنيءَ جي گهر جي ٻاهران ٻه لٺيون رکيون هيون. هريش ته ڪمري اندر هليو ويو. موهن ۽ منهنجو پيءُ غنڊن سان لڙندا رهيا. ڪنهنجي ٽنگ ڀڳي ته ڪنهنجي ٻانهن، ڪنهنجو مٿو ڦاٽو ته ڪنهنجي ڪمر.

موهن جي هٿن مان لٺ اڏامي وڃي پريان پيئي ھو گوڏن ۾ منهن لڪائي ويهي رهيو. منهنجي پيءُ جي مٿي ۾ ڪنهن لوهي شيءِ سان حملو ڪيو ۽ هو گولاٽي کائي پرسان سامان سان ڀريل بيٺل ٽرڪ جي هيٺان وڃي پيو.

جڏهن هن کي هوش آيو ته هريش هنکي سائيڪل ڏيندي چيو، ”وڃ وڃي سوبم سيوکن کي وٺي اچ.“

منهنجو پيءُ مٿي مان رت وهائيندو سائيڪل تي ڪئمپ نمبر 2 مان منگهي ٽاڏل واري ۽ ٻين سوبم سيوکن کي ڪوٺي آيو.

جيئن ئي واپس آيو بيهوش ٿي ڪري پيو ۽ جڏهن هنجون اکيون کليون ته هو ڪلياڻ جي اسپتال ۾ هو ۽ ڊاڪٽر هن جي مٿي جي زخم کي ٽاڪا ڏيئي رهيو هو. منهنجي ڏاڏي ۽ ڏاڏو هنجي پڙ ۾ بيٺا هئا.

ڪلياڻ اسپتال مان ٻنهي کي ٽاٽا اسپتال ۾ موڪليو ويو هو. ٻئي ڇهه هفتا ٽاٽا اسپتال ۾ هئا جتي هڪ نه ٻئي ڏينهن ڪملا مٿائي ۽ موهني چڱاٽي ساڃي گيهه ۾ ٺهيل ڪُٽي ۽ کيرني ڪٽي ايندي هيون

پرچارڪ بڻجي آيو. منهنجو پيءُ به ڪيترا ڏينهن ڪراچيءَ جي شاخا ۾ ويندڙ هو. موهن ڪلپنا سان گڏ هن پڻ ڪئمپ نمبر 3 ۾ سنگهه جي شاخا ۾ وڃڻ شروع ڪيو.

منهنجي پيءُ جي ساڳيءَ بئريڪ ۾ پرلاهد آڏواڻي به رهندو هو، هنجي گهر ۾ سنگهه جا پرچارڪ جيئن ته حشو آڏواڻي، جهمتمل واڌواڻي، ڪشن ماتا، چترسال، پريداس ۽ ٻيا ڪيترا هميشهه ايندا ويندا هئا. ڪلپنا ۽ منهنجي پيءُ کي هنن جي ويجهو اچڻ جو موقعو ملندو رهيو.

1949-1950 ۾ گروجي گولولڪر جو ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اچڻ جو پروگرام رکيو ويو، هن مهل تائين منهنجو پيءُ ۽ موهن ڪلپنا سنگهه جا چاتل ساچاتل ۽ پيارا سويم سيوڪ بڻجي چڪا هئا.

گرو گولولڪر جي ڪئمپ ۾ اچڻ وقت موهن ڪلپنا ۽ منهنجي پيءُ تي گروجيءَ کي ڪئمپ نمبر 2 جي آزاد ميدان ۾ تاهيل منچ تائين وٺي اچڻ جي جوابداري ڏني ويئي.

اچانڪ نريندر ڪمار کي آگرا لاءِ وڃڻو پيو. هنجي جاءِ تي رمنلال بوڊا آيو.

هن جي ڏينهن ۾ هڪ حادثو ٿيو، موهني چڱاٽي گهر پنئي بدلايو، اها عالم آشڪار ڳالهه آهي ته ڪلياڻ ڪئمپ ۾ ضروري حاج ڪرڻ جون سهوليتون رهڻ جي بئرڪن کان ڪافي پريان هيون.

شام جو وقت هو، موهني تنهن وقت ضروري حاج لاءِ وڃي رهي هئي. هنجي پاسي ۾ دادلاٽي يائر رهندا هئا. ٻئي يائر ڪنوارا هئا هنن موهنيءَ جو پيڇو ڪيو، موهني رڙيون ڪندي ڊوڙندي گهر طرف آئي، روز جي نيم موجب موهن ۽ منهنجو پيءُ موهنيءَ جي ماسات هريش ٻاجلاڻيءَ کي گڏ ڪري پوائي چونڪ جي شاخا ۾ ويندا هئا.

تي هٿ رکي چيو. ''تون اهڙو مهان آهين مونکي ڇاڻ ڪونہ هئي مان تو اڳيان پنهنجو سر تو جهڪايان.''

پرڳڻن جي تسليميءَ جو ائڪٽ 1956 ۾ پرڳڻن جي حدن کي ٻولين جي حساب سان پارليامينٽ ۾ پيش ڪيو ويو هو. ممبئي پرڳڻو هن ائڪٽ موجب ٻڻايو ويو. جنهن ۾ چئن ٻولين جون ايراضيون پئي آيون. اُهي هيون مرهٽي، گجراتي، ڪڇي ۽ ڪونڪڻي.

سميڪت مهاراشٽرا سمتي بمبئي کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ لاءِ هلچل ۾ اڳري هئي. بمبئي ۽ گجرات هن ائڪٽ جي آڌار تي ٻڻايا ويا جو 25 اپريل 1960 پارليامينٽ ۾ پاس ٿيو ۽ پهرين مئي تي لاڳو ٿيو هن ڏينهن کي مهاراشٽر ڏينهن ڪري ملهايو ويندو آهي. تنهن وقت مهاراشٽر جو مکيہ منتري هو مرارجي ديسائي. گجراتين ۽ مرهٽن وچ ۾ نفاق پيدا ٿي ويو. گجراتين پنهنجو گجرات ٺاهيو ۽ مرهٽن مهاراشٽر. سوال اُٿيو ممبئي ڪنهنجي ٿئي. گجراتين کي ممبئي کپندي هئي ۽ مرهٽن کي بہ ممبئي کپندي هئي. ساڳي مهاراشٽر ۾ 'ممبئي هماڳي' آندولن شروع ٿي ويو. ممبئيءَ جي فلورا فائونٽن تي جلوس نڪتو جنهن ۾ منهنجو دادا بہ شامل ٿيو. پوليس جلوس کي ڇڙ وڇڙ ڪرڻ لاءِ ڳوڙهن آڻڻ جي گئس جي بمن جو استعمال ڪيو. هڪ بم جيئن منهنجي دادا ڏانهن پئي آيو هن اُن بم کي جهٽي واپس پوليس جي طرف ڦٽو ڪيو ۽ پوليس جو هڪ حصو ٽتر بتر ٿي ويو.

پوليس لاٺي بازي ڪرڻ شروع ڪئي. پٿر بازي بہ شروع ٿي ويئي هڪ پٿر منهنجي دادا جي مٿي ۾ لڳو ۽ هو زخمي ٿي پيو. رت ڳاڙيندو سنڌو نگر پهتو جتي هنجي ملم پٽي موهني واسواڻيءَ ڪئي. تنهن وقت اڃان هننجي شادي نہ ٿي هئي.

هيون جي پاسي ۾ ويٺل منهنجي ڏاڏي ڀنهي کي پيار ڀريل هٿن سان ڪارائيندي هئي.

پنهنجي عادت موجب موهن اسپتال ۾ به هڪ نرس سان ناتو جوڙي ڇڏيو. هنجو نالو هو مسز بينجامن. هوءَ شادي ڪيل هئي شادي ڪيل نه هجي ها ته موهن وري پيار ڪري وهي ها ۽ هڪ پيو سبب ڪيس ملي وڃي ها. 'هاءِ منهنجي زخمي ويچاري دل' جو گيت ڳائڻ جو.

مٿئين حادثي ڪانپوءِ ۽ رمنلال بوڙا جي بيرخيءَ جي وهنوار ڪري ڪيترا سويم سيوڪ شاخائون ڇڏي ويا ۽ سنگهه جون ڪيتريون شاخائون بند ٿي ويئون.

سنگهه جي شاخائن جي بند ٿيڻ ڪانپوءِ موهن ۽ منهنجي دادا جو لاڙو ساهتيه ڏانهن وڌڻ لڳو. نارائڻ پارتي ته اڳ ۾ ئي لوڪ ساهتيه ۾ رچي رڪندڙ هو. هو دادا رام پنجواڻي، ارجن شاد، گوبند مالهي ۽ ٻين ڪيترن کي سڃاڻندو هو. پوائي چونڪ سان ناتي هئڻ ڪري ايشور آنچل سان به هنن جي واقفيت هئي.

تنهن وقت شرتچندر جي ساهتيه جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيڻ لڳو هو ۽ ڇپجڻ پڻ لڳو هو. گني سامتاڻيءَ جي لکڻي ته ڄڻ شرت جي لکڻيءَ جي ڪاربان ڪاپي ٿيندي پئي ويئي. منهنجو دادا تنهن وقت شرتچندر جو لکيل سويساچي پڙهي پورو ڪيو هو. دادا انقلابي طبعيت جو ته هو ئي، مٿان سويساچي پڙهڻ سان هن ۾ هڪ عجب اٿل پٿل مچي ويئي. هڪ رات جو منهنجو دادا ۽ نارائڻ پارتي رات جو دير تائين ڪئمپ نمبر پهرين ۾ بحث ڪندا گهمندا رهيا. ته دادا پارتيءَ کي انقلاب تي هڪ وڏو ليڪچر ڏنو. پارتي ان ليڪچر سان ايترو ته متاثر ٿيو جو شرڌا وچان هن دادا جي پيرن

ٻه ڪيائون پرهڻ جي ڪنهن ٻه نه ٻڌي.

موهن ڪلپنا سان گڏ منهنجو دادا ٻه زخمي ٿيو.

تورن ڏينهن ۾ جيئن ئي پوليس جو پهرو اُن الهاس نگر جي رڪيل پٽر تان هٽيو، ماڻهن اهو پٽر اُکوري ڇڏيو.

اُن وقت کان اڄ ڏينهن تائين اها سنڌو نگر جي گهرپوري نه ٿي آهي. تنهن وقت پنهنجي ڪئمپن جي آدمشماري اٽڪل هڪ لک هئي ۽ سؤ فيصدي سنڌي هئا. اڄ ٻڌڻ ۾ ٿو اچي آدمشماري پنج لک آهي ۽ سنڌي ۽ غيرسنڌي اڌو اڌ آهن.

الُهاس نگر سرڪاري طور هر طرح سان ڪم آندو ويندو آهي، پر سنڌين لاءِ اهو سنڌو نگر آهي جو الُهاس نگر سان گڏو گڏ هلندو پيو اچي.

سنڌو نگر ۾ لوڪل بورڊ جون چونڊون ٿيون جنهن ۾ ٻين پارٽين جي ميمبرن ڪانسواءِ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي طرفان صوبراج پرسواڻي ٻه چونڊن ۾ لڙيو پر هارائي ويٺو. ترقي پسندن تمام گ هٺي ڪوشش ڪئي هنکي کٽائڻ جي پر ڪامياب نه ٿيا.

اُنهن ئي ڏينهن ۾ منهنجو دادا ۽ موهن ڪلپنا ڪيرت ٻاٻاڻي، سلامت پرسواڻي، سخاوت پرسواڻي، ڦتن پرسواڻي ۽ ٻين جي ويجهو آيا.

دادا کي هڪ ٻيانين ٺاهڻ جو سانچو ملي ويو. هن پنهنجي گهر جي ٻاٿ روم ۾ ٻيانيون ٺاهڻ شروع ڪيون جنهن مان هنجو ۽ هنجي دوستن جو ئي نه صوبراج پرسواڻيءَ جي اليڪشن جو ڪي قدر خرچ ٿيندو رهيو. هڪ ڏينهن منهنجي ڏاڏي کي اُن سانچي جي خبر پئجي ويئي ۽ هن اهو سانچو ٻاهر اُڇلائي ڇڏيو.

تنهن وقت ترقي پسنديءَ جو دور هو، اردو ساهتيه اُن ترقي پسند دور ۾ اڳڙو هو، جنهنجو اثر سنڌي ساهتيه تي ٻه ٿيڻ لڳو.

ورق هڪ نئين دور جو.

ديش جي ورهاڱي ڪانپوءِ هڪ پڌڪيل جهنڊ ليڪڪن جو ڀارت جي الڳ الڳ حصن ۾ وڃي وسڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. ڪن ڀارت جي راڄڌاني دهلي وسائي ته ڪن ممبئي. ڪي ڀوپال هليا ويا، ڪي اجمير، احمداباد، جئپور ۽ ڪي الُها سنگر عرف سندو نگر وڃي پنهنجي لاءِ جياپي جو ڪو ساڌن ڳولهڻ لڳا. ڪنڪي ننڍيون ته ڪنڪي سندن لائقيءَ موجب نوڪريون ملي ويون.

سنڌ ۾ جنهنجا ڪاليج هئا تن ڀارت ۾ اچي ڪاليج کوليا. جن جا اسڪول هئا انهن اسڪول کوليا. ڌنڌي واپار وارن پنهنجا پنهنجا ڪم شروع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پونجي نه هئڻ ڪرڻ دڪان ته سڀ وٺي نه سگهيا جي دڪان نه وٺي سگهيا انهن فٽ پاٿن تي پنهنجا دڪان کولي ڇڏيا. راڄنيتي سنڌي اڳوان پنهنجي لاءِ وزيري وٺڻ لاءِ ڀڄ ڊوڙ ڪري رهيا هئا. سرڪار وٽ پيدا ٿيل حالتن لاءِ نه دوانديشي هئي نه ڪوئي ڪارگر حل. سواءِ ملٽريءَ جون ڇڏي ويل ٻيڪل بئرڪون. 8 آگسٽ 1949 تي تنهن وقت جي ڀارت جي گورنر شري راجگوپال آچاريه الُهاس نگر نالي جو پٿر استاپت ڪرڻ ڪئمپ نمبر ٢ جي ڊيلي گرافڪ ڪلب ۾ آيو، جتي ڪئمپ جا هزارين ماڻهو ڪٺا ٿيا. جي ڪانگريسي هئا اُهي هن سان گڏ ويٺل نظر پئي آيا.

پر جنتا مان ڪوبه اُن الُهاس نگر نالي رکڻ لاءِ راضي ڪونه هو.

راجگوپال آچاريه جي ڪرسيءَ تي وهڻ سان ئي عام جنتا نعرا هڻڻ شروع ڪيا، ”اسانکي الُهاس نگر نه کپي، سندو نگر کپي.“ پر جنتا جي ڪنهن به نه ٻڌي، پوليس گهرائي ويئي، لاٺيبازي ڪرائي ويئي.

جنتا لڙي، لٺيون کاڌيون، زخمي ٿيا، پوليس تي پٿرن سان وار

اُن وقت دادا ايم يو ملڪاڻيءَ جي اڳوانيءَ هيٺ پيڊر روڊ تي هلندڙ جئه هند ڪاليج جي هاسٽل ۾ ادبي ڪلاس شروع ٿيو. جنهن ۾ مقبول، شروعاتي ۽ اُڀرندڙ ليکڪن سان گڏ، امرلال هنڱوراڻي ليکراج عزيز، آسانند مامتورا، پرسرام ضيا، لالچند امر ڏنومل، رام پنجواڻي، جهمٽمل ياوناڻي، اچڻ لڳا جتي ليکڪ پنهنجون لکڻيون اچي پڙهندا هئا. جنهن تي خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي هئي ۽ ليکڪ کي جوڙجڪي صلاح ڏني ويندي هئي ته پنهنجي لکڻي ڪيئن بهتر بڻائي. ادبي ڪلاس ڪيترا نوان ليکڪ پيدا ڪيا. جيئن ته موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي، راج ڏاسواڻي، برج موهن شيام جئسنگهاڻي، هري پنڪلج، ڪلا پرڪاش، هرچند اجهل، گوپال ٺڪر، موهن گهاڻي ۽ ٻيا ڪيترا جن مان ڪي ادب جي سطح تي اُڀري آيا ۽ ڪن پنهنجي ڪوشش کي تاڪ تي رکي ڇڏيو.

جيڪي ليکڪ سنڌ ۾ ئي لکندا هئا، انهن کي ادبي ڪلاس وڏيڪ پائدار بڻايو. جي هئا گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، سندري اُتمچنداڻي، موتي پرڪاش، ارجن شاد، ايشور آنچل، ڪرشن راهي، آنند گولاڻي ۽ ڪيترا ٻيا.

پوپٽي هيرانانداڻي گهڻو ڪري هندواسيءَ ۾ لکندڙ ليکڪا هئي، هندواسي ادبي مگزن نه ليکي ويندي هئي جنهنڪري پوپٽي پڻ ادبي ليکڪن ۾ شمار نه ڪئي ويندي هئي. پر پوءِ ڪافي عرصي بعد هوءَ هڪ پڪي ليکڪا ليکي وئي.

ادبي ڪلاس سان گڏ ترقي پسندن نئين دنيا مگزن جا ڪلاس به شروع ڪيا.

انهن ڪلاسن جي شاخا سنڌو نگر ۾ به کلي جا هاسو داگيا هلائيندو هو. هنن ڪلاسن ۾ نئين دنيا ۾ ڇپيل ليکن تي مارڪسوادي

سنڌين جا ٣ ساهتڪ مدبر گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ اي جي اُتم ترقي پسند هلچل جا اڳوان بڻجي پيا. چون ٿا اُتم ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر هو يا پوءِ ٿيو، مطلب هنجو لاڙو ڪميونسٽ پارٽيءَ ڏانهن ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ گوبند ماليءَ کان وڌيڪ هو. اُتم ڪٽر ڪميونسٽ هو، ڪيرت ٻاٻاڻي ڪي قدر واجبي ۽ گوبند مالهي نرم ڌر وارو...

اهڙين نراشاواڌي حالتن جي وچ ممبئيءَ ۾ هڪ جوت جلي، گوبند پنجابي ڪراچيءَ ۾ نئي دنيا ساهتڪ مهواري ڪيندو هئو، پوءِ گوبند مالهيءَ کي سمپادڪي ڏني. هندستان ۾ اچڻ ڪانپوءِ بهاري چاپريا گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، اي جي اُتم ڪي ڪوشي نئي دنيا وري چالو ڪرڻ جي رٿا رکي. لڇمڻ راجپال جوابداري کنئي ۽ ائين سنڌي ساهتيہ ۾ هڪ ترقي پسند دور جي شروعات ٿي ويئي.

ترقي پسندين جو سڌيءَ طرح يا اڻسڌي طور ديش جي مارڪسوادي پارٽيءَ سان واسطو هو. سنڌي جوانن جي دلين ۾ حالتن مان پيدا ٿيل آڪروش هو. ترقي پسنديءَ جي سوچ صحيح وقت سنڌي جوانن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي پاڻ سان گڏي ڇڏيو. پوءِ تہ ٿوري ئي عرصي ۾ ترقي پسند قافلو وڌندو ويو. هن قافلي سان گڏ گهڻو ڪري ليکڪ هئا. ڪي اهڙا بہ هئا جن ليکڪ بڻجڻ پئي چاهيو.

ڪميونسٽ پارٽي کليءَ طور پنهنجي هلچل هلائي نہ پئي سگهي، انڪري هو ساهتڪ ۽ سيپتڪ نقاب پائي پنهنجي هلچل هلائيندا رهيا.

ترقي پسند هلچل ۾ عام ماڻهن جي حالتن جو خاڪو، سماج جي تصوير ۽ سرڪار سان حقن جي لڙائيءَ جي نعاري بازيءَ جوانن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي هڪ نئين هلچل پيدا ڪئي.

مڪيش کي ڪلياڻ ڪئمپ ۾ وٺي آيو ۽ پئرامائونٽ ٽاڪيز ٣ نمبر ۾ هڪ شاندار سيپيتڪ پروگرام رکيو ويو.

هن پروگرام ۾ داس طالب پنهنجو ننڍو ناٽڪ 'مسٽرلبرٽي' پيش ڪيو. داس طالب پارٽ جي ورهاڱي کانپوءِ دادا ايم يو ملڪاڻيءَ کان پوءِ ٻيو ناٽڪ نويس هو جنهن ايڪانڪين تي پنهنجو قلم آزمايو.

'مسٽرلبرٽيءَ' ۾ فقط ٻه ڪلاڪار هئا داس طالب ۽ تنهن وقت جو بلراج دت، جو پوءِ سنيل دت جي نالي سان هندي فلمن جو نرماتا هدايتڪار ۽ ڪلاڪار ٿي رهيو.

هن پروگرام ۾ ڪي سي موهن، لالڻ صوفي ۽ رام ناواڻي پهريون دفعو منهنجي دادا جي طرفان پيش ڪيا ويا شوو رامناڻي ته گائڪ هوئي. اها 'سنڌي يوٿ سرڪل' به گهڻو وقت نه هلي.

سنڌي يوٿ سرڪل جي بند ٿيڻ کانپوءِ شوي رامناڻيءَ لوڪ سرجو پايو وڌو، جنهن ۾ موهن چاپڙيا، هيرو چاولا، ڀڳوان چاولا، رتنپال ديوداس ۽ ٻيا شامو هئا. ڀڳوان چاولا ڀڳت جي مشق پڇائي.

سنڌو نگر جي ليکڪن جهڙوڪ ايشور آنچل، سڳن آهوجا، پرسرام ضيا، موهن ڪلپنا راهي، راج ڏاسواڻي، گنو سامتاڻي، ٿڌن پرسواڻي، ايم سڳن ۽ ٻين رائيٽرس گلڊ ٺاهي جنهنجي طرفان فيصلو ڪيو ويو ته ڪو به ليکڪ پنهنجي لکڻي بنان اُجوري وٺڻ کانسوءِ ڪنهن به ڇپائيندڙ کي نه ڏيندو.

جڳت آڏواڻي پهريون پبلشر هو جنهن عيوضو ڏيڻ شروع ڪيو.

ممبئيءَ ۾ ساهتڪ سرگرمين سان گڏ سيپيتڪ سرگرميون به وڌنديون ويئون. ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي، اُتم سان گڏ ٻين ترقي پسندن ليکڪن هڪ هفتيوار اخبار 'سنڌو ڌارا' ڪڍڻ لاءِ هڪ ميٽنگ ڪوٺائي، جنهن جي صدارت دادا رام جيٺملاڻيءَ ڪئي

نقط نگاھ کان بحث ٿيندو ھو. ڪلاس ۾ ڦتن پرسواڻي، ايم سڳن، هيرو چاولا. موهني چاولا سان گڏ موهن ڪلپنا ۽ منھنجو دادا به وچڻ لڳا پر اُھو ڪلاس گھڻو وقت نہ هليو.

اپٽا 'انڊين پيپلس ٿئيٽر' جي هڪ شاخ 'يوٿ ليگ' جنھنجو پريزيڊنٽ راج ڪپور فلم انڊسٽريءَ جو مشھور هيرو ھو. 'يوٿ ليگ' جي طرفان سنڌونگر ۾ پڻ 'سنڌي يوٿ ليگ' نالي هيٺ هڪ سنستا شروع ڪئي ويئي. هن ليگ ۾ مکيہ ڪم ڪندڙ هئا منھنجو دادا. موهن ڪلپنا. ڦتن پرسواڻي، سڳن مولچنداڻي، گھنشيام پمناڻي ۽ ٻيا.

پھريون پروگرام هن ليگ طرفان سنڌونگر جي ريجنٽ ٽاڪيز ۾ ڪيو ويو جنھن ۾ بلراج ساهني تنھن وقت جي مشھور ۽ ڪامياب فلم 'هم لوگ' جو هيرو چيف گيسٽ جي حيثيت ۾ شامل ٿيو. پروگرام ۾ تنھن وقت جون ڳائيندڙ ڪملا چڳاڻي ۽ سرلا ملڪاڻيءَ به ڀاڱ ورتو. ڪملا چڳاڻي هوندراج دکايل جا گيت ڳائيندي هئي، ۽ سرلا ملڪاڻي فلمن جا گانا. ٻيا ڪلاڪار جن پنھنجو پروگرام ڏنو آهي سنڌونگر جا ئي ڪلاڪار هئا.

ڦتن پرسواڻي ۽ ايم سڳن چاهيو پئي تہ 'سنڌي يوٿ ليگ' تي ڪميونسٽ خيالات جو پورو اثر رهي، جا ڳالھہ منھنجي دادا ۽ موهن ڪلپنا کي منظور نہ هئي ۽ 'سنڌي يوٿ ليگ' بدلجي 'سنڌي يوٿ سرڪل' بڻجي ويئي.

'سنڌي يوٿ سرڪل' جا نوان بانيڪار هئا. منھنجو دادا. موهن ڪلپنا. گھنشيام پمناڻي ۽ ٻيا.

پريم لالا موهن ڪلپنا جو سوٽ ۽ منھنجي دادا جو دوست هو ۽ هنجا دوست هئا ڪلياڻجي آنندَجي، مڪيش وغيره.

منھنجي دادا جي چوڻ تي پريم لالا ڪلياڻجي آنندجي ۽

لاءِ تيار ٿيو ترقي پسندن جي نئين دنيا اُتم جي آخرين ڏينهن تائين هلندي رهي.

موهن ڪلپنا، گني سامتاڻيءَ ۽ منهنجي دادا جي سمپادڪيءَ ۾ ڪونج پبليڪيشن هلائي ويئي. جنهن جا ٢ اشوس نڪتا جن ڪافي سنڌي ساهتڪ هلچل ۾ ڪافي دهلڪو مچايو جو ڪي قدر ترقي پسندن کي راس نہ آيو. ڪونج جا ٽيئي سمپادڪ سرڪاري نوڪريءَ ۾ هئا، موهن ڪلپنا ۽ منهنجو دادا ريلوي ۾ هئا ۽ گنو سامتاڻي سيڪريٽريٽ ۾ جنهن کري هنن مگزن جو ڊڪلريشن هري موٽواڻي جي نالي ۾ ڪيايو. هري موٽواڻي جيوت چاولا جي ڪافي ويجهو هو، جنهن جي زور بار تي اُن ڊڪلريشن جو فائدو وٺي هري ڪونج ڦپائي ڇڏي ۽ پنهنجي حياتيءَ جي آخر تائين ڪاميابيءَ سان هلائيندو رهيو. اصل ۾ هو تہ پڪوڙائي پرپوءِ ليکڪ بڻجي پيو.

سنڌو نگر مان، چيتانند ۽ سُشيلا لالواڻيءَ جي پارت جيون ۽ فلمستان هنن جي گذري وڃڻ کان پوءِ بند ٿي ويئي، منهنجي دادا جي ميرج ساهتيہ مالها ڪجهہ سال بند رهڻ کانپوءِ وري شروع ٿي ويئي آهي ۽ ديال آهوجا جي پريات ساهتيہ مالها گهڻا ڏينهن نہ هلي.

پوني مان نرگس مگزن نڪرندي هئي جنهنجو سمپادڪ هو تيلج پارواڻي، پاڻ ليکڪ ڪونہ هو پر هنجو ياءُ مولو پارواڻي ليکڪ هو نرگس فلمي مگزن هئي. ڪافي سال هلي ڪڏهن بند ٿي خبر بہ ڪونہ پيئي. مولو 'ايم پي' جي نالي سان لکندو هو. هن هڪ ڪهاڻي منهنجي دادا تي پڻ لکي هئي 'اکر نہ پوڙي'.

ايم پي جڏهن سنڌو نگر ۾ ايندو هو تہ رات رات پڙ موهن ڪلپنا ۽ منهنجي دادا سان ٽئين نمبر ڪئمپ کان پوائي چونڪ ڏانهن ويندڙ رستي تي الهاس نديءَ جي مٿان ٺهيل پل تي ويهي بحث ڪندا هئا.

سيڪريٽري دادا ڪيرت ٻاٻاڻيءَ کي چونڊيو ويو. فيصلو ڪيو ويو ته سنڌو پبلشنگ هائوس ٺاهي اُن جي طرفان سنڌو ڌارا ڪڍي وڃي جنهن لاءِ هرهڪ حمايتي هڪ سؤ رپيا ڪڍي هن نئين قدم لاءِ جيڪي اڳيان وڌيا اُهي هئا. اين ايڇ ناگراڻي، ڏرمداس ڪتري، ڪرشن کٽواڻي، پوپٽي هيرانندڻي، سدانند ٽولاڻي، ٽي ٽي واڌواڻي، ٿهلرام آزاد ۽ ممبئيءَ کان ٻاهر اٽڪل سؤ کن ميمبر ٿيا.

اها ڪوشش نئين هئي ۽ ڪافي ڪارگر ثابت ٿي. ٿوري وقت ۾ ئي لڇمڻ ساٿيءَ جئه ويرسان گڏجي سنڌو ڌارا پريس کولي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي ۽ اُتم 'سنڌو ڌارا' ماهوار. اٽڪل 12 سال هلڻ کانپوءِ سنڌو ڌارا بند ٿي ويئي.

ڪيرت ٻاٻاڻي، پوپٽي هيرانندڻي ۽ اُتم گڏجي روزاني اخبار شروع ڪئي. اُن جو به انت ڪورٽن جي ڪيسن ۽ پاڻ ۾ جهڳڙن تائين وڃي پهتو. ممبئيءَ مان جڳت آڏواڻيءَ جي ڪهاڻي پبليڪيشن، جا جڳت جي ستيه سائين بابا جي پنٿ ۾ وڃڻ تائين هلندي رهي. جيوت چاولا جي راڻي به هن جي حياتيءَ ۾ بند ٿي ويئي، بهاري ڇاٻڙيا جي نئين روشني گهڻا ڏينهن نه هلي، ڦليليءَ جو پتو به نه پيو.

نئين دنيا گوبند پنجابيءَ سنڌ ۾ شروع ڪئي هئي، اُتي ئي پوءِ نئين دنيا جون واڳوان گوبند مالهيءَ پڪڙيون.

ورهاڱي بعد لڇمڻ راجپال ۽ بهاري ڇاٻڙيا نئين دنيا هندستان ۾ وري شروع ڪئي، پر بهاري ڇاٻڙيا چيو ته پنهنجو ڪتاب گهر ۽ پنهنجي پريس هلائيندو هو نئين دنيا ڇڏڻ چاهي.

هن هڪ ميٽنگ پنهنجي مسجد بندر واري آفيس ۾ گهرائي ۽ پنهنجو نئين دنيا ڇڏڻ جو رخ ظاهر ڪيو جتي اُتم نئين دنيا هلائڻ

سنڌي لپيءَ جي صورت سنڌي قائم رهي جا پرچلت هئي. ٻيا هنا ڪانگريسي ۽ هندو خيالات رکڻ وارا. جن جو چوڻ هو تہ پرچلت لپي مسلمانڪي آهي جنهن ڪري اُها لپي بدلائي ديوناگري ڪئي وڃي جا هنن موجب ديوتائن جي لپي آهي ۽ ڀارت جون سڀ ٻوليون ديو ناگري لپيءَ ۾ آهن تنهنڪري سنڌي لاءِ بہ ديوناگري لپي اپنائي وڃي.

هڪ طرف جيرامداس دولترام جي راڄنيتڪ زوربار ۽ ٻئي طرف سنڌيت جي گهڻ گهرن جي نہ ختم ٿيندڙ هلچل جي زور ڪري ڪوبہ فيصلو نہ ٿي سگهيو ۽ ٻئي لپيون هلنديون آيون.

ٻوليءَ سان واسطو رکندڙ ڪيترين گهرجن کي سرڪار اهو چئي ٽاڙيندي رهي تہ پهرين پاڻ ۾ فيصلو ڪريو پوءِ اسان وٽ اچجو. ايترو ضرور ٿيو جو ٻين ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ کي پڻ ڪي حق ڏنا ويا. جهڙوڪ اڪادميون ۽ راشٽريہ گيت ۾ جاءِ.

اسان ۾ نہ ٻڌي ٿي سگهي ۽ نہ ڪو اهڙو اڳوان پيدا ٿيو جو سڀني کي هڪ ڌاڳي ۾ پوئي سگهي.

ٻنهي ڌرين پنهنجي ٻوليءَ ۽ لپيءَ جو ورهاڱو ڪري ڇڏيو. ملڪ جو ورهاڱو ٿيو تہ اسانکي چيو ويو اها اسانجي بدقسمتي هئي. پر اسانجي ٻوليءَ ۽ لپيءَ جي ورهاڱي لاءِ اسان خود ذميوار ٿي وياسين.

نتيجو اسان اڳيان آهي. نہ اُهي رسالا رهيا نہ رسالن ۾ لکڻ وارا. نہ انهنجي لکيتن کي پڙهڻ وارا رهيا نہ ئي ڇپائڻ وارا. هڪ ڏيئي جي وٽ وڏائي پيا وٽ وڏائين. ڏسڻو آهي ڪيستائين ٿي اها وٽ هلي ۽ ڪيستائين اُن ڏيئي جي لُئہ ٿي زنده رهي.

ادبي دور جي ماٺائي، سياسي دور جي شروعات.

گوبند مالهيءَ جو ڪنهن طرح واسطو 'اپٽا' انڊين پيپلس ٿيئٽر

عجب موضون هوندا هئا جن جو ساهتيه سان ڪوبه واسطو ڪونه هوندو هو. تانترڪ، منو وگيانڪ، آتمڪ، وغيره.

رام ڪرشن آڏواڻي جو هندستان روزانيءَ ۾ ڪم ڪندو هو. هن پڻ هڪ ڪهاڻي دادا تي لکي هئي، 'راجو بدماش' جنهن ۾ هن ڏيکاريو هو ته ڪيئن راجوءَ جي پاڙي ۾ هو هڪ وشواس جوڳو جوان آهي. هر جوان ڇوڪريءَ جي ماءُ پنهنجي جوان ڌيءَ جي شادي هن سان ٿي ڪرڻ چاهي، پر هن ۾ ڪيترين ڇوڪرين جو چاهه هجڻ ڪري هنکي بدماش جي نالي سان بدنام به ڪنديون هيون.

نارائڻ پارتيءَ سنڌ سماچار ماهواري شروع ڪئي. جا اڄ ڏينهن تائين هلي رهي آهي. ٻيون به ڪيتريون ننڍيون وڏيون پبليڪيشن نڪيون ۽ بند ٿي ويون. سنڌي پڙهندڙن جو تعداد هندستان ۾ گهٽجي وڃڻ ڪري سنڌي سماچار ڏيڻ سان گڏ سنڌيت تي ليک ڏيندڙ انگريزيءَ ۾ مئگزنون نڪرڻ لڳيون جيئن ته سندر گرسهاڻيءَ جي سنڌيت، رنجيت ٻٽاڻيءَ جي سنڌي شان، راج لالچنداڻيءَ جي سنڌڙ، هانگ ڪانگ مان ٻياند سنڌ وغيره. اُهي سڀ تماهي مگزنون آهن جي اڃان هلي رهيون آهن.

رام جوهراڻيءَ دور درشن وارن سان بندوبست ڪري هفتيوار سنڌيءَ ۾ سنڌين سان سوال جوابن جو پروگرام شروع ڪيو جنهن ۾ ساهتڪار گهٽ سنڌي ڪارخانيدار، سنڌ ورقي، ۽ مشهور واپارين سان ملاقات هوندي هئي. دور درشن تان اهو سلسلو بند ٿيو ته هن اُهي ساڳيون ملاقاتون انگريزيءَ ۾ ڇپايون. اها هڪ انوکي ڪوشش هئي.

هن مهل تائين گهڻو رور ٻوليءَ ۽ لپيءَ کي بچائڻ لاءِ ۽ پارت جي جوڙجڪ ۾ شامل ڪرڻ ۾ پئي لڳايو ويو. اُن ۾ ٻه ٻه گروپس ٿي ويا هئا. هڪ ترقي پسندن ۽ سنڌيت جي حمايت ڪندڙ جن چاهيو پئي ته

ڏوبي تلاءَ تي گوبند مالهيءَ ۽ اشوڪ ڪشوراڻيءَ جا ڪتابن جا دڪان بہ هئا. جي سنڌي پبلشرن جا ڪتاب وٺي وڪڻندا هئا. گوبند مالهيءَ پوءِ اهو دڪان ديال آهوجا کي وڪڻي ڇڏيو. گرگام روڊ تي دواڪاداس جو ڪتابن جو دڪان، سنڌو نگر ۾ ڪشنچند جو ۽ ميولسنگهہ جو هيرا بڪ اِسٽال سنڌي ڪتاب چڱي تعداد ۾ وڻندا هئا. اڄ بہ اُتي دڪان آهن پر سنڌي ڪتابن سان گڏ سنڌي ليکڪن جون گڏجاڻيون بہ ٽيڻ بند تي ويون آهن. هر هڪ رسالي جون هڪ هزار ڪاپيون ڇپجنديون هيون جي گهٽجنديون ويون.

سرڪار طرفان سنڌي ٻوليءَ کي انئين شيڊيول ۾ آڻڻ ڪانپوءِ نئشنل ڪائونسل فار پرموشن آف سنڌي لئنگويج جي شروعات ٿي جا هرهڪ سنڌي ڪتاب جون 150 ڪاپيون وٺڻ شروع ڪيون، اٽڪل ٢٠٠ ڪاپيون هرهڪ ليکڪ پنهنجن دوستن ۽ ٻين ليکڪن کي پنهنجي کيسي مان ٽپال خرچ ڪري موڪليندو آهي. هيءَ سنسٿا سرڪار جي ايڇ آر ڊي منسٽريءَ جي هيٺان ڪم ڪندي آهي جنهن ڪري هن سنسٿا تي سرڪاري ڪرمچارين جو زور وڌيڪ ۽ ادب ۽ تعليم جي شناس رکندڙن جو زور گهٽ آهي.

هن وقت هن سنسٿا کي قريبن هڪ ڪروڙ رپيا سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ڏنا ويندا آهن جن مان لڳ ڀڳ اڌ هرسال واپس ڪيا ويندا آهن. پر جي اديبن ۽ تعليمدانن جي هٿ ۾ ڪم هلي تہ هنن جا ڪيترا مسئلا جن جي هنن کي ئي ڄاڻ آهي اهي حل ٿي سگهن ٿا.

گوبند مالهي ڏاهي هٿ سان پنهنجي سينٽ سنواريندي ۽ ساڄي هٿ سان پيريءَ مان سوٽو هٽندي ٻئري کي هر ايندڙ لاءِ چانهہ جو آرڊر ڏيندو هو. پوءِ هڪ ڪوپ کي ٻن اڌن ۾ ورهائي ڇاڇڪا وٺي پيئندا هئا.

ڪلاڪار منڊل جي شروعات اُن ڏوبي تلاءُ جي پارسي

ائسوسيئيشن سان ٿيو. اُن ۾ اي ڪي هنگل، رامسنگ، هري ذريوالا (سنڄيو ڪمار) ستيندر ڪپو، رتڪ گهٽڪ به هئا. رتڪ گهٽڪ گوبند مالهيءَ جو لکيل يا ترجمو ڪيل ناٽڪ 'مسافر' به پيش ڪيو. مالهيءَ سان گڏ مدن جماڻي ۽ ايشور ناواڻي پڻ اپٽا سان جڙيل هئا.

اپٽا مان اُساهت ٿي گوبند مالهي ڪلاڪار منڊل ٺاهيو، تنهن وقت منهنجو دادا ۽ رميش چاچاڻي چرچ گيٽ تي ويسٽرن ريلوي ۾ ڪم ڪندا هئا. منهنجو دادا ته روز ڏوپهر تلاءُ تي گوبند مالهيءَ سان گڏجندو هو، جتي گهڻو ڪري ڪي ليکڪ منجهند جو هڪ پارسي ريسٽارنٽ يا ويسٽ اينڊ هوٽل جي طرفان ڏنل هڪ ڪمري ۾ گڏجندا هئا.

گوبند مالهي شطرنج ۾ افلاطون هو، تڏهن به هو پارٽ جي راڄنيتيءَ ۾ بهرو وٺي نه سگهيو. سنڌي سپيتڪ ۽ ادبي ڪيتر ۾ ئي رهيو. پيو شطرنج جو ڪلاڙي هو سڄن آهوجا. سڄن آهوجا جوانيءَ ۾ ئي اسانکي ڇڏي هليو ويو، هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ايتري ته غربت ڏٺي جو آخرين ڏينهن ۾ جڏهن هو سينٽ جارج اسپتال ۾ هو ته هن جي ڪٽنب کي هنجي علاج لاءِ به سمرٿي نه هئي. ستيش روهڙا جڏهن لنڊن ۾ اسانجي گهر ۾ رهيل هو ته ٻڌايو هئائين ته جڏهن سڄن جي ارٿي کڻي پئي ويا ته سوال اُٿيو، هن جي شمشان تائين ياترا تائين ڇا چئجي، 'رام نام سنگهه هئه' ته چئي نه پيئي سگهيا ڇو ته هو هڪ ڪٽر ڪميونسٽ هو. سو فيصلو ڪيو ويو ته شانت ۾ ئي هليو هلجي ته بهتر آهي.

جڏهن ڪوبه يارن مان ڇڏي ويندو آهي ته پريو وفا جو هڪ شعر ياد ايندو آهي، ''ڪشت ڪشالا ڪٽبا ويندا هڪ هڪ ٿي هڪ هڪ ٿي.'' پر اُنکي دادا هينئن ڏهرائيندو آهي، ''يار دوست سڀ هليا ويندا هڪ هڪ ٿي هڪ هڪ ٿي.''

ناٽڪ ۾ ڪم ڪيو.

سنڌو ڌارا اخبار ڪي قائم ڪرڻ لاءِ ڪي سي ڪاليج ۾ هڪ وندر جو پروگرام رکيو ويو. جنهن ۾ هڪ سنڌيت جو همدرد پريتم ياروائي ڪافي مددگار ثابت ٿيو. هن ڪي آصف هندي فلمن جي ڊاريڪٽر کي جنهنجي نہ وسرندڙ فلم 'مغلي اعظم هندي فلمي تواريخ ۾ نيو جو پٿر ليکيو ويندو آهي' مکيہ مهمان ڪري آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن جي نہ اچڻ ڪارڻ هنجي پتني تن ڏينهن جي مشهور فلم ڪلاڪار نگار سلطانا آئي جا آخرين تائين پروگرام ڏسندي رهي.

ڪافي سنڌي سيٺين کي گهرايو ويو هو. سيٺي کي منچ تي ويهاريو ويو ۽ شرمناڪ ڳالهہ اها هئي جو اسانجي ترقي پسند اڳوانن گلن جا هار ڪٽي هنن کي سينگاريو. اها ڳالهہ ترقي پسند جوان ٽهيءَ کي راس نہ آئي.

ڪلاڪار منڊل طرفان گستاخي معاف هڪ فصلو ننڍو ناٽڪ پيش ڪيو ويو. اُن ۾ جيتوڻيڪ ايشور ناوائي ۽ مدن جماڻي مقبول ڪلاڪار هئا. پرنگار سلطانا منهنجي دادا جي ساراهہ ڪئي ۽ چيو هيءُ ڪلاڪار تمام سياويڪ هو.

اها ڳالهہ ايشو ۽ مدن کي ياءِ نہ پيئي ۽ ڪلاڪار منڊل جو انت تي ويو. ڪلاڪار منڊل فقط سنگيت منڊلي بڻجي ويئي.

ٻڌو آڏواڻي هندي فلمن جو مشهور ڪاميڊين جو پاڻ سنڌي هو. دادا موتي پرڪاش ۽ پائو ايس پي مينگهاڻيءَ سان گڏجي 1961 ۾ سنڌو ڪلا مندر جي شروعات ڪئي. ٻيا ڪلاڪار جيڪي هنن سان گڏ هئا اُهي هئا. گيتاراج، شيلا ساجناڻي، ڪملا جهناگياڻي، بوني رتنپال، رجني تولاڻي، منو تولاڻي.

ريسٽارنٽ جي چانھه پيئندي پيرين ۾ سگريٽن مان سوٽا هڻندي ٿي.

ڀڳونتي ناواڻي ڏوڀي تلاءُ تي آسانداس سامتاڻيءَ جي اسڪول ۾ پڙهندي هئي، جتي مالهي ماستري ڪندو هو.

ڀڳونتيءَ جو هڪ دل گهريو سنڌي گيت هو، ”پيري پوندي سان چوندي سان...“ جو هوءَ تمام سريلو ڳائيندي هئي. مالهي هنجي سريلي گلي کي وڏيڪ سريلو بڻائڻ لاءِ هنکي همٿايو ۽ ڏسندي ڏسندي ڀڳونتي ناواڻي سنڌين جي ڪوئل بڻجي پيئي. اڄ به هنجا گانا گهر گهر ۾ هلندا آهن.

ڀڳونتي ناواڻي هاڻ پڪي گائڪا بڻجي ويئي هئي. هنکي به ڪلاڪار منڊل سان ساڻ ڪري ڪلاڪار منڊل جي ڪلاڪارن سان مالهي ڀارت جي ڪيترن ئي شهرن ۾ ناٽڪن ۽ سنڌي گانن جو پروگرام ڏيندو رهيو.

گوبند مالهي پنهنجن ليکڪن، ڪهاڻين، ايڪاڪين ۽ ناولن ڪري امر ته رهندو ئي، اُن کان وڌيڪ ياد رهندو سنڌي جاتيءَ کي هڪ نه وسرندڙ سريلو آواز سنڌين جي ڪوئل ڀڳونتي ناواڻيءَ جي روپ ۾ ڏيڻ لاءِ.

ڀڳونتي ناواڻي نه فقط ڀارت ۾ پر ڀارت کان ٻاهر پڻ پنهنجو سريلو آواز ڦهلايو اِن سڀ جو شرف گوبند مالهيءَ کي آهي.

سنڌي سنگيت ۽ ڊراما جو ته پرچار ٿيندو رهيو پر سنڌي ٻولي ۽ سنڌي لپي نه بچي سگهي.

ڪلاڪار منڊل سان واسطو رکندڙ ڪلاڪار هئا، ايشور ناواڻي، مدن جماڻي، راج ڏاسواڻي، گيتاراج، رميش چاچاڻي، نند ناواڻي، وقت به وقت ڪم ڪندڙ ڪلاڪار هئا، ڪرشن راهي، موهن ڪلپنا، لوڪناٿ جيٽلي. ڀڳونتي ناواڻيءَ به هڪ دفعو هڪ

سڪون لاهڻ لڳو ۽ ديس پرديس دورا ڪيا.

دادا پنجواڻيءَ جي سنڌي سيٽين تي سٺي پڪڙ هئي، هنن جي مدد سان دادا ممبئيءَ جي سانتاڪروز ۾ هڪ نگلو خريد ڪري اُن ۾ سيتا سنڌو ڀون برپا ڪيو. جو سنڌين جو سپيتڪ ڪيندر بڻجي پيو. هن سنڌو ڪيندر ۾ نه فقط ڪيترين ناٽڪ منڊلين مفت ۾ ريهرسل ڪرڻ شروع ڪئي پر هر ٻئي هفتي ۽ پوءِ هر مهني سپيتڪ پروگرام به ٿيندا رهيا. دادا رام پنجواڻيءَ ڪانپوءِ ناڪر ۽ سندس شريمتي پارو اڄ تائين ميلا لڳائيندا آهن.

نئون آڪيڙو

1958 ۾ شاديءَ ڪانپوءِ سنڌونگر چڙي دادا ري روڊ تي اچي رهيو جتي موتي پرڪاش ۽ ڪلا پرڪاش رهندا هئا.

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي مدد سان مڪاني چيمبرس ۾ هڪ روم مسواڙ تي مليو هوس، جنهن لاءِ هن منهنجي ماءُ جا ڳهڻا ڪيرت جي هڪ دوست وٽ گروي رکي اُن روم لاءِ 900 رپيا پڳڙي ڀري هئي. جنهن لاءِ هر مهني 90 رپيا قسط ڀريندو هو.

دادا جي تنهن وقت ريلوي جي نوڪري هئي ۽ سندس پگهار هئي صرف 142 رپيا. باقي بچيل 52 رپين مان منهنجي ماءُ ڪيئن گهر هلائيند هئي اها هڪ رهسيمئہ ڳالهہ هئي.

منهنجي ماءُ گيتا جي هٿن ۾ برڪت هئي، جيتوڻيڪ دادا. نوڪريءَ کان سواءِ، جاب پرنٽنگ، پني جو پريسن کي سپلاءِ، چانهہ جي وڪري ۽ فلم اسٽوڊيو ۾ وچي ڊائلاگ لکڻ جو ڪم ڪندو هو.

ممي ۽ دادا ٻئي سنڌي ريڊيو تي ڊراما ڪلاڪار هئڻ ڪري ڪين اتان به عيوضو ملندو هو. اهڙيءَ طرح گهر جو خرچ هلندو ايندو هو.

موتي ۽ ڪلا ساڳيءَ بلڊنگ ۾، ساڳئي ماڙي تي بلڪل سامهون

ڇاڻ ملي تہ دهليءَ ۾ ابراهيم الڪازيءَ جي نگرانيءَ ۾
’National School of Drama & Theatre Institute Delhi’

3 سالن جو ناٽڪ جي هرهڪ شاخ ۾ سکيا ڏني ويندي آهي. دادا جي زور ڀرڻ تي رميش ڇاڄاڻي اُن سکيا جو فائدو وٺڻ دهليءَ روانو ٿيو. رميش ڪانسواءِ سنڌين مان هڪ ٻيو اسانجو دوست آنند مٽائي، ناٽڪي ڪلا ۾ لائيٽننگ جو ڪورس پاس ڪري آيو.

رميش دهليءَ مان سکيا پائڻ ڪانپوءِ سنڌو آرٽس ٿئيٽر شروع ڪيو. هن سان گڏ ٻيا ڪلاڪار هئا. مدن جماڻي، گيتا راج، شيلا ساجناڻي، پريم لالا، موهن بيلاڻي، منو گيهاڻي، پشپا گيهاڻي ۽ ٻيا. هو پنهنجي زندگيءَ جي آخرين ڏينهن تائين سنڌو آرٽس ٿئيٽر کي قائم رکي ويٺو.

سنڌي رنگہ منچ تي گهڻو ڪري ترجما ڪيل ناٽڪ ئي پيش ڪيا ويا سواءِ موتي پرڪاش جو لکيل ۽ ڊائريڪٽ ڪيل ”رات هڪ طوفان جي“ جنهن تي پوءِ سنڌيءَ ۾ فلم بہ نڪتي ۽ گوبند ڀارتيءَ جو لکيل ”ڀڳريل گهر“. گوبند مالهيءَ سندس لکيل فقط ايڪانڪيون ئي رنگ منچ تي پيش ڪيون.

رميش ڇاڄاڻيءَ جي وفات ڪانپوءِ هنجو ناٽي نرنجن آسناڻي جو خود پاڻ هڪ مقبول ناٽڪ نويس آهي، پنهنجي زال جيا ۽ پٽ ڪپل سميت رميش ڇاڄاڻيءَ جي نقش قدمن تي هلي رهيا آهن.

دادا پنجواڻي ڪنور ڀڳت وانگر ڀڳت وجهندو هو. ڪنهن عرصي تائين فقط دادا پنجواڻي ئي هو جو ڀڳت وجهندو هو. آهستي آهستي سنڌين جي اِها ڪلا هندستان جي ٻين شهرن ۾ پڻ ڦهلجڻ لڳي، اجمير، احمداباد، ڀوپال، جئپور وغيره شهرن ۾ ڪيترا ڀڳت نڪري نروار ٿيا. ممبئيءَ ۾ ڀڳوان چاولا دادا رام پنجواڻيءَ جون

ليڪ جي هر لحاظ کان همت افضائي ڪندو هو.

اهو پروگرام موتي پرڪاش ڏبئي وڃڻ تائين هلائيندو رهيو، هن جي وڃڻ کانپوءِ ارجن شاد ۽ ڪي سي موهن اُهو پروگرام هلائيندا رهيا ۽ آخر ۾ ڪڏهن بند ٿي ويو خبر نہ اٿم. اچانڪ خبر ملي هئي تہ موهن چاپڙيا جو موٽر سائيڪل هلائيندي ائڪسيڊنٽ ٿي ويو ۽ هنجو دهانت ٿيو. اهڙو بي موقعي موت ٺهلرام آزاد جو بہ ٿيو هو.

1959 ۾ گهر ۾ هڪ ننڍينءَ آتما پرويش ڪيو. اُميش ۽ ڪن هفتن کانپوءِ موتي ۽ ڪلا کي شريڪانت چائو ٻنهي جي گهر ۾ بہ ننڍڙا ٻار ڪيليندي ڪيليندي وڏا ٿيندا ويا. 1960 ۾ جائي انيتا ۽ موتي ۽ ڪلا جي سنڌو. منهنجو دادا ٻڌائيندو آهي، هو هميشہ چئن ئي ٻارن لاءِ چار ساڳيا رانديڪا وٺي ايندو هو.

1962 ۾ دادا کي ويسٽرن ريلوي مان پراويڊنٽ فنڊ جي پنجن سالن ۾ بچت ڪيل رقم جي اسٽيٽمينٽ ملي. اها رقم جا اُن ۾ جمع ڪئي هئي اُن کي ڏسي سوچڻ لڳو، 'هن رقم مان ڇا ٿيندو؟'.

آفيس کانپوءِ پنهنجي هڪ دوست گرڌر شرما وٽ ويو پڇيائين، ''ممبئيءَ ۾ هيتريون ڪو آپريٽو سوسائٽيون پيون ٺهن، اُنهن پلاٽن جا مالڪ ڪير آهن.''

هن جواب ۾ ڪي نالا ٻڌايا، پي ٿي راجپال اُنهن مان هڪ هو جنهن کي هو ڪراچيءَ کان سڃاڻندو هو. اهو ساڳيو راجپال هو جو هنکي پنهنجي ڪار ۾ وٺي ويندو هو ۽ پٽرن وراهڻ جي بدلي چاڪليٽ ڏيندو هو.

راجپال مرين لائينس تي رهندو هو. هڪ ڏينهن صبوح جو سويل دادا هنجي گهر ويو ۽ راجپال هنکي ڏسڻ شرط سڃاتو ۽ اچڻ جو سبب پڇيو. منهنجي دادا هنکي چيو تہ هو هڪ ڪو آپريٽو

رهندا هئا. دادا پڙائيندو آهي، زندگيءَ ۾ پهريون دفعو هو گهر ۾ چڪن وٺي آيو، مميءَ موتيءَ ۽ ڪلا کي ٻه نينبڙ ڏني، دادا تنهن ڏينهن 13 مانيون کاڌيون هيون. موتي گهٽيون کاڌيون اهو ڪنهن ٻه نه پڙايو.

دادا جي واقفيت ڪلا ۽ موتيءَ سان تن ڏينهن جي هئي جڏهن دادا مئٽرڪ جو امتحان ڏيڻ لاءِ زبوئرس ڪاليج ويو هو. ڪلا روز پنهنجي پاءُ پمي چندناڻيءَ لاءِ ماني کڻي ايندي هئي ۽ پٽيان ايندو هو ماڪٽي ڪيرم پڙل موتي پرڪاش ڪاريءَ شيرواڻيءَ ۾ ڊڪيل.

تنهن ڪانپوءِ ادبي ڪلاس ۾ هر هفتي گڏجندا هئا. ۽ جڏهن سنڌو نگر ۾ ڪو مشاعرو رکيو ويندو هو ته ممبئيءَ مان ٻين ترقي پسندن سان گڏ وٽل واڙيءَ تي ايندو هو.

دادا جي عمر وارن جوانن لاءِ موتي پرڪاش، آنچل، ڪرشن راهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي، اي جي اُتم ۽ تنهن وقت جا انقلابي ليکڪ روشن منار هوندا هئا ۽ هنن جي اچڻ جو انتظار ڪندا هئا.

ڪڏهن ڪڏهن اردوءَ جا ترقي پسند شاعر به سنڌو نگر ايندا هئا. جن مان خاص هو ڪعفي اعظمي.

ري روڊ تي رهندي، منهنجو دادا ۽ ممي هر هفتي ادبي ڪلاس ۾ ويندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڪيترن دوستن جو جهنڊ دادا سان گڏ گهر ايندو هو. منهنجي ممي هنن لاءِ رات جو پورين ۽ پڪوڙا تري هنن کي کارائيندي هئي.

آل انڊيا ريڊيو تان هر آرتوار صبوح جو سنڌي پروگرام ايندو هو. ڪلاڪارن کي پنهنجي ڪلا ۽ ليکڪن کي پنهنجين لکڻين کي پارت ۾ چڙ وچڙ تي ويل سنڌي جاتيءَ اڳيان پيش ڪرڻ جو موقعو ملڻ شروع ٿيو. موتي پرڪاش اُن سنڌي ويڀاڳ جو انچارج هو. ۽ رام سنگهه پوار جو هنديءَ جو نامور انائونسر هو. هر ڪلاڪار ۽

سان ڪار ڪڏهن ڪڏهن ڊرائيو ڪندو هو. جڏهن هن راڄ ڪوآپريٽو سوسائٽي پئي ٺاهي هن جو هڪ ميمبر آر ٽي او آفسر هو. هن جي مدد سان هن کي ڊرائيونگ لائسينس ملي ويو.

ترلوڪ فلئٽ ۾ اڪثر هر هفتي ٻي محفل لڳندي هئي. دادا ملڪاڻيءَ جي ڌيءَ هينا منسڪاڻي باندرا ۾ئي رهندي هئي. دادا جڏهن به هن وٽ ايندو هو ته منهنجي دادا وٽ ضرور ايندو هو.

دادا ملڪاڻيءَ کي منهنجي مميءَ جي هٿ جو ٺاهيل ڪاڌو ڏاڍو وڻندو هو. نه فقط دادا ملڪاڻيءَ کي پر جو به گهر مان ڪائي ويندو هو پنهنجيون آڱريون چٽيندو هو ۽ واجهائيندو هو ته وري ڪڏهن ٿو موقعو ملي گيتا جي هٿن جو ٺاهيل ڪاڌو کائڻ جو.

گهڻو ڪري جڏهن جڏهن دادا ملڪاڻي منهنجي دادا ۽ مميءَ جي گهر ايندو هو ته جڳت آڏواڻي، موهن ڪلپنا ۽ گنو سامتاڻي پڻ ايندا هئا. خوب بحث مباحثا ٿيندا هئا. ادب ۽ ادبي هلچل تي.

دادا ملڪاڻي سنڌو نگر ۾ گيتا جي پيڪي گهر به ڪيترا دفعا آيو هو. اُميش منهنجو وڏو ڀاءُ جڏهن ڄائو ته دادا ملڪاڻيءَ پهرئين پٽ کي گود ۾ کڻڻ جي رسم پڻ ادا ڪئي هئي. اُن ڏينهن کانپوءِ دادا ملڪاڻي مميءَ کي پنهنجي ڌيءَ ڪري مڃيندو هو.

سنڌو نگر ۾ گيتا جي پيڪي گهر دادا جڳت آڏواڻي پنهنجي پتني پتلي ۽ ڌيءَ شوڀا سان گڏ پڻ ڪيترا دفعا آيو. گهڻو ڪري هرڪوئي ڇنڇر شام جو ايندو هو ۽ رات به راتيون رهي سومر ڏينهن صبوح جو منهنجي دادا سان گڏ سندس ڪار ۾ ممبئيءَ واپس موٽندا هئا.

دهليءَ کان جڏهن حشو ڪيولراماڻي ممبئيءَ ۾ آيو ته هو پڻ مهنن جا مهنا روز ترلوڪ ۾ ايندو هو. اتي ئي ڪاڌو پڻ ڪائيندو هو. مناجهند جي ننڊ به ڪندو هو ۽ ويهي لکندو به هو. سنڌي ڪهاڻيون

سوسائٽي ٺو ٺاهڻ چاهي جنهن لاءِ هن کي ڪو پلاٽ کپي. راجپال ڪيس چيو ته هو هن سان بائيڪلا اسٽيشن جي ٻاهران پئليس ٽاڪيز وٽ صبوح جو 8 بجي گڏجي.

هڪ ننڍي ۾ ننڍيو پلاٽ شروعات ڪرڻ لاءِ دادا هنڪان وٺڻ قبوليو. شام جو هنجي آفيس مان ١٢ فلئٽ جو نقشو ڪٺي فلورا فائونٽن تان هڪ رسيدن جي چونپڙي ورتي، ٻارهان رينيو ٽڪليون ۽ هڪ 'راج ڪو آپريٽو هائوسنگهه سوسائٽيءَ' جي اسٽئمپ ٺهرائي. هنجي ڪيسي ۾ هڪ رپيو ٻارهان آنا هئا جي سڀ هنجي نئين ڌنڌي ۾ سيرائجي ويا.

هر هڪ ڇنڇرتي منهنجي ماءُ گيتا ٻن ٻارن سان گڏ سنڌو نگر ۾ پيڪي گهر ويندي هئي ۽ منهنجو دادا شام جو آفيس کان پوءِ سنڌو نگر ويندو هو.

ٽرين جي پاس هنکي ريلوي مان مفت ۾ مليل هئي. ٽرين ۾ چڙهڻ سان هڪ دوست هنڪان هنجي هٿ ۾ نقشو ڏسي پڇيو ته اهو ڇا آهي؟

منهنجي دادا چيو، ”هو باندرا ۾ هڪ هائوسنگهه سوسائٽي ٺو ٺاهي انهن فلئٽس جو نقشو آهي.“

هن نقشو ڏٺو ۽ هڪ فلئٽ بُڪ ڪري ڇڏيائين. سنڌو نگر پهتو ته ٻن ڏينهن ۾ هن جا ٻارهان ئي فلئٽس وڪامجي ويا.

ٻئي ڏينهن کان هنجي زندگيءَ جو هڪ نئون ورق شروع ٿيو. هڪ پٺيان ٻي ٻيءَ پٺيان ٽين ۽ چوٿين. هن چار سوسائٽيون ٺاهيون. راج، راج لڪشمي، راج شري ۽ رام ڪٽير ڪو آپريٽو سوسائٽي.

1963 ۾ دادا ري روڊ ڇڏي، باندرا ۾ ترلوڪ بلنبنگ ۾ فلئٽ ورتو. هن ڪار ته ري روڊ ۾ رهندي ئي ورتي هئي، هنکي جيتوڻيڪ ڊرائيونگ نه ايندي هئي، تڏهن به هڪ دوست راجن ٽنڊن جي مدد

ڪهاڻيڪار رشيد ڀٽي به هو.

هنن وٽ دهليءَ جي ويزا هئي. هنناجي مرضي هئي ته هو ڀوپال ۾ ڪيئلداس فانيءَ سان گڏجن. متھرا، راجا ڀرتريءَ جون غفائون، اجنتا ايلورا ۽ ٻين شهرن ۾ به وڃن. منهنجي دادا هنن جا نالا رکيا. نارائڻ ۽ شيا ۽ وٺي ويو هر شهر ۾ ۽ هر غفا ڏيکارڻ.

جڏهن ممبئي واپس موٽيا ته سي آءِ ڊي دادا جي پٺيان اچي پيئي. ته سنڌ مان آيل ٻن مسلمانن ڪي هنن جا نالا بدلائي بنان ويزا جي هندستان جي ڪيترن شهرن ۾ وٺي ويو آهي.

منهنجي دادا کي جڏهن اُن ڳالهه جي خبر ملي ته هن پي ٽي راجپال جنهن جي جهوواري بنگلي ۾ اُهي مهمان رهيل هئا اُنجي مدد سان ۽ دادا جيرامداس دولترام جي مدد سان ڪيس کي بند ڪرايو.

اِن ورق کي ورائڻ فضول آهي.

تنهن وقت جيڪي ريگيولر سوسائٽيون ٺاهيندڙ هئا. اُهي هئا. چندرو باجلاڻي، ڄيٺي سپاهيملاڻي، ڊاڪٽر گهنشيام شوداساڻي ۽ منهنجو دادا. منهنجو دادا ٻڌائيندو آهي ته جڏهن هو سوسائٽيءَ جو اشتهار وجهائيندو هو ته اُن ۾ فليٽ وٺڻ لاءِ ايڊورڊ سينيما کان وٺي گوبند مالهيءَ جي دڪان تائين قطار لڳي ويندي هئي.

هڪ جڳهين جو دلال هو متھراداس. غريب هو. پتلون ۽ ڪرتي ۾ کلهي تي هڪ ڪپڙي جي لٽڪندڙ ٿيلهي جنهن ۾ ڪاڳر لاءِ ٻه قلڪا. پيرن ۾ چمپل. هڪ ڏينهن هڪ عرب سان گڏ منهنجي دادا جي آفيس ۾ آيو دادا جي هڪ بلڊنگ ۾ فليٽ خريد ڪرڻ. عرب کي ممبئيءَ ۾ پئسا سيڙائڻا هئا. بلڊنگ مهيم ۾ شواجي پارڪ وٽ هئي ۽ اُن ۾ ١٦ فليٽ هئا. عرب کي ١٦ ئي فليٽ وٺڻا هئا. ان شرط تي ته منهنجو دادا ڪيس اگهه ۾ رعايت ڪري.

ترلوڪ ۾ ئي ويهي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيون هيون.

منهنجي مميءَ جي هٿن ۾ جادو هو. منهنجو دادا ڪيس چوندو هو. ”رڌي ڪير به پر ديگڙو تون گهمائيندي ڪر. ڪاڏو پاڙهي سوادي ٿي پوندو.“ ۽ منهنجي ممي ڪيس جواب ۾ چوندي هئي، ”مونکي دماغ ۾ ڪيترا پلاٽ آهن ڪهاڻين جا. اهو ڪهاڻين جي ڪردارن جو پيار، اهو ادبي لطيفن جو مٽاج تنهنجي رنڌڻي ۾ ديگڙا گهمائيندي انهن ديگڙن ۾ ملائي ڇڏيو آهي نه ته ته مان به هڪ وڏي ليکڪا بڻجي پوان ها.“

فلمن ۾ دادا جي دلچسپي ته ننڍپڻ کان هئي، هن لاءِ فلم ٺاهڻ ڪا نئين ڳالهه به نه هئي. گيان ٽڪرءَ گرڌاري ٽڪر جي مدد سان ڊائلاگ منهنجي دادا ڪيترين ئي فلمن ۾ جي Proxy Writer جي حيثيت ۾ لکڻ جو ڪم ڪيو هو. هنجي هڪ ڪهاڻي جي آڌار تي ايس مڪرجيءَ هڪ فلم به ٺاهي هئي ’منيمجي‘ ۽ ٻي ڪهاڻي ’مسٽر بي اي‘ پريم ناٿ هنڪان ورتي هئي جا هو شفگتا فلم کان پوءِ ٺاهڻ وارو هو. پر شگفتا جي ناڪاميابيءَ هنجي ڪمپني ئي بند ڪري ڇڏي.

چوندا آهن هر شيطان ساڌوءَ جي روپ ۾ ايندو آهي، راوڻ به اگر سونهري هرڻ ۽ ساڌوءَ جي ويس ۾ نه اچي ها ته سيتا دوکو نه کائي ها ۽ نه ئي راوڻ هنکي دوکو ڏيئي سگهي ها.

سنڌ مان هڪ اهڙو ئي شيطان مبارڪ علي شيخ شاعر جي روپ ۾ ڀارت آيو. سندس شاعري روپ کي سوين سلام پر سندس شيطاني روپ کي لکين لعنتون. هو پاڪي آرسيءَ ۾ ته روز ڏسندو هوندو ۽ چوندا آهن آرسي چهري تي جو ڪجهه هوندو آهي سچ ٻڌائيندي آهي، پر اندر ۾ موجود شيطان نٿي ڏيکاري. هن سان گڏ

وري ٿوريءَ ئي دير ۾ چيائين، ''مان اڄان ٿو، سالن ڪانپوءِ يار سان ملڻ جو موقعو ڪيئن وڃائيندس، چنتا نہ آهي جي ڊرائيونگ ڪندي پڪڙجي پيس.'' موتي پهچي ويو هوٽل ۾ ۽ هنن پنهنجا گلاس ٽڪرايا ۽ حال حوالي ٿيا.

ملير وريو مارُوئڙو

دادا ممبئيءَ پهچي اُن هر جڳهہ تي ويو جتي اڪثر هو ايندو ويندو هو. ڪالباديوي روڊ تي ڪاڪا بلڊنگ ۾ هنجي آفيس هئي اتُي بہ ويو. فوٽ پاٿ تي بيهي هن آفيس بلڊنگ ڏانهن نهاري رهيو هو تہ هڪ ائمبيسبڊر ڪار اچي هنجي اڳيان اچي بيٺي ڪار مان هڪ سهٽو ۽ سڊول ڌوتي ۽ ريشمي ڪرتي، سونهري چشمي سان ٻاهر نڪري هن جي سامهون اچي بيٺو ۽ پڇيائين، ''توهين راج صاحب آهيو.؟''

دادا هن ڏانهن نهاريندي ۽ سڃاڻندي چيائين، ''اڙي مترا تون آهين.؟''

متراداس دادا سان گڏجي خوش ٿيو پڇيائين، ''راج صاحب توهين ڪٿي گم ٿي ويا.؟''

دادا جواب ڏنو، ''مان هاڻي لنڊن ۾ رهندو آهيان.''

متراداس پنهنجو احوال ٻڌائيندي چيو، ''توهانجي ڏنل پئسن سان مون پنهنجي ياڳناري ڪٽنبن جي ملاد ۾ هڪ 'مترا ڪالوني' ٺاهي آهي ۽ اُن جي ڪاميابيءَ ڪانپوءِ مان ملاد جو هڪ ڪامياب بلڊر ٿي ويو آهيان، اڄ مون وٽ سڀ ڪجهہ آهي، توهانکي ڪابہ مدد کپي تہ ٻڌايو، واپس پنهنجي ديش اچو.''

دادا جواب ڏنو، ''تون هتي خوش رهہ مترا، مان لنڊن ۾ خوش آهيان.''

هنکي پنهنجي دادا جو هڪ ٻيو قصو بہ ياد آيو، هو جڏهن سنڌ نئشنل اسڪول ۾ پڙهندو هو تہ سرڪار طرفان هر ڪنهن شاگرد کي اسڪول جي پڙهائيءَ لاءِ گرانٽ ملندي هئي جا هو ڪليان

منهنجي دادا رعايت ڏيڻ نہ قبوليو ۽ هو ٻئي چانهہ پي هليا ويا. شام جو جڏهن پوڪر جو آفيس ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪرو هو آفيس بند ڪري رهيو هو تہ ڏٺائين دادا جي وهڻ واري ميز اڳيان هڪ بئگ رکيل هئي. پوڪر دادا کي ٻڌايو ۽ دادا کيس هنجي پٺيان رکيل فائيلنگ ڪئبينيٽ وٽ رکڻ لاءِ چيو.

هن قصي کي اٽڪل ٻہ مهنا گذري ويا. دادا مٺراداس کي ڳولهيندو رهيو, هڪ ڏينهن جڏهن هنکي مٺراداس نظر آيو تہ هن کي ڪارم ۾ ويهاري آفيس وٺي آيو. کيس بئگ ڏيکاريندي چيو, ”هيءُ بئگ اُن ڏينهن کان هت آهي جڏهن تون عرب گراهڪ هٿي وٽ آيو هئين.“

مٺراداس چيو, ”اُن ڏينهن ڪانپوءِ مون اُهو عرب وري نہ ڏٺو آهي.“

منهنجي دادا کيس بئگ کولڻ لاءِ چيو, جڏهن مٺري بئگ کولي تہ وائڙو ٿي ويو بئگ نوٽن سان ڀريل هئي.

مٺراداس چيو, ”هيءُ مان ڇا ڪندس توهين رکو.“

منهنجي دادا کيس جواب ڏنو, ”مٺرا جي منهنجي قسمت ۾ هيءُ نوٽ هجن ها تہ هيترا ڏينهن مان تنهنجي اچڻ لاءِ نہ ترسان ها. هي نوٽ تنهنجي قسمت ۾ هئا تون کڻي وڃ وڃي عيش ڪر ٻارن سان.“

1983 ۾ جڏهن دادا 13 سالن ڪانپوءِ هندستان پئي موٽيو تہ کيس هڪ رات لاءِ دبئيءَ ۾ رڪڻو پيو. کيس ڄاڻ هئي تہ موتي ۽ ڪلا دبئيءَ ۾ آهن. پارت ايندي هڪ رات هنجو جهاز دبئيءَ ۾ رڪيو هو, هن اٽڪل رات جو ساڍي يارهين ٻجي موتيءَ کي فون ڪيو تہ هو هوٽل ۾ اچي هن سان گڏجي. موتيءَ پهرين تہ چيو, ”راجو مان هينئر هڪ پيگ پي ويٺو آهيان. ڪلا ۽ سنڌو هندستان ويل آهن مان پيئڻ ڪانپوءِ ڊرائيونگ نہ ڪرڻ چاهيندس.“

هو، هننکي کن واپارين جي ڪليمن جا فائيل ملندا هئا جن کي هو پاس ڪري، اُن ڪليم جي رقم واپارين کي ڏيڻ لاءِ اڪائونٽس ڊپارٽمينٽ ڏانهن موڪليندا هئا. عصمان علي کن واپارين کان رشوت وٺي هننجا ڪليم نہ فقط جلد پاس ڪري، پر هو واپارين کي چئي هنن جو ڪليم وڌائي پاس ڪري، اڪائونٽس ڊپارٽمينٽ ڏانهن موڪليندو هو. هڪ ڏينهن هن منهنجي دادا کي بہ ائين ڪرڻ لاءِ چيو ۽ ڪيس هڪ واپاريءَ سان واقفيت پڻ ڪرائي. دادا اها ڳالهہ تنگ هٿ هئڻ ڪري مڃي ۽ آفيس ڪانپوءِ فلورا فائونٽن تي پائرڪس ريسٽارنٽ ۾ ملڻ لاءِ نڪتو.

آفيس کان پائرڪس هنجو رستو ميلن جا ميل وڏي ويو. سڄو بدن پسينو پسينو ٿي ويو. پائرڪس جي ٻاهران اچي اُن واپاريءَ سان ملڻ ڪانسواءِ هن ري روڊ جو رخ ڪيو. تنهن وقت هن کي جو سڪون مليو هو اهو اڄان تائين ڪيس آنند ڏيندو آهي.

دادا پنهنجي دادا جون چيل پنج ڳالهيون هميشہ دهرائيندو آهي، هڪ تہ سولائيءَ سان ڪمايل پئسا ڪنهنکي بہ راس نہ ايندا آهن پاڻ هوڪنهن نہ ڪنهن بري عادت کي پٽيان چڏي ويندا آهن. ٻيو ڪڏهن بہ جوئا نہ کيڏ. ٽيون ڪڏهن بہ ڪنهن کان هونديءَ تي پئسا نہ وٺج. چوٿون اگر توکي ڏهہ رپيا کپن تہ سؤ رپيا گهرج جيئن شان رهجي اچي پل اُن مان نوي رپيا پاسيرا ڪري رکين. پنجون جي ڪنهن کان اوڌر وٺي بہ پوئي تہ اگر توکي ٽن مهنن لاءِ کپن تہ هنکان محلت چئن مهنن جي وٺج پوءِ هنکي ٽن مهنن ۾ موٽائي ڏج. زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ناڪامياب نہ ٿيندين.

اُنهن ئي اصولن تي هلندو آيو منهنجو دادا.

اُسڪي يا... ميہ... ڪهاڻي...!

۾ ڪنارا بئنڪ مان وٺڻ ويندا هئا.

منهنجو دادا جڏهن بئنڪ ۾ پهتو ته بئنڪ ذري گهٽ بند ٿيڻ تي هئي، هو اندر ته ويو پر هنڪان اڳ ۾ هڪ موٽو مارواڙي پئسن ڪڍائڻ لاءِ بيٺو هو، منهنجو دادا سامهون پيل بينچ تي ويهي رهيو جيستائين هنجو واڙو اچي.

بئنڪ جي پٽيوالي دروازو بند ڪرڻ شروع ڪيو هو، مارواڙيءَ ڪانپوءِ منهنجي دادا جو واڙو هو. مارواڙي نوٽ ڳڻي پنهنجي ٿيلهي ۾ وجهندو تي ويو ته هڪ نوٽن جو بنڊل هنجي بئگ ۾ وجڻ جي بدلي هيٺ ڪري پيو. منهنجي دادا اهو ڏٺو ۽ هو سوچڻ لڳو مارواڙيءَ کي ٻڌائي يا نه. ڪجهه چوي تنهنڪان اڳ ۾ مارواڙي دروازي طرف هلڻ لڳو. دروازي تائين پهتو مس ته دادا رڙ ڪري هنکي سڏ ڪيو ۽ کيس نوٽن جي ڳٿي واپس ڪئي.

مارواڙي خوش ٿي دادا کي خرچيءَ طور هڪ سؤ رپين جو نوٽ ڏنو. هڪ سؤ رپيا تنهن زماني ۾ ڪافي معني رکندڙ هئا. منهنجي دادا اهو وٺڻ کان انڪار ڪيو، ته مارواڙيءَ پنهنجو ڪارڊ ڪڍي هنکي ڏيندي چيو، ”جڏهن پڙهائي پوري ڪرين ته مون وٽ اچجِ، ڪابه مدد توکي کپي ته مان توکي ڪندس.“

اُسکي کهاڻي جڏهن پوري ٿي ۽ رليز ڪرڻ لاءِ ڪوبه تيار نه هو ته دادا کي باسو ٻٽاچاريه اُن مارواڙيءَ وٽ وٺي ويو. دادا هنکي ڏسندي ئي سڃاتو ۽ کيس ياد ڏيارائين اُهو بئنڪ وارو قصو. اُهو هو جواهلال منود ڪلياڻ پڪاچرس فلم ڊسٽريبيوٽرس جو مالڪ جنهن دادا جي فلم سي پي سي آءِ ۾ رليز ڪئي.

هڪ اهڙو ئي قصو هن سان ٿيو هو جڏهن هو ريلوي ۾ هو. عصمان علي هنجي آفيس ۾ ساڳئي ڪليمس سيڪشن ۾ ڪم ڪندو

منهنجي دادا ڪيسي مان لائيٽر ڪڍي باسوءَ کي ڏيندي چيو، ’باسو فلم ڪي تيلي لڳاءِ. مون ۾ اجان بہ ايتري طاقت آهي جو سموري فلم وري ٺاهيون.‘‘

باسوءَ جو گهمنڊ ڪٽي ٽو ھنڪي اها ڳالهہ مڃڻ ڏي، پاڻ کي بچائيندي چيائين. ’’فلم ۾ اجان بئڪگرائونڊ ميوزڪ ايندو، اسپيشل افيڪٽس ايندا. فلم جي پوري ٽيڻ ڪانپوءِ توهين ڏسندا تہ فلم ڪيئن ٺهي آهي. ’’باسو هميشهہ چوندو هو، ’’اُسڪي ڪهاڻي راج ڪپور جي ميرا نام جوڪر جي ڪاپي آهي. راج ڪپور کي چاڻ ڪونهي، اِنڪري اسين هيءَ فلم ميرا نام جوڪر کان اڳ ۾ پوري ڪري رليز ڪنداسين.‘‘

تنهن وقت ويسٽ انڊيز جي ڪرڪيٽ ٽيم ڀارت جي دوري تي هئي. فلم انڊسٽريءَ جي هڪ محفل ۾ ويسٽ انڊيز جي ٽيم کي پارٽي ڏني ويئي جتي دادا جي فلم اُسڪي ڪهانيءَ جي هيروئن انجو منهندروءَ جو ويسٽ انڊيز جي ڪپتان گيري سوبرس جو مڱڻو ٿي ويو.

فلم انڊسٽريءَ ۾ ٽرٿلو مچي ويو. هر اخبار جي پهرين پني تي اسڪي ڪهاڻيءَ جي خبر هئي. دادا جون ۽ باسوءَ جون هر فلمي مگزن ۾ انٽرويو ڇپجي ويئون. اهي ساڳيا دوست، ساڳيا مائٽ چوڻ لڳا. ’’اسانکي خبر هئي، راجو جو بہ ڪم ڪندو آهي ان ۾ ڪامياب ٿيندو آهي.‘‘

’’واه ري دنيا، واه ري دنيا وارا.‘‘

باسوءَ سوچيو تہ انجو ۽ سوبرس جي مڱڻيءَ جا بہ ريل ٺاهي فلم سان گڏ ڏيکاري، مغني ۽ مونکي پڻ اها رٿا پسند پيئي. ويسٽ انڊيز جي سموري 13 ڄڻن جي ٽيم کي سن ائنڊ سن هوٽل ۾ رهايو

ڪلاڪار منڊل ۾ ڪم ڪندي دادا جي دوستي مغني عباسيءَ سان ٿي، فلم انڊسٽري ۾ ڪيترن ئي اُردو ليکڪن ۽ ڪلاڪارن کي سڃاڻندو هو. هو اڪثر گوبند مالهيءَ سان گڏجڻ ايندو هو.

هڪ ڏينهن مغني هڪ فلم ٺاهڻ لاءِ منهنجي دادا کي باسو ڀٽاچاريه وٽ وٺي ويو. تنهن وقت باسو شئلندر جي 'تيسري قسم' ٺاهي رهيو هو جنهن ۾ راج ڪپور ۽ وحيدا رحمان ڪم ڪري رهيا هئا. باسو بملراءِ جي ڌيءَ رنڪيءَ سان پنهنجي وڃي شادي ڪئي هئي.

ڪجهه سال اڳ ۾ گوبند مالهي پڻ منهنجي دادا کي باسوءَ سان گڏ نشاط سينيما جي مالڪ گيانچند ٺڪر وٽ وٺي ويو هو. 80 هزارن ۾ فلم ٺاهڻ جو پروپوزل ڪٽي پر مسٽر ٺڪر هنکي چانهه پياري رخصت ڪري ڇڏي هئي.

ڳالهائڻ ۾ افلاطون. ڪنهنکي به ڳالهين ۾ الو بڻائڻ جي ڪلا هن ۾ خوب هئي. جو ماڻهو بملراءِ جي پڙهيل ڳڙهيل ڌيءَ کي پنهنجي شادي ڪري سگهي ٿو، جو اندرا گانڌيءَ کي ميڪ اپ ڪرائي سگهي ٿو، جو ڊائريڪشن جي 'ڊي' نه ڄاڻندي به راج ڪپور ۽ وحيدا کي ڊائريڪٽ ڪري سگهي ٿو ان اڳيان منهنجو دادا ته ڪجهه به وزن نٿو رکي.

فلم انڊسٽري ته هئي بدنام، اُن سان گڏ منهنجو دادا به بدنام ٿيڻ لڳو. هر دوست، هرهڪ مٽ مائٽ ۽ گهروارا پڻ چوڻ لڳا، ''راجن کي فلم نه ٺاهڻ کپندي هئي، چڱو ڀلو هنجي بلڊنگ جو ڪم هليو پئي هنکي کهڙيءَ کُٽيءَ ڪنيون.''

فلم پوري ٿي، ٽرائل ڏسڻ لاءِ ورليءَ وٽ ريمنارڊ لئبارٽريءَ ۾ سڀ گڏيا. ڪيفي اعظمي ڊائلاگس ۽ گانا لکيا هئا. فلم ڏسڻ کانپوءِ ڪيفيءَ چيو، ''باسو فلم پوري ڏيئي ۾ بند ڪري سمنڊ ۾ ڦٽي ڪر.''

باسوءَ جا ساٿي چوندا هئا، ''باسوءَ پهرين پڪچر ڊرموير جو ڊرميندر جو سيڪريٽري هو، اُن سان ٺاهي جا ڏيي ۾ پيل آهي، ٻي فلم موهن راڪيش سان ٺاهي موهن راڪيش جي هڪ ڪهاڻي 'آڌي اڌوري' تہ هنن ٻنهي جو جهڳڙو امپا جي ميمبرن تائين پهتو موهن راڪيش هن صدمي ڪارڻ دنيا ڇڏي هليو ويو.

شئليندر سان هن تيسري قسم ٺاهي اُن ڪانپوءِ شئليندر راهہ رباني وٺي ويو، تيسري قسم ٺاهڻ سان گڏ، هن دادا سان گڏ اُسڪي ڪهاڻي ٺاهي تہ هنکي ديش ڇڏي پرديش وڃڻو پيو، باسوءَ اندرا گانڌيءَ تي هڪ ڊاڪيومينٽري شروع ڪئي تہ اندرا گانڌيءَ جي پرڌان منتريءَ جي گدي هلي ويئي، چوندا آهن باسو جيڪڏهن ڪير ڏانهن نهاريندو تہ ڪير بہ ڦٽي پوندو آهي، بملراءِ جي ڌيءَ سان شادي ڪئي تہ اڄ هوءَ ڪيترن سالن کان اڪيلي رهندي آهي.''

موهن ڪلپنا ۽ منهنجو دادا هڪ دفعو دادر ۾ فلم جي شوٽنگ ڏسڻ ويا، ڪين رنجيت اسٽوڊيو جي دربان گيٽ تي ئي روڪي ڇڏيو هو، سامهون ڏٺائون پراڻن فلمن جو هيرو بابو راوُ بالڪنيءَ ۾ ويٺو هو، هيُ ٻئي هن وٽ چڙهي ويا ۽ چيائون، ''اسان کي فلمن ۾ ڪم ڪرڻو آهي.''

بابوراوُ جواب ڏنو، ''بيٽا ايي آم ڪچي هئن پڪ جائين تب آنا.''

هاڻ منهنجو دادا پنهنجي پڪچر پروڊيوس ڪري رهيو هو، اسٽوڊيو تہ ڇڏ هو ڪنهن بہ پروڊيوسر ۽ ائڪٽر سان گڏجي اُٿي ويهي سگهيو ٿي.

بملراءِ گلي جي ڪئنسر ڪارڻ بستري داخل هو، باسو ۽ رنڪيءَ سان گڏ منهنجو دادا روز هنجي گهر ويندو هو، بملراءِ کي ڄاڻ هئي تہ اُسڪي ڪهاڻي سٺي نہ ٺهڻ ڪري نہ پئي وڪامي. بملراءِ چيو،

ويو ۽ جتي جتي انجو منهندرو ۽ سوبرس گڏيا هئا. ڏرميندر جي گهر، راجڪمار جي گهر، مينا ڪماريءَ جي گهر يا جن هوٽلن ۽ فلم اسٽوڊيو ۾ انهن جڳهين تي شوٽنگ ڪئي ويئي.

اُن سموري ٻن ريلن جي فلم تي منهنجي دادا جا ٻہ فليٽس هڪ ڪار وڪامجي ويئي، جنهن فليٽ ۾ رهندو هو اها پڻ ڪيس گروي رکڻي پيئي.

ٻن ريلن جي فلم جي ايڊٽنگ چالو هئي، ويسٽ انڊيز جا 13 ئي رانديگر سن ائنڊ سن هوٽل ۾ مهمانوازيءَ جا مزا ماڻيندا رهيا. هنن جي رڪجڻ جو ڪارڻ هو فلم جي رليز ٿيڻ. هنن انجام ڪيو هو تہ 13 ٿئيٽرس ۾ هيءُ 13 ڪلاڙي بوڪنگ آفيس ۾ ٽڪيٽون وڪڻندا جنهنڪري فلم تہ هٽ ئي ٿيڻي هئي.

باسوءَ جي زال رنڪي پٽاچاريہ جي دماغ ۾ ڪاجلي ٿي ۽ باسوءَ جي مغز ۾ وڌائين تہ جي انجو منهندرو ۽ گيري سوبرس جي مڱڻيءَ جا ٻہ ريل فلم سان گڏ ڏيکاريا ويا ۽ فلم ڪامياب ويئي تہ ڪاميابيءَ جي، سموري ڪريڊٽ انهن ٻن ريلن کي ملندي هنکي نہ. هنجي اهم کي اها ڳالهہ منظور نہ هئي، هن فلم رليز ڪرڻ جو خيال لاهي ڇڏيو ۽ فلم ڊبي ۾ بند ٿي رهجي ويئي.

هڪ ڏينهن دادا ڪلياڻجيءَ جي گهرپئي ويو تہ مڪيش پٽيان اچي هنجي نبظ تي پنهنجو هٿ رکي چيو، ''راجن جي تون اجان جيئرو آهين.؟ شئليندر تہ هليو ويو.''

شئليندر جي باسوءَ سان گڏ ٺاهيل فلم 'تيسري قسم' جي پوري ٿيڻ ۾ اٽڪل پنج سال لڳي ويا هئا ۽ جڏهن رليز ٿي تہ ڪامياب نہ ويئي. اِن صدمي پهچڻ ڪري شئليندر شراب جو سهارو ورتو ۽ آخر ۾ دم ٽوڙيو.

هڪ ٻيءَ غلط قدم جي ڇاپا

1969 ۾ هنڪي گورڌن ڀارتيءَ وٽان سنڌي فلم ٺاهڻ جو پروپوزل آيو. ڇيٽي چنڊ جي رات هئي. هن مونکي پنهنجي ماسين جي گهر جي ڪنگ سرڪل ۾ رهنديون هيون گهرايو. بس اسٽاپ تي هن کي هري موٽواڻي گڏيو. ٻڌايائينس ته هو به گورڌن وٽ وڃي رهيو آهي.

ٻئي گڏجي گورڌن وٽ پهتا. گورڌن کين ٻڌايو ته هن منهنجي دادا جي لکيل فلمي ڪهاڻي پڙهي آهي ۽ کيس پسند پيئي آهي. هن هري همٿاڻيءَ کي به ملايو آهي ته فلم ۾ ڀائيوار ٿئي جو هن قبوليو هو پر هاڻ تيار نه آهي. هنجي بدلي گورڌن جي ماسي ڀائيوار ٿيڻ لاءِ تيار تي آهي جنهنجي طرفان سترام روهڙا ڪم ڏسندو.

فلم ٺاهڻ ۾ چار ڀائيوار ٿيندا. گورڌن، هنجي ماسي، هري موٽواڻي ۽ منهنجو دادا. منهنجي دادا کي ڪهاڻي ۽ هدايتڪار لاءِ پنج هزار رپيا عيوضو ملندو.

منهنجي دادا کي هري موٽواڻيءَ جو اڳ ۾ به هڪ ڪونج مڱڻ سلسلي ۾ دوکيبازيءَ جو آزمودو هو. جو هن گورڌن کي ٻڌايو.

گورڌن پڪ ڏني ته هاڻ هو وچ ۾ آهي اهڙي ڪابه ڳالهه نه ٿيڻ ڏيندو.

فلم جي پهرين گاني هوجمالي جي رڪارڊنگ سان فلم جو مهورت ٿيو گانو ڀڳونتي ناواڻيءَ ڳايو جنهن لاءِ هن فقط هڪ سو رپيا ورتا.

هري پنهنجي دڪان تان ڪجهه پڪوڙا، پاپڙيا ۽ شايد مٺائي کڻي آيو.

اڪائونٽس رکڻ جو ڪم هريءَ تي هو. ٻئي ڏينهن گورڌن جي ماسيءَ کي اڪائونٽس ڏيکاريا. گورڌن جي ماسيءَ هريءَ جي دڪان تان آندل پڪوڙن وغيره جي ڏيکاريل خرچ تي اعتراض ورتو ۽

”راجن جي مونکي بستري تان اٿڻ ڏي مان توکي پڪاڇر وڪٽي ڏيندس.“ پر هو بستري تان نہ اُٿيو ۽ ستين جنوري 1966 تي، دادا سندس مرتڪ شرير سان گڏ ساڳيءَ سينگاريل ٽرڪ تي هنکي شمشان يوميءَ تائين پهچائي آيو.

بينگالين ۾ 12 ڏينهن تي 12 برهمڻن کي شراڌ کارائيندا آهن، بلمراءِ جي گهروارن کي 11 برهمڻ ئي ملي سگهيا هئا. هنن منهنجي دادا کي ٻارهون برهمڻ ڪري وهاريو ۽ دادا بملراءِ جو شراڌ پڻ کاڌو.

منهنجي دادا ڪوآپريٽو سوسائٽين مان ڪمايل سمورا پئسا هن فلم ۾ وڃائي ڇڏيا. هن جي پيرن ۾ بوٽ هو، پر بوٽ ۾ ترو ڪونہ هو. ٻہ ڪارس هيون پر پيٽرول لاءِ پئسا ڪونہ هئا. تارديو ايئرڪنڊيشن مارڪيٽ ۾ آفيس هئي پر آفيس جو خرچ پرڻ لاءِ پئسا ڪونہ هئا. آفيس وڃڻ لاءِ بس اسٽاپ تي بيهندو هو پر ڪيسي ۾ بس جو ڀارو ڪونہ هوندو هوس. گهر ۾ راشن ايندو هو هفتي جي حساب سان سو ٻہ تڏهن جڏهن دوستن مان ڪوجنکي هن وقت مهل مدد ڪئي هئي، گهر مان نڪرڻ سان ئي ملڻ تي چوندا هئا. ”راجو تنهنجي ڏنل هڪ هزار مان ٻہ سو وٺ باقي اٺ سو ٻہ آهستي آهستي ڏيندس.“ اهو سلسلو هر هفتي هلندو ايندو هو.

بس اسٽاپ تي ڏهہ، پندرهان، ويهہ منٽ مس بيهندو هو جو ڪنهن نہ ڪنهنجي ڪار هنجي اڳيان اچي بيهندي هئي، ۽ اندران ڪنهن سڃاتل وٺان آواز ايندو هو. ”آئيئي راجن جي ڪنهان تڪ جانا هئہ...“

پوءِ تہ سمورو ڏينهن هنجي آفيس ۾ گذرندو هو. لنچ ٻہ ايندي هئي، بيئر جون بوتلون ٻہ خالي ٿينديون هيون. شام ٿيندي هئي، ڪنهن نہ ڪنهنجي گهر ۾ رات جي محفل ٻہ مچندي هئي ۽ ان ڪانپوءِ وري دهرائجندي هئي ٻئي ڏينهن جي ياترا.

فلم تيار ٿي ۽ جڏهن انهجي گرانڊ ٽرايل رکي ويئي، تڏهن ۾ ناري گرسهاڻيءَ جي مدد سان تڏهن وقت جو مهاراشٽر سرڪار ۾ فنينس منسٽر شري بالاصاحب ڊيسائي به آيو ۽ ڪيس فلم تمام گهڻي وڻي ۽ هن فلم تي پونڊڙ وندر ٽئڪس معاف ڪئي.

هيءَ پهرين سنڌي فلم هئي جنهن تي مهاراشٽر ۾ وندر ٽئڪس معاف ڪئي ويئي.

فلم جي ڪاميابيءَ جا آسار ڏسي هريءَ دادا کي پائيواري ڇڏائڻ لاءِ چيو، پر دادا کي پڪ هئي ته فلم ڪامياب ويندي ۽ پڪ ئي پڪ فائدو ڪيندي. اها دادا جي وڏي غلطي هئي جو پائيواري نه ڇڏايائين.

ڪيس چاڻ ڪونه هئي ته هري بي ايماني ڪري اڪائونٽس ۾ ڦيرڦار ڪري باجيٽ وڌائي ڏيکاريندو.

ٽرائل ڪانپوءِ فلم جي رليز ڪرڻ جا حق وڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ۽ امر چاولا جو پاڻ بہ هيرن مان هڪ هو تنهن پنهنجو چاهه ڏيکاريو ۽ ممبئي پرڳٽي لاءِ **40** هزار رپيا ڏيڻ قبوليا. **40** هزار نه وٺي، هريءَ پنهنجن سوٽن کي**15** هزار رپين ۾ ڏيئي ڇڏي. فلم غلط نموني رليز ڪئي ويئي ۽ نتيجو اهو نڪتو جو اڄ ان جو نالو نشان به نه آهي.

دادا کي وڪيلن جا نوٽيس اچڻ لڳا. هريءَ جي طرفان چندولال جئسنگهاڻي جو پاڻ هڪ ليکڪ پڻ هو مقرر ٿيل هو ۽ دادا سنڌين جي مشهور جاج موتيلال بٽاڻيءَ کي پنهنجو پاسو پيش ڪرڻ لاءِ چيو.

گوڙن پارٽي ائين گم ٿي ويو جڻ هنجو ڪو واسطو ئي نه هو.

رهجي ويل سوال

ڪڏهن ڪڏهن هڪ خيال آڪاش کي ستائيندو آهي ۽ سوچيندو

پائيواري ٽوڙي ڇڏي.

باقي ٽي پائيوار اڳيان وڌيا. فلم جي شوٽنگ هلندي رهي، جو به خرچ ٿيندو هو اهو هري هڪ چوپڙيءَ ۾ لکندو هو ۽ منهنجي دادا کان اُن تي صحي وٺندو هو پر ٿورن مهنن کانپوءِ هن دادا کان صحي وٺڻ بند ڪري ڇڏي. دادا کي اُن وقت ئي سمجهڻ کپندو هو ته هريءَ جي من ۾ ڇا آهي پر دادا جي وشواسي ۽ ويسائي سڀاءُ هئڻ ڪري هري هنکي دوکو ڏيئي سگهيو.

هڪ مهني جو شوٽنگ ڪرڻ جو پروگرام اجمير ۾ ٺاهيو ويو ڇو ته کهاڻيءَ جو پسمنزر سنڌ جو هو جو اجمير جي جڳهين ۽ گهٽين سان ملي ٿي آيو. اجمير ۾ گورڌن جي پاءُ جي گهر ۾ ڪئميرا يونٽ سميت سڀ وڃي رهيا. جتي سموري يونٽ ۽ گورڌن جي سموري ڪٽنب لاءِ راشن ايندو هو. شوٽنگ ختم ٿيڻ کانپوءِ هريءَ جو پيءُ روز سموري يونٽ کي ٺرو پيئڻ لاءِ ۽ ڪاجو کائڻ لاءِ ڏيندو هو. دادا کي اها خاطري ڏني ويئي هئي ته اهو سڀ هو پنهنجي طرفان ڪري رهيو آهي ۽ جڏهن اڪائونٽس ٺاهيا ويا ته اهو سمورو خرچ ان ۾ ڏيکاريو ويو.

فلم جي بجيٽ هڪ لک جي اندر هئي، ڪمال امروهي جي ڪئميرا يونٽ کي منهنجي دادا اڌ اگهه ۾ ورتو هو. سڀ ڪلاڪار مفت ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ اڳيان وڌيا. ايتري قدر جو هندي فلم جا ڪلاڪار پڻ بنا ڪجهه به وٺڻ جي فلم ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا. جن ۾ اي ڪي هنگل، ستيندر ڪپو، ترون گهوش، سنجيو ڪمار ۽ سلوڪشنا پنڊت پڻ هئا.

بجيٽ ۾ هر لحاظ کان بچت ڪئي ويئي هئي سواءِ فلم جي راءُ مٽيريل جي، راءُ مٽيريل جو خرچ بجيٽ کان وڌيڪ اچي ويو.

دادا جڳت آڏواڻي ڪهاڻي پبليڪيشن هلائيندو هو هر ليکڪ جي دلي تمنا هوندي هئي تہ هنجي لکڻي ڪهاڻي پبليڪيشن ۾ ڇپجي. دادا جڳت جڏهن پڪنڪ تي منٽيران ايندو هو تہ ان ڏينهن جي رونق ئي ٻي هوندي هئي.

ساهتيہ تي بحث تہ ٿيندو ئي هو، هنکي آڪاش ۾ تارن جي ڄاڻ پڻ گهڻي هئي. هو ٻڌائيندو هو تہ آسمان ۾ سپت رشي تارا ڪهڙا آهن. تارن جي ڪير جو ڳنڍڪو ڪهڙو آهي، درو تارو ڪٿي آهي وغيره. ۽ ٻہ ٽي ڏينهن رهي ڪيترين ئي موضعن تي بحث مباحثا ڪري، ڪن يارن جي ڪنڇائي ڪري هيٺ نيرل طرف وڃندا هئا.

ائين ئي پنهنجي پيءُ جي گذريل زندگيءَ جي ورقن مان گذرندي آڪاش جو ممبئيءَ کان پوني جو سفر طئہ ٿي ويندو هو. آڪاش پوني پهچي ويو، گهر آيو تہ سندس دادا گهر ۾ ڪونہ هو، فرج تي هڪ نوٽ ٽنگيل هو.

لکيل هو، ''مان بزار ٿو وڃان. تون ڪيڏانهن بہ نہ وڃج جيستائين مان واپس نہ اچان.''

آڪاش تہ چاهيو پئي گهر پهچي پيءُ سان گڏ ويهي انيتا جي ڏنل نيرن کائيندو، پر هنجو پيءُ گهر ۾ ڪونہ هو. ڪيڏانهن ويو هوندو اها آڪاش کي ڄاڻ هئي. ڪي بزرگ گڏجي سنڌ ۽ سنڌين جي مسئلن تي سوچيندا هئا. ڪي رٿائون پڻ پيش ڪندا هئا. بحث ۾ آڪاش جو دادا هنن سڀني ۾ اڳرو ئي هوندو هو. هنجو زور هوندو هو تہ جوان ٽهيءَ ۾ سنڌيت لاءِ جاڳرتا پيدا ڪجي. گهر ۾ ڙالن کي خاص ڏيان ڏيڻ کپي تہ هو ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائين. سنڌي ڪٿي بہ ٻين سنڌين سان گڏجن تہ سنڌيءَ ۾ ڳالهائين.

ڪيترا دفعا نراش ٿي گهر موٽندو هو ۽ چوندو هو، ''سنڌي قوم

آهي، تہ دادا کان پڇي، ”دادا توهان ڇا پنهنجي ڇڏي آيل ڌرتيءَ کي وساري ڇڏيو آهي.؟ جنهن ڌرتيءَ جي گود ۾ جنم ورتو، پليا وڏا ٿيا. ان ڌرتيءَ کي ڪيئن وساري نئين ڌرتيءَ تي نئين ڪٽنب سان گڏ نئين دور ۾ رهندا آيا آهيو ۽ نين يادين سان گڏ رهي جي رهيا آهيو.؟ اڃان تہ پڇي نہ سگهيو آهي پر هڪ ڏينهن...“

گاڏي پنهنجي تيز رفتار سان پوني طرف وڌندي پئي ويئي. نيرل اسٽيشن لنگهي ويئي. نيرل اسٽيشن جو بہ هڪ خاص مڪان هو.

دادا ڪيس ٻڌائيندو آهي تہ نيرل کان هو مٿيران ويندا هئا. اهو سلسلو هر مهني جو هوندو هو. سنڌو نگر جي ليکڪن جو ڪاروان نيرل کان اٽڪل ٻہ ميل مٿي ننڍڙي پر خوبصورت پهاڙي اسٽيشن مٿيران طرف وڌندو هو.

سنڌو نگر جا ڪيترائي ليکڪ، موهن ڪلپنا، سگن آهوجا، گنو سامتاڻي، راج ڏاسواڻي، ايشور آنچل، هرچند اڇهل، نارائڻ ڀارتي، برج موهن، لعل پشپ وغيره هٿن ۾ لٺ يا ڪنهن وڻ جي ٽاڙي ڪٽي، ڪلهي تي ننڍڙي هرڙيءَ سان مٿي چڙهندا هئا.

ممبئيءَ مان ڪڏهن ڪڏهن دادا جڳت آڏواڻي ۽ لوڪناٿ جيٽلي پڻ شامل ٿيندا هئا. لوڪناٿ جيٽلي جو هڪ دوست هو گرانٽ بزار جو مالڪ دادا گنگادر تولاڻي جنهنجو هڪ ننڍو بنگلو هو مٿيران ۾ جتي هو سڀ وڃي رهندا هئا. هڪ دفعو اُن بنگلي ۾ ممبئيءَ جا ليکڪ پڻ شامل ٿيا. جيئن تہ دادا ڪيرت، موتي پرڪاش وغيره.

ٻاهر ميدان ۾ سرون رکي چلهہ ٺاهي ان تي رڌيندا هئا. پنهنجي هٿن سان رڌيل ڪاڌو کائڻ ۾ جو هننکي سواد ايندو هو اُنجي پيٽ ڪنهنجي بہ گهر ۾ ٺهيل ڪاڌي سان نٿي ڪري سگهجي.

پاڻ سان ڪٽي آيا آهيون. اُن کي زنده رکڻ توهان جوانن جي جوابداري آهي. آڪاش کي دادا اهو سڀ ٻڌائيندي جذباتي ٿي ويندو هو. چوندو هو، ”آڪاش دادا جي اُن هٿ جي ڇهاءُ کي اڄ تائين محسوس ڪندو آهيان، دادا جي موجودگي هڪ درخت وانگر هئي، ائين لڳندو هو. گويا هنجي ڇايا ۾ رهندي اسانکي دک جي تپت ذرو به ڇهي نه سگهندي.“

هڪ اميد هئي هنجي اندر ۾ جا ڪڏهن به پوري ٿيڻ واري نه هئي نه آهي ۽ نه ٿيندي. آڪاش جو دادا چوندو هو، ”اها اميد، جي وڏو دادا اڄ جيئرو هجي ها ته شايد پوري به ٿئي ها. هو پاڻ ئي شايد اهو قدم کٽي ها. اهو قدم آهي، واسواڻي مشن جي بلڊنگ جو نالو بدلائي ’سنڌو ٻيلو‘ رکي ها ۽ سنڌين لاءِ سنڌ ۾ ڇڏي آيل ساڌ ٻيلي جي سڪ لاهي ها. شايد اهو به نه ڪري ها. پر سنڌين جي ڪيترن ئي جائز حقن جي سرڪار ڪان گهر ضرور ڪري ها ۽ اهي گهرجون پوريون به ڪرائي ها. اڄ سنڌين ۾ اهڙو ڪوبه اڳوان نه آهي جو سرڪار ڪان ڪافي ڪجهه سنڌين لاءِ ڪرائي سگهي.“

دادا جشن دادا ٿي ايل واسواڻيءَ جو گديسر دنيا جي الڳ الڳ ملڪن ۾ دورو ڪندي سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ۽ سکڻ تي زور ته ڏيندو آهي، پر ڪڏهن به سنڌي جاتيءَ جي حقن جو هن سرڪار اڳيان سوال نه اٿاريو آهي ۽ نه ئي ڪڏهن ڪنهن به سنڌين طرفان ڪوشش سان شامل ٿيو آهي. هو سنڌي جاتيءَ جو روحاني رهبر ئي آهي.

گانڌيڌام لاءِ هڪ صلاح لکميءَ کلناڻيءَ کي ڏني هئي، ته آديپور ۾ سندن اسڪول جي چوڌاري يا مليرجتي هنن جي ڪالوني آهي اُن جي چوڌاري هڪ سنڌو ديوار ٺهرائن. جنهن تي گذري ويل ليکڪن، تعليمدانن، ڪلاڪارن، ڪارخانيدارن، سماجڪ شيواڌارين وغيره جا يادگار پٿر ۽ پتلا هڻن، جيئن هنن جي ڪٽنبن

موهن جي دري وانگر رک جي ڍير ۾ دبيل آهي.“ هڪ لنبو ۽ ٿڌو ساه ڪڍي وري چوندو هو، ”پڳوان ۾ ته منهنجو وشواس آهي ڪونه جو هنجي پروسي پنهنجي جاتيءَ کي ڇڏي ڏيان، جي ڪجهه ڪرڻو آهي ته اسانکي ئي ڪرڻو آهي.“

گهڻو ڪري هنجو دادا گهر ۾ ئي هوندو هو. صبوح جو اٽڪل پنجين بجي اُٿندو هو. پنهنجي چانهه پاڻ ٺاهي ٻاهروراندي ۾ ويهي پيئندو هو. جڏهن ممي جيئري هئي ياد اٿم دادا پنهنجي چانهه ٺاهڻ سان گڏ مميءَ جي لاءِ پڻ ڪوپ ٺاهيندو هو. هنجو پهريون ڪوپ ختم ٿيندو هو پوءِ ممي اچي بالڪنيءَ ۾ هن سان گڏ وهندي هئي. دادا اٿي پنهنجي لاءِ ٻيو ڪوپ ۽ ممي لاءِ پهريون ڪوپ ٺاهي ڪٺي ايندو هو ۽ پوءِ شروع ٿي ويندو هو هنن ٻنهي جي وچ ۾ بحث. ڪڏهن سنڌيت تي ڪڏهن ڌرم تي ۽ ڪڏهن پڳوان جي هجڻ ۽ نه هجڻ تي. دادا جڏهن اڪيلو هوندو هو ته هنجون اکيون بنگلي جي چوڌاري گلن ڦلن ۽ وڻن ٽڻن تي نه هونديون هيون، هنجون اکيون آسمان ۾ هونديون هيون.

آسمان ۾ هو ڇا ڏسندو هو ڪهڙا پوڙ پچائيندو هو ڪير به سمجهي نه سگهيو هو.

ڪڏهن ڪڏهن هو پوني جي مشهور ساڌو واسواڻي مشن ۾ ڪيتريون آشائون ڪٺي ويندو هو. مونکي پڻ پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هو. واپس موٽندي ٻڌائيندو هو، ته جڏهن هو الهاس نگر ۾ رهندو هو ته هڪ دفعو دادا ٽي ايل واسواڻي اُتي آيو. موهن ڪلپنا ۽ هو هن جا اسڪائس هئا دادا واسواڻيءَ جو هڪ هٿ هنجي ڪلهي تي هو ۽ هلندي هلندي دادا ٽي ايل واسواڻي چوندو رهيو، ”اسان پنهنجي ڌرتي، پنهنجا وڻ، پنهنجي وجود جو وسيلو ڇڏي آيا آهيون، پر پنهنجي سڃاڻپ، پنهنجي تهذيب، پنهنجي ٻولي، پنهنجو ورثو

”ڇا سوچيندو آهي، زندگي سوچي ته هلي نٿي سگهجي جو سامهون اچي انکي مٿ ۾ پڪڙي اڳيان وڌڻو آهي.“

انيتا وقت نه وڃائي، سڌو سوال پڇيو، ”الڪا جي باري ۾ تنهنجو ڪهڙو خيال آهي.؟“

”الڪا کي مان چئي لکي ٻڌائيندس هڪ ٻه ڏينهن ڇڏي، اجان به تو وٽ هجي ته ڪيس ٻڌائي ڇڏج.“

اجان انيتا جواب ڏي تنهن کان اڳ انيتا جي دروازي جي گهنٽي وڳي، انيتا آڪاش کي فون تي رهڻ لاءِ چئي، دروازو کولڻ لاءِ اُٿي کڙي ٿي.

دروازي تي دادا بيٺو هو، کيس اندر ويهاري فون تي آڪاش کي ٻڌايائين ته دادا ممبئي پهچي ويو آهي.

راجيش ڪنا سان سهڻو سفر

واپس اچي فون پيءُ کي ڏنائين، دادا آڪاش سان ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”آڪاش مان گهر اچڻ وارو هوس ته راجيش جي خبر پيئي، رهيو نه ٿيو، هڪ ٻه دفعو توکي فون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر تنهنجو فون نه لڳو، مان هينئر باندرا ٿو وڃان واپس پوني ڪڏهن ٿو اچان توکي ٻڌائيندس. فون رکان ٿو.“

دادا وڌيڪ نه ڳالهائي سگهيو، سندس دل پريل هئي. انيتاً ڏانهن نهاري چيائين پُٽ هڪ ڪوپ چانهه جو پيار ته مان نڪران. الڪا اجان گهر ۾ ئي هئي، دادا جو آواز ٻڌو هئائين ۽ اهو به ٻڌو هئائين ته دادا انيتا کان چانهه گهري آهي، هوءَ چانهه ٺاهي ٻاهر نڪري آئي.

دادا کي ڏسي الڪا نمستي ڪئي، موٽ ۾ دادا مشڪندي هن کان پڇيو، ”ڪيئن ٺيڪ آهين پُٽ.؟“

الڪا چپن ۾ مشڪي ڪنڌ سان ’ها ٺيڪ آهيان‘ چئي اندر هلي وئي.

جا ياتي ۽ پوئين ٿي اِهو يادگار ڏسڻ زندگيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو آديپور اچي پنهنجي وڏن جو يادگار ڏسن. لکميءَ ته چيو هو بس هو اها يوجنا جلد شروع ڪندو. اڄ اُن ڳالهه کي 15 سال گذري ويا آهن. نه ڪاڇڙي رڌي، نه اسان ڪاڏي.

فون جي گهنٽي لڳي ته آڪاش جو ڌيان ٽٽو. پنهنجي دادا جي يادگيرين جي ڏور اڌ ۾ ڇڏي هن ٽيليفون کنيو. ڪيس ڇڻ خبر هئي ته فون هن جي پيڻ انيتا جو هوندو. چيائين ”ها انيتا.“

ٻئي پاسي کان جواب آيو. ”ڪيئن ياڻرا پوني پهچي وئين.؟“

”ها...“

”دادا آهي.؟“ انيتا پڇيو.

”نه دادا ته گهر ۾ ڪونهي خبر نه آهي ڪيڏانهن نڪري ويو آهي. فرج تي هڪ نوٽ لکي ويو. آهي ته هو جلد ايندو.“

”مون ٽيليويزن تي هڪ دکدائي خبر ٻڌي، راجيش ڪنا گذاري ويو اڄ صبوح جو.“

آڪاش ڪجهه به موٽ ۾ چئي نه سگهيو. انيتا به محسوس ڪيو هيءَ خبر ٻڌي آڪاش چپ ٿي ويو آهي. فون بند ٿي ويو.

دادا جي اچڻ کي ٽي چار ڪلاڪ گذري ويا هئا. هاڻ هن کي چنتا ٿيڻ لڳي هن انيتا کي فون ڪيو.

”انيتا دادا اڃان نه آيو آهي. ضرور ڪيس هن خبر جي ڄاڻ پئجي ويئي هوندي. هاڻ مونکي هنجي چنتا ٿيڻ لڳي آهي.“

”چنتا نه ڪر دادا پنهنجي ڪنهن دوست سان گڏ ويٺو راجيش ڪنا جون ڳالهيون ڪندو هوندو. تون ٻڌاءِ تون ڇا سوچيندو پوني پهتين.؟“

گهر اندر گهڙڻ سان ويهڻ لاءِ نٿيو ورانڊو، جتي ماحفلون لڳنديون هيون ۽ ڪاڪا گانن تي ڪري آيل شوٽنگ جو احوال ٻڌائيندو هو.

وراندي مان ئي مٿي ڪاڪا جي ڪمري ڏانهن ويندڙ هڪ ڏاڪڻ، جا ڪيترا دفعا هو مٿي چڙهيو ۽ لٿو هو.

وراندي ۾ رکيل ڪاڪا جو شانت اڇي چادر ۾ ڍڪيل جسم، ڍڪيل چادر مان چڻ ڪاڪا هاڻ ٻه انُهن گانن تي ڪيل شوٽنگ جي ائڪٽنگ ڪري رهيو هجي.

چاڻ پيئي هنجو آخرين ڊائلاگ هو، ''ڪم پورو ٿيو، پئڪ اپ ڪريو.''

ڪاڪا پئڪ اپ ڪري هليو ويو، هو وري ڪنهن ٻه فلمي هدايتڪار وٽان لائيٽس، ڪئميرا، سائونڊ ۽ ائڪشن نہ ٻڌندو.

ٻئي ڏينهن صبوح جو هنجو مرتڪ شرير هڪ وڏي ٽرڪ ۾ گلن سان سينگاري قافلو آخرين سفر لاءِ باندرا جي رستن تان هلندو پهتو سانتاڪروز جي شمشان ڀومي ءَ تي.

فلمي دنيا جو اهڙو ڪوبہ شخص نہ هو جو انُ قافلي ۾ نہ هجي.

لکن جي تعداد ۾ ماڻهن پنهنجي بلڊنگ جي ڪُڏن، درين ۽ بالڪنين مان هنجو انتم درشن ڪيو ۽ لکين ماڻهو هنجي ٽرڪ جي اڳيان ۽ ٽرڪ جي پٺيان پنڌ هلندا رهيا.

چوٿئين ڏينهن هنجي آتما جي شانتيءَ لاءِ پرارٿنا ڪرڻ لاءِ آشيرواد ۾ بندوبست ڪيو ويو هو، جتي هال جي وچ ۾ ڪاڪا جي مسڪرائيندڙ تصوير لڳل هئي ۽ سڄي هال ۾ ڪاڪا جي آخرين سنديش جو سوز ڀريو آواز گونجي رهيو هو.

منهنجا پيارا دوستو، ڀائرو ۽ ڀينرون.

مونکي ماضيءَ ۾ رهڻ جي عادت نہ آهي، مان هميشه ايندڙ وقت

دادا چانهه ختم ڪري اٿي انيتا کان موڪلائيندي چيو، ”پُٽَ الڪا کي چئج چانهه سٺي ٿي ٺاهي، مان وري رات جو ايندس، کهڙي وقت نه ٿو ڄاڻان.“

هيٺ اچڻ سان ئي ڪيس ٽئڪسي ملي ويئي. ٽئڪسي واري کي سيلنڪ رستي باندرا هلڻ لاءِ چئي پنهنجي پاسي واري دري کولي ٻاهر نهاريندو رهيو ٽئڪسيءَ جي ڊرائيور پڇيو، ”صاحب باندرا ۾ ڪٿي وڃڻو آهي توهانکي.؟“

”ڪارٽر روڊ.“

ڪارٽر روڊ پهتو ته هن ڏٺو حشام ماڻهن سمورو ڪارٽر روڊ والاڙي ڇڏيو هو. آهستي آهستي هو آشيرواد بنگلي تائين پهتو. گهر جي ٻاهران ڪيترين فلمي هستيون بيٺيون هيون، ڪن اندر وڃڻ جي ڪوشش پئي ڪئي ته ڪي ڪاڪا جو آخرين درشن ڪري ٻاهر ٿي آيا.

سموري بنگلي کي هڪ اڇي پردي سان ڍڪيو ويو هو جنهن جي مٿان ڪاڪا جو مسڪرائيندڙ چهرو چپيل هو. ائين پئي لڳو هو ڪيڪاري هر ڪنهن ايندڙ کي اندر اچڻ لاءِ چئي رهيو هجي. راجو به اندر هليو ويو.

اهو ئي ساڳيو ننڍو باغ جو ٽڪر، وچ ۾ ساڳيو وڻ جو ڪٽيل ٿُڙ جنهن ۾ ڪاڪا شراب جون بوتلون ۽ گلاس رکندو هو. اُهي ساڳيون ڪرسيون ۽ ٽي ننڍا ٽيبل رکيل هئا. انهن ڏينهن جا جڏهن انجو منهندرو هن سان گڏ رهندي هئي، ڪيترا دفعا هنجي ٺاهيل پيز پٽاٽن جي ڀاڄيءَ سان گڏ گرم گرم ڦلڪا ۽ مٿان ربڙي کائڻ جو راجو کي موقعو مليو هو.

گهر ۾ مٿي وڃڻ وارا اُهيئي ڇهه ڏاڪا، جتي گهڻو ڪري تائي ويٺي هوندي هئي.

مان پاڻکي بہ چوندو هيس، ''ائڪٽر بڻجڻ هليو آهين راجيش کنا، توکان هڪڙو پورو ڊائلاگ تہ چيو نٿو وڃي. شرم جي ڳالهہ آهي لعنت آهي مون تي، مان ڪڏهن بہ ائڪٽر بڻجي نہ سگهندس.''
پر ايشور جي آشيرواد سمجهو، هنجو ڪرامتي ڪاريہ سمجهو، مون فيصلو ڪيو تہ مان ڪاجهہ نہ ڪاجهہ ڪري رهندس.

مان جڏهن فلمن ۾ آيس، منهنجي مٿان هٿ رکڻ وارو ڪير ڪونہ هو. مان فلم فئر ۽ يونائيٽيڊ پروڊيوسرن طرفان رٿيل ٽئلينٽ مقابلي ۾ ڪامياب ٿي آيس.

اُن مقابلي جي خبر فلم فئر ۽ ٽائيمس آف انڊيا جي پين نڪرندڙ مگزنن ۽ اخبارن ۾ ڇپي.

مون ڪٽنڇي ڪٽئين، اُهو اشتهار ڪٽيو لکيل هو، ''هن عرضيءَ سان گڏ پنهنجا ٢ فوٽا موڪليو.''

مون درخواست سان گڏ ٢ فوٽا موڪليا، مونکي ٽائيمس آف انڊيا ۾ گهرايو ويو. هڪ وڏي ڪمري ۾ هڪ وڏي ٽيبل تي فلمن جا وڏا وڏا هداتيڪار ۽ نرماتا ويٺا هئا. هنن کي ڏسي مان گهٻرائجي ويس، مان تمام گهٻرايل هوس.

يونائيٽيڊ پروڊيوسرس ۾ 12 پروڊيوسر ميمبرس هئا. جي پي سپي، بملراءِ، هيمنت ڪمار، شڪتي سامنت، ناصر حسين، ايس مکرجي، جي اوم پرڪاش، بي آر چوپڙا، چيتن آنند، موهن ڪمار، ايڇ ايس راويل ۽ راج کوسلا.

هنناجي سامهون ڪمري جي وچ ۾ هڪ ڪرسي پيل هئي مونکي اُن تي ويهڻ لاءِ چيو ويو.

شڪتي سامنت پڇيو تہ مونکي موڪليل ڊائلاگ ياد آهي؟

سامهون وڏا وڏا هدايتڪار ڏسي مونکي لڳو منهنجو ڪورٽ مارشل

ڏانهن نهاريندو آهيان. جو وقت گذري ويو، جي ڏينهن گذري ويا اُن جي باري ۾ سوچي ڇا ڪبو.

پر جڏهن ڇاتل سڃاتل چهرا ڪن اڻ سڃاتل جڳهين تي ملندا آهن تہ گذريل وقت جون يادگيرون ذهن ۾ ٻوڙنديون ايندينون آهن ۽ گذري ويل وقت واپس اچي ويندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن مونکي ائين لڳندو آهي تہ سو سال اڳ جڏهن مان ڏهن سالن جو هوس، منهنجي توهان سان ملاقات نہ ٿي هئي.

منهنجو جنم ٿئيٽر سان ٿيو. ٿئيٽر جو مان شڪرگذار آهيان.

مان جو ڪجهہ بہ اڄ آهيان اهو اُن رنگ منچ ۽ ناٽڪي دنيا جي بدولت آهيان.

جڏهن مون رنگ منچ تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، مونکي ننڍي ڪلاڪار جي رول ۾ ڪنيو ويو.

مونکي هڪ پوليس انسپيڪٽر جو رول ڏنو ويو، جنهنجو هڪڙو ئي ڊائلاگ هو، ”خبردار نمبردار ڀڄڻ جي ڪوشش نہ ڪج چئني طرفان پوليس جو گهيرو آهي.“

پر جڏهن مان اسٽيج تي ويس تہ مون چيو، ”نمبردار خبردار ڀڄڻ جي ڪوشش...“ باقي ڊائلاگ مونکان وسري ويو.

وي ڪي شرما، جو ناٽڪ جو هيرو هو، تنهن مونکي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، ”انسپيڪٽر جي چوڻ جو مطلب آهي، ڀڄڻ جي ڪوشش نہ ڪج چوطرف پوليس توکي گهيري ڇڏيو آهي.“ جو ڊائلاگ مونکي چوڻو هو اهو وي ڪي شرما چيو.

اُن ڪانپوءِ مون تي خوب ڪاوڙ ڪئي ويئي، خوب طنظ بازي ڪندي چيو ويو، ”ائڪٽر بڻجڻ هليو آهين هڪ ڊائلاگ بہ پورو صحيح نہ تو چئي سگهين.“

ڪتيو تہ رت بہ نہ نڪري، پسينو نڪري رهيو هو. جنهن طرح هنن چيو، مونکي لڳو مون تي غصو ڪندي چيو اٿن.

مان گهٻرايل بہ هوس ۽ ڊڄي بہ رهيو هوس. جنهن ڊائلاگ جي ڪري ۴۰ سال اڳ مون فلمي دنيا ۾ پير رکيو ۽ جي پي سپيءَ مونکي فلم ۾ ڪنيو اهو ڊائلاگ هو.

”ها مان ڪلاڪار آهيان، ڪلاڪار آهيان، ڇا ڪندا منهنجي کهاڻي ٻڌي. اڄ ڪان ڪيترا سال اڳ مون هڪ اهڙو پيالو پيتو جو مون لاءِ زهر هو ۽ ٻين لاءِ امرت. هڪ اهڙو واقعو جو ٻڌائڻ سان منهنجي ڇپ ۾ ڇالا پئجي ويندا آهن.

جڏهن مان ننڍو ٻار هوس تہ پاڻکي باه جي ٻنيٽ ۾ پاتو ۽ جڏهن اُن باهہ مان جيئرو نڪتس، مون پاڻکي بدصورت پاتو.

مون محسوس ڪيو هڪ خوبصورت صبوح، هڪ ڀيانڪ رات ۾ بدلجي ويو آهي، مان ٻاهر وڃڻ کان ڊڄڻ لڳس.

مان گهر ۾ ويهي گيت لکڻ لڳس. جيتري بدصورت منهنجي صورت هئي، ايترائي مڌر هئا منهنجا گيت.

دنيا مونکي ڌڪارڻ لڳي پر منهنجن گيتن کي پيار ڪرڻ لڳي.

مان چلائيندو چوندو رهيس، ”توهين ڇا چانڊني رات سان پيار ٿا ڪريو، چنڊ سان پيار ٿا ڪريو، پر ستارا جيڪي منهنجي اکين مان ٿا وهي نڪرن اُنهن کي نہ.“

منهنجن گيتن ڪيترن جي دل چورائي، ڪيترن جا منهنجي سارهہ ڀريا خط مون وٽ اچڻ لڳا، ڪيترن وٽان مون سان روبرو ملڻ لاءِ وينتيون ٿينديون رهيون. پر مان ڪنهن سان بہ روبرو نہ ملي سگهيس.

هڪ ڏينهن مونکي هڪ خط مليو لکيل هو، ”مونکي تنهنجن گ يتن مان شانتي ملندي رهي آهي، مان تو سان گڏجڻ ٿي چاهيان. اگر

ڪيو ويندو، هينئر ڪير بندوق ڪڍندو ۽ مونکي گولي هڻي ويندي.

مون کين چيو، ”ها مون ڊائلاگ پڙهيو آهي ۽ اُنجو ايپياس به ڪيو آهي. پر توهان ته اهو نه ٻڌايو آهي ته هن ڊائلاگ ۾ ڪردارنگاري ڪهڙي آهي؟.“

ڊائلاگ هڪ ائڪٽر جو هو جو پنهنجي ماءُ کي ڪنهن رشتي جي لاءِ مڃائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ته هڪ ناچ ڪندڙ ڇوڪريءَ سان هو پيار ٿو ڪري ۽ هنکي سندس نهن بڻائي گهر ۾ وٺي اچڻ ٿو چاهي. ڊائلاگ جو تات پرج ڪجهه اهڙو ئي هو.

مون وڌيڪ چيو، ”هن ڊائلاگ ۾ ته ڪا به ڪردارنگاري نه آهي. ماءُ جو سڀاءُ ڪيئن آهي؟ نرم آهي گرم آهي؟ غصي واري آهي يا پيار ڪندڙ؟ اڻپڙهيل آهي، پڙهيل ڳڙهيل آهي؟ هن ڊائلاگ مان ته ڪجهه به ظاهر نٿو ٿئي.“

چوپڙا صاحب پڇيو، ”تون ڇا ٿئيٽر مان آهين.؟“

مون چيو، ”ها.“

هن چيو، ”هڪ ٿئيٽر جو ماڻهو ئي ائين ڳالهائي ٿو سگهي. چڱو تون ڪو به ڊائلاگ چئه جو توکي ياد هجي.“

هاڻ ڇا ڪريان. قسمت سان مون کي منهنجي ڪيل هڪ ڊرامي ’مجهڪو يارو معاف ڪرنا‘ جو ڊائلاگ ياد هو جو هڪ مشهور ليکڪ جو لکيل هو.

مون پڇيو، ”مان اُٿي بيهي هيءُ ڊائلاگ چئي سگهان ٿو.؟“

هنن چيو، ”ها بلڪل، اُٿي چئه يا ويهي، جو به ڊائلاگ جيئن به چئين چئي سگهين ٿو.“

هاڻ مان ڇا ڪريان، سامهون وڏا وڏا نرماتا ۽ هدايتڪار ويٺا هئا. جن جون فلمون مون ڏهه ڏهه دفعا ڏٺيون هيون.

مان ٽن لفظن ۾ توهان جا شڪرانا مڃيندس. پيار مونکي ملندو رهيو، پيار مون سان ڪندا رهيا پر مان اُن پيار جي موٽ نہ ڏيئي سگهيس. مان جو بہ چوڻ چاهيندس. مان فقط پنهنجي دل جي گهراين، دل جي سچائيءَ سان مان توهانجو شڪرگذار آهيان.

هاڻ منهنجي دل جو بار هلڪو ٿيو آهي، توهانجا شڪرانا مڃين.

اِن بهاني توهان سان ملڻ جو موقعو مليو. توهان سان ملي مان خوش ٿيو آهيان هن اڄ جي دنيا ۾ توهين ڪنهن کي بہ پنهنجو نٿا چئي سگهو.

هڪ آخر سٽ چوندس.

''هر ڪسي اپنا کهين، ڪوئي اپنا نهين ملتا.

پٿر تو بهت ملتي هئہ، ليڪن ڪوئي دل نهين ملتا.''

''تہ منهنجا دوستو جيئن مون اڳ بہ چيو آهي، تہ توهان پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي جو هيتري تعداد ۾ سڀ هتي اچي گڏيا آهيو اِهو توهان جو پيار ئي تہ آهي. مهرباني ۽ منهنجا توهان لاءِ سوين سلام.''

راجيش اسانکان موڪلائي نہ ويو آهي، اسين هنکان موڪلائي سڀ آشيرواد بنگلو ڇڏي هلندا رهياسين راجيش جو مسڪرائيندڙ منهنڙو اکين ۾ سمائي.

پنهنجا جي گل بہ هٽن تہ زندگي ۾ جو درد رهجي ويندو آهي، ۽ جي ڏاريا پٿر بہ هٽن تہ ذري ۾ بہ پيڙا نہ ٿيندي آهي.

ڪاڪا انهن پنهنجن طرفان هٽيل گلن جا زخم ڪٽي هليو ويو پوري شان مان سان.

50 سال هڪ پل ۾ اکين اڳيان اچي ويا. ڪيترا ورق ورائجي

جي تون مون سان نہ گڏجندين تہ نہ معلوم مان ڇا ڪري ويهنديس، تون ڪجهہ ڪر.''

مون سوچيو، ''مونکي لڳو ڪجهہ ڪريان، ڪٿي هوءَ حسينا پاڻ سان ڪجهہ ڪري نہ ڇڏي. مون سوچيو مان هن کي گهرايان، ۽ پنهنجو هيءُ بدصورت چهرو ڏيکاري، پنهنجيءَ سموري طاقت سان بدلو وٺان.''

مون هنکي پاڻ وٽ گهرايو. حسينا مون وٽ آئي، هوءَ خوبصورت هئي ريشم جهڙي ملايم، ماڪ جي بوند وانگر هئي ۽ مان واڻ وانگر سخت ۽ مان هن معصوم جي سامهون هڪ مايوس. مان پنهنجو بدصورت چهرو لڪائي هن سان ڳالهائيندو رهيس.

منهنجا گيت لفظن ۾ هئا ۽ هنجا گيت زبان تي. مون هنجي اڳيان شاديءَ جو پرستاءُ رکيو.

هن خوشيءَ ۾ چيو، 'ها مونکي منظور آهي.'

مون هنکان پڇيو، ''تون ڪير آهين، ڪٿان آئي آهين،؟''

هن ٻوڙها ڳاريندي چيو، ''مان تنهنجي پريميڪا آهيا.''

مون هنجي اکين ۾ نهاريو، مون هنجي اکين ۾ سمورو پيار ڏٺو. مون چيو، ''تنهنجي اکين ۾ پيار آهي.''

مون هنجي اکين ۾ وري ڏسندي چيو، ''مان تنهنجي دل جي راحت تہ بڻجي ٿو سگهان، پر تنهنجين اکين جي راحت نہ بڻجي سگهندس ڇو تہ مون وٽ اها دل ئي نہ آهي.''

'' فلمن ۾ اچي ويس، پر اُن ڪاميابيءَ تي پهچڻ جو شرف تہ توهان کي آهي جو توهان مونکي ائڪٽر مان هڪ ستارو، ستاري مان سپر ستارو بڻايو. مان اُن لاءِ توهانجا ٿورا ڪيئن مڃان.؟

سپلاءِ ڪرڻ جو هو. جنهن ۾ راجيش جو پڻ حصو هو.

پنهنجن سڳن مائٽن کان الڳ ٿي هنجو دلي درد پرايو هو. اهو ڪڏهن مون سان اڪيلو هوندو هو ته پريل دل ۽ آلين اکين سان ظاهر ڪري ويهندو هو.

راجيش کي پيار سان سڀ 'ڪاڪا' ته چوندا هئا. پر ڪيس ڪڏهن به ڪنهنجو سچو پيار نه مليو. هنکي نه سڳيءَ ماءُ جي هنج ملي نه ئي سڳي پيءُ جي آڱر. نه ڪنهنجي آشيرواد جو هٿ نه ئي ڪنهن جي ڪلهي جو سهارو.

نه انجوءَ جو سمورو پيار نه نيتا ۽ ڊمپل جو. آخر تائين پيار لاءِ هو پياسو رهجي ويو. تڏهن به پنهنجن دوستن لاءِ، پنهنجن چاهڪن لاءِ ۽ پنهنجن اپنايل مائٽن لاءِ هنجي پيار ۾ ذري به ڪمي نه آئي. هر وقت هر ڪنهنجو مددگار بڻيو رهيو.

هو پنهنجي اپنايل ماءُ کي 'تائي' ڪري ڪوٺيندو هو. ڪڏهن به هن کي 'امان' ممي يا ممُ ڪري نه ڪوٺيو.

ڪيترا دفعا اسين سڀ هنجي گهروچي هنجي تائيءَ جي هٿان ٺاهيل آلو، موري ۽ دال جا پراٺا کائيندا هئاسين.

1965 ۾ يونائيٽيڊ پروڊيوسرس جي ٽئلينٽ ڪانٽيسٽ جنهن ۾ راجيش چونڊيو ويو هو. راجيش جو هنن سڀني سان 3 سالن لاءِ ڪانٽريڪٽ هو ته هو هرهڪ پروڊيوسر سان گهٽ ۾ گهٽ 3 فلمون ڪرڻ لاءِ ٻڌل رهندو سو به مقرر ٿيل عيوضي ادائي لک ريين ۾.

هڪ طرف راجيش جي فلمن جو سلسلو شروع ٿيو ۽ ٻئي طرف منهنجي فلم اُسڪي ڪهاڻي شروع ٿي ۽ ختم ٿيڻ تي هئي. مون کي خبر هئي ته راجيش انجو منهندروءَ کي پيار ڪندو هو.

مان روز صبوح جو ڪار مان جتي انجو رهندي هئي هن کي

ويندا آهن. گرنٽ اٽلجي ويندا آهن انهن پلن ۾.

رشتن جي ڏور ٽٽندي آهي ته آواز نه ٿيندو آهي، ليڪن زندگيءَ جو بنياد ئي ڏڏي ويندو آهي.

دل جي ويرانين ۾ ارمانن ۽ يادگيرين جا ميلا لڳي ويا.

منزل طرف ويندڙ رستا ڏنڌلا ٿي ويا، پر منزل ڏنڌلي نه ٿي.

راجيش ڪنا سان منهنجو رستو ڪاليج جي ڏينهن کان هو. تنهن وقت مان جئه هند ڪاليج ۾ پڙهندو هوس ۽ راجيش ڪيسي ڪاليج ۾.

ساگر سرحدي، وي.ڪي.شرما. ۽ گرنام اهي هنجا خاص دوست هئا. راجيش شاهوڪاري ٻار هو. اسين سڀ چرچ گيٽ جي گيلارڊ ريسٽارنٽ ۾ اڪثر گڏجندا هئاسين. اسڪرمبل ايگ ٽوسٽ. راجيش کي ڏاڍو پسند هو.

ريسٽارنٽ جو هرهڪ ماڻهو اسان پنجني کي سڃاڻندو هو ۽ اسانجي ويهڻ سان ئي پنج پليٽون ٽوسٽ مٿان اسڪربل ايگ ۽ چانهه اچي ويندي هئي بل هميشهه راجيش ڀريندو هو.

جنهن ڊراما ۾ راجيش ڪم ڪيو هو ۽ ڊائلاگ ڀلجي ويو هو اُن ۾ گيتا پڻ هئي، ڊراما ساگر سرحديءَ جو لکيل هو. ڊراما جي ريهسل ٺاڪردوار مندر ۾ ٿيندي هئي جتي گيتا باندرا کان بس ۾ ايندي هئي ۽ واپس گڏجي گهر موٽندا هئاسين.

اُن کان اڳ ۾ هنجي امپالا ڪار ۾ سوار ٿي جئه هند ڪاليج جي ڪئنٽين ۾ اچي ديرو ڄمائيندا هئاسين تنهن وقت هو ٺاڪردوار گرگاون تي رهندو هو، هنجي چاچي لالا هيرانند ۽ چاچي چاندرانيءَ کي ڪوبه اولاد ڪونه هو جنهنڪري هن راجيش کي پٽ ڪري اپنايو.

هنجي ڪٽنب جو ڏنڌو ملٽري جون ڊريسون ٺاهڻ ۽ ملٽريءَ کي

وهاٽي هيٺان رکي سمهنديون هيون ۽ هنجا سپنا ڏسندي ننڊ ڪنديون هيون.

هڪ دفعي هڪ سورداس جنهن اڪائونٽنسي پاس ڪئي هئي مها لڪشمي اسٽوڊيو ۾ هلندڙ شوٽنگ وقت هن سان گڏجڻ آيو. راجيش کي جيئن ئي ٻڌايو ويو، هو شوٽنگ ڇڏي هن سان گڏجڻ لاءِ ٻاهر آيو، هن سان نہ فقط هٿ ملائي گڏيو پر هن سان ڀاڪر پائي گڏيو.

ٻئي دفعي ڪالاگورا وٽ ليبديز ڪاليج ۾ ليبديز هنکي نينڊ ڏني هئي جتي هو ڪنهن ڪارڻ انڪل ٻہ ڪلاڪ دير سان پهتو تڏهن بہ موجود ليبديز مان ڪير بہ اُٿي هلي نہ ويئي.

جڏهن پروگرام ختم ٿيو اسين سڀ هنجي ٽويٽا گاڏيءَ ۾ باندرا طرف هلڻ لڳاسين. مرين لائينس وٽ ڏٺوسين هڪ ٻڍي مائي ٽئڪسيءَ مان هٿ سان اشارو ڪري راجيش جي ڪار کي بيهارڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي، راجيش شيشي مان هنکي ڏسندي ئي ڪار بيهاري هيٺ لهي ٽئڪسيءَ وٽ وڃي هنکان آشيرواد وٺي واپس آيو. هر ڪنهن جي دعائن سان هنجو دامن ڀريل هو.

هنجي ۽ منهنجي سگريٽ جو براند ساڳيو هو555 گاڏيءَ ۾ وهندي مان سگريٽ دکائي ڪاڪا کي ڏيندو هوس، ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪاڪا دکائيندو هو ۽ مونکي ڏيندو هو. اسانجي ڪمپنيءَ ۾ ٻيو ڪير بہ سگريٽ نہ ڇڪيندو هو. منهنجو سگريٽ ڇڪڻ جو نمونو الڳ هو. جنهن نموني جواهر لال نهرو، بمل دا يا فلمن ۾ غونڊا ڇڪيندا نظر ايندا آهن. اُن نموني ڇڪڻ سان نڪتين ڦڦڙن تائين نہ پهچندو آهي. راجيش کي منهنجو اهو نمونو پسند اچي ويو ۽ هن هڪ فلم ۾ پڻ ساڳئي نموني سگريٽ ڇڪيو آهي.

روز شام جو ڪاڪا جي گهر ۾ محفل لڳندي هئي، بلئڪ ليبل

ڪار ۾ ملاد ۾ وٺي ويندو هوس جتي اسين اُسڪي ڪهاڻيءَ جي شوٽنگ ڪندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن انجو راجيش جي باري ۾ ڳالهائيندي هئي، ائين لڳندو هو راجيش جو هڪ طرفو پيار هو.

انجوءَ جي ماءُ شانتا منهندرو مشهور ميوزڪ ڊاريڪٽر مدن موهن جي سڳي ڀيڻ هئي. انجوءَ جي هڪ هنڪان ننڍي ڀيڻ به هئي اَنو، جا پوءِ هڪ ائرلائينس ۾ ائر هوسٽيس بڻي.

راجيش جو ستارو چمڪندو رهيو. هنجو يونائيٽيڊ پروڊيوسرس سان ڪانٽريڪٽ پورو ٿيڻ وارو هو. هڪ دفعي اسان سڀ اين ايس ڪبير شرميلا ٽئگور جو سيڪريٽري، دادا شرما ڪيترين ئي فلمن جو پراڊڪشن ڪنٽرول، گمنام، وي ڪي شرما، دين ديال شرما، ريمنارڊ لئبارٽريءَ ۾ فلم آراڌنا جي ٽرائل ڏسي ٻاهر نڪتا هئاسين ته راجيش چيو، ”راجن جي هاڻ مان يونائيٽيڊ پروڊيوسرس مان آزاد ٿيڻ وارو آهيان ادائي لکن ۾ جيتريون فلمون صحي ڪري سگهين ڪر، مان ڪهڙي به بئنر هيٺ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

مون کيس چيو هو، ”ڪاڪا صبر ڪريار، هيءُ ’آراڌنا ۽ دو راستي‘ رليز ٿيڻ ڏي. اُن کانپوءِ ڳالهائينداسين. ادائي ڪروڙ به تولاءِ گهٽ هوندا.“

دادا شرما به هامي ڀري ۽ ٿيو به ائين. دادا شرما ڪنهنجو به نڙر ڏسي آئينده ٻڌائي سگهندو هو.

آراڌنا ۽ دو راستي کانپوءِ راجيش ريس جي ڪار وانگر ايترو ته اڳتي وڌيو جو ائين پئي لڳو هاڻ هنکي ڪير به روڪي نه سگهندو.

هنجي رومانچڪ ائڪٽنگ ۽ ڊائلاگ ڊليوري نوجوان ٿهي تي ايترو ته اثر ڪيو جو ڪيترين جوان ڇوڪرين پنهنجي ئي آڱوٺي مان رت ڪڍي پنهنجي سينڌ سنواري. ڪيترين ته هنجي فوٽي سان شادي به ڪئي ۽ ڪيتريون هنجو فوٽو رات جو سمهڻ وقت پنهنجي

جنهن ۾ ترو ڪونہ هو اهو نئون تي ويو ۽ گهر هيٺان بيٺل ٻئي گاڏيون هلڻ لڳيون.

اُن وقت پريم لالا سان گڏجي هڪ سنستا ٺاهي، ’انڊس آرٽس‘ جنهنجو پريزيڊنٽ ٿيو پريل لالا ۽ سيڪريٽري گيتا راج.

انڊس آرٽس طرفان سنڌيءَ جي هر پهلوءَ ۾ ڇاتل ساڄاتل شاخصيتن کي ۽ هنديءَ جي ڪامياب فلم کي انڊس اوارڊ ڏنو ويو. تنهن سال آراڌنا فلم رليز ٿي هئي ۽ سپر ڊپر هٽ ٿي هئي. انڊس آرٽس طرفان سنمکا آنند هال ۾ پروگرام رکيو ويو هو جنهن ۾ آراڌنا جي ساڄي ڪاسٽ کي ۽ سنڌين مان ماسٽر چندر، ناري گرسهاڻي، ايس پي مينگهاڻي، سي ارجن ۽ ڪوشليا عطر سنگتاڻيءَ کي انڊس آرٽس اوارڊ ڏنو ويو. شڪتي سامنت، ايس ڊي برمن، راجيش کنا سڀني پروگرام ۾ ڀاڱ ورتو.

هڪ دفعو منهنجو شرميلا جي گهر وڃڻ ٿيو. هن ڪبير کي چيو، ”راجن جيءَ کي اندر موڪل.“ ڪبير دادا کي اندر موڪلي فلئٽ جي ٽئريس تي وڃي ويٺو. مون اندر وڃي ڏٺو شرميلا بستري تي سنهي گائون ۾ ليٽي پيئي هئي. مونکي لڳو منهنجي بيبي انيتا بستري تي ليٽي پيئي هئي.

مون کيس ڏسندي ئي چيو، ”ديدي ڪوئي خاص ڪم.“

شرميلا پنهنجن ٻن ساڄہ جي ڪاٺ مان ٿهيل ڪيٽن ڏانهن اشارو ڪندي چيو ”هيءُ ٻئي وڪٽا آهن، هنن جو ڪو بندوبست ڪري سگهين تہ...“ هن مهل تائين شايد هنجي ڇا ڪنهن بہ هيروئن جي ڪنهن بہ پروڊيوسر ڪنهن بہ هيروئن کي ’ديدي‘ چئي مخاطب نہ ٿيو هوندو.

اُهي ڪيٽ ترلوڪ بلڊنگ ۾ جو اسانجو فلئٽ هو اُن ۾ ڪٽي

وسڪيءَ جي بوتل کلندي هئي ۽ وسڪي پيئڻ جو دور شروع ٿيندو هو.

تنهن وقت سليم خان ۽ جاوِد اختر به هر شام جو ڪاڪا جي گهر اُن بيٺڪ ۾ شامل ٿيندا هئا.

ڪاڪا شوٽنگ ۾ شوٽ ٿيل سين جو ذڪر ڪندو هو ۽ سليم جاوِد ڪنهن نئين ڪهاڻيءَ جي پلاٽ جو ذڪر ڪندا هئا.

هڪ نئين شروعات

تنهن وقت مون وٽ ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڪونه هو. راجيش جي چوڻ تي مون هن ۽ شرميلا ٽئگور سان فلم جي تياري ڪئي. 'تياگ' گرنام ۽ اين سي ڪبير مون سان ساٿ ڏيئي بيٺا. شرميلا جي شوٽنگ لاءِ تاريخن جي جوابداري ڪبير تي هئي ۽ راجيش جي تاريخن جي جوابداري منهنجي.

فلم جي ڪهاڻي ۽ هدايتڪاري دين ديال شرما جي هئي. جنهن شهيد ڀڳت سنگهه جي ڪهاڻي لکي هئي. جا ڪتريءَ ٺاهي هئي.

ڪهاڻيءَ پڌڻ جي سٽنگ اسانجي فليٽ ترلوڪ بلڊنگ ڊاڪٽر امبيڊڪر روڊ باندرا ۾ رکي ويئي. ڪهاڻيءَ تي بحث مباحثي ۾ ساجي رات گذري ويئي. بلڊنگ جا سڀ ماڻهو پنهنجين بالڪنين ۾ بيٺا رهيا ڪاڪا جي هڪ جهلڪ پائڻ لاءِ.

صبوح جو راجيش کي حيدراباد وڃڻو هو. پر وڃي نه سگهيو.

فلم جي پڌرائي ڪرڻ سان ئي ڪيترن پرانتن جا حق واستا وڪامجي ويا. راجيش ۽ شرميلا جي جوڙي تنهن وقت آسمان ڇهي رهي هئي، پروڊيوسرن جي قطار وڌندي ويئي.

گرنام جو ڪالر مٿي ٿيڻ لڳو. وي ڪي شرما هوا ۾ اڏامڻ لڳو. ٻئي طرف منهنجو گهر ٺهڻ لڳو. گهر ۾ راشن اچڻ لڳو. جوتو

تيار هئي.

تياڳ ۽ بدنام فرشتي (جا مون تياڳ جي شوٽنگ هلندي شروع ڪئي هئي.) ٻئي لڳ ڀڳ تيار هيون. پر ٻنهي ۾ ڪافي ڪم رهيل هو. مون ڪاڪا کي ان ڳالهه کان واقف ڪيو ۽ ڪاڪا چيو ائين ٿي نٿو سگهي، توهان مون تي ڇڏ مان تو لاءِ هتي ڪجهه ڪندس.

ڪاڪا، مان، ڪرن ديوان (جهوني وقت جو مشهور هيرو) ڪبير، دادا شرما راجڪمل استوڊيو ۾ 'آنند' فلم جي ٽرايل ڏسي ٻاهر نڪتا هئاسين. يش چوپڙا اُن ئي اِستوڊيو ۾ فلم 'داستان' جي شوٽنگ ڪري رهيو هو.

تنهن وقت هو پنهنجي ڀاءُ بي آر چوپڙا جو اسسٽنٽ هو ۽ هنڪان الڳ ٿيڻ پئي چاهيائين. ڪاڪا يش چوپڙا کي مون سان ڀائيواري ڪرڻ جي راءِ ڏني جا هن خوشيءَ سان قبول ڪري ڪئي. ٻئي ڏينهن يشراج فلمس پراڊڪشن جي تياري ٿيڻ لڳي. يشراج طرفان پهرين فلم هئي 'داڳ' جنهن ۾ راجيش ۽ شرميلا بنا ڪنهن اجوري جي ڪم ڪيو.

ڪاڪا مون کي هڪ ٻيو پروپوزل پڻ ڏنو تارديو تي هڪ مني ٿئيٽر ونڻي ڏيڻ جو. جنهن ۾ ڪاڪا ۽ شرميلا سيٽ اپ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. پر منهنجو پارٽ ۾ رڪجڻ ناممڪن بڻجي پيو. ڇو ته منهنجي سالي اسد پازبيڪ سان منهنجي طرفان اگريمينٽ ڪري ڇڏي هئي.

تنهن وقت رامسي وارن جي طرفان امر چندناٽيءَ کي هيرو بڻائڻ لاءِ سنڌي فلم 'نقلي شان' شروع ڪئي هئي جنهن ۾ گيتا هيروئن هئي. هيءَ گيتا جي ٻي فلم هئي، پهرين هئي هوجمالو. هينئر گيتا کي هڪ ٻيو ڪانٽريڪٽ به مليو هو. نيوز ڪاسٽر جو فلم ڊوبڻ

آيو هوس جي اڄ بہ اُن فلئٽ ۾ موجود آهن.

ملاڊ ۾ مڊ آئلنڊ تي شوٽنگ رکي ويئي، جتي صبوح جو 7 بجي پهريون شاٽ وٺڻو هو. مان روز صبوح جو ڇهين بجي ڪاڪا جي گهر آشيرواد ۾ ويندو هوس، سڌو هنجي بيڊ روم ۾. شايد مان ئي هوس جو هنجي بيڊروم ۾ بيڌڙڪ وڃي سگهندو هوس ۽ هنکي ان تي ڪوبہ اعتراض نہ هو.

ڪاڪا اٽڪل ڇهين بجي بستري تي اُٿي ويهندو هو ۽ اسين ٻئي گڏجي چانهہ پيئندا هئاسين. چانهہ پيئندي هو شرميلا کي فون ڪندو هو تہ تيار ٿئي. شرميلا ميڪ اپ ڪرائي ٺيڪ پوڻين ستين بجي ڪاڪا جي گهر جي ٻاهران هوندي هئي، ۽ هو ٻئي ملاڊ ۾ مڊ آئلنڊ پهچي ويندا هئا.

فلم جا چوڏهان ريل پورا ٿي ويا هئا. سيمي ايڊيٽيڊ فلم جي ريمارڊ لئبارٽري ۾ ٽرايل رکي ويئي ستن مان ڇهہ ڊسٽريبيوٽر فلم ڏسڻ آيا ۽ سيني کي فلم تمام سٺي لڳي ۽ رليز ڪرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا.

مرسيڊس ڪار منهنجي ڪمزوري هئي، تمنا هئي تہ هڪ ڏينهن مرسيڊ ڪار وٺندس.

منهنجو سالو سيراليئون اولهہ آفريڪا ۾ ڪشنچند چيلارام مشهور سنڌي واپارين وٽ مئنيجنگ ڊائريڪٽر هو.

اسد يازبيڪ سيراليئون ۾ مرسيڊس ۽ ٻين ڪارن جو مکيہ ايجنٽ هو. منهنجي سالي هن سان منهنجي باري ۾ ڳالهايو ۽ هو مونکي پنهنجي هڪ برانچ لاءِ مئنيجر جي حيثيت ۾ گهرائڻ لاءِ تيار ٿي ويو.

منهنجي گهر وارن کي فلمي دنيا ۾ منهنجو ڪم ڪرڻ پسند ڪونہ هو ۽ منهنجي سالي منهنجي يارت ڇڏي وڃڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو. وڃڻ جي ٽڪيٽ اليٽئليا ايئرلائينس جي آفيس ۾

خبر پئاجي ويئي تہ مون وڃڻ رد ڪري ڇڏيو آهي ۽ هو آرام ڪرڻ لڳو ۽ چندولال جئسنگهاڻي هٿ مليندو رهجي ويو.

پارت ڇڏڻ کان اڳ راجيش منهنجي پروڊيوس ڪيل فلم اسڪي ڪهاڻي جنهن ۾ مون پنهنجو سڀ ڪجهہ وڃائي ڇڏيو هو، خريد ڪئي ۽ انَ ۾ جيتري بہ لاڳت تي هئي اها مونکي ڏني. ٻارن لاءِ پئيان ڪافي ڪجهہ ڇڏي ۽ جن جا بہ ڪي بہ بل رهيل هئا سڀ چڪائي، تياڳ ۽ بدنام فرشتي جي لڳ ڀڳ تيار هيون راجيش جي سيڪريٽري گرنام ۽ شرميلا جي سيڪريٽري ڪبير کي ڏيئي مون وڃڻ جي تياري ڪئي.

آخري ڏينهن تي مان ڪاڪا ۽ هنجي تائيءَ سان موڪلائڻ ويس، تائيءَ چيو "اڄ رات جو وڃڻ کان اڳ هن گهر مان وڃجاَ منهنجي مندر مان آشيرواد وٺي پوءِ."

شيام ليکراجاڻي پنهنجي ڪارڪٽي آيو، اسين سڀ انُ ۾ چڙهي راجيش جي گهر وياسين.

تائي بنگلي جي ڏاکن تي ويٺي هئي، ڪيڪاري آشيرواد ڏنائين ۽ مندر ۾ وٺي وڃي آرتي ڪرايائين. آخر ۾ شيلا ليکراجاڻيءَ جي هٿان نرڙ تي تلڪ ڏياري موڪل ڏني.

راجيش جون اکيون نير سان نم هيون. مان پئيان نهارڻ ڪانسواءِ هليو آيس ڪار ۾ ايئرپورٽ تي وڃڻ لاءِ.

انُ وقت مونکي ٣ ٻار هئا. امُيش، انيتا ۽ سنيتا، ٽيئي ٻار گيتا، سندس وڏو ڀاءُ تلڪجارام ايئرپورٽ تي مونکي ڇڏڻ آيا.

ممبئيءَ تان جڏهن پلين ۾ ويٺس تہ هيٺ نهاري گهٽوئي هيڏانهن هوڏانهن نهاري پنهنجن کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪير بہ نظر نہ آيو ذهن اڳيان اچي ويا ڪي ڏنڌلا خاڪا.

جي پاران هو جنهن مان هن کي ڪافي اُجورو ملندو هو. اُهي خبرون هر سينيما ۾ فلم شروع ٿيڻ کان اڳ ڏيکاريون ويندين هيون.

تياري سفر جي

جج بتائيءَ انجام ڪيو ته هو هريءَ سان هلندڙ ڪورٽ ڪيس جي سنڀال ڪندو ۽ مونکي پارت کان ٻاهر وڃڻ جي تياري ڪرڻ لاءِ چيائين.

گهر پهتس ته پوليس مونکي گرفتار ڪرڻ لاءِ گهر جي دروازي تي بيٺي هئي، جنهنجي ڄاڻ مونکي اڳ ئي پئجي ويئي.

منهنجو هڪ دوست هو ايس ڊي شاهه ديپڪ سينيما جو مالڪ، جنهنجي پوليس ۾ تمام گهڻي پهچ هئي. مون هن کي فون ڪري ٻڌايو ته پوليس مونکي گرفتار ڪرڻ آيل آهي. هن مونکي باندرا پوليس اسٽيشن تي وڃڻ لاءِ چيو.

باندرا پوليس اسٽيشن تي مونکي چانهه جو گلاس ڏيئي اندرئين ڪمري ۾ وهاري ڇڏيو. ٻاهر هري پاڻ سان وٺي ويل پوليس سان گڏ آيو ته پوليس انسپيڪٽر هن کي دٻ ڪيي ٻاهر ڪيي ڇڏيو.

انسپيڪٽر مونکي چيو اگر مان پارت ڇڏي وڃڻ چاهيان ته هو مون سان گڏ ائرپورٽ تي هلڻ لاءِ تيار آهي ۽ جي چئين ته هريءَ جو دڪان پڃي پوري ڇڏيون. مون کيس چيو ته نه ايڏو وڏو قدم کڻڻ جي ضرورت نه آهي، پارن ٻاچن وارو آهي.

مونکي ته ٻئي هفتي وڃڻو هو ان ڪري مون سيني سنڌي دوستن کي چيو ته مون ٻاهر وڃڻ جو پروگرام رد ڪري ڇڏيو آهي جيئن وري هري ڪو مسئلو پيدا نه ڪري، تيو به ائين هريءَ تائين

جئہ پرڪاش نارائڻ، رام منوهر لوهيا، اڇوت پٽوڙن ۽ ارونا اصف علي. انهن تصويرن کي ڏسي چاهيندو هوس وڏي هوندي هڪ چترڪار يا سگتراش بڻجندس.

سنڌ مان هند ۾ اچڻ ڪانپوءِ منهنجي دل، منهنجو من ۽ مان خود ڀٽڪندو رهيو هوس. بيواچئن...!

ماحبت ۽ موت ٻئي ٻن بلائي مهمان ٿيندا آهن.

موهنيءَ ڏانهن لاڙو سياويڪ هو. ڇو تہ ياسمين جو چهرو مون کي موهنيءَ ۾ نظر اچڻ لڳو هو. سانوَريا سنها چپ، لسا ڳل، گهڙيون اکيون ۽ گهنڊيدار گهاٽا وار.

هنجا ٻہ ڀائر هئا، وڏو ڀاءُ سنڌورق ۾ هو ۽ هنجو ننڍو ڀاءُ مون سان ساڳئي اسڪول ۾ هو.

روز صبوح جو گهر مان گڏجي نڪرندا هئاسين ۽ گڏ ئي واپس گهر ايندا هئاسين.

اسڪول 2 نمبر ڪئمپ ۾ هو ۽ اسان جو گهر ۲ نمبر ۾، اسڪول ۽ گهر جي وچ ۾ اٽڪل ٻن ميلن جو مفاصلو هو.

سنڌو نگر ۾ اسڪولي ڏينهن کان وٺي ادبي زندگيءَ جا ورق ائين ورندا ويا خبر بہ نہ پيئي.

هر هڪ ڏينهن هڪ ڪهاڻي بڻجي گذري ويو، جي ڏينهن گذريا وري واپس نہ وريا. مان شاديءَ ڪانپوءِ، ري روڊ ممبئيءَ گنو سامتاڻي ڪوليوادا، ۽ گهنشيام ليکراجاڻي دادر، موهن ڪلپنا ۽ نارائڻ ڀارتي سنڌو نگر ۾ ئي رهيا. موهن متائي سرڳواس ٿي ويو، ڪملا متائيءَ شادي ڪئي، موهني ڇڳاڻيءَ ماءُ، پيءُ ٻئي ڀائر وڃائي چيمبور ۾ وڃي رهي. سڀ زندگيءَ جي ٻئي پهلوءَ ۾ زندگي گذارڻ لڳا هئاسين. ادبي ڪاروائين ڪارڻ اسين چار ئي، موهن ڪلپنا،

پاڇا پهرين جنم جا

موهني يا ميرا (گيتا جا پيڪا نالا.) سفيد ڪپڙن ۾ ڪٽڪ رنگ ۾ ٻڌل سڊول سنواريل جسم واري، منهنجي گهر جي بلڪل سامهون رهندي هئي. هنڄون اکيون هميشه هيٺ جهڪيل هونديون هيون. مان واجهه وجهندو هوس ته هوءَ ڪڏهن تي اکيون مٿي کڻي ۽ منهنجي اکين ۾ ٿي سمائجي. اسان جڏهن سنڌ ڇڏي ته منهنجي عمر ۱۵ سال هئي ڪراچيءَ ۾ منهنجي پيءُ جو هڪ وڏو ريشمي ڪپڙن جو دڪان هو پنهنجيءَ ئي بلڊنگ ۾.

پاڙي ۾ هڪ مسلمان ڪٽنب رهندو هو جن جي هڪ ڏهن سالن جي ڌيءَ هئي ياسمين، روز شام جو اسين ٻئي بلڊنگ جي ڪُڏ تي گڏجندا هئاسين. هٿ هٿ ۾ جهلي هڪ ٻئي جي پٺ ۾ ليٽي آسمان طرف ڏسندي بادلن ۾ ٺهندڙ تصويرون ۽ تارن ڳڻڻ ۾ مهو هوندا هئاسين. مان چنڊ کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندو هوس، هڪ گلاس جو جگ کڻي چنڊ جي ليول ۾ هيٺان رکي اُن جگ ۾ چنڊ کي لاهي ياسمين کي ڏيندي چوندو هوس، ”اڄ هيءُ چنڊ توکي هن جگ ۾ تو ڏيان هڪ ڏينهن مان توکي چنڊ جو سير ڪرائيندس.“

جڏهن پيار هوندو آهي ته ائين محسوس ٿيندو آهي پيار ئي سڀ ڪجهه آهي، ۽ جڏهن پيار نه رهندو آهي تڏهن به اُن جو احساس ته هوندو ئي آهي.

خواب سان راند ڪندي مان پنهنجي ڪمري جي مٿيءَ سان ٺهيل ديوارن تان لهندڙ مٽيءَ جا چاپوڙا اهڙي نموني لاهيندو هوس جو اُن مان ڪا تصوير ٺهي پوندي هئي.

ڪڏهن مهاتما گانڌي ته ڪڏهن جواهرلال نهرو، ڪڏهن نيتاجي سڀاش چندر بوس ۽ ڪڏهن ته تنهن وقت موجب آئينده جا اڳوان،

منهنجي اِن چوڻ هنن جي دل کي ڇهي ڇڏيو ۽ جيستائين مان اُتي هوس هنن مونکي پنهنجو لاڏلو ڪري رکيو.

1974 ۾ دنيا ڀر ۾ تيل جي ڪاروبار ۾ ترٿلو اچي ويو. اُن ترٿلي دنيا جي هر واپار کي هڪ بِنديءَ تي آڻي کڙو ڪيو. هر ڪنهنجو واپار ٺپ ٿي ويو.

سيراليئون ڇڏڻ کان اڳ۾ مون هڪ خط لکيو، اُتي جي وزيرن کي، ۽ ڀارت جي هر ملڪ ۾ هند سرڪار طرفان ٿاڦيل عيوضين کي، تہ اسانجي قوم بيگهر ٿي دنيا ڀر ۾ ڇڙ وڇڙ ٿي ويئي آهي. ڀارت جي سرڪار تي ڪو زور بار آڻي اسان سنڌين لاءِ ڪجهہ ڪريو جو اسين پنهنجو وجود قائم رکي سگهون.

هڪ ٻيو موڙ

سيراليئون ڇڏي مان ڪٽنب سميت لنڊن ۾ اچي وسيس. لنڊن ۾ ڦيريون ڪم جو گيتا ۽ مون ڪيو، روزگار لاءِ ڪجهہ ميسر ڪرڻ سان گڏ. هتي جون ڪيتريون يادگار جڳهيون ڏسندا رهياسين.

هئمپسٽيڊ لنڊن جو هڪ مشهور علائقو آهي، جتي ڪيترا ليکڪ، چترڪار، فلم ۽ ڊراما ڪلاڪار ۽ راڄنيتڪ اڳوان رهندا آهن. اسان کي بہ اُن علائقي ۾ هڪ ۴ ڪمرن جو مينشن فلئٽ ملي ويو.

ڪار ۾ گهمندي ڄاڻ ملي تہ ڀاسي ۾ هڪ گهر آهي جتي گرديو رابندر ناٿ ٺئگور رهندو هو. اهو ڏسڻ وياسين تہ اُن ئي گهٽيءَ ۾ انگريزي شاعر، ٽينيسن، ايلئٽ وغيره جا گهر ڏسڻ ۾ آيا.

اهڙيءَ طرح ٽيوراسٽاڪ اسڪئار ۾ مهاتما گانڌيءَ جو پتلو بہ ڏسڻ وياسين، اُن ئي اسڪئار ۾ هڪ هوٽل ۾ ٺاڪر چاولا اچي رهيو هو، شايد يورپ جي دوري تي ڀاروءَ ڪانسواءِ ئي نڪتو هو. ڪيس پنهنجي گهر اچڻ لاءِ نينڊ ڏني ۽ هن سان هندستان ۾ ڇڏي آيل

گنو سامتاڻي، نارائڻ پارتي ۽ مان هڪ ٻئي سان اڪثر ملندا رهياسين.

نئون ورق نئين ڌرتي

11 سيپٽيمبر 1971 مون ممبئي ڇڏي وايا روم فريٽائون جي لونگي ائرپورٽ تي پهتس.

هڪ هفتو فريٽائون ۾ ٽريننگ وٺي، زندگيءَ جي هڪ نئين پهلوءَ جي شروعات ڪرڻ لاءِ هڪ اُس ۾ گس سان پريل ڳوٺ سفادوءَ ۾ پهتس. سفادوءَ ۾ هيرن جي کوٽائي ٿيندي هئي، جنهنڪري اُتي گ هٽو ڪري هيرن جا واپاري رهندا هئا. هرهڪ جي گهر ٻاهران مرسيڊس ضرور هئي نه ته ڪوبه بيقاعدي کوٽائي ڪندڙ هنن وٽ کوٽائي ڪيل هيرا ڪٽي نه ايندو.

مرسيڊس، فورڊ ۽ ڪرائيسلر گاڏين جي ايجنسي هئي، جنهجي مرمت ڪرڻ لاءِ گئريج هئي جنهن ۾ ١٥ لوڪل ڪم ڪندڙ ۽ انهنجي مٿان هڪ لبنيز چيف انجنئر هو.

پاسي ۾ ئي ڪارس جي پارٽس جو دڪان ۽ آفيس ٺهيل هئي، مٿان هو منهنجي لاءِ ٻن رومن، رنڌڻي ۽ وڏي هال وارو فليٽ. رڌڻ لاءِ راڌائوءَ سان گڏ گهر جي صفائي ڪرڻ لاءِ هڪ لوڪل ماڻهو.

پهرين ڏينهن گئريج ۽ آفيس کولڻ کان اڳ۾ سيني کي پنهنجي گهر ۾ گهرائي، چانهه پاڻهي ٿاهي ۽ ڊرنڪس فرج مان پاڻهي کڻي پيئڻ لاءِ کين عزت سان ڪرسين تي ويهاريو.

هنن مونکي به چانهه ٺاهي پياري ۽ مون هنن کي چيو، ”اڄ کان مان به سيراليئونين آهيان پارتي نه، مونکي پاڻ مان هڪ سمجهو ۽ ڪوبه مسئلو هجي ته مونکي اچي ٻڌايو.“

اُڪريل هنجي نالي سان هڪ پٽر جو پايو وڌو ويو.

ويرساورڪر جنهنکي هندستان جي آزاديءَ جي لاءِ لڙندي انگريزن ٻه دفعا ڪاري پاڻيءَ جي سزا ڏني هئي، انهن انگريزن ئي پنهنجي ملڪ ۾ هنکي هيڏو وڏو مان ڏنو. هيءَ جڳهه اڳ ۾ ئي مشهور هئي، جتي مهاتما گانڌي، لوڪمانيه تلڪ پڻ رهي ويا هئا پر ٿوري عرصي لاءِ.

چاڻ پيئي راجيش ڪنا لنڊن ۾ ڪو شو ڪرڻ آيو آهي، مان هن سان ملڻ لاءِ ويمبلي ارينا ويس. دروازي تي دربانن روڪيو، ڪين مون راجيش سان ملڻ لاءِ پنهنجو نالو ڏنو هن مونکي بنا دير جي اندر گهرايو ۽ ڏسڻ سان ياڪڙ ۾ جهلي چيو، ”سياٽي تون منهنجي هوٽل ۾ اچاج پوءِ چڱيءَ طرح ملنداسين.“

ٻئي ڏينهن هن سان گڏيس، هو ڊمپل سان گڏ آيل هو. مون ڪيس هڪ اسپين مان آندل ٻه فٽ لنبي ڊال سوکڙيءَ طور ڏني. اسين ٻئي ٽن سالن ڪانپوءِ ملي رهيا هئاسين.

زندگي مٽ ۾ ريتيءَ وانگر آهي، جا ڪسڪندي ٽي وڃي. ڪڏهن به مٽ ۾ ٽڪي نه ٿي.

تنهن ڪانپوءِ مان هن سان فون تي هميشهه ڳالهائيندو رهيس. موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ گوبند مالهيءَ سان پڻ هر مهني ٻي فون تي ڳالهائڻ ٿيندو رهيو.

لنڊن ۾ سنگم جي نالي هڪ استرين جي سنستا هئي، هن سنستا جون بانيڪار گهڻو ڪري گجراتي هيون، گيتا اُن سنستا جي هڪ مکيه ميمبر ٿي. 1974 ۾ سنگم طرفان هڪ ٻيڙيءَ جو سير رکيو ويو. گجراتين جي ڪٽنبن کان سواءِ ٻيڙيءَ ۾ ٽي سنڌي ڪٽنب هئا. شري ليلارام ڪيولاڻي جو ٽي چوٿرام ڪمپنيءَ جو

دوستن جي باري ۾ حال حوالي ٿياسين.

ٻولها ڪئيسين ڪئڪسٽن هال جي، بدل هو تہ جليانوالا باغ ۾ جنهن جنرل داير عام قتلام ڪيو هو. اُن کي ڀڳت سنگهہ جي ساٿيءَ اُڌم سنگهہ لنڊن ۾ اچي گولي هڻي ماريو هو.

لنڊن ۾ دنيا جي لئبررين مان هڪ وڏي ۾ وڏي لئبرري آهي، اها ڏسڻ وياسين تہ ڏٺوسين سنڌي ڪتاب بہ اُن ۾ موجود هئا. هڪ وڏو ڍير هڪ ڪنڊ ۾ رکيل هو، مٿاڇري نظر ڦيرائيسين تہ منهنجو بہ ڪنارا، موتي پرڪاش جو انڌيرو اُجالو، موهن ڪلپنا جو آوارا، گوبند مالهيءَ جا پکيئڙا ولر کان وڇڙيا، عشق ناهي راند ۽ ٻيا ڪتاب ڏسڻ ۾ آيا. ڄڳت آڏواڻي جي ڪهاڻين پبليڪيشن جا ڪيترا ڪتاب، سپ بنا ڪنهن سلسلي جي ۽ ڪنهن بہ ڪيٽ ڪانسواءِ هڪ ڪنڊ ۾ پيا هئا.

گيتا اُتي موجود آڪاريءَ سان گڏجي ۽ سنڌي سيڪشن ٺاهڻ لاءِ موڪل ورتي ۽ روز صبوح جو لئبرري ۾ وڃي ڪتابن جي لسٽ اُنهن جي عُنوانن ۽ ليکڪن جي نالن موجب ٺاهڻ شروع ڪري ڇڏي. جيئن جيئن ڪتاب سهيڙڻ لڳا ڪتابن کي رکڻ لاءِ ڪيٽ بہ ايندا ويا.

اڄ هڪ نئين بلڊنگ آهي سينٽرل لئبرريءَ لاءِ جنهن ۾ هند ۽ سنڌ ۾ ڇپايل سنڌي ڪتاب هزارن جي تعداد ۾ موجود آهن.

لئبرريءَ ۾ ڪارل مارڪس جي ڪرسي بہ رکيل ڏٺيسين، پوءِ خبر پيئي هنجو مرتڪ شرير لنڊن جي سائوٿ گيٽ جي قبرستان ۾ دفنايل آهي تہ اُهو بہ ڏسي آياسين.

اٺين جون 1981 ۾ لنڊن ۾ وسيل مهاراشٽرين جي ڪوشش سان ونايڪ دامودر ساورڪر جو وير ساورڪر جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي، لنڊن جي جنهن جاءِ ۾ رهندو هو اُن تي بلو پٽر تي

ناري سڀا ۾ رهندي هنن جي لنڊن جي لڳ ڀڳ سڀني سنڌين سان واقفيت ٿيڻ لڳي، هوءَ هڪ قسم جي هلندڙ چلندڙ سنڌين جي ڊائريڪٽري بڻجي پيئي.

هاڻ هن لنڊن جي ٻارن تي ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. سنڌي ٻار جن کي سنڌي ڳالهائڻ نه ايندي هئي، انهنکي هن سنڌي ڳالهائڻ سيکاري، جن جو سنڌي لکڻ پڙهڻ ۾ چاهه هو هن انهنکي لکڻ ۽ پڙهڻ سيکاريو. پنهنجن ٽنهي ٻارن کي ٻين سنڌي ٻارن سان واقفيت ڪرائي. انيتا ٻارن جي هڪ 'اناميڪا' نالي سان سنستا اسٿاپن ڪئي، ان سان گڏ هوءَ ۽ سنيتا ٻئي ڪٿڪ نرتيه به سکنديون آيون.

سنگم، سنڌي ناري سڀا ۽ سنڌي ائسوسيئيشن طرفان ٿيندڙ هر پروگرام ۾ ٻئي گڏجي پروگرام ڏينديون رهيون.

گيتا جي مدد سان مون هڪ انکي ناٽڪ ۽ ٻاهران ايندڙ راڳيندڙن جا پروگرام رکڻ شروع ڪيا.

محمد يوسف سنڌ جو پهريون راڳيندڙ لنڊن ۾ آيل هو. تنهن وقت لنڊن مان هر آرتوار تي بي بي سي تان اڌ ڪلاڪ جو هنديءَ ۾ پروگرام ايندو هو. محمد يوسف برمنگهام لنڊن جي بي بي سي جي سينٽر تان ڏڪا کائي ٿڪو هو.

لنڊن ۾ سنڌي ڊاڪٽرن جي به ائسوسيئيشن هئي، جنهن ۾ گهٽو ڪري سنڌ جا سنڌي ڊاڪٽرئي ميمبر هئا. مان گهٽو ڪري سڀني کي سڃاڻندو هوس. 1977 ۾ مون هڪ سنڌي الف بي جون 10000 ڪاپيون رڪارڊ تي پينٽ ڪري ڇپايون، رام ڪرشن آڏوائيءَ 3 دفعا هندواسيءَ جي ڪورٽي ڇپيو، جيرام روپاڻيءَ جي اسين سنڌي مگزن جو امبليم بڻايو، پوپٽي هيرانندانيءَ پنهنجي ڪتاب History of sindhi literature ۾ پڻ ڇپيو آهي، لنڊن ۾ ڪيترن

ڊائريڪٽر هو، شري ارجنداس شامداساڻي ۽ اسين.

شري ڪيولاڻيءَ کي اسين سيراليئون کان سڃاڻندا هئاسين باقي شري شامداساڻيءَ سان لنڊن ۾ واقفيت ٿي هئي.

مون پڇيو، ”لنڊن ۾ ڪا سنڌين جي سنسٿا آهي.؟“

هنن جواب ڏنو، ”نه، هاڻ تون هتي آيو آهين تون شروع ڪج. اسين توسان گڏ آهيون.“

اُن وقت ئي سنڌي ائسوسيئيشن برپا ٿي ويئي، شري ڪيولراماڻي چيئرمن، شري شامداساڻي خزانچي ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ مان سيڪريٽري ٿيس.

ائسوسيئيشن جي داخلا في هڪ پائونڊ رکي ويئي، لنڊن ۾ جتي به ڪو سنڌي ملندو هو، هندو هجي يا سنڌ جو سنڌي ائسوسيئيشن جو ميمبر ٿي پئي سگهيو.

رستن تي هلندي، ڪنهن سنڌيءَ کي ملندو هوس ته هنکي سنڌي ائسوسيئيشن جو ميمبر بڻائي ڇڏيندو هوس، سال ڏيڍ ۾ اٽڪل 1200 ميمبر ٿي ويا.

لنڊن جي ڌرتيءَ تي وسڻ لاءِ ڪو ڌنڌو ڪرڻ ضروري هو.

شري ليلارام ۽ شري لڇمڻداس پهڳراڻيءَ جي مدد ۽ صلاح سان مون هڪ سپر مارڪيٽ شروع ڪيو.

سپر مارڪيٽ هلائڻ ۾ گيتا ڏينهن رات ڪم ڪري اُن کي ڪامياب بڻايو. ٽي پار اسڪول ۾ پڙهندا هئا ۽ آڪاش اجان ريڙهيون پائيندو هو. اُميش ۽ انيتا موڪلن ۾ مدد لاءِ دڪان تي ايندا هئا.

سنڌي استرين جي هڪ سنسٿا هئي سنڌي ناري سڀا. گيتا انجي ڪاميٽي ميمبرن مان هڪ هئي.

هئا هن سان ڳالهائيندا هئا.

راج کي پڻ سنڌ ۾ ٿيل 'ڪارو ڪاري' تي ڊاڪيومينٽري سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ ڪانٽريڪٽ مليو.

اهڙيءَ طرح اسان ٻنهي لاءِ انگلش ٽي وي چينل جا دروازا کلي ويا.

سنڌي ائسوسيئيشن جي بئنر هيٺ مون گوبند مالهيءَ جي گروپ کي گهرايو. مالهي ۽ ڀڳونتي ته منهنجي گهر ۾ رهيا. پر سي لڪمياچند ۽ ٻين ڪلاڪارن جي فقط رهائش جو بندوبست هوٽل ۾ ڪيل هو. سڀو ڏينهن اسان سان سڀ گڏ هوندا هئا. ڏينهن جو لنڊن گهمڻ کان پوءِ شام ٿيندي ئي گهر ۾ سنگيت جي محفل لڳي ويندي هئي.

پروگرام لنڊن جي مشهور لوگن هال ۾ رکيو ويو هو. اُن هال جو سينگار ڏسي ڀڳونتي ۽ مالهي خوش ٿي چيائون، ''راجو هتڙو اسٽيج اڄ تائين ڪنهن به نه سينگاريو آهي.

ڀڳونتي گهر اچي چيو، ''راجو هڪ ڏينهن مان تنهنجي گهر ۾ پورو ڪم ٿي ڪرڻ چاهيان، گهر جي صفائيءَ کان وٺي تو لاءِ ماني تاهڻ تائين.''

مون کيس جواب ۾ چيو، ''ڀڳونتي تون مونکي سڀو ڏينهن پنهنجا گيت ٻڌاءِ، جيئن مان سنگيت سان ڀريل هرپل ياد رکان.''

پوءِ ته جيستائين هوءَ لنڊن ۾ هئي هر رات هنجي سريلن گيتن سان ڀرجي ويندي هئي.

مالهيءَ کي اسپين جي سنڌين طرفان نوتو آيو، ۽ چئن ڏينهن لاءِ هو سيني سان گڏ اسپين هليو ويو.

ڀڳونتيءَ جي طبعيت بگڙجندي ويئي، مون مالهيءَ کي گهڻو ئي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڀڳونتيءَ جو علاج لنڊن ۾ ڪرائي، هتي منهنجا ڪيترا ڊاڪٽر واقف آهن. ڊاڪٽرس

ڊاڪٽرن ۽ ڪيترن سنڌي واپارين ڏياري ۽ ڪرسمس لاءِ سون جي تعداد ۾ ڪارڊ وٺي ورهايا. اڄ به ڪيترن جي گهرن ۾ اهو ڪارڊ فريم ٿيل ديوار تي ٽنگيل آهي.

محمد يوسف هڪ سنڌي ڊاڪٽر نورمحمد سومري وٽ لٿل هو. جنهن مونکي فون ڪري چيو ته مان يوسف کي بي بي سي جي هندي پروگرام ۾ ڳائڻ جو موقعو وٺي ڏيان.

پروگرام هلائيندڙ مسٽر مهندر ڪول گيتا ۽ منهنجو واقف هو. اسان کي پڪ هئي هو اسانکي 'نه' نه ڪندو. مون مهندر کي فون ڪيو. مهندر هڪ فون ڪرڻ سان ئي يوسف جي آڊيشن وٺڻ لاءِ تيار ٿي ويو.

مون يوسف کي فون ڪري ٻڌايو ته هو آڊيشن لاءِ وڃي ٿو سگهي پر هڪ شرط تي ته هو فقط سنڌي راڳ ڳائيندو.

هن قبوليو ۽ مهندر جي ڪيتري زور بار آڻڻ تي به هن اردو غزل نه ڳايو ۽ چيائين، ”مون راڄ سان انجام ڪيو آهي فقط سنڌي ڳائڻ جو.“

اسانجي گهر جي سامهون هڪ چرچ هئي، جنهن ۾ مون هن جو پروگرام رکيو. چرچ ڪچا ڪچ ڀريل هئي. حاضر ماڻهو جهومي اُٿيا. اُن پروگرام کانپوءِ ڪيترن هنکي پنهنجي گهر گهرائي پروگرام رکيو.

تنهن کانپوءِ آيو مهيش چندر، ڪيترن گهرن ۾ هنجو پرو گرام رکيوسين. هنجو هڪ پروگرام رکيو ويو سنگم ائسوسيئيشن طرفان. هو به پنهنجو ڌاڪو ڄمائي ويو.

گيتا کي بي بي سي طرفان نوَن سيڪرات ڪار هلائيندڙن لاءِ ڪن هدايتن ڏيڻ جي ڊاڪيومينٽريءَ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ چيو ويو. اها ڊاڪيومينٽري ٽي ويءَ تي آئي ته گيتا لنڊن ۾ ايتري ته مشهور ٿي ويئي جو نه فقط هندستاني پر انگريزن هنکي جتي به ڏسندا

لارڊ وائيٽلا ۽ مکيه مهمان هو. پارٽ ۾ پاڪستان جا هاءِ ڪمشنر پڻ آيل هئا.

موقعو وٺي مون هنن ٽنهي کي نڪتل 6 پرچن جون ڪاپيون ڏنيون. پاڪستان جو هاءِ ڪمشنر ته سڌو سيٽ وٺي وڃي هڪ ڪنڊ ۾ پڙهڻ ويٺو. مون لارڊ وائيٽلا کي سنڌين جي بيوسيءَ تي پٽي ڳالهايو وچ ۾ پاڪ هاءِ ڪمشنر اچي هنکي چيو هي توهان جي ملڪ ۾ ڇا ٿي رهيو آهي.؟

لارڊ وائيٽلا مون ڏانهن نهاري شوخيءَ سان چيو. ''هيءُ سڀ نه هلندو هن ملڪ ۾.''

اُن جي جواب ۾ هنکي مان گهٽو ڪجهه چئي پئي سگهيس. ته خالستان. ڪشمير جهڙن مسئلن تي بي بنياد هلچلون هلي رهيون آهن انهن جو ڇا؟. ليڪن ڪجهه به نه چئي مان مشڪندو رهيس.

پاڪ هاءِ ڪمشنر جي وڃڻ سان ئي هن مون ڏانهن ڏسندي چيو. ''هلندو هل جوان هن ملڪ ۾ سڀني کي آزادي آهي پنهنجي مسئلي لاءِ هلچل هلائڻ جي.''

اُن عرصي ۾ لکمي ڪلاٺي لنڊن ۾ آيل هو پنهنجي پلٺ جو علاج ڪرڻ لاءِ. سنڌ ۾ ٿيندڙ سنڌين مٿان ظلم جي خلاف ڊاڪٽرن طرفان پاڪستان هاءِ ڪمشنر جي آفيس ٻاهران ڌرنو ماريو ويو جنهن ۾ لکمي ۽ مان به شامل ٿياسين.

هاءِ ڪميشن طرفان سڀني جا فوٽا ڪڍيا ويا ۽ منهنجو نالو بلئڪ لسٽ تي اچي ويو جنهنجي مونکي ڄاڻ ڪونه هئي.

لکميءَ سنڌ ڇڏي آيل اڳوانن. ڄام صادق علي، ممتاز علي ڀٽو، عطا اُلله مينگل ۽ حفيظ پيرزادي جون ملاقاتي ليڪ لکڻ پئي چاهيا.

مان کيس ڇنني وٽ وٺي ويس هنن سان ملاقات ڪري هنن جا

ائسوسيئيشن ۾ هر بيماريءَ جو اسپيشل ڊاڪٽر موجود هئو.

مالهيءَ جا ڪجهه پروگرام ممبئي ۽ ٻين شهرن ۾ طئہ ٿيل هئا جنهنڪري رڪجي نہ سگهيو.

لنڊن کان موٽڻ بعد ٻيگونتي پارت ۾ مالهيءَ طرفان اڳ ۾ ئي قبوليل پروگرام پورا ڪري 22 آڪٽوبر 1986 ۾ ممبئيءَ ۾ ديهہ ڇڏي ويئي. هنجي خالي ڇڏي ويل سنڌي سنگيت جي دنيا ۾ هنجي جاءِ اڄ تائين ڪير بہ پري نہ سگهيو آهي. هنجو مسڪرائيندڙ چهرو لکن سنڌين جي دلين ۾ سمايو رهندو.

هڪ رات چندرو آتما جو فون آيو. چيائين تہ هو هڪ ڏينهن لاءِ لنڊن ۾ آهي ۽ اسان سان ملڻ ڪانسواءِ وڃي نٿو سگهي.

ٻئي ڏينهن هنجو پروگرام پنهنجي گهر ۾ رکيوسين. مون ۽ گيتا فون گهمايا ۽ اسان جي گهر ۾ 40 کن جوڙا حاضر ٿي ويا ۽ سڀني ايترو تہ مزو ورتو جو اُن پروگرام کان پوءِ چندرو چار پنج دفعا لنڊن ۾ پروگرام ڏيئي ويو هو.

1980-1981 ٻہ سال مون لنڊن مان سنڌ ٽائيمس نالي سان تہ ماهي اخبار ڪڍي جنهن ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ ڊاڪٽرس ائسوسيئيشن ليک ڏيڻ ۾ مدد ڪئي، اخبار جي ايڊيٽر گيتا کي بڻايو.

اخبار ايتري تہ مشهور ٿي جو سنڌ ۾ ويندڙ ڪيترا سنڌي پنهنجي سامان ۾ لڪائي سنڌ ۾ پهچائيندا هئا ۽ اُتي اُنکي وري ڇپائي ورهائيندا هئا.

مان لنڊن جي جنرلسٽ ائسوسيئيشن جو بہ ميمبر ٿيس جن جي طرفان هر سال وڏي پئماني تي گڏجاڻي ٿيندي هئي. 1981 جي گڏجاڻيءَ ۾ اسين ٻئي گيتا ۽ مان شامل ٿياسين جتي لتا منگيشڪر سان ملاقات ٿي.

ڪين هو مناچ تي جوڳي جاءِ ڏيڻ لاءِ تيار آهي.

مون ڪيرت، مالهي، ڪرشن راهي ۽ موهن ڪلپنا کي اهو سڀ ٻڌايو تہ هنن جواب ڏنو، هنن جو ڀڳوان ديو ۾ وشواس نہ آهي.

سميلن تہ ڪامياب ٿيو، اندرا گانڌي بہ خوش ٿي تہ سنڌين جا ڪيس آئينده ووٽ ملندا پر ڀڳوان ديو جي اڏنگي هلت ڪري هو پنهنجو سنڌين ۾ ڀروسو وڃائي ويٺو.

2001 ۾ گجرات ۾ زبردست ڀُوڪنپ آيو، اسانجا ڪيترا سنڌي آديپور گانڌيڌام ۾ وسيل آهن، گجرات زلزلي جي لاءِ گيتا، مون، انيتا، اُميش ۽ آڪاش گڏجي هڪ خيراتي سنستا ٺاهي 'يونائيٽيڊ سنڌيز' جنهنجي طرفان هڪ پروگرام رکيوسين، پروگرام ۾ مدد ڪرڻ لاءِ ڪي ٻيا بہ اچي شامل ٿيا.

واسواڻي مشن پوني وارن آديپور ۾ جڳهين ٺاهڻ جو پروگرام رٿيو، اسان جي رٿيل پروگرام مان اسان ڏهہ هزار پائونڊ گڏ ڪيا جي واسواڻي مشن کي موڪلياسين.

40 ڪارٽن ڪپڙن جا، 20 ڪارٽن دوائن جا، رايل پوسٽ ڊپارٽمينٽ ۽ انڊين هاءِ ڪمشنر جي مدد سان گجرات جي سهائيتا لاءِ موڪلياسين.

موٽڻ لاءِ ماندو مينڊرو

مون ڀارت پئي وڃڻ چاهيو پر هري موٽواڻي جي ڪورٽ ڪيس ڪري ممڪن نہ پئي ٿي سگهيو.14 سال رام بنواس کان هڪ سال گهٽ گذري چڪا هئا.

لنڊن ۾ سنڌ جي راڄنيتيءَ ۾ ٻين سنڌ جي سنڌين سان گڏ اڳڙو تہ ٿيس پر سنڌي ساهتيڪ دنيا کان پري ٿي ويس.

نہ اُهي ادبي سيائون هيون نہ ئي سنڌي ادبي دوست، جا

ليک لکي هندستان ۾ جهولي لال اخبار ۾ ڇپايا.

لکمي اڪثر منهنجي گهر ايندو هو ۽ هو ڪيترن ئي سنڌ جي سنڌين سان منهنجي گهر ۾ ملندو هو. منهنجو گهر ڄڻ سنڌ جي سنڌين ۽ هند جي سنڌين جي ملڻ جو هڪ مڪان بڻجي پيو هو.

آچاريہ ڀڳوان ديو ڀيريون پارليامينٽ جو ميمبر هو جنهن سنڌيءَ ۾ قسم نامو ڪنيو هو. دهليءَ ۾ هن سنڌي سميلن ڪوٺايو، جنهن ۾ اندرا گانڌي پريزيڊنٽ ٿيڻ قبول ڪيو ۽ پريزيڊنٽ ظيال سنگهہ چيف گيسٽ هو.

اِن ڏس ۾ ڀڳوان ديو لنڊن آيو، دادا ڪيرت جي چوڻ تي هنجي ڪيرت سان ڪيل ملاقات مون سنڌ ٽائيمس ۾ ڇپي هئي.

ڀڳوان ديو فون ڪيو تہ هو مون سان پين سنڌين سان گڏجڻ پئي چاهيو.

مون ڪيس پنهنجي گهر گهرايو ۽ هو ڄام صادق علي، عطا علا مينگل، ممتاز علي ڀٽو ۽ حفيظ پيرزادي سان ۽ ڪن پريس جي عيوضين سان پڻ گڏيو، سريچند هندوجا ساڳئي ڏينهن پنهنجي آفيس جي هال ۾ هن جي آجيان ۾ لنڊن جي سنڌين سان گڏجاڻي رکي. شام تائين ڀڳوان ديو منهنجي گهر ۾ ئي هو تہ سريچند فون ڪيو چيائين، ''اسانجو مهمان تو وٽ آهي، هتي باقي سنڌي هن سان گڏجاڻي ڪرڻ لاءِ ترسيا ويٺا آهن. تون ڪيس هتي وٺي اچ.''

مان ۽ گيتا هنڪي سريچند هندوجا جي سڏايل سنڌين جي سيا ۾ وٺي وياسين جتي هن لنڊن جي سنڌين کي دهليءَ ۾ ٿيندڙ سميلن ۾ اچڻ جي نينڊ ڏيڻ سان گڏ سميلن جي باري ۾ ٻڌايو.

هندستان ۾ ترقي پسندن اُن سميلن کي بائڪاٽ ڪري ڇڏيو هو، ڀڳوان ديو هنن جي شرطن تي سميلن ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو هو، هن مونکي لکيت ۾ پڻ ڏنو تہ جي منهنجا ترقي پسند ساٿي ايندا تہ

آيو هوائين چئي تہ سنڌي ٻوليءَ کي اهي حق ڏنا ويندا جيڪي ٻين ٻولين کي آهن جيڪي ائٺين شيڊيوئل ۾ آهن.

جواهرلال نهروءَ کانپوءِ اندرا گانڌيءَ اڳيان پڻ ساڳئي ڳالهہ رکي وئي. اندرا گانڌي جڏهن ممبئيءَ آئي تہ دادا رام پنجواڻي، دادا گوبند مالهي ۽ تنهن وقت جو سنڌي ٻولي ۽ لپي سڀا جو سڀاپتي پروفيسر ٻوجراج ناگراڻي هن سان گڏجڻ ويا. اندرا گانڌيءَ هنن کي خاطري ڏني تہ هوءَ اِن تي ضرور سوچيندي، هنن کي اهو بہ ٻڌايائين تہ اکل ڀارت ٻولي ۽ ساهت سڀا جي پريزيڊنٽ جو اِن ڏس ۾ ميمورينڊم آيل آهي. ان کانپوءِ ڪيترن سنستائن ۽ هزارين عام سنڌين جي صحين سان سرڪار وٽ خط پهتا.

شري اٽل بهاري باجپاءِ پارليامينٽ ۾ خانگي بل پيش ڪيو ۽ مٿي بہ ڪاڇي آيو. پر دادا جيرامداس جي صلاح تي شري باجپاءِ بل واپس ورتو. وري 1967 ۾ راجيہ سڀا جي ميمبر شري ترويديءَ پارليامينٽ ۾ بل پيش ڪيو، جنهن لاءِ ڪيرت ٻاٻاڻي، پروفيسر ٻوجراج ناگراڻي دهليءَ ويا، پر دادا جيرامداس تنهن وقت جي گهرو کاتي جي وزير شري گلزاريلال نندا سان هننجي ملاقات جو وقت مقرر ڪري ڏنو، شري نندا هننکي صلاح ڏني تہ مسٽر ترويديءَ طرفان بل پيش نہ ڪريو مان پنهنجي نائب وزير جي طرفان بل پيش ڪندس پوءِ اِهو ضرور پاس ٿيندو.

اپريل 1967 ۾ پارليامينٽ ۾ بل جي فائدي ۾ ميمبرن جو رخ ڏسي شري گلزاريلال نندا جي نائب وزير پارليامينٽ ۾ بل پيش ڪيو تہ بل پاس ٿي ويو. ليڪن جو جهنڊ بل جي حمايت ڪرڻ لاءِ دهليءَ پهتو هو. حشو ڪيولراماڻيءَ جي ڪوشش سان دهلي ۾ برپا ڪيل سنڌو طرفان هڪ لک سنڌين جي صحين جو چٺو پارليامينٽ جي اسپيڪر کي ڏنو هو ۽ اُن سان گڏ ٻاهران اينڊڙ هر

منهنجي ڪيترن سالن کان برادري بڻجي ويئي هئي.

هڪ قسم جي چڪرويو ۾ ڦاٿل هوس نه لنبن پئي ڇڏي سگهيس ۽ نه ئي ڀارت پئي وڃي سگهيس.

وري به ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي مدد سان هري موٽواڻيءَ طرفان جا سر مٿان تلوار لٽڪي رهي هئي، اُن کان نجات ملي. گيتا جڏهن ١٩٨٢ ۾ ڀارت ويئي ته ڪيرت جي معرفت هريءَ کي ڏهه هزار رپيا ڏيئي ٿاهه ڪري آئي.

1975 ۾ منهنجي پتا جو ديهانت ٿيو. مان ڪنهن به ڪريا ڪرم ۾ شامل ٿي نه سگهيس. هريءَ جي ڪيس ڪري.

1978 ۾ منهنجي ماءُ جو ديهانت ٿيو، وري به مان نه وڃي سگهيس. آهه ته نڪتي پر ٻاڦ ٻاهر نه ڪڍي.

سنڌ ٽائيمس بند ڪرڻ لاءِ پنجابي مسلمانن طرفان دڙڪا ملڻ لڳا. ڄام صادق عليءَ چيو، ”راڄ ڏٽي (هو هميشهه مونکي راڄ ڏٽي چوندو هو) تون ٻارن ٻچن وارو گرهستي ماڻهو آهين، هيءُ پنجابي ۽ مهاجر ماڻ جا... آهن سنڌ ٽائيمس بند ڪري ڇڏ.“

1983 ۾ اندرا گانڌي لنبن رستي آمريڪا وڃي رهي هئي. سنڌ ۾ سنڌي شاگردن جي ايم آر ڊي هلچل هلي رهي هئي ۽ جيئي سنڌ سان گڏ ٻيون ڪيتريون سنسٿائون شاگردن جي هن هلچل جي حمايت ڪري رهيون هيون.

اندرا گانڌيءَ جو فون آيو چيائين، ”سنڌين کي چئه حلوو ورهائڻ سان سنڌو ديش نه ملندو.“

سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي وڌان جي ائٿين شيڊيوئل ۾ جڳهه ڏيڻ لاءِ جواهرلال نهروءَ جي ايامڪاريءَ کان وٺي ڪوششون هلنديون آيون هيون، هر دفعي جواهرلعل انهن ڪوششن کي ناڪام ڪندو

گهر آيو پرديسي

1983 ۾ مان ڀارت آيس. دهليءَ وچڻ کان اڳ۾ ممبئيءَ ۾ مان سيڌي سان گڏيس. ائين پئي لڳو خيرن سان ڪٿي هوجمالو گهر آيو هو. ڀاڪر پٽيان ڀاڪر. گوبند مالهيءَ جو ڀاڪر. ڪيرت جو ڀاڪر. ڪرشن راهيءَ جو ڀاڪر. ارجن شاد جو ڀاڪر. گني سامتاڻيءَ جوڀاڪر. نارائڻ ڀارتيءَ جو ڀاڪر. هرچند اجهل جو ڀاڪر. پوپٽي هيرانندڻيءَ جو پيارو 'پوندو' ۽ پيارو 'لقب' شوڏا. موهن ڪلپنا جو پيار سان سواگت. خبر نہ آهي ڇو موهن ۽ مان هڪ ٻئي سان ڪڏهن بہ ڀاڪر نہ پاتو هو اسان شايد ڪڏهن بہ هڪ ٻئي کي الڳ الڳ نہ سمجهو هو.

موهن کي ٻہ ٻار ڄائو تہ هنجو نالو رکيائين 'راجو' ۽ جڏهن هن کي ڌيءَ ڄائيءَ تہ سندس نالو رکيائين 'گيتا'.

موهن هميشهہ چوندو هو. ''تو وٽ 'راجو' آهي تہ مون وٽ بہ 'راجو' آهي. تو وٽ 'گيتا' آهي تہ مون وٽ بہ 'گيتا' آهي. تون انُهن سان خوش رهہ مان هنن سان.''

دادا رام پنجواڻيءَ سان گڏجڻ ويس. مونکي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ڀاڪر پائي چيائين. ''راجو هيترا سال لڳائي ڇڏيا اٿئي اچڻ ۾. هاڻ واپس اچ توکي هتي بہ ڪمائڻ جا ڪيترا ذريعا ملي ويندا.''

مان دادا کي ڪاجهہ بہ چئي نہ سگهيس. ڇا چوان. هُتي برابر اڪيلائي آهي. ڪيتري اُداسي آ ڇانئين. اهو بہ سچ آهي تہ مان پنهنجي برادريءَ کان ڇڏجي ويو آهيان. منهنجي مجبوري آهي منهنجو ذاتي ڪٽنب. ٻارن جو آئيندهہ. هننجي پڙهائي. اُتي جي آبهوا ۽ حياتي گذارڻ جون ڀيون سهوليتون. دل ئي دل ۾ چيو. ''هاڻ تمام دير ٿي ويئي آهي دادا.''

هڪ پارليامينٽ جي ميمبر کي جو حلوي جون چڪيون وراهيون هيون ته جيئن هر هڪ ميمبر ان بل جي حمايت ڪري. (اندرا گانڌيءَ جو اِشارو اُن حلوي ورهائڻ ڏانهن هو.) مون ڪيرت کي فون تي اندرا گانڌيءَ جو سنيهو ڏنو. ڪيرت چيو، ”ته مئڊم ڇا ٿي چاهي ته بندوقون کڻون؟ مان نٿو سمجهان هندو سنڌي سنڌو ديش وٺڻ لاءِ بندوق کڻي سگهندا.“

سنڌي ته ڀارت جي ورهاڱي وقت ڪجهه نه ڪري سگهيا. ڪئمپن ۾ سڙندا رهيا ڪجهه نه ڪري سگهيا. ڀارت ۾ هڪ ننڍڙو ٽڪرو نه حاصل ڪري سگهيا. بندوق کڻڻ ته هڪ وڏي ڳالهه آهي.

آخر ۾ 10 اپريل1967 چيٽي چنڊ ڏينهن تي تنهن وقت جي ڀارت جي سياپتي سروپالي ڊاڪٽر راڌاڪرشن بل صحي ڪيو. سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي وڌان جي ائٺين شيڊيول ۾ جڳهه ڏني وئي. اهو ڏينهن هر هند سنڌيت ڏينهن ڪري ملهايو ويندو آهي.

اهڙيءَ طرح پنهنجي زوريءَ چڙهي آيل ڌرتي جي ويهن سالن کان پوءِ هنن جون ڪوششون ڪامياب ويئون.

مان ته چوندو آهيان، سنڌي ٻولي ائٺين شيڊيول ۾ آئي ته اهو هڪ قسم جو سراپ مليو سنڌين کي، جيستائين سنڌي ٻولي ائٺين شيڊيول ۾ نه آئي هئي سنڌين جي هلچل اُن بهاني زنده هئي. لڳندو هو سنڌي قوم زنده آهي، ٻوليءَ جي ائٺين شيڊيول ۾ اچڻ سان ڪٿي آهي ڪابه هلچل، ڪٿي آهي سنڌي قوم.؟ اسڪولن مان سنڌي سيکارڻ بند پيئي ٿيندي وڃي، سنڌي ڪتابن جو ڇپجڻ گهٽ ٿي ويو آهي ۽ ڪامڻ جو ته نالو نشان ئي نه آهي. پاڻ لکي مفت ۾ ليکڪن ۽ دوستن کي وراهي ۽ پنهنجي اهم کي تسلي ڏيڻ جي حالت تي وڃي پهتي آهي.

ريڊيو ڪلب ڪولابا ۾ ليڪڪ گڏجڻا هئا. جيئن ئي مونکي خبر ملي مان به هليو ويس. موتي پرڪاش اُتي گڏيو ۽ ياڪر پائي حال حوال ورتائين. واپسيءَ ۾ هنکي سانتاڪروز وڃڻو هو ۽ مونکي باندرا. ٽئڪسي ڪئيسين رستي تي هن چيو، ”هل ته ماستر چندر وٽان ٿيندا هلون.“

انهن ڏينهن ۾ائين چيو ويندو هو ته، ’جو هندستان اچي ۽ ماستر چندر جي درتي نه وڃي ته هنجو هندستان ۾ اچڻ ئي بيڪار آهي.

مهيم ۾ ماستر چندر جي گهر آياسين. هڪ کٽ تي جهوڙ تي ويل ماستر چندر ليٽيو پيو هو. اسانکي ڏسي اُٿي ويٺو ۽ ڪيڪاري پنهنجي پڙ ۾ ويهاريائين. سندس روم ۾ هڪ ديوار تي ٽنگيل ڏيکاريائين انڊس آرٽس جو هنکي ڏنل فريم اوارڊ. جنهنجي ڪري دادا پنجواڻي مون سان ناراض به ٿيو هو.

هنجي ننهن چانهه ۽ ڪاجهه ڪائڻ لاءِ ڪٽي آئي ۽ ماستر چندر سان ڪي ڳالهيون ڪري اُٿي ڪڙا ٿياسين.

رستي تي موتي ۽ مان ماستر چندر جي جوانيءَ جي ڏينهن جي قرامتي ڪشش ۽ سندس سنگيت جي اوچائيءَ باري ۾ڳالهائيندا آياسين. مونکي خبر هئي ته ماستر چندر وٽ اٿاهه خزانو هو سنڌي لوڪ سنگيت جي ڏنين جو. سليل چوڌري مشهور فلم ميوزڪ ڊائريڪٽر مون سان گ ڏجي هنجي گهر ۾ ڪيترين بئنڪون ڪيون هيون.

١٩٨٥ ۾ گيتا ۽ مان گڏجي يارت وياسين. اي ڪي هنگل منهنجي اُسڪي ڪهاڻيءَ ۽ هوجمالي ۾ ڪم ڪيو هو. لارڊ مائونٽ بيٽن تي ٺهيل ٽيلي فلم ۾ هنکي سردار پٽيل جو رول مليو هو. اُن سلسلي ۾ هو لنڊن ۾ آيو هو ۽ ڪيترا دفعا اسانجي گهر پڻ آيو.

هو چام صادق علي، عطا اُلا مينگل ۽ ممتاز علي يٽي سان، جنهن

دادا پناجواڻيءَ سان وڏيڪ ڳالهيون ڪرڻ لاءِ هنجي گهر پهتس، هو آرام ڪري رهيو هو. مان هال ۾ ويهي رهيس هڪ صوفا تي، سامهون هڪ ڪيٽ ۾ چانديءَ جي رنگ ۾ رنگيل جهوليلال جو ننڍو پتلو رکيل هو۽ دل ۾ آيو دادا کان اهو گهران ته دادا هال اندر آيو۽ اسان هندستان ۾ ادبي حالتن تي ڳالهائيندا رهياسين.

ادبي دنيا، ادبي ڪتنب، ادبي ڪلاس، ناٽڪ منڊليون سڀ بدلجي ويا هئا. اخبارن ۽ مگزنن جا پنا هڪ ٻئي تي هلان ڪرڻ سان پريل هئا.

دادا پناجواڻيءَ کان مون پڇيو، ''دادا هيءُ سڀ ڇا ٿي رهيو آهي.؟''

دادا جي اکين ۾ ٻوڙها پرجي آيا، پاڪر ۾ وري جڪڙي چيائين، ''راجو مان ڇا چوان، ٿورو ئي وقت اڳ۾ توکي واپس اچڻ لاءِ پئي چيو، وساري ڇڏ تون پري ئي ٺيڪ آهين، هتي جي هن ڪاڇري جي ڇنڊن کان ته پري آهين. بس لڙ وچڙ ۾ رهندو اچج.''

موڪلائڻ لاءِ اُٿيس ته دادا چيو، ''هيءُ پتلو ته توکي ڏيان ٿو، سوچيان ٿو گيتا لاءِ توکي ڇا ڏيان.''

مان سوچيندو رهيس، دادا ڪي ڪيئن سمڪ پيئي ته اهو جهوليلال جو پتلو مونکي ڪپي. ۽ دادا اندران هڪ گرم شال ڪڍي آيو، ڪيٽ مان جهوليلال جو پتلو ڪيي شال سان گڏ مونکي ڏنائين.

ترقي پسندن جو جُهٽ هاڻ لڳو پئي ته هارڪائي ڌرمي درن جي چانئٹن تي مٿو ٽيڪڻ لڳا هئا.

جڳت آڏواڻي، ايشور آنچل، ڦتن پرسواڻي، ايم سڳن، نارائڻ پارتي ۽ ٻيا ڪيترا سڀ سائين رام- سائين رام جي ڌني اُچاريندا ڏٺا. نه ترقي ڌني نه ئي ترقي پسندن، جو قافلو ڪيڏانهن پئي مڙيو ڪنهن کي خبر نه پيئي.

ڪي آواز ديڪر بلا ليگي مجهڪو.
مگر اُسني روڪا، نہ اُسني منايا،
نہ دامن ئي پڪڙا، نہ مجهڪو بٺايا،
نہ آواز ئي دي، نہ واپس بلايا،
مئن آهستا آهستا بڑهتا ئي آيا،
يهان تڪ ڪِ اُسسي جدا هو گيا مئن.'

اڄ مان ڪريبن روز هن سان گڏ ويهي چانهہ ٿو پيئان. نہ فقط ايترو هو منهنجي ترلوڪ بلڊنگ باندرا ۾ وسڪيءَ ۾ هر گلاسي تي سڄي سڄي رات شعرو شاعري ٿو ڪري.

پنهنجي ڌرتي پنهنجو ديش

تنهن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جو چانسلر هو مبارڪ علي شيخ جنهن پنهنجي ڪرسي بچائڻ لاءِ انهن ڪيترن شاگردن جا نالا سرڪار کي ڏنا جن ايم آر ڊي تحرڪ ۾ ڀاڱ ورتو هو. اُن جي نتيجي ۾ ڪيترا ئي شاگرد پڪڙيا ويا، ڪيترا ماريا ويا ۽ ڪيترا پنهنجي جان بچائي ملڪ ڇڏي ٻين ملڪن ۾ پناهہ وٺي وڃي ويٺا ۽ سموري هليل ٺحريڪ جو انت ٿيو. شيخ مبارڪ علي جنهن هن مهل تائين پاڻ کي قومي شاعر پئي ڪوٺايو، اُن بہ غداري ڏيکاري.

اڄ هن جي سماڌيءَ تي ڪير چادر نٿو چاڙهي ڪير هڪ گل بہ نٿو رکي، ڪيترن جي دل ۾ ايندو هوندو هنجي قبر تي پ... ڪري ڪيس ياد ڪرائين سندس سنڌ ۽ سنڌي جاتيءَ سان ڪيل غداري.

1990 ۾ پاڪستان ۾ جنرل اليڪشنس ٿيون، نواب شريف ڄام صادق عليءَ جي مدد سان گهٽائيءَ سان کٽي آيو ۽ ڄام صادق عليءَ کي سنڌ جو مکيہ منتري بڻايائين. ڄام صادق علي، ذلفڪار

هوٽل ۾ رهيل اُتي گڏيو، جتي پاڪستان جي راڄنيتيءَ تي ڳالهه ٻول ٿي. هن ساڻ گڏجي پرٿوي ٿئيٽر ۾ هڪ ناٽڪ ڏسڻ وياسين. جانڪي ڪٽير ۾ وچڻ ٿئي ۽ ڪعفي اعظميءَ جي ياد نه اچي اهو ته ممڪن ڪونه هو.

مان انٽرويل ۾ ڪعفي صاحب ساڻ گڏجڻ ويس، اها نئين سال جي رات هئي، ٻاهر نڪتو ۽ هڪ وڏو ياڪر پائي چيائين، ”ڪٿي گم ٿي ويو هئين منهنجا دلبر تو ته مونکي نئين سال جو خوبصورت طوفعو ڏنو آهي.“

اُسڪي ڪهاڻي ٺاهڻ وقت باسو، مغني ۽ منهنجي ڪعفي صاحب وٽ اڪثر روز وچڻ ٿيندو هو. باسو ۽ مغني ته چپ ويٺا هوندا هئا ۽ جو به ڪعفي صاحب لکيل پڙهي ٻڌائيندو هو، هنن کي منظور هوندو هو پر مان ڪن ڪن ڊائلاگن تي اعتراض وٺندو هوس ۽ اُن تي باحث به ڪندو هوس ان مان هن کي چاڻ پئنجي ويئي هئي ته مان ساهتڪ وايومنڊل مان ٿو اچان.

ڪعفي اعظمي سنڌي ساهتيڪارن ساڻ ترقي پسند دور کري جڙيل هو، هنکي سنڌي مشاعرن ۾ پڻ اڪثر ڪوٺ ڏني ويندي هئي. اسين تن ڏينهن ۾ واجهه وجهندا هئاسين ته ڪڏهن ٿو هو منچ تي اچي ۽ پنهنجو مشهور شعر ٻڌائي،

’مئن يي سوچڪر اسڪي در سي اُٿا ٿا،
ڪي وو روڪ ليگي، منا ليگي مجهڪو.
هوائون مين لهراتا آتا ٿا دامن،
ڪي دامن پڪڙ ڪر بٿا ليگي مجهڪو.
قدم اِس اندازسي اُٺ رهي ٿي،

بندوبست بہ ڪيو ۽ مان روانو ٿيس سنڌ ڏرتيءَ تي وري هڪ دفعو وري بدن کي پنهنجي مٽيءَ کي مهڪ ۽ هوا ۾ ساهہ کڻڻ لاءِ.

ايئرپورٽ تي ڊاڪٽر خالد لغاري وٺڻ آيو. جو تہ سرڪاري ڪار هئي ڪسٽم ۽ اميگريشن جو سوال ئي نہ پئي اٿيو.

شروع تي سنڌ جي سرحد، مون سنڌ ۾ پير رکندي ئي پهرين سنڌ جي مٽيءَ جو هڪ ڪٽي نرڙات تي لڳايو. جتان مٽيءَ جو هڪ ڪنيو هو. مونکي لڳو بہ ٻانهون اتان نڪري پاڻ ڦهلائي چئي رهيون هيون، ”واپس اچ منهنجا ٻاڙرا، ڪيڏانهن هليو ويئين مونکي ڇڏي.؟“

اڄ تائين اُهي بہ ٻانهون مونکي ياد آهن. اُهي ٻانهون سپنن ۾ مونکي سنڌ جو سير ڪرائينديون آهن.

ڪراچيءَ جي ڪيماڙي، منوهورو، صدر جون سرڪون، سلڪ بزار ۾ سلڪ سان پريل دڪان، ڪارو در، مٺو در، رام باغ ۾ اڳوانن جا انجام، گاڏي کاتو، بولٽن مارڪيٽ، لڪشمي بلڊنگ، ميري ويدر ٽاور، شڪارپور جي ڍڪ بزار، شاهي باغ ۽ شاهي باغ جا تازين ايلاچين جا ٻوٽا ۽ رابيل جا گل، سٽئي دروازا، لکي در، هاٿي در، هزاري در، خانپور در، واڳنو در، سيوي در، ڪرڻ در، ڪتوءَ جي ڪتائڻ، نانو ٽاروءَ جي مٺائي، سندر سونارو، شيامو ٻجاجي، حيدرآباد جي هيراباد، تلڪ چاڙهي، وڏي بزار، چونڪ جو ٽاور، گهر گهر جي ڇت مٿان ونگ، ڦليلي واهہ، سکر جو ساڌ ٻيلو، جي بي منگهارام جا بسڪيٽ، سکر براج، سنڌو نديءَ جو شور، بيوس، دڪايل، دلگير، شيام، رام پنجواڻي، ارجن شاد، پريو وفا، نوابشاهہ جا ماستر چندر، پرسرام ضيا، گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ ٻين ڪيترن ليکڪن ۽ ڪلاڪارن جي جنم ڀومي، ٻن وڪن تي موهن جو ڏرو، سگداسي چانور، ڪتا ڪارا ڦاروان، ڪارا بيدنگا گول لوهر، ماڪيءَ کان مٺا انب جي چوسڻ سان ئي مزو ڏيندا هئا.

علي پٽي ۽ ٻين گڏجي پيپلس پارٽيءَ جو پايو وڌو هو.

ڄام صادق علي هن جي منسٽريءَ ۾ تعليمي ۽ زمين ڏيڻ وٺڻ جو وزير هو. ضيا الحق جي ملٽري قبضي کانپوءِ پٽي کي ڦاسي ڏني ويئي ۽ پيپلس پارٽيءَ جا مکيه ڪم ڪندڙن پاڪستان ڇڏي ٻين ملڪن ۾ وڃي پناهه ورتي هئي.

ڄام صادق علي لنڊن ۾ اچي رهيو. سندس گهر منهنجي گهر جي پاسي ۾ هو انڪري ۽ سنڌ ٽائيمس ڪري اڪثر اسان جون ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون. گهڻائي راڄنيتي ڪم ڪندڙ هن سان گڏجڻ ايندا هئا. ڪيترا ضيا الحق جا سنيها ڪٺي ايندا هئا ته هو پٽي جي ڪٽنب کي ڇڏي هنن جي خلاف سرڪاري شاهد بڻجي.

پر هن فاقا ڪييا، ٻين جي رحم ڪرم تي رهيو پر پٽي جي ڪٽنب خلاف نه ويو آخر تائين هن بينظير پٽي جو ساٿ نه ڇڏيو.

پاڪستان واپس موٽيو ته هن کي اميد هئي ته بينظير هن کي سنڌ جو چيف منسٽر ڪندي، پر ڇو ته عاصف علي زرداريءَ جي هن سان ڪونه پوندي هئي هنکي چيف منسٽر جي ڪرسي نه ملي.

مونکي ياد آهي زرداري جڏهن ڄام جي گهر ايندو هو ته هڪ ڪنڊ ۾ ويٺو هوندو هو. ڄام هنکي نوڪرن وانگر حڪم ڏيندو هو. هاڻي ستا ملڻ کانپوءِ هن ڄام کان انجو بدلو ورتو.

ٿورن ئي مهنن ۾ ئي بينظير جي سرڪار ڊهي پيئي ۽ وري چونڊون ٿيون. هنن چونڊن ۾ ڄام ميان نواز شريف جو ساٿ ڏنو ۽ کيس کٽايائين جنهن هنکي سنڌ جو چيف منسٽر بڻايو.

هو جڏهن سنڌ جو مکيه منتري بڻيو مونکي فون ڪري سنڌ اچڻ لاءِ نيند ڏنائين.

مون ته اِن ڏينهن لاءِ واجهه پئي وڌا. هن منهنجي ويزا جو

هن جواب ۾ چيو، ”سائين توهان جو سامان هوٽل ۾ پهچي چڪو آهي، ٻئي ڪٺي جي هلڻو هجيو ته حڪم ڪريو.“

مان خيالن ئي خيالن ۾ سنڌ گهمڻ جا ڪيترا اَنسٽا ڪندي ٿڪجي پيو هوس انڪري هوٽل ۾ وڃي آرام ڪيو.

شام جو ستين بجي چام صاحب جي گهر پهتس، بنگلي جي اڳئين هال ۾ سنڌ جي اڳوانن سان گڏ ايم ڪيو ايم جا اڳوان پڻ ويٺا هئا. وسڪيءَ جو دور چالو هو هر ڪنهنجي هٿ ۾ گلاس هو.

پير پاڳارو هميشه هن جي پاسي ۾ ويٺو هوندو هو. هن سان منهنجي واقفيت چام صاحب اڳ ۾ ئي ڪرائي هئي باقي ٻين جون نظرون مون ۾ ڪتل هيون ۽ سوچي رهيا هئا هيءُ ديوان ڪير آهي. ڪيترين نظرن ۾ ڪٽرپڻي جون جهلڪون صاف ظاهر هيون ۽ محسوس پئي ڪيو ته هنن کي منهنجو اُتي هجڻ پسند نه هو، خاص ڪري نوجوان طبقو جيڪي مون سان اُتي گڏيا هئا.

مان سوچي رهيو هوس اسانجا ليکڪ ۽ دانشور سنڌي ترقي پسنديءَ جي اوٽ ۾ سنڌي مسلمانن لاءِ ڇا ڇا سوچيندا ۽ چوندا آهن.

سنڌ مان سنڌ جو اگر ڪو ڪتو به هند ۾ ايندو آهي ته اُن کي اکين تي رکندا آهن. شايد اهو ئي فرق آهي سنڌ ڇڏي آيل سنڌين ۽ سنڌ ۾ رهندڙ سنڌين ۾.

اُتي اُهي سنڌي به گڏيا جي گهوري پئي ويا، هنن جو پيار ڇلڪيو پئي هنن جي وهنوار مان، هنن جي اکين مان. هڪ ڏينهن پلي جي فقط ڳالهه ڪئي، ٻئي ڏينهن 3 پلا ٽن قسمن جا ٺهيل هوٽل ۾ پهچي ويا. هڪ قسم جي پلن جي دعوت ٿي ويئي ۽ سيني سان گڏ ويهي محفل مچائي.

رات جو ماني کائي اسين مٿي چام صاحب جي بيڊ روم ۾ وڃي

سنڌ جو هر شهر هر ڳوٺ هر ڪنڊ ڪڙڇ گهمائيندين آهن اُهي ٻہ ٻانهون ۽ ياد ڏياريندين آهن ٻالڪپڻي جون، دوستن، ڀينرن ۽ ڀينرن جي ساهيڙين سان ڪيل رانديون، اٽي ڏڪر، گوليون، ڦيڻي سان گڏ ميلن جا ميل ڊوڙڻ، اسي موڙي ونڄهہ وٽ، ٽپرو ٽاري.

مونکي چيف منسٽر هائوس ۾ رهايو ويو. ڄام صاحب آيو ڏسندي ئي ياڪڙ ۾ جڪڙي چيائين، ”راڄ ڏٽي تنهنجيءَ سنڌ ۾ تنهنجو سواگت آهي.“

منڄهند جي ماني کائڻ لاءِ پنهنجيءَ ڪار ۾ وٺي هليو پنهنجي بنگلي تي جتي ڪيترا سنڌي بہ حاضر هئا جهڙوڪ پريم شهاڻي، پير پاڳارو سئيد شاه مردان شاهہ، مخدوم مهمد زمان طالب، مخدوم امين فاهيم ۽ ٻيا. هن منهنجي سيني سان واقفيت ڪرائي، اسين سڀ اٿياسين ڄام صاحب آرام ڪرڻ لاءِ مٿي هليو ويو.

مٿي وڃڻ کان اڳ ۾ پنهنجي سيڪريٽريءَ کي سڏ ڪري مونکي ٥٠ هزار رپيا ڏياري چيو، ”هيءُ هتي تنهنجي خرچ لاءِ اَٿئي، وري ڪيترا بہ کپئي هچڪاڄ نہ، ها تنهنجي رهڻ جو بندوبست شيريٽن هوٽل ۾ ڪيو آهي ٻاهر تنهنجي لاءِ ڪار بيٺي اٿئي جا ٢۴ ڪلاڪ تو لاءِ آهي جتي بہ وڃڻو هجيئي وڃي تو سگهين هاڻ سموري سنڌ تنهنجي آهي پر مونکي اطلاح ضرور ڪاڄ چو تہ هتي ڊاڙيلن جو ڊپ آهي، جي توکي ڪڏي ويا تہ سموري سنڌ مونکي عيوضي ۾ ڏيڻي پوندي توکي ڇڏائڻ لاءِ وري شام جو گڏجنداسين.“

مان ٻاهر آيس ڏٺو ڪار بيٺي هئي اندر اڳين سيٽ تان رائفل سان هڪ پوليس وارو ٻاهر نڪتو مون لاءِ ڪار جو دروازو کولڻ لاءِ، مون ڪار ۾ ويهندي هنجي مهرباني مڃي ۽ ڪيس چيف منسٽر هائوس هلڻ لاءِ چيو.

چام جهٽ ۾ جواب ڏنو، ”پل هنجي ڪاڏي ۾ زهر هجي، يار جي هٿان يار جي گهر ۾ مري به وياسين ته اُن کان بهتر موت ڪهڙو ٿيندو.“

1992 ۾ هن فون تي چيو، ”راج ڏٽي هڪ دفعو وري اچ خبر نه آهي باقي ڪيترو وقت.“

مان ڪراچيءَ پهتس ته هو بستري تي هو، تڏل وهاڻن جي سهاري بستري تي ويٺل هو. مان هنجي پاسي ۾ ويهي رهيس. منهنجو هٿ جهلي ڳالهيون ڪندو رهيو. روز وانگر هنجي ڪمري ۾ پريم شهاڻي ۽ پير پاڳارو هنجي سامهون ويٺل هئا.

5 مارچ انڪل رات جا 9 لڳا هئا. مان اجان وڃڻ وارو هوس ته مٿان رودن ۽ رڙين جو آواز آيو.

مونکي ’راج ڏٽي‘ چئي سڏڻ وارو نه رهيو.

ٻئي ڏينهن هنجو جنازو هنجي ڳوٺ چام نواز علي ۾، چام صادق علي مانا هائوس ڏانهن روانو ٿيو.

حشام ماڻهو هنجي آخرين سفر ۾ شامل ٿيا، جن ۾ هن جا دوست ته هئا هن جا دشمن به هئا.

هر ڪنهن جي زبان تي هڪ ئي ڳالهه هئي، ”شيرن جو شير، يارن جو يار هليو ويو.“

40 ڏينهن ڪانپوءِ هنجون پڳڙيون ٿيڻ واريون هيون ۽ هنجي وياجهن جي چوڻ موجب مونکي پڻ اچڻو هو ۽ مان ٣٨ ڏينهن ممبئيءَ ۾ رهي واپس ڪراچيءَ آيس.

هن دفعي مونکي هنجي بنگلي ۾ رهايو ويو، جتان هنجي ڳوٺ ڏانهن سندس پڳڙين ۾ شامل ٿيڻ لاءِ روانا ٿياسين.

علي اڪبر ميمن هنجي وڏي پٽ ماشوق عليءَ جي سر مٿان پڳڙي رکي.

ويهندا هئاسين، هو شاهدا سندس پٽنيءَ سان گڏ بستري ۾ ليٽيل هوندو هو ۽ علي اڪبر ميمن، ڊاڪٽر خالد لغاري ۽ مان بستري جي پاسي ۾ پيل ڪرسين تي ويهي دير رات تائين پيا ڳالهيون ڪندا هئاسين. مان هنجي ڪتنب جو هڪ ڀاتي ٿي ويو هوس.

صبوح ٿيندي ئي 7 بجي مان هن وٽ پهچي ويندو هوس هو تيار ٿي پنهنجي رولس ڪار ۾ مونکي پٺ ۾ ويهاري پاڙي ۾ ئي سير تي نڪرندو هو.

رستي تي ڪن چئن چٽن کي گڏ ڏسندو هو ته ڪار بيهاري هنن کان پڇندو، ”ڪيئن خوش آهين. ڪو مسئلو ته نه آهي، ڪنهن چيز جي ضرورت هجي ٻڌايو.“ ڪار جي ريڊيو تي منيرجان جو گيت پئي هليو، ’واڳ ڏٽي تنهنجي وس.‘

مون چام صاحب کي چيو، ”هن سڀ کي ڇپائي هر هڪ ڪار جي پٽيان لڳايو. ”هنکي منهنجي ڳالهه جاچي ويئي، ٻئي ڏينهن ڇپائي بنڊلن جا بنڊل هن سڄيءَ سنڌ ۾ موڪليا ۽ ٻن ڏينهن ڪانپوءِ مون ڏٺو سرڪاري هر هڪ ڪار پٽيان، لاڙيءَ پٽيان ۽ آفيسن جي مکيه دروازي جي مٿان لڳل ڏٺو، ’واڳ ڏٽي تنهنجي وس.‘

اهو ڪار ۾ روز صبوح جو سير تي نڪرڻ جو سلسلو هلندو رهيو. منهنجي پهريون دورو سنڌ جو پورو ٿيو ۽ مان ممبئيءَ کان ٿيندو لنڊن واپس پهتس.

وري 1991 ۾ سڏ ٿيو چام صاحب جو، منهنجي واپس اچڻ تي ئي هو لنڊن ۾ آيو، پير پاڳارو هن سان گڏ سفر ڪري رهيو هو. مون کين پنهنجي گهر ۾ مانيءَ لاءِ نينڊ ڏني ۽ جڏهن مون هنن کي هنن جي پليٽن ۾ ڪاڏو ڏيڻ شروع ڪيو ته پير صاحب چام کي چيو، ”چام صاحب هيءُ پاڻ ته ڪائي نٿو، ڪٿي ڪاڏي ۾ زهر ته نه آهي.؟“

ڪري ۽ ادبي ۽ سياسي ڪيترن ۾ هاڃڻ ڪري سميلن جي جوابداري منهنجي مٿان رکي ويئي. سميلن ۾ منهنجو ساٿو ڪٽنب منهنجو ساٿ ڏيئي بيٺو. مان ساٿو سارو هڪ مهنو هندستان وڃي روبرو ساهتيڪارن، سماجڪ شيوڪن، ڪلاڪارن ۽ راڄنيتڪ اڳوانن کي نيند ڏيئي آيس.

جيرام روپاڻيءَ وٽ سنڌ جي خاص جڳهين جون تصويرون ڏٺيون. اُهي تصويرون ڏسڻ سان ائين پئي ڀانيو، ڄڻ سنڌ ڌرتيءَ تي پهچي اُتي جو سير ڪري رهيو هوس. مون هن کان 3 سيٽ ٺهرايا. جنهن مان هڪ شري هيري ماڪيجاڻيءَ پنويل جي نارائڻ بابا لاءِ ورتو، هڪ سيٽ سنڌي ائسوسيئيشن وٽ ڪٽي آيس، دهليءَ ۾

Promoters and Preservers of Sindhyat ڪتاب

جو مهورت، شري لال ڪرشن آڏواڻيءَ جي گهر ۾ رکيل هو، اُن موقعي تي لنڊن ۾ ٿيندڙ سميلن تي اچڻ جي نيند ڏيندي هڪ سيٽ هنکي ڏنو. هيءُ ڪتاب ڀڳوان ڀاڳچنداڻي ڇپايو آهي رهيجا بلڊرس جي مدد سان، هنجي چوڻ موجب دادا رام پنجواڻيءَ جي اها دلي خواهش هئي تہ هڪ اهڙو ڪتاب ڇپائجي جنهن ۾ سيني ليکڪن، ڪلاڪارن ۽ سماجڪ ڪاريہ ڪندڙن جي حياتيءَ جو ذڪر ڪيل هجي. هيءُ مان سمجهان ٿو پهريون دفعو هو جو هڪ ئي منچ تي ڪانگريس جو همايتي دادا منگهارام سپاهيملاڻي، هندوتوَ جو همايتي شري جهمٽمل واڌواڻي ۽ ڪميونسٽ خيالات وارو دادا ڪيرت ٻاٻاڻي ويٺل نظر آيا. منهنجي هنن ٽنهي سان ساٿاڻپ هئي، دادا ڪيرت ۽ دادا جهمٽمل سان تہ ڪيترن سالن کان ناتو هو، پر دادا منگهارام سان ڪي ٿوريون ئي ملاقاتون ٿيل هيون. ٻہ راتيون دهليءَ ۾ هئاسين، روز رات جو منهنجي ڪمري ۾ بيٺڪ ٿيندي هئي جتي ٻلديو مٽلاڻي بہ شامل ٿيندو هو.

لنڊن ۾ هناجي دوستن قران خراني منهنجي گهر ۾ رکي، جنهن ۾ اٽڪل 100 کن هن جا دوست شامل ٿيا. سنڌ مان ماشوق علي، ڀاءُ انور علي، مدد علي، ڀائٽيو حيدر علي به آيل هئا.

لنڊن ۾ سنڌ بلوچ پختون ائسوسيئيشن ختم ٿي ويئي، حفيظ پيرزادوءَ ممتاز علي ڀٽو سنڌ هليا ويا. سردار عطا علا مينگل بلوچستان.

سنڌ بلوچ پختون ائسوسيئيشن ۾ ماٺائي اچي ويئي، پر سنڌين کي پاڻ سڃاڻڻ، ۽ پنهنجي ڇڏي آيل ڌرتيءَ جو قرض ياد ڏيارڻ لاءِ اسانجون ڪوششون جاري هيون.

ٻار سيپيٽڪ پروگرام ڏيندا رهيا ۽ گيتا سنڌي ٻوليءَ جو پرچار ڪندي رهي. هندستان وڃڻ جو پروگرام وڏندو ويو هر سال اسين ٻئي يا اسان جا ٻار ٻارڻارت وڃڻ لڳا ۽ هوپڻ اسان جي ادبي برادريءَ سان لهه وچڙ ۾ رهندا رهيا.

1991 ۾ انيتا ۽ سنيتا جي شادي ٿي، انيتا جي شاديءَ ۾ راجيش ڪنا شامل ٿيو. سنيتا جي شادي بنگلور ۾ هئي جنهن ڪري هو اچي نه سگهيو.

اُميش جي شاديءَ ۾ ممبئيءَ ۾ ڪيرت، مالهي ۽ گنو سامتاڻي شامل ٿيا.

زندگيءَ جا وڏ وڪڙ رستا لتاريندو اڳتي وڌندو رهيس، ٺوڪرون لڳنديون آهن ته سمجهندو آهيان ته مان زنده آهيان.

هرهڪ دک ۽ اُن جي چين محسوس ڪرائيندي آهي ته مونکي زنده رهڻو آهي ۽ ڪافي ڪجهه ڪرڻ لاءِ موجود آهي، ڪجهه پورو ڪجهه اڻپورو جنهن کي پورو ڪرڻو آهي.

2004 ۾ سنڌي ائسوسيئيشن طرفان انتر راشٽريه سميلن لنڊن ۾ ٿيو، ڀارت ۾ ٿيل ڪيترن سنڌي سميلن سان منهنجي جڙئي هجڻ

سندس اندازي موجب هن سان رستي تان ڪيترا ئي سنڌي هن سان شامل ٿيندا. جڏهن هو دهليءَ پهتو تہ اڪيلو پاڻ هو. ٿن ڏينهن کان پوءِ جڏهن ڏٺائين تہ سرڪار طرفان ڪير بہ هن وٽ نہ آيو تہ اچي منجهيو تہ ڇا ڪري.

هري سامتاڻيءَ جو شري لال ڪرشن آڏواڻيءَ سان گهرو رشتو هو. هو شري لال ڪرشن آڏواڻيءَ کي ساڻ ڪري ڪندنداس کي آٿت ڏنو تہ هو سرڪارڪان هنجي گهرجن بابت ڳالهائيندو ۽ ڪندنداس جي بک هڙتال ختم ٿي ۽ سندس عزت بچي ويئي.

افسوس اٿم جو ڪيترن نام نهاد سنڌي اڳوانن جي ڪارنامن ڪري سنڌي جاتيءَ کي ڪيترو نقصان پهتو آهي.

لنڊن سميلن

شري رام جيٺملاڻي پنهنجي ڌيءَ راڻيءَ سان گڏ سميلن ۾ شامل ٿيو. هندستان مان دادا جهمٽمل واڌواڻي، سنڌي شان مگزن جو مالڪ رنجيت بٺاڻي، سنڌيڻ مگزن جو مالڪ راج لالچنداڻي، سنڌيت جو شيدائي پنڊت پرڪاش ڀاردواج، رام جوهراڻي، چندر منگهناڻي، وشو اجباڻي گانڌيڌام مان ستيش روهڙا، لڪمي ڪلاڻي، ڊبئيءَ مان ڪوشي لالواڻي، آشا چاند پنهنجي سموري ڪٽنب سان شامل ٿيا. آميريڪا ۽ يورپ مان ڪيترا سنڌي آيا ٽوٽل اٽڪل **950** ڊيليگيٽن سميلن ۾ ڀاڱ ورتو.

سميلن يورپ ۾ بهترين هال ويمبلي ڪانفرنس ۾ ڪيو ويو. سميلن جو مهورت برهما ڪماري يونيورسٽيءَ جي دادي جانڪيءَ پنڊت پرڪاش ڀاردواج جي لال سائينءَ جي آدم قد جي مورتيءَ اڳيان لال سائينءَ جي اُستتي سان ڪيو. مهورت وقت سنڌين جو همدرد ۽ عرب پتي شري سرياچند ۽ گوپياچند پنهنجي سموري ڪٽنب

سنڌ جي فوٽن جو سيٽ آلبم جي صورت ۾ هو. جو شري آڏواڻيءَ کي ڏاڍو پسند آيو. مون ڪيس پنهنجي راشٽريہ سويم سيوڪ سنگهہ جي ڏينهن جي واقفيت ڏني. هو تن ڏينهن پارٽ جو ڊپيوٽي پرڌان منتريءَ جي پد تي هو. انڪري هو سميلن تي نہ پئي اچي سگهيو. جي ڪيس انگلنڊ جي سرڪار وٽان نينڊ مليءَ سڪيورٽيءَ جو جوڳو بندوبست ٿئي پوءِ ئي اچي سگهي ها. ان لاءِ ڪافي ڪاجهہ ڪرڻو پوي ها جنهن جي لاءِ وقت تمام ٿورو هو.

ممبئيءَ ۾ جڏهن سيني کي لنڊن ۾ ٿيندڙ سميلن لاءِ نينڊ پئي ڏني تہ لوڪ سر سان واسطو رکندڙ ديوداس رتنپال مونکي بيناجيءَ جي دربار ۾ شري ڪندنداس طوطلداس روهڙا وٽ وٺي هليو. ديوداس جي چوڻ موجب هن وٽ سنڌي جاتيءَ لاءِ هڪ رٿا آهي. مان ڪيس سميلن ۾ ڪوٺيان جيئن هو اها اُتي پيش ڪري. 191 ۾ جڏهن پارٽ پاڪ جي جهنگ لڳي هئي ٻڌو هوم ورلڊ سنڌي ڪانفرنس جي طرفان هن هام هئين هئي تہ 35000 جوانن جي سينا ٺاهي پاڪ جي بارڊر تي بيٺو آهي. منهنجي واقفيت هن سان 1963 ۾ تڏهن ٿي هئي جڏهن مون مهيم ۾ رام ڪٽير بلڊنگ پئي ٺاهي جنهن ۾ هن جو هڪ ساٿي تاراچند منواڻي پلاٽ وٺي ڏيڻ ۾ مددگار ٿيو هو. گنگاڌر تولاني ڪولابا ۾ گرانڊ بزار جو مالڪ سوسائٽيءَ جو چئرمين هو. ڪندنداس هڪ ڏينهن منهنجي آفيس ۾ آيو ۽ چيائين پلاٽ جي قيمت ۾ 100 رپيا وڌيڪ رکي، اها رقم پاڻ ۾ ورهائي کڻون. مون اها ڳالهہ اصولن جي آڌار تي نہ قبولي. جڏهن مان هن سان گڏيس تہ مون ڪيس پنهنجي سڃاڻپ ڏني. هو مونکي سڃاڻي هڪو ٻڪو ٿي ويو.

هري سامتاڻيءَ ٻڌايو هڪ دفعي هو دهلي ۾ پارليامينٽ جي ٻاهران بک هڙتال ڪرڻ جي يوجنا ٺاهي رهيو هو.

شواجي ايئرپورٽ تي گڏجاڻيءَ سان شروع ٿي. پاڪستان جي ايئرلائين نمبر 275 ۾ 10□12 لڳي چڙهي، 40□1 لڳي ڪراچي ايئرپورٽ تي پهتاسين.

هن ياترا ۾ دنيا جي الڳ الڳ شهرن کان ٽوٽل 24 بزرگ شامل ٿيا. آميريڪا مان پريم لالواڻي، جڳجيت لالواڻي، شيام گياناچنداڻي جيوت دتواڻيءَ ۽ سندس ڌرم پتني ليلا. پاڳو آهوجا ۽ سندس ڌرم پتني روپا. قيمت ايسراڻي ۽ سندس ڌرم پتني يشي، هنس راج پوچواڻي ۽ سندس ڌرم پتني نندني، موتي راماچنداڻي ۽ سندس ڌرم پتني وينا. لنڊن مان ڪشن ناواڻي، نانڪ ڪلواڻي ۽ سندس انگريز ڌرم پتني پولنڊا. شريمتي سنتوش ڀاٽيا ۽ سندس پٽ ساچن. ممبئيءَ مان ارجن هنگوراڻي، موهن درياناڻي، شريمتي ڪوشي ميرپري ۽ شريمتي شيلا بابلاڻي.

سنڌ ڌرتيءَ تي ورهاڱي کانپوءِ هنن جو هيءُ پهريون موقعو هو. هر هڪ پنهنجي جنم ڀوميءَ ۾، پنهنجن ڇڏي آيل گهرن کي ڏسڻ پئي چاهيو.

لهڻ سان ئي هر ڪنهن پنهنجي دل جي ڳالهه ڇئي، ”اسين پنهنجو ڪراچي ڪلب وارو گهر ٿا ڏسڻ چاهيون.“

”مان پنهنجي گهر کي ڀاري پائي، اتي جي مٽي جهول ۾ وجهي کڻي هلندس.“

”روئندي روئندي مان ڪلندرشاهه تي پنهنجن وڏن وانگر ميهندي ٿو ڪٽي وڃڻ چاهيان.“

”مان اڄ تائين سپني ۾ شڪارپور ڏسندو آهيان.“

”مون مرڻ کان اڳ ۾ سنڌ ۾ پنهنجو گهر ڏسڻ پئي چاهيو. اها اڇا پوري ٿي.“

سميت شامل ٿيا. ٿن ڏينهن جي سميلن ۾ الڳ الڳ پهلنِ تي روشني وجهڻ سان گڏ وندر جو پروگرام پڻ رکيو ويو. پروگرام جي ڪمينٽري ٻلديو مٽلاڻيءَ ڪئي ڪاجل چنديراماڻي ۽ ڪوشي لالواڻيءَ سنگيت جي سرن سان حاضرين کي مگن ڪري ڇڏيو. انيتا راج ڏاسواڻيءَ جي مومل راڻي جي بئلي ڪيترن جي اکين ۾ ٻوڙها آڻي ڇڏيا. بئلي گيتا راج جو لکيل هو ۽ پنيان آواز راج ۽ گيتا راج جا ڏنل هئا. بئلي جي شروعات پريو وفا جي مومل راڻي تي لکيل گيت ۽ سي لکمياچند جي ڳايل گيت تي اُميش راج ڏاسواڻيءَ جي دل لپائيندڙ پيشڪش سان ڪئي ويئي. سهيوگ سنسٿا طرفان رام جوهراڻيءَ دادا رام ڇيتملاڻيءَ هٿان سيني ڪلاڪارن کي ٽرافيون ڏنيون. لنڊن جون پنج ئي سنسٿائون اڳيان وڌي آيون، سنڌي ناري سڀا دنيا ڀرَ مان آيل سيني ليڊيز کي چانهه پارٽي ڏني، سنڌي مندر وارن ڊوڊو چنڊي ڪاريو. برهماڪمارين پنهنجي گلوبل هال ۾ شاندار پروگرام ڪيو جتي هندستان مان آيل شري اشوڪ آڏواڻي ۽ جئه هند ڪاليج جي پرنسيپال نانڪ شوداساڻيءَ کي 2005 ممبئيءَ ۾ سميلن ڪرڻ لاءِ بئٽن ڏنو ويو.

پر افسوس جو هو ڪن سببن ڪري سميلن نه ڪري سگهيا. ۽ منهنجي زور بار آڻڻ تي رنجيت ٻٽاڻي، رام جوهراڻي ۽ چندر منگهناڻيءَ ممبئيءَ ۾ سميلن ڪرڻ جو بار کنيو ۽ خوب نباهيو.

2005 ڊسمبر ۾ ممبئيءَ ۾ ٻارهون انتراشٽريه سنڌي سميلن ٿيو تنهن وقت ممبئيءَ وارن جو نعرو هو. ”هلو ته ممبئيءَ هلون.“ اُن موقعي جو فائدو وٺي مون سنڌ ياترا جو پروگرام رکيو ۽ منهنجو نعرو هو. ”سنڌي هلو سنڌ ڏسڻ.“

سنڌ جي ياترا

ياترا ٢ جنوري 2006 صبوح جو 9 بجي ممبئيءَ جي ڇترپتي

گريجيوئيٽس ائسوسيئيشن جو پايو وجهندڙ ۽ وشارام ٿاروآڻي پريم ساگر ماهوار ميگزين جو ايڊيٽر اسانجي آجيان ۾ پنهنجن ساٿين سان گڏ بئنرن سان اسانجو سواگت ڪيو ۽ بندوبست ڪيل بس ۾ چاڙهي هوٽل شيريٽان ۾ وٺي هليا. ڪراچيءَ ۾ سڄو ڏينهن ساڄي رات هئاسين. جن ڪي ڪراچي شهر ڏسڻو هو سي ڊاڪٽر سليمان جو هڪ ساٿي پاڻ سان گڏ ڪري شهر گهمڻ ۽ خريداري ڪرڻ ويا. مون ڊاڪٽر سليمان سان هوٽل ۾ ويهي ڳالهيون ڪيون.

چوٿين جنوري صبوح جو بندوبست ڪيل مني بس ۾ جيئن جيئن بس اندر پئي آياسين بس جي ڊرائيور دلاور اسانجي آجيان پئي ڪئي.

بس ۾ سوار ٿي هلياسين هلائجي جهيل طرف جتي پڪين جو پناهگاه آهي، رستي تي شيراوالي مندر ۾ ديويءَ جو درشن ڪري هلياسين ڀنيور ڏانهن. ڪئميرامئن سموري دوري تي اسان سان گڏ هو، پوليس جي هڪ جيپ اڳيان ۽ هڪ جيپ بس جي پٺيان اسانجي سنڀال ڪري رهي هئي.

ڀنيور سسئيءَ جو ڳوٺ. سسئي شاهه عبدل لطيف جي ستن سورمين مان هڪ سورمي آهي جنهن جي پنهوءَ سان پيار جي امر ڪهاڻي نہ فقط سنڌ ۾ پر ساري جڳ ۾ مشهور آهي.

ڀـ پهر جي ماني مڪاليءَ جي سنڌين طرفان رکي ويئي هئي جن سنڌو نديءَ مان نڪتل ماڇيءَ جو سواد وٺايو. گلاب جي گلن جي هارن سان هر هڪ کي ڍڪي ڇڏيو. سنڌ ڌرتيءَ جي گلاب جي گلن جي خوشبوءِ ئي پنهنجي آهي سڄو وقت اسانجي بس، اسانجو بدن ۽ هوٽل جا ڪمرا اُن خوشبوءِ سان مهڪندا رهيا.

ڪينانجهر اسانجي سفر جو پيو پڙاءُ هو، ڪينانجهر جي جهيل

”مان حيدراباد جو آهيان، منهنجي پتني ٺٽي جي. مونکي اڃان بہ ٺٽي جي ٻاڙهن ڇانورن جي اٿي مان ٺهيل ماني ياد آهي. جا مان وري کائڻ آيو آهيان.“

”ڪراچيءَ جي نئين ايڪسٽنشن جو رتبو ئي الڳ هو.“

”حيدراباد کي وساري نہ سگهيو آهيان.“

”مان سٺن سالن کان هنڙي ياترا جو انتظار ڪندو آيو آهيان.“

”منهنجي وڏي ۾ وڏي اڇا پوري ٿي آهي، راڄ جي مهربانيءَ سان.“

”مان هتي اچي 65 مان 5 سالن جي ٿي ويئي آهيان.“

”خوشي اٿم مرڻ کان اڳ ۾ حيدراباد ۾ پنهنجو گهر ڏسندس.“

”مان پنهنجي ماءُ سان گڏ آيو آهيان، پنهنجن مائٽن جا گهر ڏسڻ جتي هو رهندا هئا.“

اُهي بزرگ اُن ياترا کي اڄ بہ ياد ڪندا آهن ۽ ياد ڪندا آهن اُن ياترا جي ڪيل بندوبست کي. ۽ مان ائين سمجهندو آهيان تہ جيئن شروڻ ڪمار پنهنجن سورادس ماءُ پيءُ کي تيرٿن جي ياترا ڪرائي هئي ساڳيءَ طرح مان پنهنجي جاتيءَ جي بزرگن کي سندن جنم يوميءَ جي ياترا ڪرائي رهيو آهيان.

اُن سموري ياترا ۾ ڊاڪٽر سليمان شيخ پنهنجن ڪن ساٿين سان گڏ شامل ٿيو. سڪيورٽي جو بندوبست لنڊن ۾ رهندڙ ڊاڪٽر جهامن مناجاٽيءَ سنڌ جي ريلوي وزير وڏيو شهزادا جي مدد سان ڪيو هو.

www□youtube□com□sindhioccasios

تي سميلن ۽ سنڌ ياترا ڏسي سگهو ٿا.

ٽين جنوري 2006 تي نہ وسرندڙ سنڌ يوميءَ جي ياترا شروع ٿي ڪراچيءَ کان، ايئرپورٽ تي ڊاڪٽر سليمان شيخ سنڌ ۾ سنڌ

ايندا آهن. دادا جشن واسواڻي پڻ هن سماڌيءَ تي جهيل جي وچم ٻيٽڙيءَ ۾ چڙهي زيارت ڪري آيو هو. هن جي زيارت جو هڪ ٻيو سبب پڻ هو. دادا ٽي ايل واسواڻيءَ جو قلمي نالو (تخلص) به 'نوري' آهي.

نوريءَ جي نماڻي هاڃڻ جو پڻ هڪ قصو مشهور آهي. هوءَ هئي ته ڄام جي سيني راڻين کان پياري راڻي هنڪي محلات ۾ ڪيترائي طعام ملندا هئا. پر هوءَ انهن طعامن کائڻ کان اڳم هڪ ٿڌو قلڪو سڪل مڇيءَ سان کائي پوءِ ئي طعام کائيندي هئي. هنجا ماڇاڻيءَ جا ڪپڙا هنجي صندوق ۾ رکيل هئا جنکي هوءَ روز بدن تي ڇهائي پوءِ ئي هار سينگار ڪندي هئي.

ڪينجهر جي ڪناري تي ڪن ڪرنڌڙ ديوارين جا نشان پڻ هئا جي ماڇاڻن جي ڳوٺن جا هئا جي هن جهيل جي چوڌاري وسيل هئا.

مڪالي ٽهتاسين. جتي ڄام تماچيءَ جي قبر هئي. ڄام تماچي جو نوريءَ سان پيار ڪرڻ ڪارڻ مشهور آهي. مڪاليءَ ۾ جتي جي مڪالي واسين اسانجي مانيءَ جو بندوبست ڪيو هو.

اوٻاريل ٻيهه، تيوڻ، چڪن، چانور، ڪٽڪ جي اٽي جا قلڪا، جوئر ۽ ٻاجهريءَ جا ڍوڍا. اُن آجيان جو سمورو بندوبست ڊاڪٽر اسمائيل پليجي ڪيو هو. ڊاڪٽر پليجو پيپلس ڊاڪٽرس فورم جو پريزيڊنٽ آهي.

جيئن ته اُتي هوٽلون ايتريون سهوليتن واريون ڪونه هيون اسين حيدراباد ڏانهن وڌياسين جتي هندو سنڌي پنچائت اسانجي آجيان ۾ پروگرام رکيو هو. رات تمام وندرائيندڙ گذري.

صادق ابرو 'صديقي' هڪ شعر پڙهيو جنهن ۾ هن اسان سيني جي نالن جو واهپو ڪيو. شعر هو.

سنڌ ۾ وڏي ڄھيل آهي جنھنجو پاڻي مٺو ۽ صاف آهي جنھن مان سموري ٺٽي تعلقي ۽ ڪراچيءَ کي پاڻي ٿو ميسر ٿئي، هيءَ ڄھيل ڪراچيءَ کان 122 ڪلوميٽر ۽ ٺٽي شهر کان 18 ڪلو ميٽر پريان آهي.

سياري جي ڏينهن ۾ هن ڄھيل ۾ ڪيترن ئي قسمن جا پکي اچي گڏ ٿيندا آهن جهڙوڪ بدڪون، هنس، ٻگهه پکي، ڪينو ۽ ٻيا ڪيترا پکي اچي گڏ ٿيا هئا ائين پئي لڳو ڄڻ اُهي سون جي تعداد ۾ پکي اسان 24 ڄڻن جي هيءَ چِڏائڻجي ويل ڏرتي تي اچڻ سان اسان جي آجيان ڪرڻ لاءِ آيا آهن. هن ڄھيل تي سنڌ مان ڪيترا ئي ماڻهو پنهنجن ڪٽنبن ۽ دوستن سان ڄھيل ۾ ترڻ ۽ ٻيڙيءَ جو سير ڪرڻ ايندا آهن.

ڪينجهر نوري ڄام تماچيءَ جي قصي ڪري به مشهور آهي، نوري هڪ ماڇاڻي هئي ۽ ڄام تماچي سنڌ جي راجا جو شهزادو هو.

نوري نماڻي، نهٺي، ڇئيوان ۽ وفادار هجڻ ڪري تماچيءَ جي ٻين راڻين کان راجا کي وڌيڪ پياري هئي. هنن جي پيار جو ذڪر شاهه عبدل لطيف جي شاهه جي رسالي ۾ پڻ ڪيل آهي. نوري ۽ ڄام تماچيءَ جو قصو شاهه جي ستن پيار جي قصن مان هڪ آهي، ٻيا ڇهه قصا آهن، عمر مارئي، سهڻي ميهار، سسئي پنهو، مومل راڻو، سورٺ راءِ ڏياچ ۽ ليلا چينسر.

نوري ۽ ڄام جو قصو هن ئي ڄھيل جي چوڌاري وڌيو ويڄهيو، نوريءَ جي سماڌي ڪينجهر ڄھيل جي وچ ۾ ٺهيل آهي جڏهن شام جو سڄ لهندو آهي ته سماڌي اُن لهندڙ سڄ جي سونهري ڪرڻن ۾ ڍڪجي سونهري ٿي چمڪي اٿندي آهي.

نوريءَ جي سماڌيءَ تي سنڌ ۽ دنيا مان ڪيترا ماڻهو زيارت ڪرڻ

شيلا ڀاڀاڻي تنهن وقت 74 سالن جي هئي، تلڪ چاڙهيءَ تي پنهنجو گهر 'وشن نواس' ڏسڻ ويئي هوءَ ميلواڻي ڪٽنب جو گهر به ڏسڻ ويئي. اُن ڪانسواءِ ڪندنمل گرلس ڪاليج، آڏواڻي لين ۽ اڪال پونگا لين جي سڀ ساڳئي حالت ۾ هئا جيئن اسين ڇڏي ويا هئاسين هنن تي نالا پڻ ساڳيا ئي سلامت هئا.

رات حيدرآباد جي انڊس هوٽل ۾ گذاري، صبوح جو ڄامشوري ۾ برپا ڪيل سنڌالاجي، سنڌ ميوزم ڏسڻ وياسين. سنڌالاجي ۾ سنڌ جي هر قسم جي ڪلا ۽ هنر جي نماعش ڪيل آهي. ڪتابن ۽ سنگيت جو وڏو خزانو موجود آهي. سنڌالاجي هڪ وشال ميدان جي وچ ۾ ڳاڙهي پٿر سان جڙيل ۽ چوڌاري سدا بهار باغ باغيچن جي چادر اوري پاڻ ۾ موهن جي دڙي ڪان وٺي اڄ جي سڀيتا جا اتهاسڪ داستان سمائي ڪڙي آهي.

وشال ميدان ۾ گهرڻ سان ئي منهنجي نظر سنڌالاجي جي استاپنا پٿر تي پيئي جو 1962 ۾ منهنجي دوست ممتاز علي پٺي وڏو هو، سنڌس نالو ڏسي دل خوش ٿي ويئي. اجان عمارت جي ٿورو اڳيان مس وڌيس ته ڏاکن تان شوڪت حسين شورو پنهنجن ٻين ساٿين سان گڏ اسان جي آجيان ۾ ٻانهون ڦهلائي بيٺو هو. جنهن طرح مون هنجو نالو ٻڌو هو، تيئن ئي هن به منهنجو نالو ٻڌو هو، ڀاڪر پائي اندر وٺي ويو.

سنڌالاجيءَ ۾ تواريخ، سڀيتا، ساهتيه ۽ سماجڪ پهلن جي اوڪڙ تي خزانو موجود آهي. شوڪت ٿوري ۾ سنڌالاجيءَ جي باري ۾ ٻڌائي پوري سنڌالاجيءَ جو سير ڪرايو. سنڌالاجي ۾ اُن جاڪوڙ ڪرڻ لاءِ نه فقط سنڌ مان پر دنيا جي ڪيترن ملڪن مان ڪوجناڪار ڪوجنائون ڪرڻ ايندا آهن. سنڌ جي حياتيءَ جو مدار سنڌو نديءَ تي آهي ۽ سنڌالاجيءَ جو آڌار سنڌ تي آهي، اڄ سنڌالاجيءَ کي

”ڪالهہ شهر ۾ هڪڙو ماڻهو ڏٺم، ڪلندو بہ رهيو روئندو بہ رهيو.
سو ’ساڃن‘ هو يا ’نانڪ‘ هو، گهمندو بہ رهيو روئندو بہ رهيو.
’جڳجيت‘ جي هٿ ۾ ڪاڳر هو، ۽ ’پريم‘ ۾ پريم جو ساگر هو،
’جيوت‘ ۽ ’هنس‘ بہ خوب ڏٺم، نچندو بہ رهيو روئندو بہ رهيو.
’يشي‘، ’ليلا‘، ’سنتوش‘ سيئي، سنڌوءَ جي سونهن ۾ مدهوش سيئي،
’يولنبا‘ جو ڏاڍو جوش هيو، ٽُلندو بہ رهيو، روئندو بہ رهيو.
آسُن جا ديپ ’آهوجا‘ ڏي، ’موهن‘ ڏي ’راج‘ ۽ ’شيلا‘ ڏي،
’ڪشن‘ تہ مست وَ مگن ڏٺم، رمندو بہ رهيو روئندو بہ رهيو.
’ٻلديو‘ بہ خوش، ’ديال‘ آها! ’گوپي‘ ۽ ’ڪوشي‘ ’ارجن‘ واهہ
واهہ، خود پونءِ ۾ آمد تي، جهومندو بہ رهيو، روئندو بہ رهيو.
هيءَ سنڌ ساڃي سواگت تي ڪري، هر دل توسان چاهت تي ڪري،
پر جڏهن ڏٺم نقشو سنڌ جو، منجهندو بہ رهيو روئندو بہ رهيو.
اڄ هيڃ منجهان جي هن، تن تي پڳوان جا سايا هن،
مذهب آ محبت، دين امن، چوندو بہ رهيو روئندو بہ رهيو.

مٿيون شعر ٻڌي مان بہ بي خوديءَ ۾ اچي ويس ۽ جواب ۾ مون چيو، نہ ’شيام‘ هو، نہ نانڪ هو، نہ پريم هو، نہ راج هو، نہ ’ارجن‘ هو، نہ ’موهن‘ هو، هو هڪ عام سنڌي هو،

جو ڪلندو بہ رهيو روئندو بہ رهيو.

حيدراباد ۾ شهر جو سير ڪري، مشهور هيراباد ڏسي لنگهي وياسين دادي ليلا جي گهر، جتي هن اسانکي چانهہ پياري ۽ دادا ٿي ايل واسواڻيءَ جا پيچن ٻڌايا. دادي ليلا اڄان بہ بادستور دادا واسواڻيءَ جو ستسنگ ڪندي آهي.

کو رستو ڪيڻ گهرجي جو انهن چيزن جي ڏي وٺ ڪري
سگهجي. سنڌالاجيءَ کي وڏيڪن اسٽيٽ جيان آزاد اسٽيٽ بڻائڻ
گهرجي. سنڌ هڪ صوفين ۽ سنتن جي ڌرتي آهي جا هميشه پيار ۽
امن جو پيغام ڏيندي آهي.“

سنڌالاجيءَ ۾ 90 هزار سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب، 30 هزار ٻين
ٻولين ۾ ڪتاب، 5 سؤ مئڪرو فلمس، 8 هزار جلد ٻڌل رسالا، 2
هزار گائڪن جون ٽيپس، 3 هزار سلائيڊس، 15 سؤ هٿ لکيل لکڻيون
ميسر آهن.

حيدرآباد کان نوابشاهه کان ڀٽ شاهه تي ملنگن جي مستيءَ ۾ شاهه
صاحب جي مقبري تي چادر چاڙهيسين. مون سان جيڪي وڏيءَ
عمر وارا گڏ هئا هڪ ٻن کي ڇڏي ڪنهن به هن کان اڳ ڀٽ شاهه جي
نه سماڌي ڏٺي هئي نه ئي ڪڏهن ڪنهن به سماڌيءَ تي هنن چادر
چاڙهي هئي. اهو سڀ هنن لاءِ نئون آزمودو هو. مدارتان ٻاهر نڪرڻ
تي هنن جي دل ئي نه پئي ٿي، ڪن ته ائين به چيو اسان هنڙي
سهڻي سنڌ ڪيئن ڇڏي وياسين.

شيام گياناچنداڻي نوابشاهه ۾ پنهنجو گهر ڏسڻو ويو. 60 سال
اڳ هن سنڌ ڇڏي هئي تڏهن به هنکي اُن نائيءَ جو دڪان ياد هو.
پنهنجي گهر جي هر ڪنڊ شهر جي هر گهٽي، ۽ سُجاول جو اهو وڻ
پڻ هنکي ياد هو.

ڀٽ يا ڀٽ شاهه سنڌ جي متياري پرڳڻي ۾ آهي. ڀٽ جي
چوطرف وارين جون ننڍيون ننڍيون ٽڪريون آهن جي رات جو
چانڊنيءَ جي ڇايا ۾ چانڊنيءَ جيان چمڪنديون آهن، ۽ ڏينهن جو
سورج جي ڇايا ۾ سونهرو وڳو پهرينديون آهن.

شاهه عبدل لطيف انهن ٽڪرين ۾ غار تاهي رهندو هو. آس پاس

انٽرراشٽريه سطح تي قبوليت ملي چڪي آهي.

سنڌالاجيءَ ۾ الڳ الڳ ڀاڱ ٺهيل آهن جن ۾ ساهتيڪ ڪتاب، لوڪ گيتن جا ڪئسيٽس، راڄنيتڪ اڳوانن جون تصويرون، هالا جي جهنڊيءَ جي ڪاريگري، ظلفڪاريٽوءَ بينزيريٽي جي حياتيءَ جي جهلڪ، لالچند امرڏنومل، پروفيسر ايم يو ملڪاڻي، ڄيٺي سپاهيملاڻيءَ جون تصويرون، 1926 ۾ ٺاهيل پهريون سنڌي ٽائيپ رائيٽر، راءِ بهادر اوڌوداس چاڀريا جنهن شڪارپور ۾ اوڌوداس اسپتال ٺهرايو هو اُن جو پتلو ۽ بيون ڪيتريون نرليپ شيون رکيل آهن. وڌيڪ نرليپ چيزن کي ڳولهي لهڻ جو ڪم اڃان چالو آهي.

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جو سير ڪرائي اسانکي ماني کائڻ لاءِ هڪ بنگلي تي وٺي ويا جتي ڄام شورو جا سيپيتڪ ۽ راڄنيتڪ معتبر حاضر هئا. سڀني اسانجو پيار سان سواگت ڪيو. اسانجي طرفان پڻ پريم لالواڻيءَ ڳالهايو هن چيو، ”جڏهن اسين سنڌ ۾ هئاسين اسانجي دنيا سنڌ هئي، هاڻ جڏهن اسين دنيا ۾ آهيون ته دنيا ئي اسانجي سنڌ آهي.“

مون سنڌالاجيءَ جي سير ۾ ڏٺل سيڪشن تي هنن جو ڌيان ڇڪائيندي چيو، ”توهانجي سنڌالاجي اڌوري آهي، جو اُن ۾ سنڌي ساهتيه جون ڪيتريون شخصيتون ڪونه آهن. جيئن ته گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، اي جي اُتم، موهن ڪلپنا، نارائڻ شيام، ڪرشن راهي، موتي پرڪاش، ايشور آنچل، پوپٽي هيرانندڻي، سندري اُتمچنداڻي، ڪلا پرڪاش، رام پنجواڻي، ايس پي مينگهاڻي، رميش ڄاڄاڻي، مدن جماڻي، جي ايشور پگونتي ناواڻي، ڪاجل چنديراماڻي، ٻڌو آڏواڻي ۽ ٻيا. ساڳيءَ طرح اسانجي آديپور جي سنڌالاجيءَ ۾ ڪيتريون نرليپ چيزون ڪونه آهن جيڪي توهان وٽ موجود آهن. ٻنهي سنڌالاجين کي هڪ ٻئي سان اهڙو

تنهنجي ذريعي دور دور تائين واپار ڪندا هئا. انهن جا اُهي سکيا ستابا ڏينهن، اُهي تنهنجي ڪناري تي اچي پلئہ پائيندڙ ماتائون، پينرون ۽ ڪنيائون جن تو ۾ اکو وجهندي ساري جڳ لاءِ شانتيءَ ۽ امن لاءِ توکان دعائون ورتيون.''

''تون ڇا ھاڻ غم غين آهين ڇوتہ هولڏي ويا هتان وري واپس نہ اچڻ لاءِ، ۽ اي ڪانڊياري ٻوٽن جا جهڳتا توهين ڪيترا ننيا هئا جڏهن هو ڇڏي ويا؟. جڏهن سنڌو ڀرپور جوانيءَ جي جوش سان وهندي هئي، هاڻ تہ سنڌوءَ ۾ نہ اهو زور رهيو آهي ۽ نہ ئي توهان ٻوٽن ۾ اُها چمبن.''

سکرکان وڏياسين درازن، سچل سرمست جي درگاه ڏانهن.

خيرپور جتي ڪارڪن جي پوک ٿيندي آهي ان جي پاسي ۾ آهي درازن، جتي آهي درازا شريف هڪ ننڍو ڳوٺ ۽ جتي آهي سچل سرمست جي درگاهہ.

اُتي جا ملنگ اڄان بہ گيڙو وڳا پائي يڪتارو کڻي سچل سرمست جي بيتن تي نچندي سنڌي، سرائڪي ۽ اردوءَ ۾ ڳائيندا جهومندا آهن.

سچل پاڻکي 'سچو' بہ سڏائيندو هو. ڪيس ست ٻوليون اينديون هيون، سنڌي، سرائڪي، پنجابي، عربي، اُردو، پرشن ۽ بلوچي جنهنکي ٻروچي بہ چوندا آهن.

عام ماڻهن تائين پهچڻ لاءِ هن مٿين ٻولين ۾ پنهنجي شاعريءَ ذريعي پنهنجو 'پاڻ' سان واقف ڪندي چيو، ''ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي، مان جو ئي آهيان سو ئي آهيان. ڪو مومن چوي ڪو ڪافر چوي. ڪو جاهل چوي ڪو ظاهر چوي. ڪو شاعر چوي ڪو ساحر چوي، آئون جو ئي آهيان سو ئي آهيان.''

شاعر هجي ۽ راڳ راڳڻيءَ جو شوقين نہ هجي ائين تہ ممڪن

جي شور شرابي ڪان پري پنهنجو پاڻ سان رهاڻيون ڪرڻ لاءِ.

ڀٽ ڀٽائين هنجو نالو پيو ڀٽائي.

ڀٽائيءَ جي درگاهه ميئان غلام شاهه ڪلوهڙي 1772ع ۾ ٺهرائي، عمارت جي بناوت سهڻين ۽ رنگين ايران مان گهرايل ٽائيلن سان سينگاريل آهي جا ڏسڻ وٽان آهي. هر ورهسپت ڏينهن هتي صوفي سماگم ٿيندو آهي جنهن ۾ ڀٽ جي چوڌاري وسيل ڳوٺن مان سوَن جي تعداد ۾ ماڻهو اچي شامل ٿيندا آهن ۽ سنگيت جو مزو ماڻيندا آهن.

شاهه عبدل لطيف ڪيترن ئي نالن سان سڏيو ويندو آهي، جيئن ته لاڪيٽو لال لطيف گهوٽ، ڀٽائي ۽ ڀٽ جو شاهه.

ٻاجاڙيءَ جا ڏينهن هو وري انهن وارياسن ٽڪرين ۾ ٺهيل غارن ۾ وڃي رهيو هو ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ هن جو هڪ شعر آهي، ''لڳي لڳي واءُ، ويا انگڙا لتاجي، پيئي ڪٽي پساها، پسڻ ڪرڻ پرين جي.''

ڀٽ شاهه جي ٻاهران ئي هڪ ڪمري ۾ ماني ڪائڻ جو بندوبست ڪيل هو، ماني ڪائي اجرڪن ۽ سنڌي ٽوپين سان سينگار ج ي اسانجي قافلي رخ ڪيوهالا ڏانهن، جنديءَ جي ڪاريگريءَ جو مارڪيٽ ڏسي اڳيان وڌياسين.

صبوح جو ساڏيلي وياسين پر ساڏيلي جي هيٺان وهندڙ سنڌو نديءَ ۾ پورو پاڻي نه هئڻ ڪري ٻيڙيون ميسر ڪونه هيون جنهن ڪري ساڏيلي تائين نه وڃي سگهياسين. ڪيترن جا گهر هئا سکر ۾ جي پنهنجا گهر ڏسڻ ويا ۽ جيڪي مهاجر اچي جڳهيون والاڙي ويٺا هئا اُنهن سان پڻ گڏجي آيا، ڪن ته هنن کي ماني به ڪارائي.

مان سنڌو نديءَ جي ڪناري تي نديءَ جي بيٺل پاڻيءَ ۾ پير وجهي سنڌوءَ سان ڳالهائڻ لڳس.

''منهنجي او سدا وهندڙ سنڌو توکي ياد آهن اُهي واپاري جي

جنگ لڙي ويئي هئي، ڪي به پوڄا ڪرڻ لاءِ مندر ڪونه هئا. ڪي ديوتائن جا بُت ڪونه هئا جن جي پوڄا ڪئي ويئي هجي. شهرن جي بناوٽ اڄ جي بناوٽ کان به وڌيڪ رٿائتي هئي.

سنڌو نديءَ جي هن آباد ۽ سرسبز ميدانن ۾ وسندڙ کهڙي قسم جا هئا ۽ ڪيترا هنرمند هئا جن هتي جي شهرن کي ايترو رٿائتو بڻايو.

نه فقط شهر اڏيا پر دور دور تائين واپار ڪندا رهيا. هنن وٽ تور ڪرڻ لاءِ وٽ هئا، مهرون هيون جيئن رٿائتو ڪم ڪار هلي سگهي. اها ڀڄهارت آهي ته سنڌو سڀيتا جو انت ڪيئن ٿيو.

خاڪ ٿي ويل دري اندر ڏسيل پنهنجن وڏن کي سلام ڪري لاڙڪاڻي مان لنگهندي، سکر کان ٿيندا اسين وڏياسين واپس لاڙڪاڻي ڏانهن جتي رات جي ڪاڏي جو بندوبست عبدل رضاق سومري جي گهر ۾ رکيو ويو هو. موسم ۾ بدلاءُ هو. ٿڌڪار وڌيل هو. هن حاطي جي وچ ۾ باهه جو بندوبست ڪيو هو. جنهن ڀالهين جي گرميءَ سان گڏ چوڌاري تپت پيدا ڪري ڇڏي هئي.

اسان سڀني کي پنهنجو ٻاڇپن ياد اچي ويو. جڏهن سياري جي ڏينهن ۾ پنهنجن وڏن سان گڏ حويليءَ جي وچ ۾ باهه ٻاري ساڄي ساڄي رات آکاڻيون ٻڌندا هئاسين. آکاڻين مان آکاڻيون نڪرنديون هيون. نصيعت ڀريون آکاڻيون. لوڪ پريه آکاڻيون ۽ آکاڻيون جن اسان جي رڳ رڳ ۾ اهو حوصلو پيدا ڪيو آهي جنهن جي ڪري اڄ اسان جي سنڌي جاتي پنهنجي ڌرتيءَ تان اُکڙجي آيل ڌاريءَ ڌرتيءَ تي پير کوڙي سگهي آهي.

سنڌين جو هماليه پرش صوبو گيانچنداڻي ۽ سنڌي الفابيٽ کي ڪمپيوٽر تي آڻڻ وارو عبدل ماجيد برگريءَ کي پڻ گهرايو ويو هو.

صوبي گيانچنداڻيءَ سان منهنجي واقفيت لنڊن ۾ دادا ڪيرت

نہ آهي هو گن گنائيندو هو ۽ هن جي اکين مان ڳوڙها ڳڙهندا هئا تہ ازخود هن جي واتان شاعري بہ نڪرندي هئي ۽ هن جا پوئلڳ جو هو چوندو هو اهو نوٽ ڪندا هئا.

سچل عاشق مجاز هو اِنڪري تہ چوي ٿو، ”سچل باهہ عشق دي سچي، پيا سيپ پنڌ اجايا.“

هن جي الهہ سان بہ عجب جي حجت هئي تڏهن تہ حجت رکي الهہ کي ٿو چوي، ”ننگڙا نماڻيءَ جا جيوين تيوين پالڻا.“ هنجو نعرو هو ’سچوُ سارو سچ.‘

درگاهہ جي ٻاهران حاطي ۾ ملنگ جهومي رهيا هئا سچل جي ڪافين، بيتن ۽ گيتن تي، سچل جي سماڌيءَ تي چادرون چاڙهي ملنگن جو جهومڻ ڏسي اسين وڏياسين لاڙڪاڻي طرف رات رهڻ.

لاڙڪاڻي ۾ سامبارا هوٽل ۾ رات رهڻ جي بندوبست سان گڏ نہ فقط کاڌي جو بندوبست ڪيل هو پر سنڌي راڳ جي محفل بہ رکي ويئي هئي. محفل ۾ ابراهيم جويو بہ آيل هو جنهن مون سان خوب دل جون ڳالهيون ڪيون ۽ ڪيترن ڪُڪرمن جو ذڪر پڻ ڪيو جي هن جي ڌيءَ سان اُن شيطان ڪيا هئا جنهنجو مان ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان.

صبوح جو هلياسين موهن جي دڙي تي پنهنجي وجود جو پرپانگ ٿيل ڪنڌهر ڏسڻ. موهن جي دري جي سيپتا جي باري ۾ ڪافي ڪاجهہ لکيو ۽ چيو ويو آهي.

ايترو ضرور چوندس تہ هيءَ ڀڄهارت سان پرپور سيپتا اٽڪل ڇهہ ست هزار پراڻي آهي ۽ اٽڪل هڪ هزار سالن تائين وڌندي رهي.

جيئن چيو ويندو آهي، هن سموري عرصي ۾ ڪو راجا ڪونہ هو جو راڄ ڪندو هجي، ڪي هٿيار نہ هئا جن سان هڪ ٻئي سان

سائين ساڌرام صاحب اسان جي آجيان جو بندوبست ڪيو هو. ممبئيءَ ۾ تيل سنڌي سميلن ۾ هن اسانکي رهڻ ڪيءَ اڇڻ جي نينڊ ڏني هئي.

هونئن تہ اسان جو پروگرام ڏهرڪيءَ وڃڻ جو ڪونہ هو. پر سائين ساڌرام جي ماڪيءَ ڪان مٿي مشڪ اسان کي ڏهرڪيءَ پهچايو.

سنت سترامداس درٻار ۾ جو شانتيءَ ۽ آنند جو وايو منڊل هو اُن اسان جي هفتي ڀر جي ٿڪاوٽ دور ڪري ڇڏي.

شاندار عمارت جي اڳيان سنت ڪنور رام جي سماڌيءَ اڳيان 24 ڪلاڪ جوت پئي ٻري ۽ سدا ڀيوتي سان ڍڪيل هوندي آهي. سنت سترامداس صاحب ڪانپوءِ گديءَ تي ويٺو سنت ڪنور رام جنهنجي ڳائڻيءَ سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ سنگيت جي لهر ڦهلائي ڇڏي، هر دل عزيز بڻجي ويو سنت ڪنور رام.

ڪيترا شرڌالو هن جي اڳيان پئسا ۽ زيور ڀيٽ ۾ رکندا هئا جي هو غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو.

دنيا ۾ ڪيترن ئي اڳوانن کي گولي هڻي ماريو ويو آهي. اُهي سڀ هڪ بدلي جي ڀاءُ ۽ نفرت جو شڪار ٿيا هئا. سنت ڪنوررام کي جن گولي هنئي انهن هن سان گڏجي ماني کاڌي ۽ شرڌا سان سر جهڪائي ائين چوندي، ”سائين اسين توهان کي مارڻ آيا آهيون. اسان کي معاف ڪريو.“ سنت ڪنوررام جواب ڏنو، ”توهين جنهن ڪم لاءِ آيا آهيو اُن کي پورو ڪريو.“

ٻيو مثال آهي مهاتما گانڌيءَ جو. جنهنکي گولي هڻندڙ گوڊسي پهرين هٿ جوڙي، ڪنڌ جهڪائي پرنام ڪيو ۽ پوءِ گولي هنئي.

سنت ڪنور رام ڪانپوءِ سنت چنديرام صاحب، پوءِ سنت ٻيگوانداس صاحب هن جي گدي سنڀالي ان ڪانپوءِ سنت ڪنيالال

پاپاٽيءَ ڪرائي هئي ۽ گڏجي هڪ هوٽل ۾ ماني کاڌي هئيسين.

لاڙڪاڻو شاعرن جي شهر کان مشهور آهي، هوا ۾ عشق ۽ سنگيت پريو پيو آهي لاڙڪاڻي ۾. لاڙڪاڻو باغن جو شهر هجڻ ڪري به مشهور آهي. 'تنجار باغ' 'گيان باغ' 'تولاٽي باغ' 'ريالي باغ' 'پائيءَ جو باغ' 'ٿانور باغ' 'ڪرمامر باغ' 'لاهوري باغ' 'ڏرمي باغ' 'ليکراج باغ' لاڙڪاڻي کي سنڌ جو 'ايدن' به ڪري چوندا آهن. هتي جا زيتون مشهور ٿيندا آهن، تولاٽي باغ جا انب ۽ ڏرمي باغ جا پير دنيا ڀر ۾ مشهور آهن.

دادا رام پنهنجواڻي، ارجن شاد، پريو وفا، ليکراج عزيز ۽ ٻيا ڪيترا ليکڪ ۽ ڪلاڪار لاڙڪاڻي شهر ۾ پيدا ٿيا آهن.

صبوح جو شڪارپور ڏانهن وڌياسين. ناشتي جو بندوبست تنهن وقت جي ريلوي منتري مهرگهوئسبخش خان پنهنجي گهر وزيراباد ۾ ڪيو هو جنهن اسان لاءِ پوليس جو بندوبست ۽ اسان جي ڪن ساٿين جي لاءِ ويزا جو بندوبست پڻ ڪيو هو.

مون هن جا شڪرانا مڃيندي چيو، ''سنڌ سنڌين جي آهي، پوءِ هو هندو هجن يا مسلمان. اسان کي هتي جي سنڌين سان ڪا به شڪايت نه آهي، اسانکي شڪايت آهي پنهنجن وڏن سان جن سنڌ ڇڏي ۽ اسان کان سنڌ ڇڏائي.

اُها هڪ راڄنيتڪ راند هئي جنهن ڪري اسانکي صدقي جي ٻڪري ڪيو ويو هو. اڄ اسين دنيا ڀر ۾ ڦهليل آهيون، اسان ذري گهٽ پنهنجي ٻولي وڃائي ويٺا آهيون، اسان جي ڪلچر ۽ سڀيتا وڃي ٿي ڇتڙجندي، اسان جي ننڍي ٿهي جيڪي ورهاڱي کان پوءِ ڄاوا آهن اُنهن جو سنڌيت طرف لاڙو گهٽجندو پيو وڃي.

ڏهرڪيءَ ۾ سنت سترامداس صاحب جي درٻار ۾ پهتاسين،

زوبري بزارڪان ٿيندي ڪپڙي بزارتائين وڃي پئي پوري ٿي. اڃان به اهو ڍڪ موجود هو پر پڙپيانگ. اهو شڪارپور جو شان ڏسڻ ۾ نه آيو، جنهن سنڌ واهه ڏانهن ويندڙ رستي تي هجوم ماڻهن جي آوت جاوت هوندي هئي اُهو ساڃو ٿي ويو هو، جنهن سنڌواهه جي ڪناري هر وڻ هيٺان دانگيءَ جي روٽي پاچندي هئي ۽ ڪني ۾ ساڳ رڌبو هو اهي وڻ ويڳاڻا پيا هئا.

هاءِ ڙي سنڌ جي پئرس، هاءِ ڙي سنڌ جي دل اڄ ويران، ويڳاڻي ۽ پڙپيانگ شڪارپور.

شڪارپور ڪان سڌو رخ رکيوسين ڪراچيءَ جو رستي تي سيوڻ ۾ لال شهباز قلندر جي درگاهه تي رُڪياسين. شهباز قلندر جي در گاهه تي هندو هجن يا مسلمان، سڀ اچي چادر چاڙهيندا آهن اُتي ملنگن سان گڏجي نغاري تي جهومندا آهن. اسان جي آجيان درگاهه جي ٻاهران لنبي بزارڪان شروع ٿي، شهنائين ۽ دهلن جي ڌنيءَ تي نانچندا، ڳائيندا، اسانکي درگاه جي اندر وٺي ويا. مکيه ٻه دروازا سون جي تهه سان ڍڪيل هئا. هڪ ايران جي شاهه ۽ ٻيو ظلفڪار علي ڀٽي ٺهرايو هو.

اسان سيني شاهه قلندر جي قبر تي سر نمايو، قبر مٿان پيل چادرڪي چميو ۽ پنهنجي طرفان هر ڪنهن هن تي چادر چاڙهي.

هنکي شهبازلال قلندر ڪري ڪوٺيندا آهن ڇو ته هن جي پوشاڪ ڳاڙهي رنگ جي هوندي هئي، شهباز انکري ڇو ته هن جي آتما آسمان ۾ اڏامندڙ باز وانگر آزاد هئي.

درگاهه جو اندريون حصو اٽڪل 100 سڪوئر والن جو آهي جنهنجي وچ ۾ هن جي قبر چانديءَ جي ڇٽ سان ڍڪيل آهي، هڪ پاسي ڪان ڪاٺ جون ٺهيل تاختيون آهن جن تي قران شريف جون

صاحب ۽ هاڻي سنت ساڌرام صاحب درٻار جي گديءَ تي ويٺل آهي. درٻار جو سير ڪرائيندي والنٽيئرن ٻڌايو تہ ساڌرام صاحب سڄي رات ڏني لڳائيندو آهي، پروچن ڪندو آهي آخر ۾ ڀڄنن کان پوءِ آرتي ڪري ڏينهن جو آرام ڪندو آهي، پر اڄ توهان جي اچڻ جي خبر ٻڌي هيٺ لهڻ جي تياري ڪري رهيو آهي.

سنت ساڌرام صاحب مشڪندو ٻئي ٻانهون ڦهلائي اسان سيني سان گڏيو ۽ اندر هڪ ننڍي هال ۾ وٺي ويو جتي اسانجي هن ٻين درٻارين جي اڳيان آجيان ڪئي. چوڌاري سنگيتميہ فضا ٻڌجي پيئي هرڪو نچندو جهومندو هنجي اڳيان اڳيان پئي ويو، ۽ اسين سائينءَ سان گڏ هنن جي پٺيان پٺيان پئي هلياسين، سائين اسانکي ٿهندڙ ٿيم پارڪ ڏيکارڻ هليو جت 150 روم ٺهي رهيا هئا.

پارڪ ۾ ٺهيل هر هڪ سنت جي آدم قد ٻت پٺيان لائيٽ اهڙي تہ جادو ڦهلائيندڙ هئي جو ڏسندي ئي من کي شانتي پئي ملي.

ساتوڪ کاڌو تيار هو، کاڌو کائي سائينءَ کان موڪلائي اڳيان وڌياسين شڪارپور طرف.

چيو ويندو آهي تہ ڪراچي هندستان جو پئرس هو، تيئن شڪارپور سنڌ جو پئرس ڪري ليکيو ويندو هو.

شڪارپور سنڌ جي دل آهي، جيئن حيدراباد هيرا باد،گهرن جي مٿان منگهہ، ۽ ڦليليءَ جي ڪري مشهور آهي، تيئن شڪارپور مشهور آهي، ڪٽوءَ جي ڪٽائڻ، لکي در تي موتيءَ جي ڪفلي، راڌي نانوائيءَ جو طيوڻ، ڪاڪرن ۾ شامو ٻجاجي، سندر سونارو، ڪٽ واري درٻار، نانو ٺاروءَ جي مٺائي، سُڪ پل، ۽ شاهي باغ کان.

اسان جي بس اسٽيشن روڊ کان اوڌُداس اسپتال ۽ جماڻي هال کان ٿيندا لکيدر جي ٺاور وٽ اچي پهتي، پاسي ۾ ئي هئي ڍڪ بزار جا

درگاهہ آهي اُتي ڀڳوان شنڪر جو مندر هو.

سيوڻ کان ڪراچيءَ ايندي ڊاڪٽر سليمان شيخ سنڌ ۾ پنهنجن برپا ڪيل روشن تارا جي نالي سان 22 اسڪولن مان هڪ اسڪول ڳوٺ ميهڙ ۾ وٺي هليو. ڊاڪٽر سليمان ٻڌايو تہ سنڌ ۾ ڳوٺن ۾ سنڌي سيکارڻ جي لاءِ ماستر ڏکيائيءَ سان ٿا ملن خاص طور ليڊي ماستراڻيون هن اسڪول ۾ 350 شاگرد آهن.

اسانکي 50 هزار کن رپيا کپن جو هڪ وڏيڪ روم ٺهرائي سگهون.

ڊاڪٽر سليمان جي اپيل ٻڌندي ئي اسانجا دوست اڳيان وڌي آيا.

پريم لالواڻيءَ 500 رپيا. هنس پوڄواڻيءَ هڪ هزار ڊالر. موتي رامچنداڻيءَ 500 ڊالر. موهن درياناڻيءَ 2 هزار رپيا هر هڪ ماستر لاءِ. 10 هزار رپيا پرنسيپال لاءِ. ۽ 50 هزار رپيا اِسڪول لاءِ ڏنا.

اهڙي نموني اٽڪل ٻہ اڍائي لک رپيا گڏ ٿي ويا. مون ڊاڪٽر سليمان کي چيو باقي بچيل خرچ مان سپ هو روشن تارا سنستا ۾ وجهي ڇڏي جيڪي پڻ ڪافي هئا.

اسڪول جي ٻاهران هڪ شاندار رنگين شاميانو لڳايو ويو هو جنهن ۾ چانهہ ۽ ڇهر جو بندوبست ڪيل هو. اسڪول جي شاگ ردن طرفان وندر جو پروگرام رکيو ويو هو جنهن ۾ اسان سيني پڻ ڀاڱ ورتو.

اسانجي واپس موٽندي هرڪو شانت هو. هر ڪنهنجي دل ڀاڙي ۽ اکيون آليون هيون. ڪنهن بہ ڪنهن سان نہ ڳالهايو پئي نہ ڪنهن ڏانهن نهاريو پئي. هرڪو ڄڻ پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي شايد پاڻ کان پڇي رهيو هو. ”اسين ڪٿان آياسين. ڪٿي هليا وياسين. اگر هيءَ اسانجي ڌرتي آهي تہ اسين هن ڌرتيءَ کان پري

آيتون لکيل آهن. ڀئي پاسي اگريتين ۽ ڏيئن جي قطار آهي جي 24 ڪلاڪ ٻرندا آهن. دنيا ۾ لنبي ۾ لنبو ماٺهو آلم چنا پنهنجي سموري عمر قلندر شاهه جي در تي شيوا ڪندي گذاري.

ڪشن ناواٽي سيوڻ جو هو هن جا وڏا سنڌ ڇڏڻ تائين درگاهه تي رواج موجب ميهندي ڪٽي ويندا هئا. اهو شرف ناواٽي ڪٽنب کي مليل هو. ڪشن ڇڻ نشي ۾ اچي ويو. نغاري کي ڏوڪن سان وڄائيندي ڌمال مچائيندو جهومي اٿيو.

اسان جي ڪاڌي جو بندوبست درگاهه جي پاسي ۾ هڪ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي رکيل هو. جتي اسانکي گلاب جي گلن سان سينگاريو ويو. اجرڪ سان سجايو ويو ۽ رنگبرنگي سنڌي ٽوپي هر هڪ جي مٿي تي رکي اسانکان موڪلايو.

پريان لهندڙ سوريه جي ڪرڻن ۾ چمڪندڙ شاهه باز قلندر جي مقبري مٿان ٺهيل سوني جو گنبذ ائين لڳي رهيو هو ڄڻ سڄ آسمان مان هيٺ لهي آيو آهي ۽ اسانکي موڪل ڏيندي چئي رهيو آهي وڃو منهنجا ٻارڙا خوش رهو. وڌندا وڃهندا رهو جتي به هجو.

اسان سنڌين جي مشهور قوالي دما دم مست قلندر اصل ۾ امير خسروءَ جي لکيل آهي. جنهن ۾ بليشاهه جهولي لال جو نالو ڳنڍي ۽ نئون روپ ڏيئي هن قواليءَ کي سنڌ ۾ هندو مسلم جي ايڪتا جو نئون رنگ ڏنو.

اِها قوالي وڏن وڏن گائڪن ڳائي آهي. ايتري قدر جو اسان سنڌين جو هر هڪ پروگرام هن قواليءَ سان ختم ٿيندو آهي.

هندو مڃيندڙ شاهه قلندر کي راجا ڀرٿريءَ جو اوتار ڪري مڃيندا آهن. راجا ڀرٿري راجا وڪرما دت جو پٽ هو. وڪرما دت ڀڳوان شنڪر جو پوڄاري هو ۽ جنهن جڳهه تي اڄ شاهه قلندر جي

بالڪنيءَ ۾ ويٺي اهو سوچي ئي رهيو هو ته دروازي تي گھنٽي لڳي، ٽپالي هوءِ الڪا جو خط آيو هو.

خط کولي پڙهڻ لڳو لکيل هو، ''ڪيترن ڏينهن کان، تو وٽان ڪو احوال نه آيو آهي. تنهنجو چهرو اکين اڳيان آهي، محسوس پيئي ڪريان تون ڪجهه چوڻ ٿو چاهين. تنهنجو پتر نه آيو آهي، مونکي ننڊ نه آئي آهي.

تون ائين نه ڪر، خاموش نه رهه، خاموشي ستائيندڙ ۽ تڙپائيندڙ آهي، مفاصلو وڌائيندڙ آهي، هڪ ٻئي کان دور ڪندڙ آهي، ڪجهه ته چئه، جو ڪجهه به چوڻ چاهين.

ڪيترا دفعا دل چاهيندي آهي من جي مريادا جي روپ ريکا ٽوڙي ڇڏيان، ڪنهن آس ڪنهن سپنن جي پٺيان من ڀڄندو رهندو آهي.

پاڻ هلي اچان تو وٽ، تنهنجو جواب ڄاڻڻ لاءِ.

پر ائين ڪري نٿي سگهان، لوڪ لاج جون ڪيئي بيڙيون من جي پيرن ۾ پيئون آهن، جن کي ٽوڙڻ جي طاقت اچان نه اٿم.

اميد ته جواب جلد ڏيندين.

انتظار رهندو. الڪا.

جواب ڏيڻ ۾ ڏهه ڏينهن گذري ويا. هڪ ڏينهن آڪاش قلم کڻي لکڻ ويٺو.

نٿو ڄاڻان پريه ڪري لکڻ جو حق اٿم يا نه. تڏهن به لکان ٿو.

پريه الڪا،

ڪالهه تنهنجو جنم ڏن هو، ڪجهه ڪم ۾ رڌل هجڻ ڪارڻ ۽ ڪجهه ويسر ڪارڻ تو سان نه ڳالهائي سگهيس نه ئي گل موڪلي سگهيس. عادت نه اٿم ۽ نه ئي اهو سلسلو منهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن

ڇو آهيون، اگر هيءَ اسان جي ماتريومي آهي تہ اسان اُها ڇڏي ڇو وياسين، اڄ اسين بيگهر ڇو آهيون، ڇو؟ ڇو؟ ڇو؟ ڇو؟.“ سوال گهڻيئي هئا جواب هڪ بہ نہ. رات جو 11 بجي ڪراچيءَ پهتاسين، ٻئي ڏينهن صبوح جو 9 بجي ممبئيءَ لاءِ جهاز هو.

جهاز ۾ چڙهندي ئي مونکي ياد آيو اهو 1947 جو ڏينهن جڏهن مان پنهنجن مائٽن سان گڏ ڪراچي ڇڏي هئي، منهنجي ننڍري ياسمين منهنجي گهوڙي گاڏيءَ پٺيان پنهنجون ٻانهون ڦهلائيندي ۽ ٻُوڙها ڳاريندي ڊوڙندي پئي آئي.

اڄ منهنجي سنڌ ڌرتي اسان جي جهاز جي پٺيان ڊوڙندي پئي آئي پنهنجون ٻانهون ڦهلائي، رڙيون ڪري سڏيندي، ٻوڙها ڳاريندي.

اها پڪار فقط منهنجي لاءِ ڪونہ هئي، توهان سڀني لاءِ هئي جي پنهنجيءَ ڌرتيءَ کي وساري ويٺا آهن.

ڏهين تاريخ سنڌ کي آخرين سلام ڪري ڪراچيءَ کان ممبئي پهتاسين جتان هرڪو ياڙي دل کڻي، موڪلائڻ وقت آلين اکين سان هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندي گلي ملي الڳ الڳ پنهنجي پنهنجي نئين وسايل وٿاڻ ڏانهن وڌي ويا.

هلندڙ گاڏي بيهجي ويئي. مون دريءَ کان ٻاهر نهاريو پونو اچي ويو هو، ويٺي ويٺي ورق وڙائيندي گهر پهتس. آڪاش ماني لاءِ ترسيل هو، ٻنهي گڏجي ماني کاڌي ۽ مان آرام ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويس.

هڪ خيالي ورق...!

آڪاش کي ممبئيءَ مان موٽي اٺ ڏينهن گذري ويا هئا. هن انهن ڏينهن ۾ نہ انيتا کي فون ڪيو هو ۽ نہ ئي انيتا هن کي الڪا جو ڪو احوال ڏنو هو.

ھجي ھا.''

انيتا الڪا کي پاڻ ۾ ڪويل ڏسي ھن جو ڏيان ھيءَ طرف ڪندي چيو، ''مونکي خبر آھي تو نيرڻ نہ ڪئي ھوندي، مان ڪجھہ ڪوڪيون پچائي ڪٺي آئي آھيان اچ تہ نيرڻ ڪريون.''

''ڪلياڻ اچڻ ڏي، اتان چانھہ وٺي اُن سان ڪوڪي ڪائينداسين. ھونئن بہ گھٽا ڏينھن ٿيا آھن ڪوڪي نہ کاڌي آھي امر ھوندي ھئي تہ ڪوڪيون پچائي ڪارائيندي ھئي.''

''سدوري مان چانھہ بہ ڪٺي آئي آھيان، ھيءُ ٿرماس ڪول ۾ ھن بئگ مان بہ ڪوپ ڪڍ.'' انيتا ڪوڪيون ڪڍندي چيو.

الڪا ڪوڪيون ڏسي ٿري بُگھُ ٿي ويئي چيائين، ''انيتا مئي ھيءُ ڪوڪيون ٿاھڻ ڪنھن کان سکي آھين؟.''

''منھنجي نانيءَ منھنجي ماءُ کي سيکاريون، منھنجي ماءُ مونکي.'' انيتا جي مکڙي تي فخر جون ريکائون ھيون.

''افسوس جو اڄ نہ اُھي ڏاڏيون، نانيون رھيون آھن ۽ نہ ئي اُھي مائرون.'' الڪا افسوس ظاھر ڪندي چيو.

''منھنجو دادا چوندو آھي، اُھي نانيون، ڏاڏيون، نانا، ڏاڏا تہ ھليا ويا. ڊپ اٿم ڪٿي اُھي مٺيون لوليون، سلوٽيون ڪوڪيون، دال پڪوان، سيرا مالپڙا، پوريون ڀاڄيون، سائي ڀاڄي، دال ماڪٽي ۽ سگنڌي سنڌي پاپڙ بہ نہ ھلي وڃن.''

جيئن اُھي سڀ پيڙھي بہ پيڙھي ھلندا ايندا ھئا. ڪاش اسانجي پنھنجي ماترڀاشا ۾ ڳالھائڻ جي رواعت بہ قائم رھي سگھي ھا.

ٿيو تہ ائين آھي جو اسانجي نانن ڏاڏن، مائرن پيئرن اھا ڪوشش ئي نہ ڪئي آھي. مون تہ پاڻ ٻاھرين ملڪن ۾ ائين ڏٺو

رهيو آهي.

انيتا جي چڙپ ڪائڻ ڪانپوءِ اهو سلسلو بہ شروع ڪرڻو پوندو. سڄا طور هاڻ تو وٽ هر مهني جي تنهنجي جنم ڏن جي تاريخ تي توکي گلن جو هڪ دستو موڪلڻو پوندو.

تنهنجي خط جو بہ جواب ڏيئي نہ سگهيو آهيان، جنهن لاءِ ڪوبہ سبب نٿو ڏيئي سگهان.

جي ٺيڪ سمجهين ۽ جي تو لاءِ ممڪن هجي تہ ڪن ڏينهن لاءِ پوني اچ. ڪي گهڙيون، ڪي ڏينهن گڏ گهاريون.

آڪاش

آڪاش جو خط ملڻ تي ئي الڪا انيتا وٽ پهچي ويئي، شايد آڪاش جو خط ڏيکاري انيتا کان پڪ پئي ڪيائين تہ هنکي پوني وڃڻ کپي يا نہ..

انيتا خط پڙهي هن کان پڇيو، ”تو ڇا سوچيو آهي.؟“

”مان ڪجهہ بہ جي سوچي سگهي هجان ها تہ تو وٽ پڇندي ڇو اچان ها ڀڏاءِ.“ الڪا جواب ڏنو.

”آهي تہ سٺي نينڊ، ڪجهہ ڏينهن گڏ رهندا تہ هڪ ٻئي کي پرکي سگهندا، سموري زندگيءَ جي ساٿ جو سوال آهي.“

ٻئي ئي ڏينهن انيتا آڪاش کي فون ڪري ٻڌايو تہ الڪا ۽ مان اٽڪل هڪ بجي پوني پهچنداسين.

انيتا وڪٽوريا ٽرمينس تان ۽ الڪا دادر مان پوني لاءِ گاڏي ڪٽي پنهنجي سيٽ تي ويهي رهيون، ٻنهي جون سيٽون رزروڊ هيون.

الڪا سوچيو پئي، ”هيءُ پل ڪٽي هو.؟ هن پل کي ايتري دير ڇو لڳي منهنجي جيون ۾ اچڻ لاءِ.؟ ڪاش منهنجي امر زندهہ

۽ هو چندر کي سمجھائڻ لڳا تہ پئسا ڪمائڻ جا ٻيا بہ طريقا ٿيندا آهن. هناجون ٻہ پينر آهن. ٻہ ننڍا ٻائر آهن اُنهن جو آئينده خراب نہ ڪري. چندر ٻڌڻ ۾ دارا هٽڻ بند ڪري ڇڏيا.''

''واھہ اهو تہ هنن تمام سٺو ڪم ڪيو.'' الڪا واھہ واھہ ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نہ سگھي.

''دادا جڏهن مئٽرڪ پاس ڪري نوڪريءَ جي تلاش ۾ ڀٽڪندو رهيو، تہ هنکي هڪ هڪ مهني لاءِ ڪڏهن آر ٽي او تہ ڪڏهن راشن آفيس ۾ نوڪري ملندي رهي. هن جي ملاقات انهن آفيسن ۾ گوپ ڀهراڻي، پرسو ڪالاڻي، دني ڪالاڻي ۽ هربخش موٽواڻيءَ سان ٿي. هربخش ڪانسواءِ باقي ٻيا غونڊن جي روپ ۾ ڪئمپ ۾ پهرين، ٻئي ۽ ٽئين ۾ مشهور هو سنگھہ جو سويم سيوڪ هئڻ جي ناتي.

پرسو ڪالاڻي هر وقت ڪيسي ۾ چاقون کڻي هلندو هو. هڪ ڏينهن هن جي راشن آفيسر سان تون مان ٿي تہ هو چاقون ڪڍي بيهي رهيو. دادا هن کي روڪيو تہ هن جي هٿ ۾ بہ سنهي خراش اچي ويئي. پرسي کي دادا هنکي شرمندو تہ ڪيو هو پاڻ بہ شرمندو ٿيو ۽ آفيسر کان معافي ورتائين.

پرسي چاقون کڻڻ ڇڏي ڏنو.

سڀ جڏهن ٿورا وڏا ٿيا تہ ڪو واپاري ٿيو تہ ڪو سنڌو نگر جي ڪائونسل ۾ ڪائونسلر بڻيو.

ساڳئي نموني سنڌو نگر جا ٻيا مڪاني اڳوان بہ دادا جي ويجھو آيا ۽ هن کي هن جي ليکڪ هئڻ ڪري پيار ڪندا هئا ۽ عزت ڏيندا هئا.

سلامت پرسواڻي، سخاوت چوٽواڻي، يوڄراج پرسواڻي، گوبند ياٽيا، آسنداس پيرواڻي هنن سيني ۾ اڳواني ڪرڻ جون سڀ خاصيتون هيون پر هو سڀ مڪاني اڳوان بڻجي رهجي ويا ڪنهن

آهي تہ ننڍا ٻار پنهنجن وڏ ور مائٽن کي اُن ملڪ جي ٻولي پيا سيکارين.''

ڪلياڻ لنگهي ويئي. ونلواڙي آئي تہ انيتا پنهنجي دادا جي سنڌو نگر ۾ گذاريل ڏينهن جو ذڪر ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نہ سگهي چيائين. الڪا توکي خبر آهي اسانجي دادا ۽ مميءَ اٽڪل ڏه سال سنڌو نگر ۾ گذاريا آهن. هنن جي پيار جي حياتي بہ هتي ئي شروع ٿي هئي.''

''ٻڌاءِ ٻڌاءِ هنن جي رومانچڪ پهلو ڪيئن هو؟'' الڪا اُتاولي ٿيندي پڇيو.

''اُتاولي نہ ٿي. اِهي رومانس جون ڪهاڻيون تون آڪاش کان پڇجانءِ. مان توکي دادا جو ٻيو پهلو ٿي ٻڌايان.

دادا پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ ڪئمپ نمبر3 ۾ رهندو هو. راشٽريہ سويم سيوڪ سنگهہ جو سويم سيوڪ هئڻ ڪري هو ۽ هن سان گڏ هنجو دوست موهن ڪلپنا اوڙي پاڙي ۽ 3 نمبر ۾ ڪافي نامور هئا. هنن جي دوستي 3 نمبر جي نامي گرامي چندر سان ٿي. چندر جون ٻئي ڀينر هنن سان گڏ اسڪول ۾ هنن جي ساڳئي ڪلاس ۾ هيون.

سنگهہ جي شاکا بہ 3 نمبر ۾ چندر جي گهر جي پٺيان لڳندي هئي. روز بروز هنن جي ملاقات چندر سان ٿيندي رهندي هئي. هڪ ڏينهن چندر ڳالهہ ئي ڳالهہ ۾ هنن کي پنهنجو پستول ڏيکاريو.

جوانيءَ جو جوش چئہ يا ٻاراڻي ٻوجهہ هنن چندر کي پستول هلائڻ سيکارڻ لاءِ چيو ۽ هر روز هو شاکا ڪانپوءِ 2 نمبر ڪئمپ جي ٽڪريءَ تي وڃي پستول هلائڻ سکندا هئا.

جڏهن هنن کي خبر پيئي تہ چندر روز رات جو سنڌو نگر جي آس پاس وسيل ڳوٺن ۾ وڃي ڌارا ٿو هڻي تہ هنن کي اِها ڳالهہ نہ وڻي

"مان اڃان تنهنجي ديدي نہ بڻي آهيان، بڻجڻ هلي رهي آهيان. ٻڌاءِ ڪٿي پهتا آهيون.؟"

"لوناوالا هينئر لنگهي ويئي."

"اڙي موڳي تہ اڳ ۾ ٻڌائين ها نہ. آڪاش چيو هو لوناوالا پهچي فون ڪجو." انيتا فون ڪرڻ لڳي. "هاڻ سنيال پنهنجا ٽپر پوني اچڻ ۾ دير نہ آهي." انيتا الڪا کي ٻارن وانگر سمجهائڻ لڳي.

گاڏيءَ مان لهي ٻئي ٻاهر آيون تہ آڪاش بيٺو هو. ٻنهي کان ٻئگون وٺي ڪار طرف وڌيو. هيءُ ٻئي هنجي پٺيان پٺيان اچڻ لڳيون. انيتا ۽ الڪا پٺيان ويٺيون ۽ آڪاش ڊرائيور نارائڻ چاچا سان اڳيان.

نارائڻ چاچا ۽ سندس پتني نرملا ڪاڪي يوپي پرانت کان آيل هئا ۽ هنن جي گهر ۾ سالن کان ڪم ڪندا هئا.

نارائڻ چاچا بنگلي جي صفائي ۽ هنن جي غيرحاضريءَ ۾ بنگلي جي رکوالي ڪندو هو ۽ سندس پتني ڪاڌو رڌيندي هئي ۽ بنگلي جي صفائيءَ ۾ نارائڻ چاچا جي مدد ڪندي هئي. بنگلي جي گيٽ اڳيان ئي هنن لاءِ هڪ ننڍو ڪمرو ٺهيل هو، جنهن ۾ هر قسم جي سهوليت ميسر هئي.

گهر جي هر گهرجن جي خريداري نارائڻ چاچا ڪندو هو، ٻاڇي پتيءَ سان گڏ پنهنجا گهرج آهر ڪپڙا لٽا بہ خريد ڪندو هو. ڪنهن بہ چيز کي خريد ڪرڻ لاءِ هنن کي دادا کان يا ٻئي ڪنهن کان بہ اجازت وٺڻ جي ضرورت نہ پوندي هئي. هنن جو ڪوبہ اولاد ڪونہ هو. جيئن تہ هنن کي ڪنهن بہ چيز جي ڪمي ڪانہ هئي هو دادا کان ڪوبہ پئسن جي روپ ۾ عيوضو نہ وٺندا هئا.

اٽڪل اڌ ڪلاڪ ۾ گهر پهچي ويا، رستي تي آڪاش الڪا ڏانهن نهاريندي انيتا کان صرف ايترو پڇيو تہ سفر ڪيئن هو.

ٻه پرانتڪ يا راشٽريه سطح تي اڳوان بڻجڻ جي ڪوشش نه ڪئي پاڻ ڀاهران آيل ماڻهو جيئن ته خانچند گوپالداس وغيره سنڌو نگر ۾ اچي اتان جي ٽڪيٽ تي ڪرسيون والاڙي ويٺا.''

ساڳئي حالت ممبئيءَ جي ترقي پسند اڳوانن جي هئي. اتم، ڪيرت، مالهي ۽ ٻيا ڪيترا اديب. ٻولي ۽ سنڌي سڀيتا کي بچائڻ ۾ رڌل هئا. ڪنهن به راڄنيتڪ ميدان ۾ ٻهرو ونڻ جي ڪوشش نه ڪئي. هنن جي راڄنيتي ادبي ڪلاس، سنڌي ٻولي لپي سڀا، ڪلاڪار منڊل، ساڌو واسواڻي مشن دنيا پر ۾، سنڌي ائسوسيئيشن دنيا پر ۾، اڄ جي سنڌالاجي آڏيپور، يا پارت جي ٻين حصن ۾ ٿهيل سنستائن ۽ پئنچائتن تائين محدود رهي استرين جون ٿهيل سنستائون پڻ اِن اندروني راڄنيتيءَ کان آجيون نه رهيون. مهاراشٽريه ۾ هڪ حشو آڏواڻي چيمبور مان اسيمبليءَ تائين پهتو پر ننڍي عمر ۾ ئي دنيا ڇڏي وڃڻ ڪري سنڌين جي لاءِ گهڻو ڪاجهه نه ڪري سگهيو.

ڪي ڳاڻ ڳٽيان سنڌي، جيئن ته جيرامداس دولترام، لال ڪرشن آڏواڻي، رام جيٺملاڻي، ۽ ڪي اسيمبلي ميمبر يا پارليامينٽ ميمبر راڄنيتڪ پارٽين جن جي ٽڪيٽ تي هو چونڊجي آيل هئا انهن جا بڻجي ويا. سنڌين جو ڪوبه نه ٿي سگهيو. ڪوبه سنڌين کي حقي حق يا راڄنيتي درجو ڏياري نه سگهيو.

اسانجي ڪوشش ٿيڻ کپي ته اسين اسيمبلين ۽ پارليامينٽ ۾ چونڊجي، ڪانگريسي، بي جي پي، سوشلسٽ يا ڪميونسٽ ٿي نه اچون سنڌي ٿي اچون ۽ سنڌين جي هر قسم جي گهرجن لاءِ ڪم ڪري سگهون.

''ديدي تو ايتري ننڍيءَ عمر ۾ هيترو گيان ڪيئن پاتو؟'' الڪا گنڀير ماحول کي هلڪو ڪندي چيو.

پنهنجي پليٽ ۾ پاڻ ئي ڪاڊو ڪٽي، جيترو ڪيس وڻندو اوترو ڪٽيندو. تون ڪڻ مان ڪٽان ٿو.''

الڪا پڪوان تہ ڪنيو پر دال ڪٽڻ ۾ ڪيس هٻڪ ٿي رهي هئي. دال جو ديڳڙو دادا جي اڳيان وڌايو.

الڪا ديڳڙو ڏيندي پڇيو، ''دادا توهان جي دل پسند ڪاڌي ۾ ڇا ڇا آهي.؟''

ديڳڙي مان دال پليٽ ۾ وجهندي جواب ڏنائين، ''مون ڪڏهن بہ ڪنهن بہ ڪاڌي جي فرمائش نہ ڪئي. منهنجي دل ۾ جو ڪجهہ بہ کائڻ جو ويچار ايندو هو نہ ڄاڻان ڪيئن تنهنجي آنٽيءَ کي منهنجي چاهنا جو اُهاءُ پئجي ويندو هو ۽ ٽيبل تي اهو ئي هوندو هو جنهن جي مونکي چاهنا هوندي هئي. هنجي نرڙ تي ٽين اک هوندي هئي، هوءَ گهٽ ۾ گهٽ منهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڄاڻين ويندي هئي. اڄ ڪالهہ جي ڳالهہ ٻي آهي، هنجي وڃڻ ڪانپوءِ ڪاڌي مان موهہ نڪري ويو آهي، جو بہ نارائڻ ڪاڪا ٺاهيندو آهي سٺو هوندو آهي. تنهنجي آنٽيءَ ئي هنن ٻنهي کي سالن کان وٺي سيکاريو آهي.''

دال جو ديڳڙو دادا جي هٿ ۾ هو اها هن کي گهڙي پل لاءِ سمڪ نہ رهي. آڪاش پيءُ جو ڌيان ٻئي طرف ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي ديڳڙو ورتو اهو سوچيندي تہ دادا ڪٿي وڌيڪ جذباتي نہ ٿئي.

ڏينهن جي ماني کائي راجو ٿوري ننڊ ڪرڻ جو عادي ٿي ويو هو. ماني کائي سيني کان موڪلائي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو، تي وي ڏسندي ڏسندي هنکي ننڊ اچي ويندي هئي.

جڏهن اُٿندو هو چانهہ جو ڪوپ ٺاهي ٻاهر حاطي ۾ گيتا جي گلن واري ڪونديءَ جي پرڙ ۾ ويهي چانهہ پيئندو هو، گلن سان ڳالهيون ڪندو هو، ڇا چوندو هو اها ڪنهن کي ڄاڻ ڪونہ هئي

جيستائين انيتا اُن جو جواب ڏي اُن کان اڳ ۾ ئي جواب ۾ الڪا چيو، ”تنهنجي انيتا ڳالهين جو ڳوڙهو آهي اهو تہ تون ڄاڻندو هوندين ڪلياڻ کان لوناوالا تائن ڳالهيون ٻڌائيندي آئي آهي.“

نارائڻ چاچا ٻئي ٻئگون اچي هال ۾ رکيون.

انيتا جي لاءِ ڪمرو هميشهہ ٺهيل رهندو هو، ائين لڳندو هو ڄڻ هوءَ اُتي ئي رهندي هئي.

سال ۾ هڪ دفعو نيو جرسيءَ مان سنيتا ۽ لنڊن مان اُميش پنهنجي ڪٽنب سميت پوني ۾ ايندا هئا.

اُهي ڏينهن هن بنگلي ۾ محفل متل هوندي هئي، هر روز ڏياري هوندي هئي.

انيتا الڪا کي پنهنجي ڪمري طرف وٺي وڃڻ تي هئي تہ دادا پنهنجي ڪمري مان ٻاهر اچي الڪا کي ڪيڪاريندي چيو، ”الڪا پٽ ڪهڙو حال اٿئي، پوني ۾ تنهنجو سواگت آهي. پنهنجو ئي گهر سمجهج. ڪنهن بہ چيز جي ضرورت پوَئي تہ بنا هچڪ چئج. جهڙي انيتا تهڙي تون.“ الڪا مشڪندي جواب ۾ ڪجهہ بہ نہ چئي فقط ڪنڌ سان 'ٺيڪ' چئي انيتا طرف وڌي ويئي.

آڪاش نرملا ڪاڪيءَ جي مدد سان ڪائڻ جو ٽيبل تيار ڪري نرملا ڪاڪيءَ کي ٻاهران سيني کي ڪوٺي اچڻ لاءِ چيو.

چارئي ٽيبل تي اچي ويٺا. ٽيبل 8 ڄڻن لاءِ هو ۽ وچين ڪرسيءَ تي دادا هڪ پاسي انيتا ۽ آڪاش، ٻئي پاسي الڪا.

دادا ٽيبل تي پڪوان ڏٺا تہ سمجهي ويو تہ اڄ دال پڪوان ٺهيا آهن.

الڪا هڪ پڪوان کڻي دادا جي پليٽ ۾ رکڻ واري هئي تہ دادا کيسَ روڪيندي چيو، ”پٽ هن گهر جو قائدو آهي تہ هر ڪوئي

وسيل آهي. هتي جي آبهوا موافق آهي جنهنڪري سنڌي ڪافي تعداد ۾ هتي اچي رهيا آهن. خاص ڪري سنڌورقي.''

آڪاش اچانڪ ڪار هڪ ميوي جي دڪان ٻاهران بيهاري، ڪار مان نڪرڻ وقت هن الڪا کان پڇيو، ''الڪا تنهنجو ڪو دلپسند ميوو هجي تہ ٻڌاءِ مان ٿورو ميوو وٺي اچان.''

''مان سڀ ڪجھہ کائيندي آهيان. توکي جو سٺو لڳي وٺي اچ.''

آڪاش دڪان ۾ اندر ويو تہ انيتا الڪا کي پوني لاءِ ٻڌائڻ شروع ڪيو. ''پونو مهاراشٽر جو هڪ مشهور شهر آهي، پراچين جڳهين سان گڏ اڄ جي ماڊرن اڏاوت ڪري پونو ڪيترن ئي نالن سان ڄاتيو ويندو آهي، جهڙوڪ 'مهاراشٽريہ جي سپيتڪ راڄڌاني' اوڀر جو آڪسفورڊ' 'ڀارت جو آڪسفورڊ' وغيره.''

آڪاش ميوي سان ڀريل ٿيلهي الڪا جي پاسي ۾ ڪار جي پٺيئن سيٽ تي رکي اڳيان ڪار هلائڻ لاءِ وڃي ويٺو، ۽ انيتا کان پڇيو، ''ڪيئن هلون گهر واپس، دادا انتظار ڪندو هوندو.''

انيتا ''ها بلڪل''. چئي دريءَ کان ٻاهر نهارڻ لڳي. ڪار ۾ ڪجي پل بلڪل شانت رهي.

ٽيئي گهر پهچي ويا. دادا اڄان حاطي ۾ ئي ويٺو هو، ساڳئي گلن جي ڪونڊيءَ جي ڀرسان، سندس اکيون بند هيون شايد هنجي پلڪ لاءِ اک لڳي ويئي هجي.

تيز هوا جا جهونڪا رکي رکي بنگلي جي باغ ۾ بيٺل ڊگهن وڻن جي پتن کي ڇهندي هڪ سر آلاپيندا وايومنڊل ۾ موسيقي ڦهلائي رهيا هئا.

انيتا اندران هڪ هلڪو بلئنڪيٽ آڻي دادا جي ٽنگن تي وڌو، آڪاش ۽ الڪا فروٽ جي ٿيلهيءَ سان گڏ اندر هليا ويا.

سواءِ گلن جي.

ٿيئي تيارٿي ٻاهر حاطي ۾ آيا ۽ دادا کان موڪلائيندي چيو، ''دادا اسين ٿورو ٻاهران گهمي ٿا اچون. توهان کي ڪجهه کپي ته ٻڌايو.''

''نه پٽ فلحال ته ڪجهه خيال ۾ نٿو اچي، توهين گهمي اچو.''

''دادا اسانکي جي دير ٿي وڃي ته توهين ماني کائي ڇڏجو اسان لاءِ نه ترسجو.''

''نه پٽ اسين سڀ گڏجي کائينداسين. توهين آرام سان گهمي اچو. توکي خبر آهي مان دير سان کائڻ جو عادي آهيان، مان توهان لاءِ ترسندس.''

ٿيئي ڪار ۾ اچي ويٺا. گاڏي آڪاش هلائي رهيو هو. هن سان گڏ اڳيان انيتا ويٺي ۽ پٺئين سيٽ تي الڪا.

گاڏي جيئن بنگلي کان ٻاهر نڪتي انيتا الڪا کي ٻڌائيندي وئي، ''هيءَ بوٽ ڪالوني آهي، جتي اسين رهندا آهيون ۽ هاڻ اسين بوٽ روڊ تان پيا هلون.''

الڪا جواب ۾ چپ رهڻ چاهيندي به چپ نه رهي سگهي چيائين، ''مان ڪيترا سال اڳ ۾ پوني آئي هيس. تنهن وقت پونو ايترو وسيل ڪونه هو.''

''اهو سڀ اين آر آءِ جي ڪري آهي. گهڻو ڪري هر ڪنهن ديس ڇڏي ويل پرديسيءَ جو ٻيو گهر پوني ۾ آهي. هوڏس هيءَ بند گارڊن ڪالوني آهي، هت هڪ بند گارڊن ڊئم به آهي، ڪافي سهڻو وايومنڊل آهي ڊئم جو، ڏينهن جو ڪنهن وقت هلنداسين. هاڻ اسين چنچ واڙيءَ مان لنگهي رهيا آهيون، هاڻ تنهنجي ساڄي پاسي ادتيه برلا ميموريل هاسپيٽل ايندو. پونو ڀارت جي ڏاکڻي حصي جي اولهندي ۾ اٽڪل 560 ميٽر، 1837 فُٽ سمنڊ جي ليول کان مٿي

الڪا ڪلندي پڇيو، ”دادا ٻڌو اٿم توهان ڀڳوان جي استتيوَ ۾ وشواس نٿا رکو. پوءِ به هري اوم پيا چئو، اهو ڪيئن.؟“

راجو مشڪندي ڪي پل چپ رهيو. ”هري اوم چوڻ جي عادت اسان کي آفريڪا ۾ پيئي. اتي جا سڀ سنڌي هڪ ٻئي سان ’هري اوم‘ چئي ڪيڪاريندا هئا. باقي رهي ڀڳوان جي هجڻ نه هجڻ جي ڳالهه. مون ننڍي هوندي کان جوانيءَ تائين ڪيترا ارڻ شاستر اٿلايا آهن. ويدن پرانن جي به ڄاڻ پاتي اٿم. پر ڪٿي به ڪنهن به شاستر ۾ ڀڳوان جو ورنن نه پاتو اٿم.“

”پوءِ هيءَ ساري سرشٽي جا اسانجي چوطرف ڦهليل آهي، ان...“

الڪا اڃان پنهنجو سوال پورو ئي نه ڪيو هو ته راجوءَ هنڪي وچ ۾ ڪٽيندي چيو. ”پٽ تو اهو ته ٻڌو هوندو ته هن سرشٽيءَ ۾ هر وستو پنهنجن تتوَن مان ٺهيل آهي، هوا، پاڻي، باهه، ڌرتي معني مٽي ۽ آڪاش. جي هر وستو اُنهن پنهنجن تتوَن مان ٺهيل آهي ته ٻڌاءِ اهو ڇهون تتوَ ڪٿان آيو جنهنکي اسين ڀڳوان ٿا چئون؟“

راجو اڃا ئي بس نه ڪئي وڌيڪ چوڻ تي انيتا ۽ آڪاش هنن ٻنهي لاءِ هڪ هڪ پيو ڪوپ ڪٽي آيا ۽ هنن جي ڳالهين ۾ شريڪ ٿيا.

”هوا آهي لڳي ٿي ته اسين محسوس ٿا ڪريون، باهه ڏسي به سگهون ٿا ۽ انجي گرمائش کي محسوس به ڪري ٿا سگهون، پاڻي پڻ ڏسي ٿا سگهون، ڌرتيءَ جي نه هجڻ جو ته ڪو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي، باقي آهي آڪاش. اُن آڪاش کي ڪيترا ’آتما‘ سان ڳنڍيندا آهن يا دليل ڏيندا آهن ته اُها هڪ شڪتي آهي جا اسانکي ساهه کڻڻ جي روپ ۾ هلائي ٿي اُها شڪتي آهي آڪاش. جيئن بجليءَ جي تارن ۾ جو ڪرنٽ آهي جيڪو بلب جي ذريعي

نرملا ڪاڪي ٽيبل تي ڪاڌو ۽ پليٽون رکڻ ۾ رُڌل هئي، نارائڻ ڪاڪا فروٽ ڪٽي چئن پليٽن ۾ رکي رهيو هو.

ڪاڌي جي ٽيبل تي سڀ شانت هئا. گڏجي ڪاڌو ڪائڻ ۾ هڪ عجيب قسم جو سڪون ٿيندو آهي، هر ڪوئي هڪ اڌ مانني وڌيڪ ڪائي ويندو آهي. ڪاڌي ڪانپوءِ ميوي ڪائڻ جو دور شروع ٿيو، ميوو ڪائيندي دادا پڇيو، ”ڪٿان گهمي آيا.؟“

انيتا جواب ڏنو، ”هتي ويجهو ئي هئاسين، خاص پريان نه وڃي سگهياسين.“

انيتا ۽ الڪا ٿڪل پئي لڳيون، راجو سڀني کان موڪلائي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. هنجي ڪمري ۾ الڳ ٽي وي هئي، ڪمري ۾ ته سويل ئي ويندو هو پر هو دير تائين ٽي وي ڏسڻ جو عادي ٿي ويو هو.

الڪا انيتا سان گڏ سندس ڪمري ۾ هلي ويئي، پنهنجي پلنگ تي سمهندي اکين ۾ آئينده جا سپنا اُڻندي رهي.

صبوح جو سويل اُٿڻ جي عادت هئي هنکي، گائون پائي ٻاهر اچي ڏٺائين ته آڪاش جو دادا اڳ ئي هڪ چانهه پي چڪو هو. هوءَ هن لاءِ ٻيو ڪوپ چانهه جو ڪٽي هنجي پاسي ۾ رکندي هنکي ”هري اوم“ چوندي هنجي پاسي ۾ پيل ڪرسيءَ تي ويهي رهي.

جواب ۾ راجوءَ هنکي ”هري اوم پٽ“ چئي چانهه لاءِ مهرباني چئي ڪوپ کنيو.

الڪا راجوءَ کان پڇيو، ”داد هڪ سوال پڇان.؟“

”جي سولو سوال هجي ته. مان ڏکين سوالن جو جواب نه ڏيئي سگهندس.“

دفعي هنن کي ٻڌڻ سان هڪ نئين روشني ملندي هئي.

آڪاش چيو، ''دادا اڄ جي لاءِ الڪا کي ايترو ڊوز ڪافي آهي، ڪيس ايترو هضم ڪرڻ ڏيو. اسين ڪيس ٻاهران ٿورو گهمائي ٿا اچون.''

راجو ٽپو ڏيئي اُٿي کڙو ٿيو ويندي ويندي چوندو ويو، ''نيرن تي ٿا گڏجون وڃو تيار ٿيو.''

راجو اندر ويو ته انيتا آڪاش کان پڇيو، ''ڪٿي ٿو وٺي وڃي هنکي اڄ.؟''

آڪاش جواب ڏي تنهن کان اڳم الڪا چيو، ''ڇا مطلب ڪٿي ٿو وٺي وڃي هنکي، تون به ٿي هلين.''

''نه الڪا اڄ مونکي معاف ڪر، مان اڄ دادا سان ٿي ويهڻ چاهيان دادا ممبئيءَ آيو هو ته به راجيش جي ڪري هن سان ويهي نه سگهي هئس.''

الڪا هٽڪي ته پيئي پر وري ڪو خيال اچي وڃڻ ڪري تيار ٿيڻ لاءِ اُٿي کڙي ٿي. انيتا هن جي اکين کي ياڻپي مشڪندي ڪمري ۾ هلڻ لڳي الڪا کي پهرين تيار ٿيڻ لاءِ چئي، پاڻ بسترو ٺاهڻ لڳي.

تيئي تيار ٿي ٻاهر ٽيبل تي اچي ويٺا هئا. نارائڻ ڪاڪا ٽيبل تي سيئون، تريل پٽاٽا، ڏڌ جو ڪٽورو ۽ پڪل پاپڙن سان گڏ انب جو ڪٽائڻ رکي ويو هو، نرملا ڪاڪي ڏڌ لاءِ بولس ڪٽي آئي ۽ هر ڪنهن گهرج موجب سيئون، پٽاٽا ۽ ڏڌ پنهنجي پليٽ ۾ وڌو باقي پاپڙ راجوءَ ڪانسواءِ ڪنهن به نه ڪنيو.

ٽيبل ڇڏڻ کان اڳم الڪا نارائڻ ڪاڪا کي چيو، ''ڪاڪا رات جي ماني اڄ مان اچي ٺاهيندس، ٻڌاءِ ڇا ٺاهيو آهي.''

روشني ٿو ڏئي. اُهي اهڙي قسم جو دليل ڏيڻ وارا اهو وساري ٿا وهن تہ اُن بجليءَ جي تارن ۾ بہ شڪتيون آهن. هڪ نيگيٽو ۽ ٻي پازيٽو. اُتي بہ ڀڳوان جو هجڻ ثابت نٿو ٿئي.''

''تہ پوءِ دادا اُن آڪاش جو ڪهڙو ڪم آهي.؟'' الڪا پڇيو.

''آڪاش ۾ لکين ڪروڙين گرهہ آهن. جيتوڻيڪ اساڻجي وڏن ڪي فقط نون گرهن جي ڄاڻ هئي ۽ هاڻ هڪ ڏهون گرهہ ڳولهي ڪڍيو اٿن. انهن ڏهني گرهن جي اثر ڪي مان پنڄون تتوَ ڪري ٿو مڃان جنهنڄو اثر هر چيز ۽ هر انسان تي ٿو پوي. هر انسان جي هلت، ٻيهڪ، ڊول، صورت، سياءُ، وهنوار ۽ قسمت الڳ آهي.''

الڪا وري اُتاولي ٿي پڇيو. ''دنيا ۾ هڪ ڏينهن هڪ وقت هڪ ويلا ۾ ڪيترا ٻار ڄما ڄمن، پوءِ بہ اُهي هڪ ٻئي ڪان الڳ ڇو آهن.''

''مونکي خبر هئي تون اهو سوال ضرور پڇنديئن.''

ٽيبل تي هڪ گلاس رکيل هو اُن ڏانهن اشارو ڪندي راجوءَ چيو. ''قدرت جو اهو قانون آهي تہ ڪي بہ ٻہ شيون هڪ ساڳي جڳهہ والاڙي نٿيون سگهن. هن گلاس جي ساڳيءَ جاءِ تي تون ٻيو گلاس يا ٻي ڪابہ شيءَ رکي نٿي سگهين. نہ فقط اهو مان هن گلاس کي پنهنجيءَ جاءِ تان ٿو ڏسان ۽ تون پنهنجيءَ جاءِ تان. ٻنهي کي گلاس جو الڳ الڳ پاسو ٿو ڏسڻ ۾ اچي. ساڳيءَ طرح هر جيوَ تي هنن گرهن جو اثر الڳ الڳ ٿو پوي. ٻہ ڄاڙا ٻار بہ هڪ ٻئي ڪان الڳ ٿا ٿين. اهو پنڄون تتوَ آهي اهي گرهہ. اساڻجي وڏن هن حقيقت کي ڪٿي سمجهايو نہ آهي. پر الڳ ايشور جي هجڻ جو ڪو ذڪر بہ نہ ڪيو آهي مان منترن ۾ وشواس ڪندو آهيان. منترن ۾ گهڻو اثر آهي.''

آڪاش ۽ انيتا اِهي ڳالهيون ننڍپڻ ڪان ٻڌندا آيا هئا تڏهن بہ هر

''دادا توهين ائين ئي چوندا آهيو، زندگي هڪ بند دبلي آهي.''

''برابر جيستائين اُها دبلي کلي نہ ٿي ان ۾ سمايل راز جي ڄاڻ نٿي پوي.'' ٻنهي اڌ اڌ دادا جي چيل ڳالهہ پوري ڪئي.

''جيتري قدر مان الڪا کي سڃاڻان الڪا هڪ پڙهيل سٺي گهر جي ڌيءَ آهي. سڌي ساڌي پنهنجي ڪم سان ڪم رکندڙ.''

''گهر ۾ ٻيو ڪير ڪير اٿس.'' راجوءَ سوال پڇيو.

''ڪير بہ نہ ماءُ پيءُ جي اڪيلي ڌيءَ آهي. ويڇهڙائيءَ ۾ ئي هن جي ماءُ جو دهانت ٿي ويو. سندس پيءُ کي گذري ڪافي سال ٿي ويا آهن. هاڻ الڪا بلڪل اڪيلي آهي.'' انيتا ٿوري ۾ ئي الڪا جي باري ۾ پيءُ کي ٻڌايو.

الڪا جي باري ۾ وڌيڪ نہ ڳالهائي، ٻئي ڪن پلن لاءِ چپ ويٺا رهيا. ڏينهن جا 12 لڳا هئا. انيتا کي ڄاڻ هئي تہ راجو قريبن 12 بجي اڌ ڪوپ چانهہ پيئندو هو. انيتا چانهہ ٺاهڻ لاءِ اُٿي اندر هلي ويئي.

راجو گلن جي ٻوٽي کي پيار سان ڇهندي، دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳو. ''گيتو، جيڪڏهن منهنجو پيار تو ۾ هيترن سالن کانپوءِ بہ ڪا بدل نہ آڻي سگهيو، تون جيئن هئينءَ، ضدي، هٺيلي، ۽ تيسر تيئن ئي رهندي آئينءَ. اهڙي پيار مان وشواس نڪري ويو اٿم. اهو پيار پاڻ کي آتت ڏيڻ وارو اکر آهي. پيار ۽ وشواس سڀ گرامر جا لفظ آهن. ڪن جي مهنت آهن. جيئن گرامر ۾ صفتون ٿينديون آهن، تيئن ڪن پهلن ۾ اُهي صفتون آهن اُهي اکر آهن. باقي سڀ مٽيا آهي، صرف پل آهن جي پنهنجو اتهاس پيا جوڙين. ۽ اسين اُن اتهاس جي گهٽنائن جا شڪار، تنهنجو پيدا ڪري ويل خاليپڻو ستائي ٿو. ڪيترين گهڙيون آهن جي وساريو نہ ٿيو وسرن. ياد اَچئي اُها چانڊني رات، پنن پودن تي ڇانيل چانڊني، اها چانڊني ٽڪجي

ڪاڪو نارائڻ پليٽون ڪٽڻ ۾ لڳي ويو. الڪا جي سوال جو جواب انيتا ڏنو، ”رنڌڻي ۾ ڏس ڇا ڇا رکيل آهي توکي ڪجهه خاص کپي ته نارائڻ ڪاڪا کي چئي وڃ وٺي ايندو، يا تون وٺندي اچج.“

انيتا پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي. راجو پنهنجي ڪمري ۾ تيار پئي ٿيو، آڪاش تيار ٿي هيٺ لٿو هو. الڪا رنڌڻي ۾ هئي.

آڪاش جي آفيس پرسان ئي هئي. ڪار ۾ آفيس ۾ پنهنجن ڪم ڪندڙن کي ڪم سمجهائي آيو اچي ڏنائين سڀ تيار ٿي حاطي ۾ ويٺا هئا. آڪاش اڳيان اچي الڪا کي هلڻ لاءِ چوندي انيتا کان وري پڇيو، ”پڪ تون اسان سان گڏ نٿي هلين.“

انيتا جواب ڏنو، ”نه پيارا اڄ تون الڪا سان اڪيلو ئي گهمي اچ ڪيڏي مهل ايندا اهو ٻڌاءِ، جيئن اسين توهان لاءِ ماني تي ترسون.“

”اسين شام جو موٽنداسين، الڪا کي رات جي ماني جو ٿاهڻي آهي.“

الڪا ۽ آڪاش ڪار ۾ ويهي بنگلي کان ٻاهر هليا ويا. حاطي ۾ راجوءَ جي ويهڻ لاءِ هڪ ڪرسي مقرر هئي، جنهن جي پاسي ۾ اُها خاص گلن جي ڪونڊي رکيل هئي، سامهون ٻاهر جو باغ نظر پئي آيو.

انيتا پڇيو، ”دادا الڪا جي باري ۾ توهان جو ڪهڙو خيال آهي.“

”تون ڪيس وڌيڪ سڃاڻين، تنهنجي ساهيڙي آهي مونکي ڇا ڪرڻو آهي جي آڪاش کي الڪا پسند آهي ته مونکي ڪوبه اعتراض نه آهي.“

”دادا گهر ۾ ڪنهن گهرواريءَ جو هجڻ ضروري آهي.“

”گهرواريءَ جي هجڻ سان ڇا ٿو ٿئي پُٽ، گهر ۾ سک شانتي هجي، ٻئي هر حال ۾ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏين ۽ ڏکئي وقت ۾ هڪ ٻئي جو سهارو بڻجن.“

انيتا چيو، ''ها ڪاڪا اهو ٺيڪ آهي.''

''ماڻهين هوندي هئي، تہ ڪاڏي جو ڪوبہ مسئلو نہ هوندو هو. ڪيس خبر هئي تہ کهڙي ويلي تي چا ٺاهٽو آهي ۽ منهنجي لاءِ کهڙي ويلي تي چا ٺيڪ ٿيندو. ياد اٿم مان هڪ هفتي لاءِ يوڪرين ويو هوس لنڊن مان، اتان فون ڪرڻ مشڪل هو. واپس آيس تہ هن مونکي هڪ خط ڏنو جو هوءَ پوسٽ نہ ڪري سگهي هئي، هنجو اهو خط ياد اچي ويو.'' راجو پنهنجي اکين ۾ آلاڻ هاڻ جو ڇڻ سبب ڏيندي چيو، جا آلاڻ انيتا ڏسي ورتي هئي، انيتا ڪوپ ۽ ٽري اندر کٽي ويندي چوندي وئي، ''مان سنان ڪرڻ تي وڃان توهين بہ اُٿو تيار ٿي اچو. توهان سان آڪاش ۽ الڪا لاءِ ڪافي ڪجهہ ڳالهائٽو آهي.''

انيتا اندر هلي وئي، راجو هڪ دفعو وري اُن خط کي ياد ڪرڻ لڳو. لکيل هو.

''تون ڪيترو دور آهين پريتم،

هتي وار ڪولي، نيڻن ۾ انتظار کٽي،

اٿل وشواس کٽي پيئي واجهايان.

تنهنجي سمرتي ۽ پنهنجي مسڪراهٽ ۾ بہ اُداسي پريل آهي.

پيارن مان'' گيتا.''

آڪاش الڪا کي پوني جي باري ۾ ٻڌائيندي ڪار هلائيندو رهيو. ''پونو انگريزن جي زماني ۾ هنن لاءِ گرمين جي ڏينهن جو آرام گاهہ هو. هر سال هزارين جي تعداد ۾ مسافرن جي قدمن جا نشان پوني جي ڌرتيءَ تي پوندا هئا. ڪيترا مسافر هتي جون مشهور جڳهيون جيڪي پوني جي هر طرف ڦهليل آهن اُهي ڏسڻ ايندا آهن. جهڙوڪ امپريس گارڊن، جو سولجرن جي باغ جي نالي سان بہ ڄاتو

واپس هلي وڃي تنهن کان اڳ ۾ مون توکي چاندنيءَ ۾ اسنان ڪرايو هو. تنهن وقت تون شفان جي سنهي ساڙهي پائي منهنجي پٽ ۾ ليٽيل هئينءَ ان چاندنيءَ ۾ مون توکي ڀڪل ڏنو هو. ان چاندنيءَ جي چادر جي تهه هيٺان شفان جي آرپار.''

انيتا چانهه ۽ ٻه بسڪيٽ ٽري ۾ کڻي آئي ۽ اچي پاسي ۾ پيل ٽيبل تي رکندي چيو، ''دادا...'' اڃان گفتو پورو ئي نه ڪيو هئائين ته هن ڏٺو راجوءَ جو هٿ پٽ ۾ رکيل کونديءَ تي هو ۽ ٻيو هٿ سندس ڪاڏيءَ هيٺان، سندس اکين ۾ آلاڻ هئي.''

انيتا کي آيل ڏسي راجو سڌو ٿي ويٺو. انيتا سمجهي ويئي ته راجوءَ کي اڪيلائي کٽڪي رهي هئي، هن پيءُ کي چانهه ڏيندي پڇيو، ''ڇا پيا سوچيو دادا. مميءَ کي ياد پيا ڪريو.''

''بس ائين ئي پٽ، ويهه چانهه پيءُ.''

''چانهه ته مان پيئندس، توهين لڳي ٿو پوني ۾ هاڻ اڪيلا نه رهي سگهندا. هلو ممبئيءَ هلي رهو.'' انيتا چنتا جتائيندي چيو.

راجو چانهه مان ڍڪ ڀريندي چيو، ''نه پٽ هتي مان ٺيڪ آهيان، آڪاش شادي ڪندو ته گهر ۾ ٿوري چهل پهل ٿيندي سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. تون چنتا نه ڪر.''

ڏينهن جا سادا ٻارهان لڳا هئا. روز وانگر نارائڻ ڪاڪا پڇڻ آيو، ''منجهند جو ڇا ٺاهيان.؟''

راجو جواب ڏي تنهن کان اڳ ۾ انيتا جواب ڏنو، ''ڪاڪا، دادا نيرن تي ڀڳڙي کاڌي آهي، مونکي به خاص بک ڪانهي هلڪو ڪجهه ٺاهه.''

''ڪونئري ڪچڻي ۽ ڏڌ ڪيئن ٿيندو، آڪاش به ڪونهي.''

رهي آڪاش ليٽي پيو آسمان ۾ ڏسندي بادلن جي چرپر ۾ ڪويل.

"هتي باغ ۾ تازيون ڀاڄيون ملنديون آهن، وٺيون هلجني تہ هلي ڏسون." اوچتو پنهنجي واچ ڏانهن نهاري آڪاش چيو.

"هل تہ هلون."

هُئي باغ جي دڪان تي اچي پهرين تہ سڄو دڪان گهمي ويا. ڪجهہ ميوو خريد ڪيائون، ڀاڄين جي باغ ۾ اچي هُئي هڪ هُئي ڏانهن نهارڻ لڳا. هُئي سوچڻ لڳا، ڇا وٺن.

"ڪريلا ڊِنڊيءَ ڪي وٺندا آهن.؟" الڪا پڇيو. آڪاش جواب ۾ 'ها' يا 'نہ' چوڻ تنهن کان اڳ ۾ الڪا پڇيو، "ميها، ڪدو، ڀينڊيون ۽ توريون ٿا وٺون، اڄ رات جو انهن مان ڪجهہ نہ ڪجهہ ٺاهيندس باقي نارائڻ ڪاڪا پاڻئي سنڀاليندو."

"گهٽي گهٽي وٺان." آڪاش وزن پڇيو.

"500 گرام هڪ هڪ جا ڪافي ٿيندا." الڪا جواب ڏنو. ڀاڄين سان گڏ هن ٽماٽا ۽ سائو مصالحو بہ ورتو.

ٿيلهيون آڪاش کڻي هُئي ڪار ۾ ويٺا. شام جا پنج لڳا هئا. گهر تائين پهچڻ ۾ اٽڪل هڪ ڪلاڪ هو. آڪاش پوني ۾ ڀين ڏسڻ جهڙين جڳهين جو ذڪر ڪندي گهر پهچي ويو.

آڪاش الڪا کي ٻڌايو. "پوني ۾ مهاتما ڦلي جي نالي 117 سال پراڻو ميوزم آهي، جنهن ۾ هٿ جي هنر، کيتي ڪرڻ ۽ هنري ڪارخانن جو سامان رکيل آهي. هن ميوزم ۾ انساني ۽ جانورن جي عضون جي نمائش پڻ ڪيل آهي. نہ فقط ايترو هتي ڪيترن قسمن جي هٿيارن ۽ ڪپڙي ٺاهڻ جي اوزارن جي نمائش پڻ ڪيل آهي."

"هتي هڪ ٻيو بہ ميوزم آهي جو راجا ڊنڪر ڪيلڪر 1962 ۾ برپا ڪيو هو ۽ 1975 ۾ هن مهاراشٽر سرڪار کي دان ۾ ڏنو هو.

ويندو آهي.

امپريس گارڊن ونسپتي باغ آهي. گرم ملڪ ۾ هئڻ ڪري هتي هر قسم جي ڦلن سان ڪيترا وڻ ڀرپور آهن. هتي هڪ ننڍو زوُ پڻ آهي جو ٻارن جي وندر لاءِ ٺاهيو ويو آهي.

هو ڏس پاسي ۾ ريس ڪورس آهي جتي هر هفتي گهوڙا ڊوڙندا آهن جنهن ۾ هزارين درشڪ ايندا آهن ريس ۾ ڀاڱ وٺڻ لاءِ.

آڪاش ڪار امپريس باغ جي اندر پارڪنگ جي جاءِ تي بيهاري. الڪا سان گڏ اڳيان هلڻ لڳو ويهڻ جي جاءِ ڳولهڻ لاءِ.

”واهه هن باغ ۾ ته آنند اچي ويو. هر طرف ڦل ڦول. گل ۽ هيءَ ٺڏي هوا جا جهونڪا. دل تي ڪري هتي ڪنهن هڪ وڻ جي هيٺان جهوپڙي ٺاهي رهجي پئجي.“

”۽ نارائڻ ڪاڪا کي چئجي روزڪاڏي جو ٽفن هتي ڪٽي اچي.“ آڪاش الڪا سان سهمتي ڏيکاريندي چيو.

الڪا جو چهرو کلي اُٿيو. پريان هڪ بينچ نظر آيس ته ڊوڙي وڃي اُن تي ويهي رهي. آڪاش هن جي ڀڙ ۾ اچي ويٺو. وهندي ئي پڇيائين، ”توکي ميوزم ڏسڻ جو شونق آهي.“

”پهرين هن باغ جي خوبصورتيءَ کي ته ماڻڻ ڏي.“

”ماڻ خوب ماڻ. پاڻ ڪان الڳ ٿي ماڻ. مان به توسان گڏ آهيان اهو نه وسارج. مونکي به پاڻ سان گڏ رکي ماڻيندينءَ ته وڌيڪ ماڻي سگهندينءَ.“

”تون فلحال ته اکين ۾ سمايو آهين. دل جي دري گهڻي دور نه آهي.“ الڪا دل ئي دل ۾ آڪاش طرف نهاريندي چيو.

ٻئي ڪيتري دير بينچ تي ويهڻ ڪانپوءِ ڪيڏي مهل پاسي ۾ سائي باغ جي ٻاڙي تي اچي ويٺا کين به سڌ نه رهي. الڪا ويٺي

پنهنجو ڪمپيوٽر ڪڍي ٻاهر حاطي ۾ وڃي ويٺو ته اندران انيتا ڪيس سڏ ڪيو. ''آڪو 'آڪاش کي سڀ پيار سان آڪو ڪري ڪوٺيندا هئا.' اچ ڪاڌو ٽيبل تي آهي.''

راجوءَ سيني ڀاڄين جا ڍڪ کولي ڏٺا ته الڪا ڇا ڇا ٺاهيو آهي. هڪ ٻول ۾ بصر ۾ رڌيل چانور هئا، ٻئي ٻول ۾ سائي ڀاڄيءَ ۽ هڪ وڏيءَ پليٽ ۾ مصالحي ۽ بصرن ۾ ڀريل ٽماٽن ڌاڳو ويڙهيل چار ڪريلا رکيل هئا.

راجوءَ چيو، ''ڏسڻ ۾ ته سڀ سٺو ٿو لڳي، سنگهڻ ۾ به خوشبوئدار آهي، ڪائي ڏسون ته سواد ۾ ڪاڌو ڪيئن آهي.''

سيني پنهنجي پنهنجي پليٽ ۾ سڀ مان ٿورو ٿورو ڪڍي ڪائڻ لڳا.

راجوءَ کي ياد آيو ڪيئن هڪ دفعو مئٽيران ۾ ليڪڪن سان گڏ ويو هو ۽ هن سائي ڀاڄي ٺاهي هئي، سواد ۾ ته تمام سٺي هئي پر سڃي واريءَ سان ڀريل هئي ڇو ته هن پالڪ جا پتا ڌوتا ئي ڪونه هئا.

انيتا راجوءَ کي ڪجهه سوچيندو ڏسي چيو، ''دادا وري اِها مئٽيران واري ٺاهيل سائي ڀاڄيءَ جي ڪهاڻي نه ٻڌائجو، هزارين دفعا ٻڌي چڪا آهيون.''

الڪا اٽڪندا ڏيکاريندي پڇيو، ''ڪهڙي ڪهاڻي مان به ته ٻڌان.''

''مردن جي هٿ ۾ جي رنڌڻي جي چاهي ڏبي ته اهو ئي ٿيندو آهي جو مئٽيران ۾ ٿيو هو.'' انيتا کلندي چيو.

''پر ٿيو ڇا هو اهو ته اڃان ڪير نٿو ٻڌائي.''

انيتا ڪيس سمورو قصو ٻڌايو، ٽيئي مشڪندا رهيا ۽ راجو اڪيون هيٺ ڪري آرام سان کائيندو رهيو.

سيئي ڪاڌو کائي اٿيا. راجو ٽيبل ڇڏيندي چوندو رهيو،

جنهن ۾ 18-19 صديون پراڻو سامان رکيل آهن پر جنتا لاءِ 20 هزارن مان فقط 2500 ئي ڊيڪارڻ لاءِ رکيا ويا آهن. چيو وڃي ٿو ته هيءُ ميوزم مهاراشٽريه ۾ سڀني کان عمدو ميوزم آهي.'' آڪاش چوندو رهيو پر الڪا جي خيالن ۾ سندس آئينده جا سپنا آکيرو ڪرڻ لڳا هئا.

جڏهن هو آغا خان محل وٽان لنگهيو ته هن اُن محل جي باري ۾ چوندي ٻڌايو, '' هيءُ محلات سلطان محمد شاه آغا خان ٺهرايو هو. هيءُ محلات آزاديءَ جي ڏينهن جون ڪيتريون يادگيريون سيني ۾ سمايو هڪ يادگار محل بڻجي پيو آهي. هن ۾ مهاتما گانڌي ۽ سندس پتني ڪستوربائيءَ کي نظربند ڪري رکيو ويو هو. هتي گانڌيءَ جي فوٽن جو ميوزم پڻ آهي جنهنڪري هيءُ هڪ تيرٿ آستان بڻجي پيو آهي.''

جڏهن ڪٽراج نانگن جي پارڪ جو هن ذڪر ڪيو ۽ ٻڌايائين, ''اهو پارڪ پوني ستارا روڊ تي آهي, جنهن ۾ اٽڪل 160 قسمن جا نانگ آهن جنهن مان هڪ ڪوبرا نانگ 9 فوٽ ڊگهو آهي.''

الڪا هنکي اڌ ۾ ڪٽيندي چيو, ''اُن نانگن جي پارڪ کان وڌو نانگن جو پارڪ ته هيءَ دنيا آهي جنهن ۾ اسين رهون ٿا. هر قدم تي انسان جي روپ ۾ هڪ نانگ آهي, کهڙي وقت کهڙو نانگ ڏنگيندو خبر ئي نه آهي.''

ڪار بنگلي جي حاطي اندر آئي ته نارائڻ ڪاڪا ڪار جي اڳيان اچي ياچين سان پريل ٿيلهي ڪار مان ڪڍي اندر رنڌڻي ۾ هليو ويو.

انيتا ۽ راجو, راجوءَ جي ڪمري ۾ ليٽي ڳالهيون ڪري رهيا هئا. الڪا ڪپڙا بدلائي رنڌڻي ۾ هلي ويئي, آڪاش ڊائينگ ٽيبل تي رکيل پنهنجو لئپ ٽاپ ڪمپيوٽر تي ڪم ڪرڻ ۾ لڳي ويو.

نارائڻ ڪاڪا ۽ نرملا ڪاڪي ڊائينگ ٽيبل ٽاهڻ آيا ته آڪاش

ڪٿي خاص جڳهہ تي هلڻو آهي.“ ۽ آڪاش ڪار ڪٽي هليو ويو.

آڪاش آيو تہ ڏٺائين الڪا ۽ انيتا ٻئي تيار ٿي حاطي ۾ ڳالهيون ڪري رهيون هيون.

آڪاش ويجهو اچي پڇيو، ”ڊئڊي ڪٿي اندر آهي.“

انيتا جواب ڏنو، ”ٻاهر نڪتو آهي، ڪٿي ويو آهي ڪونہ ٻڌايائين.“

نارائڻ ڪاڪا ڪاڏي جو ٿفن اندران کڻي آيو ۽ آڪاش کي ڏنائين. آڪاش ٿفن وٺندي انيتا ۽ الڪا کي اٿڻ لاءِ چيو.

شروعات دائمي رشتي تي.

آڪاش ڪار هڪ ننڍري پهاڙيءَ وٽ اچي بيهاري، ڪار مان ٿفن ۽ هڪ باڪس ڪڍي انيتا ۽ الڪا کي مغلائي طريقي سان پنهنجيون ٻئي ٻانهون ڦهلائي ٽڪريءَ تي مٿي چڙهڻ لاءِ چيو.

الڪا تہ چپ رهي، انيتا پڇڻ ڪانسواءِ رهي نہ سگهي، ”هيءُ ڪٿي وٺي آيو آهين آڪا.؟“ آڪاش کي گهر ۾ سڀ پيار مان ’آڪا‘ بہ ڪري سڏيندا هئا.

”هيءَ ٽڪري پوني جي هڪ بيحد خوبصورت جڳهين مان هڪ آهي. مٿي هو ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پاروتيءَ جو مندر آهي جو سمنڊ کان بہ هزار هڪ سؤ فُٽ مٿي آهي. هڪ پراڻي وصيتي اڏاوت جا پيشوائي دور جي ياد تي ڏياري. پوني جي رهواسين لاءِ هيءَ هڪ روحاني راحت ڏيندڙ جڳهہ آهي.

الڪا ڌيان سان آڪاش جو ٽڪريءَ تي پاروتيءَ جي باري ۾ بيان ٻڌڻ سان گڏ مٿي چڙهڻ جا ڏاڪا بہ ڳڻيندي رهي. ٽيئي جڏهن مٿي پهچي ويا تہ الڪا خوشيءَ ۾ رڙ ڪري ۽ ٻارن وانگر ٽپو ڏيندي

”ڇوڪري تو تہ مونکي گيتا جي ياد ڏياري ڇڏي.“ هو پنهنجي اکين ۾ پرجي آيل ڳوڙها لڪائيندي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

اها رات سيني لاءِ ڳوري ڳوري ٿي گذري.

صبوح جو سيني گڏجي چانهہ پيتي، آڪاش تيار ٿيڻ لاءِ مٿي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. الڪا پيو ڪوپ چانهہ جو ٺاهڻ رنڌڻي ۾ هلي ويئي.

انيتا راجوءَ کان پڇيو، ”ڊئڊي الڪا ڪيئن ٿي لڳيو.؟“

راجوءَ جواب ڏيڻ ۾ ٿوري بہ دير نہ ڪئي، ”ڏسڻ وائسڻ ۾ تہ ٺيڪ ٿي لڳي، ڪاڏي ۾ بہ هٿ سنو اٿس، ڪپڙي لٽي پائڻ جو بہ ڏانءُ اٿس. باقي آڪاش تي ٿو مدار رکي، ڪيس فيصلو ڪرڻو آهي.“

”مونکي تہ توهانجي گهر لاءِ ٺيڪ ٿي لڳي.“

آڪاش تيار ٿي هيٺ آيو ۽ اچڻ سان نارائڻ ڪاڪا کي ڪوٺي کيس ناشتو ڏيڻ لاءِ چيائين.

الڪا چانهہ کڻي آئي هئي ۽ انيتا ۽ ڊئڊيءَ سان گڏ پي ختم بہ ڪئي هئائين. ٿپو ڏيئي ڦرتائيءَ سان اُٿي کڙي ٿي. ٿوريءَ ئي دير ۾ هڪ پليٽ ۾ هڪ ڪوڪي ۽ هڪ بول ۾ ڏڌ کڻي اچي آڪاش جي اڳيان رکندي راجوءَ کان پڇيو، ”انڪل توهان لاءِ بہ ڪوڪي ٺاهيان؟.“

راجوءَ ڪوڪيءَ جي شڪل ڏسي چيو، ”پل، اڄ سنان ڪرڻ کان اڳ ئي کائيندس. کڻي اچ انيتا ۽ پنهنجي لاءِ بہ کڻي اچ.“

آڪاش الڪا جي اندر وڃڻ کانپوءِ چيو، ”گهڻن ڏينهن کانپوءِ پوري گول ۽ سوادي ڪوڪي کاڌي آهي، مان ٿورو وقت آفيس مان ٿي ٿو اچان. الڪا کي چئج تہ تيار ٿئي ۽ اڄ تون بہ اسان سان گڏ هل،

ڏسندو هو. هن مندرن کان سواءِ هتي پاسي ۾ هڪ عجائب گهر به آهي جنهن ۾ پيشوا حڪمرانن جي تواريخي ڪارگزارين جو احوال ڏنل آهي ۽ اُن ڪانسواءِ هتي اُن وقت جي نڪتل چترن جا نقل، اُن وقت جا هٿيار ۽ سڪا پڻ رکيل آهن.''

اندر رکيل ديو ديوتائن جي مورتين لاءِ هن ٻڌايو. ''هيءَ سڀ مورتيون ڪرناٽڪ جي ڪاريگرن سوني ۾ گهڙيو ٺاهيون هيون جي پوءِ اُهي 1932 ۾ چوري ٿي ويون هيون ۽ اُن جي جاءِ تي چاندي جون ٺاهي مٿان سوني جو پاڻي چاڙهي رکيون ويون آهن. مرهٽن جي تواريخ ۾ هن پاروتي ٽڪريءَ ۽ مندرن جي خاص جڳهه آهي.

هن عجائب گهر جي پرِ ۾ شريمنت ناناصاحب پيشوا جي سماڌي آهي هت ئي هن آخرين دم ڏنو هو. هن ئي اهو مندر هن ٽڪريءَ تي 1749 ۾ ٺهرايو هو. چون ٿا ته ڪاشي ٻائي پيشوا ناناصاحب جي ماءُ جي ساڄي پير ۾ ڪا بيماري هئي. ڪنهن هنکي هن مندر ۾ اچڻ جو ڏس ڏنو ۽ جڏهن هوءَ مندر ۾ آئي ۽ پاروتي ديويءَ جي آشيرواد ورتائين ته هنجو پير بلڪل ٺيڪ ٿي ويو. نانا صاحب پوءِ پنهنجي ماءُ جي ڪيل منتا موجب هن ٽڪريءَ تي هڪ ٻيو وڏو مندر ٺهرايو. هن ٽڪريءَ جو ورنن ڇترپتي شواجيءَ جي آتم ڪهاڻيءَ ۾ به ڪيل آهي.''

آڪاش پاڻ سان کڻي آيل باڪس کولي اُن مان ٻه گلن جا هار ڪڍيا ۽ هڪ الڪا کي ڏيندي ٻيو هن الڪا جي ڳلي ۾ پائيندي چيو. ''الڪا تون هاڻ هن پل کان منهنجي سنگني، همراه ۽ جيون ساٿي آهين، ڇا توکي مون سان اهو رشتو قبول آهي.؟''

الڪا جي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا. گلن جو هار آڪاش جي ڳلي ۾ وجهندي هن آڪاش جي اکين ۾ نهاريو ڪاڄهه به چئي نه

چيو، ''هڪ سؤ اٺ.''

آڪاش جواب ۾ هلڪو ٽهڪ ڏيندي جواب ڏنو، ''برابر 108 ڏاڪا آهن هن پاروتي مندر تائين پهچڻ لاءِ.''

انيتا به الڪا جي هن معصوميت تي کلندي رهي.

آڪاش ڪارمان ڪٽي آيل اڇي چادر هڪ وڻ جي هيٺان وڇائي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي ببيهي چوطرف نهاري انيتا کي ڪوٺيندي چيو، ''واه هيءُ ڌرتي ۽ آسمان جي نزديڪي، دل ٿي چاهي هڪ پکي بڻجي اچان به مٿي اڏامي آسمان ۾ پکڙجي وڃان. اچو هتان سمورو پوني شهر جو نظارو ته ڏسون، پونو ڪيترو سهڻو ٿو نظر اچي.

ٽيئي ڪجهه وقت لاءِ خاموشيءَ سان چوطرف نهاريندا رهيا.

آڪاش پنهنجي واچ ۾ وقت ڏٺو ۽ چيائين، ''هاڻ اچو ته ماني کائون.''

الڪا ڪاڏي جو دٻلو کوليو ۽ پوريءَ ۾ پتاڻن جي پاڇي رول ڪري پهرين انيتا کي ڏني، ۽ پوءِ آڪاش کي، اهڙيءَ طرح پورين جا رول ٺاهيندي ويئي ۽ ٽيئي کائي اُٿيا.

ٽڪريءَ تي هڪ ڪنڊ ۾ پاڻيءَ جو نل هو، جتي ٽنهي هٿ ڌوتا. الڪا ڪاڏي جي دٻلن کي صاف ڪري اڇي وڇايل چادر تي رکيا.

آڪاش انيتا ۽ الڪا کي مندر ۾ اندر هلڻ لاءِ چيو، مندر ۾ رکيل مورتين جي باري ۾ ۽ مندر جي آس پاس جاين جي باري ۾ ٻڌائيندو رهيو، ''هن ٽڪريءَ تي پنج مندر آهن جي سترهين صديءَ ۾ هندو ديو ديوتائن، پاروتي، وشنو، گڻيش، ديوديشور ۽ ڪارتڪيه کي ارپڻ ڪري ٺاهيا ويا آهن. چيو وڃي ٿو ته پيشوا بالاجي باجي راءُ انگريزن جي ڪرڪيءَ ۾ ٿيندڙ جنگ جي هار جو نظارو هتان ويهي

گهر پهتا تہ ڏٺائون دادا ٻاهر حاطي ۾ لئمپ ٽاپ تي ڪاجهہ لکي رهيو هو. ٽيئي ڄڻا هن جي ويجهو آيا تہ آڪاش ۽ الڪا جي هٿن ۾ گلن جا هار ڏسي سمجهي ويو تہ هو ڪٿي ويا هوندا.

آڪاش ۽ الڪا هنجي اڳيان جهڪيا ئي مس تہ دادا ٻنهي کي ڪلهن کان ڪٽي پنهنجي گوڏن تي ويهاري الڪا کي چيو. ''تون هاڻ هن گهر جي نهن ئي نہ نياڻي بہ آهين. وري مونکي پيري نہ پئج، رهي آشيرواد وٺڻ جي ڳالهہ اها مائٽن وٽان ٻارن کي هميشهہ ملندي رهندي آهي.''

گهر جي وڏي هجڻ جي ناتي هن گهڻو ڪاجهہ چوڻ پئي چاهيون چئي بہ ها پر وڏيڪ ڪاجهہ نہ چئي فقط ايترو چيائين، ''ٻارو ادب ۽ جوابداري قدم سان قدم ملائي هلندا آهن. سو ايترو ياد رکجو.''

شام اچي تي هئي، نارائڻ ڪاڪا چانهہ جي ٽري آٽي ڪاڏي جي ٽيبل تي رکي ٻاهر اچي سيئي کي اندر اچڻ لاءِ چوڻ آيو تہ آڪاش ۽ الڪا جي هٿن ۾ گلن جا هار ڏسي سمجهي ويو ۽ چيائين. ''لک لک واڌايون دادا. توهان جو آڪاش هاڻ گهر گرهستي تي آيو آهي.''

وري رڙ ڪري چيائين. ''نرملا او نرملا مٺائي ڪٽي اچ ٻاهر اچي ڏس ڇا ٿيو آهي.''

نرملا ڪاجو ڪتري ٺاهي هئي اها هڪ پليٽ ۾ وجهي ڪٽي آئي ۽ اچي ٽيبل تي رکيائين تہ دادا ڪيس سڏيندي چيو، نرملا ڪاڪي سڀ ٻاهر ڪٽي اچ اچ سيئي هتي حاطي ۾ چانهہ پيئنداسين توهين ٻئي بہ اسان سان گڏ اچي ويهو.''

نارائڻ ڪاڪي نرملا ڪاڪيءَ کي اندران سڀ ڪٽي اچڻ ۾ مدد ڪندي پاسي مان ٻہ ٻيون ڪرسيون سيڙيندي نرملا ڏانهن نهاريندي چيو، ''اسانجو آڪاش شادي ڪري آيو اٿئي، ڪنوار کي مٺائي ڪاراءِ.''

سگهي. اکيون آليون انيتا جون بہ ٿي ويون الڪا کي پنهنجي اڳيان جهڪندو ڏسي هن الڪا کي پيار مان ڀاڪي پائي چيو، ”تون پهرين منهنجي سڪي سهيلي آهين. منهنجي آشيرواد توهان ٻنهي سان هميشهہ رهندي. الڪا تون ڀاڳن واري آهين اهڙو شاديءَ جو منڊپ توکي ڪٿي نہ ملندو. هنن ٻهاڙين کي، گلن کي، وڻن کي ۽ ٻيلچرن کي تون پنهنجي ڇاڄ سمجهہ، اُهي سڀ تنهنجا شاهد آهن ۽ نہ ئي منهنجي ڀاءُ جهڙو ٻيو ڪوئي توکي ملندو.“

الڪا پاڻ سنڀاليندي چيو، ”ديدي، هاڻ تہ توکي ديدي چئي سگهان ٿي نہ. بس دعا ڪرڄيءُ ساٿ ڀا عمر هلندو اچي.“

انيتا آڪاش کي بہ هڪ وڏو ڀاڪر پائيندي چيو، ”لک لک واڌايون ڀائرا سدا گڏ هجو ۽ خوش رهو.“

آڪاش انيتا ۽ الڪا ٻنهي کي گڏي ڀاڪي پاتي ۽ ڪيتري دير هنن کي ڀاڪر ۾ جهلي بيٺو رهيو.

جڏهن ٻئي هن کان الڳ ٿيون تہ آڪاش چيو، ”هيءُ سميہ وڏو طاقتور آهي، جا ڏور ٻڌجڻي هوندي آهي، اها ٻڌجي رهندي آهي، ڪڏهن ڪٿي ڪير نٿو ڄاڻي. هرهڪ رشتي ۾ هڪ احساس هوندو آهي، اهو احساس ئي آهي جو جوڙي ٿو رکي ٻن رشتن کي. هاڻ هلون دادا کي هيءَ خوش خبري ٻڌايون ۽ هنجي آشيرواد وٺون.“

ٽيئي پاروتي ٽڪريءَ تان هيٺ لهي ڪار ۾ اچي ويٺا. هن دفعي انيتا پٺئين سيٽ تي وڃي ويٺي تہ الڪا چيو، ”ديدي تون اڳيان اچي ويهہ.“

انيتا جواب ۾ کلندي چيو، ”ڇوڪري هاڻ اها گدي تنهنجي آهي، ان تي پنهنجو حق ڄمائي رک.“

الڪا شرمائجي اڳيان ويٺي ۽ آڪاش ڪار هلائڻ شروع ڪئي.

''انيتا پٽ اُميش جي شادي به ته ڏوهه ڏاهه سان ٿي هئي. ها منهنجي تنهنجي ماءُ سان شادي به گلن جي مالها سان ٿي هئي ۽ اها لڳ ڀڳ پنجاهه سال هلي.''

دادا ڪيرت به سويتا سان پيار جي شادي ڪئي. ڪيترا مهنا هڪ ئي گهر باندرا جي بزار گيٽ اسٽريٽ ۾. سويتا جو پاءُ گلاب ڀڳواناڻي ٽنهي ڀينرن سان گڏ پڻ ساڳئي گهر ۾ رهندو هو.

گلاب ڪيرت جو سنڌ کان وٺي دوست هو۽ ڪيس سويتا ۽ ڪيرت جي پيار جي ناتي جي ڄاڻ ڪونه هئي.

هڪ ڏينهن همٿ ڪري هن گلاب سان ڳالهايو ته هو سويتا سان شادي ٿو ڪرڻ چاهي. گلاب جي مالي حالت ايتري سٺي ڪانه هئي، ٻه ننڍيون ڀينرون پڻ اسڪول ۾ وينديون هيون.

هيلتائين گهر جو خرچ گلاب، ڪيرت ۽ سويتا جي ڪمائيءَ مان هلندو ايندو هو. گلاب جي چنتا هئي ته هو سويتا جي شاديءَ جو خرچ ڪيئن ڪري سگهندو.

ڪيرت دقيانوسي ريتين رسمن ۾ وشواس نه رکندو هو، پر سويتا شروعات کان وٺي ڌرم ڪرم جي پوئواري ڪندڙ هئي، جنهنڪري هن ڪي هر قسم جي رسم ادا ڪرڻي هئي.

ڪيرت سويتا کي سمجهائي ٻجهائي مڃايو ته هو فقط ڪن خاص دوستن جي سامهون هن سان گلن جي هارن پائڻ جي رسم ادا ڪندو، ۽ کيس وشواس ڏيارايائين ته هن جي پيار ۾ وشواس رکي.

۽ ڪن خاص دوستن جي حاضريءَ ۾ هڪ ساڙهيءَ ۾ آئيس ڪريم سان ۽ گلن جي مالها جي ڏي وٺ سان هنن جي جيون جو ٻنڌن جڪڙجي پڪو ٿي ويو.

ڪريبن پنجاهه سال هم سفر ٿي رهيا ۽ هنن ٽن لائق پٽن کي

''نرملا جون اکيون ته پرجي آيون هوءَ پنهنجي سڏڪي کي به روڪي نه سگهي. ٻڙڪي آواز سان چيائين، ''اڄ جي آڪاش جي ماءُ زنده هجي ها...''

دادا هنکي اڌ ۾ روڪي چيو، ''اڙي ڪاڪي ڪنهن توکي چيو ته آڪاش جي ماءُ اسان سان گڏ نه آهي.؟ هوءَ هتي ئي ته آهي، سڀ ڏسي ويٺي. هيءَ جا مٺائي تون ٺاهي کڻي آئي آهين اُن ۾ مٺاج هن جو ئي ته آهي. تون جو ڪاڏو ٿي ٺاهين تنهن ۾ جو سواد آهي اُهو سواد به ته هنجو ئي آهي، هن ئي ته سڀ ڪجهه توکي سيکاري هوشيار ڪري ڇڏيو آهي.''

انيتا پنهنجا ڳوڙها لڪائيندي منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيو، اهو ڏسي دادا چيو، ''پٽ منهن لڪائڻ سان ڳوڙها نه لڪائي سگهبا آهن. زندگي وڏي هجي اهو ضروري نه آهي زندگيءَ ۾ گهڻا ئي پل آهن، اسانکي ڏسڻو آهي ته هر پل ۾ گهڻيون زندگيون جيئڻيون آهن، تنهنجي ماءُ پنهنجي زندگيءَ جو هر پل جيئي هئي.''

دادا انيتا کي ڀاڪر ۾ جڪڙي ڇڏيو.

راجوءَ جي کائڻ جو وقت اچي ٿيو هو، انيتا هن کي کائڻ لاءِ ٽيبل تي ڪوٺيو ۽ پاڻ به هن سان گڏ ويهي رهي.

کائيندي انيتا پڇيو، ''دادا آڪوءَ ٺيڪ ته ڪيو نه.''

''پٽ مونکي هن عمر ۾ ڇا ڪرڻو آهي، جنهن ۾ توهين پيار خوش مان خوش هنجي زندگي آهي، جيئڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي الڪا لڳي ته سماجهو ٿي. وڌيڪ گڏ رهڻ ڪانپوءِ خبر پئجي ويندي.''

''دادا توهان اسان ڏيئرن جي شادي ته ڌوم ڌام سان ڪرائي، پوءِ هيءَ آڪوءَ جي اهڙي سادي نموني مندر ۾ فقط هڪ گلن جي مالها سان توهانکي ڪيئن ٺي لڳي.؟'' انيتا پڇيو.

قانونن موجب هو هئي وچي شادي رجسٽر ڪن.''

انيتا ڪي اهو سمجهاءُ دل سان ٺهڪي آيو ۽ هوءَ ''اهو ٺيڪ ٿيندو'' چئي ڪجهه وڌيڪ نہ چئي سگهي.

هيءُ بئي اڃان ٻاهرئي ويٺا هئا تہ آڪاش ۽ الڪا گهر جي گيٽ مان اندر ايندا نظر آيا.

راجوءَ آڪاش کان سندس حال احوال ورتو ۽ سيني کان موڪلائي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

انيتا تہ اڳيرئي ويٺي هئي، الڪا ۽ آڪاش بہ ڪرسيون سيرهي ويهي رهيا. الڪا جي چهري مان صاف ظاهر هو تہ هوءَ من ئي من ۾ ڪجهه سوچي رهي هئي جنهن لاءِ هن کي ڳالهائڻو هو پر ڪيس هٻڪ پئي ٿي. انيتا اهو سڀ ڀانپي ويئي هئي ۽ ترسيل هئي آڪاش ڪڏهن ٿو اندر وڃي. هن الڪا سان اڪيلائيءَ ۾ ڳالهائڻ پئي چاهيو.

''توهان صبوح کان هيتري اچ وڃ ڪئي آهي، ٿڪل هوندا وڃي آرام ڪريو.'' انيتا چيو.

''نہ ديدي مان تہ اڃان ٿڪي نہ آهيان، توسان ڳالهيون ڪرڻ ٿي چاهيان.''

''مان ڪپڙا بدلائي ٿو اچان، پر جي نہ اڃان تہ توهين پنهنجيون ڳالهيون پوريون ڪجو ۽ وري صبوح جو گڏ جنداسين.'' آڪاش چوندي چوندي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

انيتا الڪا جي چهري جو ڀاءُ ڏسي سڌو سوال پڇيو، ''الڪا مان سمجهان ٿي تون ڪنهن مونجهاري ۾ ڦٽيل آهين، کُل ڇوڪري کُل، جو دل ۾ اٿئي صاف صاف چئہ.''

الڪا اڃان بہ چپ رهي، انيتا وري چيو، ''لڳي ٿو تون جنهن

جنم ڏنو ۽ ڪيس ڪيترا پوٽا به آهن. نه فقط ايترو دادا ڪيرت پنهنجين ٻن سالين ۽ گلاب جي شادي به ڪرائي.

اصل ۾ ڏسجي ته هيءُ شاديءَ وقت جو اڊمبر، هيترا خرچ ۽ ڏيتي ليتيءَ جو مرض، ٻين جي اڳيان ڏيکاءُ ۽ اڊمبر ڪرڻ جي ريس سبب بدلجڻ ڪپي. اهو تڏهن ٿيندو جڏهن اسانجا جوان جاڳندا ۽ انهن مدي خارج رسمن جو خاتمو ڪندا.

راجوءَ محسوس ڪيو ته انيتا کي اجان به ڪجهه ٻڌائڻ جي ضرورت آهي، الڪا جي لاءِ هنجي چنتا سياويڪ هئي. هن چوڻ شروع ڪيو، ”انيتا پريم به سچ آهي، پريم بنڌن به سچ آهي، ساڳيءَ طرح انسان جو انسان ۾ وشواس جو هجڻ به سچ آهي. پراچين ڪال کان اسان جي ديش جون ناريون ورمالهائون ڪٽي پنهنجي چاهنا تي، پنهنجي پريم پاتر کي پريم بنڌن ۾ جڪڙي ڇڏينديون هيون. اهو اڄ به سچ هو اڄ به سچ آهي.

اهو پريم بنڌن، پشپ مالها جي اها ڳنڍ ڪيترن جنمن تائين به نٽي ٽٽي سگهي. قدرت جي ڪيترين رهسيه پرين ڳالهين مان هڪ هيءَ به آهي. پشپ مالها جي زندگي صرف هڪ ڏينهن، تڏهن به اها جڪڙي ڇڏي ٿي ٻن شخصيتن کي عمر ڀر لاءِ.

مالها جا گل مرجهائجي وڃن ٿا هڪ ڏينهن ۾ پر مسڪرائينديون ۽ ٽڙنديون رهن ٿيون به زندگيون. اُها مالها آهي ته نرمل ۽ نازڪ تڏهن به هن جو بنڌن ڪيترو نه مضبوط آهي. پهرين وشواس ٿيڻ ڪپي پوءِ پريم پاڻهي پڪو ٿي ويندو.“

انيتا چيو، ”دادا اهو سڀ الڪا کي ڪير ٻڌائيندو.؟“

”تون هنجي پڪي ساهيڙي آهين، تون پنهنجي ياءُ ۽ ساهيڙيءَ کي چڱيءَ طرح سمجهائين، وڌ ۾ وڌ هندستان جي موجوده قاعدن

پيار وشواس کانسواءِ اڌورو آهي، اُن ۾ ڪو بہ فرق نٿو پوي تہ پيار پهرين ٿو ٿئي يا ڪنهن شخص ۾ وشواس. اهو بہ ضروري نہ آهي تہ ڪنهن ۾ وشواس هجي اُن سان پيار بہ، پيار جا بہ ڪيترا روپ آهن مان جنهن پيار جي ڳالهہ تي ڪريان اهو تون سمجهين ٿي.''

''ديدي منهنجو مغز تو چڪرائجي، مون پنهنجي حياتيءَ ۾ اهڙيون ڳالهيون نہ ٻڌيون آهن. توهين لڳي ٿو ڪنهن ٻيءَ سماج ۾ رهندڙ انسان آهيو جن جون پنهنجيون ريتيون رسمون، پنهنجن رشتن ناتن نبائڻ جا الڳ طريقا. ۽ الڳ طريقا اُهي نبائڻ جا.''

''هڪ رات گذرڻ ڏي، صبوح هڪ نئين روشني ڪٺي ايندو.''

''ديدي مونکي ان رات کان ئي تہ ڊپ لڳي رهيو آهي. صبوح تہ ايندو پر رات ڪيئن گذرندي اهو نٿي ڄاڻان.''

''تون ان ڊپ کان تڏهن ئي نجات پائيندئين جڏهن تون ڊپ پريل رات کان گذرنديئن. هاڻي اُٿ مٿي هلون تون پنهنجي ڪمري ۾ وڃ.''

''اڄ رات ڇڏ ديدي، دادا جي هوندي مان آڪاش جي ڪمري ۾ نہ وڃي سگهندس.''

''اڙي منهنجي شرميلي سهيلي، اهو تہ بهانو ڪم نہ ايندءِ. هل تہ مان تي توکي ڇڏي اچان.'' مٿي وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪندي انيتا چوندي رهي، ''ڇوڪريون هن رات جي ايندڙ خوشيءَ جي پل لاءِ واجهہ واجهائينديون آهن. تون تي ڏاڪا چڙهڻ ۾ هچڪين پئي.''

''هچڪان نٿي ديدي، ڪجهہ سوچڻ لاءِ وقت کپي.''

''هاڻي سوچڻ جو وقت تہ گذري ويو آهي الڪا. جنهن وقت توکي سوچڻ کپندو هو تو تنهن وقت تہ سوچيو ئي نہ هاڻ جڏهن هيترو اڳيان وڌي آئي آهين تہ سوچڻ ڇاجو، ڏي ٽپي نڪ بند ڪري.'' انيتا هنجي سوچڻ جي بار کي هلڪو ڪندي چيو، ''جو ڪجهہ

نموني توهانجي شادي آهي ان مان خوش نه آهين.''

الڪا هچڪندي جواب ڏنو. ''ديدي اهو سچ آهي ته مون اهو سڀ نه سوچيو هو جو ٿي ويو. مون هن قسم جو جيون پر جو ساٿ ٿيندو نه ٻڌو هو ۽ نه ئي سوچي ٿي سگهان، هر ڇوڪريءَ جو هڪ سپنو ٿيندو آهي هٿن تي ميهندي لڳائڻ، ٻاڙهي ذري لڳل ساڙهي، زيورن ۾ سينگاريل ٻانهون ۽ گلي ۾ هيرن جو نه ته سوني جو چمڪندڙ هار، گهونگهٽ ۾ شرمائيندڙ ڪنوار جو ئي روپ منهنجي ذهن ۾ هو.''

''تنهنجو اُن قسم جي شاديءَ ۾ وشواس آهي، پر الڪا جنهن نموني آڪوءَ ۽ تنهنجي ورمالها ذريعي جيون جو ٻنڌن ٿيو آهي اهو نئون نه آهي. منهنجي دادا ۽ مميءَ جي به اهڙي نموني ئي شادي ٿي هئي. تنهنجي اچڻ کان اڳ ۾ دادا مونکي اُن ورمالها جو مهتوءُ ئي ٻڌائي ويٺو هو.''

''مثال طور.؟''

''مثال گهڻيئي آهن، پراچين ڪال کان اسان جي ديش جون ناريون ورمالهائون ڪٽي پنهنجي چاهنا تي، پنهنجي پريم پاتر ڪي پريم ٻنڌن ۾ جڪڙي ڇڏينديون هيون. اهو اڳ ۾ به سچ هو اڄ به سچ آهي.''

''ديدي سچ جو روپ ته هر وقت، وقت جي بدلجڻ سان بدلجندو رهندو آهي.''

''ڪو سچ آهي جو وقت جي بدلجڻ ڪانپوءِ به نٿو بدلجي، جيئن ته پتل کي اسين تجوڙين ۾ بند ڪري رکڻ سان سون جيترو اُن کي قيمتي نٿا بڻائي سگهون ۽ نه ئي سون کي پتل وانگر رستي تي ڦٽي ڪرڻ سان اُنجو چمڪو گهٽائي ٿا سگهون. مطلب ته اسين سچ کان اکيون نٿا پوري سگهون. اهو سچ آهي. اهو سڀ سچ آهي. الڪا

جو پنهنجي سيپتا ۽ پراچينتا سان ڪنڌ اوچو ڪري بيٺو آهي. جنهنڪي انسان پنهنجو رهبر ڪري اُن جي اوٽ ۾ دنيا جي وڌندڙ قدمن تي اڳتي وڌندي فخر ڪري رهيا آهن. اُن اتهاس ڪان اسين اکيون پوري نٿا سگهون. اُن ڪان بيپرواه رهي اُن کي نظرانداز به نٿا ڪري سگهون. انڪري ئي اسين سڀ به ڪوٺايون ٿا.

ڪيرپل چوي ته اهو سڀ ڪوڙ آهي، پل وشواس نه هئڻ جي به ڪوڙي هام هٽي. ليڪن، ليڪن اجنتا ۽ ايلورا جي ڪلا. جا پنهنجي هر پٿر ۾ ڪلا جو زنده مثال سمائي ڪڙي آهي، جنهنجي بيمثل سنگتراشيءَ بيجان پٿر ۾ جان پري ڇڏي آهي. اهو ته ڪوڙ نه آهي.

ڪير وساري سگهندو شاهه جهان جو امر سپنو جو حقيقت جي روپ وٺي جمنا نديءَ جي ڪناري، پنهنجي سيني ۾ پريم ديوتا کي قيد ڪري، خاموش ڪڙو آهي اهو به ڇا سچ نه آهي.؟

والميڪيءَ جو رامائڻ، ويدوياس جو مهاڀارت، ڪاليداس جي شڪنتلا جو ميگهدوت ڪمار شمڀوءَ جي ڀڳوان ٻڌ جو مڪتي مارگ ۽ پين به ڪيترن مهاپرشن جون انيڪ رچنائون جي پنهنجي ڪلا، سنگيت ۽ نرتيه سان ڪشمير ڪان ڪنياڪماريءَ تائين پهاڙن، ندين، جهنگلن، راهه جي هڪ هڪ پٿر تي ۽ ڪيتن ۾ سمايون پيون آهن. اُن ڪان وڏي حقيقت ته تي نٿي سگهي.

جيئن اِهو سڀ سچ آهي تيئن انسان جو جمڻ انسان جي حياتيءَ ۾ ٿيندڙ گهٽنائن ۽ آخر ۾ انسان جي موت کي سچ جي روپ ۾ سويڪار ڪرڻو ئي پوندو.

انسان جو دک سک، آشا نراشا، لڙڪ مرڪ اهو سڀ جيون جون حقيقتون آهن. اهو دک نه هجي ها، اهي آنسون نه هجن ها ته اڄ جمنا جو ڪنارو تاجمحل ڪانسواءِ اڪيلو ۽ سڃو هجي ها. اها

ب سوچڻو اٿئي پنهنجي روم ۾ وڃي سوچج.''

الڪا هچڪندي اُٿي ۽ انيتا سان گڏ مٿي وڃڻ لڳي. ڏٺائين آڪاش جي روم جي بتي اجان ٻري پئي. آهستي آهستي اندر آئي ته ڏٺائين آڪاش اجان جاڳيو پئي ۽ لڪڻ واري ٽيبل تي پنهنجي لئپ ٽاپ تي ڪم ڪري رهيو هو. الڪا جي ڪمري اندر اچڻ ڏانهن هن ڌيان نه ڏنو.

الڪا بستري تي گلاب جي گلن جون پنکڙيون ڏسي سمجهي ويئي ته اهو سڀ انيتا ئي ڪيو هوندو. هنجي وهاٽي جي مٿان ڪي پنا رکيا هئا. پهرين پني تي پنهنجو نالو ڏسي هن پنا کڻي پڙهڻ شروع ڪيا لکيل هو.

''پياري الڪا،

مان تنهنجي من ۾ اُٿيل ڪيترن ئي سوالن کي ڀانپي ويو آهيان، تون اُهي سوال پڇڻ چاهيندي به پڇي نه سگهي آهين. ان ڪري هيءُ پتر لکي رهيو آهيان. ماميءَ وٽان موٽندي تنهنجو شانت رهڻ مونکي کٽڪيو پئي.

مونکي ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ياد ٿيون اچن. ڪهاڻيون جيڪي هزارين سال پراڻيون هوندي به پراچين هوندي به اڄ به نيون آهن. اڄ به جنجي جهلڪ جهڪي نه ٿي آهي. اڄ به اُهي انسانن لاءِ هڪ وڏي حقيقت بڻجي بيٺيون آهن. اڄ به جي دهرائجي رهيون آهن.

اُهي ڪهاڻيون ئي ته انسانن لاءِ جيون آهن. اُهو ئي ته آهي انسان جو خزانو. اُهي ڪهاڻيون اڄ به موجود آهن. تڏهن ئي ته چوندا آهن ته اتهاس ديش جو خزانو ٿيندو آهي. پر اتهاس آهي ڇا؟ اِهو ئي ته ماضيءَ جي ڪيترين ئي گهٽنائن جو هڪ امر نشان، جو پنهنجي جيت هار جو، دک سک جي داستانن سان پريو پيو آهي، ۽

تي پنهنجي گهري درد جي ڇايا وجهي ڇڏي.

نديءَ جون لهرون ڪناري سان ٽڪريون ٽڪريون ٽڪرجي، ڇڻ... ڇڻ سڏڪا ڀري اٿيون. مست هوا جا جهونڪا نه ڄاڻ ڪهڙي درد ۾ ڀرجي وڻن جي پنن سان، گلي لڳي روڻ مچائي اٿيا.

رشيءَ جو من ساڌنا ڪهڙي ڪري.؟ ساڌنا ڪرڻ سان ئي ته هنجو من، دک سک کان مڪت ٿي ويو هو.

اچانڪ اُن وقت جي اُن پوئين پهر ۾ جڏهن روڻ ڇڻ ساڪيات روپ ڌارڻ ڪري پنهنجي سڏڪن جي جهيٽي آواز سان چوطرف کان انيڪ پراڏا بڻجي ڦهلجي ويو، تڏهن تپسيا ڪندي پتر من درد جي هڪ تکي لهر کان لڏي اٿيو. ۽ اهوئي درد اهوئي روڻ اُهيئي سڏڪا، اُهيئي آنسون اُن گهور انڌياري بن ۾ شانت ئي شانت ۾ سنسار جي سڀ کان پهرين ڪويتا بڻجي امر ٿي ويئي.

اِهو رشي هو مهاڪوي والميڪي. اُها ناري هئي ستي جڳت جنني انپورڻا ديوي سيتا. ۽ اِهو روڻ ڪويءَ جي رامائڻ ۾ سيتا جي تياڳ واري انڪ ۾ امر بڻجي ويو. اِها وارتا اتي ئي ائين ئي ختم نه ٿي.

انيڪ سوال آهن جن جو ڪو جواب سولو نه آهي. ڪهڙو ڪارڻ هو جو سيتا رام سان چوڏها ورهيه بنواس ڀٽڪندي رهي؟ ڪهڙو ڪارڻ هو جو سيتا راوڻ جا ظلم سهندي رهي؟ راوڻ وٽ سڀ ڪجهه ته هو، ڌن، دولت، وديا، شڪتي، گيان... ۽ پوءِ به رام جو وڇوڙو سهندي هوءَ رام سان پنهنجو سنبنڌ ٽوڙي نه سگهي. چاهي ها ته ٽوڙي به سگهي ها. ڇا هنکي اهو خيال ڪڏهن هنجي سپني ۾ به آيو هوندو.؟

ڪهڙو ڪارڻ هو جو اگني پريکيا ڏيڻ ڪانپوءِ به وري هڪ دفعو

آشا نہ هجي ها، اها مرڪ نہ هجي ها تہ هماليہ جي چوٽيءَ تي انسان وڃي وجيہ جو جهنڊو بلند نہ ڪري سگهي ها. اهو سڀ سچ ئي تہ آهي. اهو سڀ سچ آهي ۽ ان ئي روپ ۾ سچ آهي.

اسان اُن جو روپ بدلائي بہ نٿا سگهون. ايلورا جي غفائن ڪي تاج محل جو نالو ڏيئي، دنيا جي عجيب عمارتن ۾ آڻي بہ نٿا سگهون.

اڄ ڪالهہ شرت چندر جو شريڪانت ويٺو پڙهان. انڪري ڪجهہ ڪجهہ انجو اثر ۽ ڪي مثال ضرور ياد پوندا.

هيءَ وادوواد ڇو ڇيڙيم.؟ تون سمجهندي بہ سوچيندين تہ اتهاس ۽ پراڻن مان کهاڻيون ڪوڻي، بنا ڪارڻ ڇيڙڻ مان فائدو ڪهڙو؟ اهو سڀ ڪجهہ ئي تہ ٻڌائڻ ويٺو آهيان.

پنو ۽ پين کڻي ويٺو آهيان تہ ٻڌائيندس ئي. پل هن ڪئلينڊر جو دائرو تنگ ٿيندو وڃي، پل هن گهڙيال جا ڪانٽا بہ ڦرندا رهن، ليڪن اُن ’ليڪن‘ ڪي وٺي مان اجان بہ ڪجهہ چوڻ چاهيان ٿو، ڪجهہ ٻڌائڻ چاهيان ٿو. شايد ڪيترائي داستان ٻڌائي وڃان.

تڏهن بہ اُنهن انيڪ داستانن مان هڪڙو چپ چاپ، خاموشيءَ سان منهنجي ڪلپنا جي پنکڙين تي قدم کڻندو دل ۾ سمائجندو ٿو وڃي. جو دل ۾ سمايل آهي، سو ئي اڄ هن قلم ذريعي پني تي اچي رهيو آهي.

رات پنهنجا ڪارا نيڻ کڻي، سوريہ ديو جي پهرين ڪرڻي جي انتظار ۾ پورب طرف آڪاش ڏانهن نهاري رهي هئي. پريات جو سميہ اچي ويو، هڪ رشي نديءَ ڪناري پنهنجي اپاسنا ڪرڻ لاءِ خاموشيءَ سان قدم کڻندو هلندو پئي ويو. نيڪ تنهن وقت ڪنهن ناريءَ جو رودن اُن تپوبن ۾ گونججي اُٿيو. رودن... هاءِ اهو رودن ڪهڙو هو.؟ ڪهڙو هو سو رودن جنهن جي هر ڇيز تي، پتي پتي

اهو اسانجي ڀارت ديش جو اتهاس آهي. هاڻ ٻڌنديئن ديو لوڪ جو اتهاس.؟

ڀڳوان شنڪر جو جڏهن اپمان ٿيو هو، تڏهن پتا ماتا جو به ڪو خيال نه ڪري... ستي آگ ۾ پاڻ کي جلائي ڀسم ڪيو هو، اُن وقت هن جي هرديه ۾ هنجي امر تمنا ڪهڙي هئي ڄاڻين ٿي؟.

اها ئي ته ٻئي جنم ۾ به سندس ۽ شنڪر جو سنبنڌ ساڳيو پتي پتنيءَ جو قائم رهي. ۽ ٻئي جنم ۾ هماليه پتري پاروتي بڻجي، ساڌنا ۽ تپسيا ڪري هن پنهنجي اڳئين جنم جي پشپ مالها جو سنمان رکيو هو.

اُهائي پشپ مالها ته هئي جنهن هڪ دفعو وري هميشه لاءِ مرتيو ديو ڪيلاشپتي ڀڳوان شنڪر کي جنهن خود ڪام کي ناس ڪري ڇڏيو، پر اُن پشپ مالها جڪڙي ڇڏيو اُن جتاداريءَ کي به پريم ٻنڌن ۾...!!

اسانجي ديش جون راجلڪشميون، اسانجون پوجنيه ماتائون، ڀينرون ۽ پريم پريتمائون آد ڪان اُن پشپ مالها جي لاج رکنديون آيون آهن. ڪهڙي ديش ۾ اُن ناريءَ آدر ۽ سنمان لاءِ ڌرتي ۽ آڪاش جو ڪنارو به خون سان رڱجي لال ٿيو آهي؟ هن ئي اوچ ديش ۾ ڪيتريون استريون پتيءَ جا ظلم سهي سگهن ٿيون، هتي ئي ڪيتريون ماتائون پتيءَ جو ڏنل اولاد سيني سان لڳائي ڏک سهندي به مسڪرائين ٿيون.

هتي ئي وواهه ٿيڻ ڪانپوءِ به صرف هڪ ئي ياد جي سهاري هرڪا استري زندگيءَ جو سفر ڪاٽي ٿي ڇڏي ڪا شڪايت ڪونهي، ڪا به دانهن ڪونهي. اسانجون ناريون ته پريم پريون آهن، هنن جي دل ۾ ته سنگيت پريو پيو آهي.

هوءَ رام جي انيائي آگيا سويڪار ڪري بنواس ۾ آئي. هڪ ڪن لاءِ به هن جي من ۾ رام لاءِ ڪا شڪايت پيدا نه ٿي هئي. انت ۾ ڌرتي ماتا جي گود ۾...! اهو هو ناري سويمان.

ڪيترا سوال آهن ڪير انهن سوالن جو جواب ڏئي به سگهندو؟ هڪ جواب منهنجي سيني سوالن ڪي مٿائي ٿو ڇڏي. تون پڇندين ڪهڙو جواب؟. ته ٻڌ...

هن ڪئلينڊر جو ته شايد نالو نشان به نه هو ۽ پٿيان هن گهڙيال جي ڪانٽن کي نه معلوم ڪيترا چڪر پوئتي ڦرڻ سان به شايد هزارين سال لڳي وڃن. تڏهن ته چوان ٿو... ڪيترا سال اڳ هڪ راج سڀا ۾ هڪ ناريءَ هڪ پشپ مالها. ور مالها بڻائي هڪ پرش جي ڳلي ۾ وڌي هئي. اُن مالها هڪ اهڙو بندن ٻڌي ڇڏيو هو، جنهن پنهنجي پرائي پٽي جا حق ختم ڪري ڇڏيا هئا. جو بندن ڪڏهن به نه ٽٽو.

شايد اهو بندن ٽوڙڻ لاءِ ڀڳوان شنڪر جي تباهي ۽ زلزن جو تانڊوُ نرتيه به ڪافي نه آهي. اِهو پشپ مالها جو بندن ڪڏهن ٽٽي ئي نٿو... ڪڏهن ٽٽي نٿو سگهي.

اهو به ته اسانجي ڀارت ديش جو اتهاس آهي، ڪير شايد زبان سان 'هون' چئي ۽ نڪ کي موڙ ڏيئي ڏارين جي اشانت ڪندڙ سيتا جي اٿر هيٺ ائين به چئي ته اهو سڀ ڪوڙ آهي.

"سڀ ڪوڙ آهي" ئي چوڻ سان ئي ڇا ڪاجهه ٿي ٿو وڃي.؟ ايتري سچ کي ڇا، ائين چوڻ سان ئي ڇا ڪير ڪوڙ هئڻ جو ڪوڙو ڪلنڪ ڏيئي سگهي ٿو؟ ائين ڪري به ڇا ڪير سچي هئڻ جو خطاب ادا ڪري خوش رهي سگهي ٿو.؟ هيءُ سڀ ريتيون رواج انسانن جا بڻايل آهن، جن جي ڪُروپ جي به توکي ڄاڻ هوندي.

پشپ مالها جي گلي ۾ پوڻ سان هڪ اهڙو سنبنڌ پڌجي ٿو وڃي جو ٽٽڻ جو ناهي. اهو اُهو بہ سچ آهي. ڪوئي ڀل چوي تہ ”نہ اهو سڀ ڪوڙ آهي.“ ليڪن سچ تہ سچ ئي ٿو رهي، سچ تہ امر آهي، سچ تہ مٽي نٿو سگهي.

ڏينهن ڏٺي جو ڪو پنهنجيون اکيون بند ڪري پاڻ لاءِ انڌيرو پيدا ڪري ڇڏي تہ نہ هيئنر ڏينهن نہ آهي رات آهي انڌڪار آهي. تہ ڇا هنجي چوڻ سان ڇا ڏينهن رات ۾ بدلجي ويندو؟

اڄ رهڻ ڏي ان ڳالهہ کي ايستائين...! ٿٽڏي آہ پري نہ تون ئي ان کي بدلائي ٿي سگهين ۽ اونهو ساهہ ڳٽي نہ مان ئي انُ کي مٽائي ٿو سگهان.

ڀارت جي اتهاس کي ديش جي راجلڪشميءَ کي، راجلڪشميءَ جي سنيهہ ۽ پريم بنڌن کي اڄ اتي ئي رهڻ ڏي.

پر جو ڪاجهہ دل ۾ آهي انُ کي اتُي رهڻ نہ ڏيندس. ڪيرائين چوي تہ هو هليو ويو ۽ ڪٽي ويو پاڻ سان سڀ ڪاجهہ. اِهو رهسيہ ڇا مونکي مرڻ ڪانپوءِ اتُي هلڻ ڏيندو؟

اڄ جو تنهنجي گلي ۾ پشپ مالها پائي مان پنهنجي پريت جي آخرين پريچيہ ڪرائي آهي، تنهن وچ ۾ ڇا پريچيہ جو پهريون پل بلڪل ئي ختم ٿي ويو؟ انُ جي ڇا ڪا قيمت يا مهتوءَ ڪونهي؟ ڪو ملهہ نہ آهي انُ جو؟ انُ پريچيہ جي پهرين پل تي ئي تہ اسانجي پريچيہ جا ’پريم جا انيڪ انمول پل اڇلتا سان بيٺا رهندا، اهُي ئي تہ اسانجي زندگيءَ سان جڪڙيا پيا هوندا. اسانجي جيون جو حصو بڻجي چڪا آهن. جدا ڪرڻ سان بہ الڳ نہ ٿيندا. وسارڻ جي ڪوشش ڪرڻ سان سندن ياد جي ڏوري اسان کي جڪڙي ئي ڇڏيندي. اهڙي ئي هڪ پل جو سهارو ڇا خوشيءَ جو باعث نہ آهي.

اها پهرين گهڙي، تنهنجو سرخ چهرو، شرميليون اکيون، تنهنجن

هنن جي پلڪن جي سيتل ڇايا ۾ ته جيون پئي پلجي. پريم جي ورڪا ڪندڙ اُها متوڪري ئي پريم جو، ورمالها جو اپمان ڪري ها ته اڄ سنسار سڄو هنجي ها ڪويتا ۽ ڪلا ڪان... سنگيت ۽ پريت ڪان...!

هماليه جي ڇايا ۾، گنگا ۽ سنڌوءَ جي گود ۾ هن ڀارت ديش جي باري ۾ جڏهن مان سوچيان ٿو تڏهن مونکي لڳندو آهي ڄڻ اسانجي سيتا، ساهتيه، ڪلا ۽ وديا ڪي ڄڻ استريون ئي پنهنجي سيني سان لڳائي، پريم، ديا ميا ۽ ڪروڻا سان پالي ڦولي ڦلايو آهي. پرش صرف هٺ ۾ هٿيارڪٽي انهن جي نگهباني ئي ڪئي آهي. اُهيئي ناريون يعني توهين جي اسانجي سيتا ۽ ڪلا جون پالنهار آهن، سي ئي ڇا اُن جو پنهنجن ئي هٿن سان گلو گهٽي سگهنديون.؟

ناممڪن آهي...!

توکي ياد هوندي هڪ ڳالهه، جا مون پرش هوندي به توکي ٻڌائي هئي.

جنم وٺندي ئي ٻار ٻارن وانگر ئي ٿا پلجن، اُنهن ۾ اها ٻوجهه ڪونهي ته هو ڇوڪرو آهي يا ڇوڪري، ته به جو سچ آهي اُهو ظاهر ٿيو ئي پوي.

ڇوڪري ممتا جا گڻ نه وڃائي، هڪ ڪپڙي جي گڏي ٺاهي، ڇاتيءَ سان لڳائي، لولي ڏيئي جيئن هنکي پالڻ جي ڪوشش ٿي ڪري، اُن کي ڪير به بدلائي نٿو سگهي.

سائنس ڪيتري به ترقي ڇو نه ڪري، رشيا ۽ چين وانگر دنيا جي هر ملڪ ۾ ڇو نه هر ناري مرد جو درجو پائي، پر ته به اُن اڪيلي سچ کي جو سچ ممتا جي ڀاؤ کي هر ناريءَ جي سيني ۾ لڪل آهي اُن کي هو مٽائي نٿا سگهن. سپ گڏجي به نه، وقت به اُن کي مٽائي نٿو سگهي. هر ناري هڪ دفعو جيستائين پنهنجي گود نه ڀري آهي، اُها هن جنم کي سڦلو سمجهي اُهو ممڪن نه آهي.

ڪري هيءُ خط بہ پورو ٿيندو ئي.

پيارن مان تنهنجو ٿي ويل آڪاش.

الڪا خط پڙهي پنهنجي ڇاتيءَ تي رکي اکيون بند ڪري سمهي پيئي. آڪاش پنهنجو ڪم پورو ڪري جڏهن بستري تي الڪا جي پڇ ۾ اچي سمهيو تہ الڪا جي چهري تي هلڪي مسڪراهٽ هئي. هنجي وارن کي سنواري آڪاش اکيون بند ڪري سمهي پيو.

آڪاش کي ننڊ ڪونہ هئي، ننڊ الڪا کي بہ ڪونہ هئي الڪا پنهنجي ٻانهن آڪاش جي چوڙاري ڦهلائي هن طرف ڇڪاجي ويئي ۽ ان ڪانپوءِ ڪڏهن ٻنهي کي ننڊ اچي ويئي ٻنهي کي سڌ نہ رهي.

صبوح ٿيو الڪا پاڻ سنڀالي اُٿي ڪڙي تي، آڪاش طرف هڪ نظر ڦيرائي پنهنجي وارن جي لڙي وهاٽي تي پنهنجا سهاٽا سپنا وهاٽي جي هيٺان ڇڏي بسترو ڇڏي اُٿي ويئي.

هن محسوس ڪيو ڇڻ هنکي جيئڻ جو سهارو ملي ويو، هڪ اهڙو سهارو ملي ويو جو هن چاهيو پئي.

سامهون هڪ چتر ٽنگيل آهي، 'پرياچيہ جي اها پهرين گهڙي'. سنسار جي سموري سندرتا ۽ پيارڪٽي هڪ اڻ ڇاتل ناريءَ جي اکين مان هڪ ڌارا جيان وهندي، هن پرش جي اکين مان راهہ ٺاهي، جڏهن دل ۾ سمائجي ويندي آهي. تڏهن اها گهڙي زندگيءَ جي انمول سيني گهتنائن کان وڌيڪ متر ۽ سيني يادگيرين کان وڌيڪ پريہ بڻجي امر ٿي ٿي وڃي.

پل نہ گهڙيون بہ نہ، 10 ڏينهن گذري ويا. هڪ ڏينهن صبوح جو جڏهن چار ئي پهرين چانهہ پي رهيا هئا تہ انيتا چيو، ''مان سياٽي ممبئيءَ تي وڃان. ڪافي ڏينهن کان وڌيڪ ڏينهن گذري ويا آهن.''

آڪاش چيو، ''ڇو ممبئيءَ ۾ تنهنجو ڪهڙو ڪم رکيل آهي، اڪيلي اُتي وڃي ڇا ڪنديئن.؟''

سنهڙن چپن تي اُها مدرمسڪان ڇا ڪجهه ڪانہ هئي، جڏهن توچيو هو، ”آڪاش جنهن سهاري لاءِ مان پٽڪندي رهي آهيان، اهو مونکي تو وٽان ئي جي ملي تہ مان خوشيءَ سان قبوليندس.“

سنسار ۾ هرڳالهہ جي بنياد جوئي تہ ملهہ ٿيندو آهي. بنياد ڪانسواءِ تہ هڪ جهوپڙي بہ نٿي بڻجي سگهي.

۽ اهُا پشپ مالها...! جنهنجي هرقول جي هرهڪ پنکڙيءَ تي منهنجي معصوم محبت جي ڪهاڻي لکجي ويئي آهي. هرپنکڙيءَ تي جا پريم ڪهاڻي لکجي ويئي آهي. انُکي بہ ڇا ختم ڪري سگهنداسين.؟

۽ تنهن سان گڏ تنهنجي منهنجي پريم ڪهاڻيءَ جا لکيل آهي، انُهن رستن تي اسانجي گڏ ڪنيل هڪ هڪ قدم تي، شهر جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ جو سمايل آهي، رات جي اونداهيءَ جو اسان سان ساڻ هئي... تو ۽ مون ان سپنن جي جهولي ۾ ويهي آڪاش کي ڇهڻ جي جا ڪوشش ڪئي هئيسين گيت جو ڳايو هئوسين سو بہ ڇا تون...؟ مجيم تون ائين ڪري بہ سگهين. ليڪن اڄ جو سنسار جا سمورا گل پنهنجي سيني ۾ اسانجي پريم ڪهاڻي سمائي ڪڙا آهن، انهن کي ختم ڪري سگهنديئن.؟

تنهنجي گلي ۾ مالها پهرائڻ ڪانپوءِ زندگيءَ ۾ جو بار مون کنيو آهي، انُ جي جوابداري صرف مون اڪيلي تي ئي نہ آهي تنهنجو بہ انُ ۾ حصو آهي.

اگر تون پنهنجي فرضن کان منهن موڙي وينديئن تہ اڪيلو مان اهو بار ڪيئن کڻندس مان اهو ئي سوچي رهيو آهيان. ليڪن انُ سچي فرض کي وٺي اڪيلو ئي جيون ياترا ڪندي وشال سنسار جي ڪنهن شانت ميہ ڪنڊ ۾ خاموشيءَ سان اڪيون پوري سگهان، اهو ئي مان چاهيان ٿو.

گهڻو ڪجهہ لکيو اٿم جنهن جي شروعات ٿيندي آهي انُ جي پڇاڙي بہ ٿيندي آهي. اها ئي سنسار ۽ ڪائنات جي سپاويڪ ريت آهي. ان

''دادا بلڪل ٺيڪ ٿو چوي الڪا.'' انيتا فيصلو ڏيندي چيو.
''ان حالت ۾ آڪاش کي به ٿورا ڏينهن هلڻ کپي، جيئن ڪنهن دلال کي فليٽ لاءِ مسواڙي ڳولهڻ لاءِ چئي سگهي.''

''منهنجي هلڻ جي هاڻي ضرورت نه آهي، منهنجو هڪ هٿيڪو دلال نوراني آهي هو پاڻ ئي سڀ ڪجهه ڪندو. آخر ۾ جڏهن ائگريمينٽ ٿيڻي هوندي مان اچي ڏسندس.''

''ته پوءِ اهو طئه ٿيو ته اسين هئي ٿيون وڃون، باقي ڪڏهن اهو سوچڻو آهي.''

''اڄ 7 تاريخ آهي، 14 تاريخ وڃجو.'' دادا حق سان چيو.

''چڱو مان آفيس لاءِ تيار ٿيان.'' آڪاش اٿندي چيو.

''مان هڪ چانهه ٻي به پيئندس، توهان مان ڪنهنکي پيئڻي هجي ته مان ٺاهيان ٿو.''

''دادا توهين وهو مان ٿي ٺاهيان.'' چئي الڪا اُٿي ڪڙي ٿي.

آڪاش تيار ٿي هيٺ لٿو ته هن لاءِ نارائڻ ڪاڪا نيرن ڪڻي آيو. آڪاش اڪيلو ئي نيرن ڪري منجهند جي لاءِ مانيءَ جو ٽفن کڻي ڪار ۾ هليو ويو. باقي انيتا ۽ الڪا دادا سان گڏ حاطي ۾ ئي ويٺيون رهيون هتي جون ڳالهيون ڪرڻ.

راجوءَ جي ڳالهين مان لڳو پئي هن جي من ۾ ڪجهه هلي رهيو هو جنهن هنکي ڪي قدر مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو هو. انيتا کي نه الڪا کي به اُن جي سمڪ پئجي ويئي هئي.

انيتا پيءُ جي اندر جي حالت ڀانپي وڃڻ ڪانپوءِ هنکان سڌو سوال پڇڻ ڪانسواءِ رهي نه سگهي ۽ همٿائيندڙ لفظن ۾ چيائين. ''دادا توهين ته انقلابي طبعيت جا آهيو پوءِ توهانجي اندر ۾ هيءَ مونجهه ڇو؟''

''انقلاب ڪرڻ جي توفيق پاڻ ۾ هاڻي نه رهي آهي. انقلاب

دادا هنجي پٺڀرائي ڪندي چيو، ”ٺيڪ ته چوي ٿو آڪو، ٿورا ڏينهن رهنديئن ته گهر ۾ رونق رهندي.“

الڪا چيو، ”ديدي توسان مان گڏ هلنديس نوڪري آهي ڪيترا ڏينهن موڪل وٺائي سگهنديس.؟“

دادا اُن جي جواب ۾ بنا هٻڪ جي چيو، ”منهنجي مرضي آهي آڪوءَ ڪي جي اعتراض نه هجي ته تون نوڪري ڇڏي اچي گهرسنڀال ۽ آڪاش ڪي آفيس ۾ مدد ڪر.“

”نوڪري ڇڏڻ ۾ مونکي اعتراض نه آهي، پر جي هتي پوني ۾ بدلي ٿي سگهي ته... “ الڪا پنهنجو پاسو رکيو.

”اهو به هڪ ٻنڌن ئي ته ٿيندو.“ دادا جواب ڏنو. ”وڏيڪ توهانجي مرضي، آڪاش ڇا ٿو چوي.“ دادا آڪاش تي ڇڏيو.

”مان ته چاهيندس الڪا سمورو ڏيان گهر ۽ دادا ڏانهن ڏي، نوڪري ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. منهنجي آفيس سٺي نموني پئي هلي.“ آڪاش پنهنجو رايو ڏنو.

”۽ فلئٽ جو به ته ڪجهه ڪرڻو آهي.“

”فلئٽ جو ڇا ڪرڻو آهي، مسواڙ تي ڏيئي ڇڏ، توکي ڪافي اُن مان مسواڙ ملندي.“

”مان سوچيان ٿي مسواڙين جي لفڙن کان فلئٽ وڪڻي ڇڏيان. پنج ڇهه ڪڙور ته واهه جا ملندا، دادا کي ڪم ايندا، يا آڪاش پنهنجي ڪم ۾ آڻي سگهي ٿو.“ الڪا پنهنجو رايو ڏيندي چيو.

”اهڙي غلطي نه ڪج پُٽ، فلئٽ وڪڻڻ جو ته سوچ به نه، هاڻ ته قاعدا قانون اهڙا آهن جو بنا ڪنهن خطري جي مسواڙ تي ڏيئي ٿي سگهين، اسان کي تنهنجن ڪڙورن جي ضرورت نه آهي، فلئٽ تنهنجي ماءُ جي نشاني آهي.“

''صبوح جو گوڏن ۾ سور هاڻ جي دانهن پئي ڪيائين.'' انيتا الڪا کي سياويڪ لهجي ۾ جواب ڏنو.

الڪا چپ نہ رهي چيائين، ''ديدي ڪنهن ڊاڪٽر کي ڏيکاريون نہ.''

''نہ الڪا هن گهر ۾ ڊاڪٽر کي مشڪل سان ڪوٺيو ويندو آهي، مميءَ کي هر بيماريءَ جو گهرو علاج هو. منهنجي ناني هنکي نانيءَ ڏاڏيءَ جا گهرو نسخا ڏيئي ويئي هئي.''

''اڄ ڪالهہ ڪير ٿو انهن نسخن تي عمل ڪري.''

''اها ئي تہ اسان جي بدقسمتي آهي، اسانجي نسخن جي آڌار تي انگريزن ۽ ائمريڪن دوائون ٺاهي ڪڙورين ٿا ڪمائين منهنجي مميءَ وٽ لڳ ڀڳ هر بيماريءَ جو علاج هو، مونکي سڀ لڪائي ويئي آهي.''

''پوءِ تہ اهو خزانو توکان وٺو ئي پوندو. ممبئيءَ هلي پهريون ڪم اهو ڪاڄ ديدي.''

14 تاريخ اچڻ ۾ دير نہ لڳي، انيتا ۽ الڪا ممبئيءَ لاءِ روانيون ٿيون.

نوراني دلال کي گهڻا ڏينهن نہ لڳا الڪا جي فلئٽ لاءِ مسواڙي ڳولهڻ ۾، 65 هزار رپيا مسواڙ مهني جا ۽ 2 لک ڊپازٽ ۾ فلئٽ جي ائگريمينٽ تيار ٿي. رجسٽر ڪرائڻ کان اڳ۾ الڪا انيتا جي گهر مان آڪاش کي فون ڪيو. آڪاش کي ممبئيءَ اچڻ لاءِ چيو تہ جواب ۾ آڪاش چيو، ''مون نورانيءَ سان ڳالهايو آهي، هن مونکي ائگريمينٽ ايميل ذريعي موڪلي آهي، مان پڙهان پيو. تون چنتا نہ ڪر منهنجي ضرورت هوندي تہ مان هليو ايندس. فون رک مان توکي ائگريمينٽ پڙهي فون ڪندس.''

الڪا نراش تہ ٿي پر انيتا چيس، ''چنتا نہ ڪر آڪاش اتان ئي نورانيءَ جي معرفت سڀ ٺيڪ ڪندو.''

ڪرڻ جو سپنو پنهنجي پيءُ جي چانئٺ تائين پهچڻ سان پيءُ جي جادوءَ جي لڪڙيءَ ٽوڙي ڇڏيو.

خاص ڪري جڏهن ڏسان ٿو سڀ هٿيار ڦٽي ڪري اسانجي سنڌي جاتي صرف بيوسيءَ جي دور مان گذري رهي آهي. هاڻي باقي ٻاهر بہ برفن جا تهہ آهن تہ اندر بہ برف جا تهہ.''

دادا جذباتي ٿيندي اُٿي اندر هليو ويو. الڪا ۽ انيتا ڪنڌ جهڪائي ويٺيون رهيون تہ نارائڻ ڪاڪا اچي پڇيو. ''انيتا پُٽ رات جي ماني لاءِ ڇا ٺهندو.؟ مونکي بزار وڃڻو آهي.''

الڪا ۽ انيتا جي چُپ ۾ رخنو پئجي ويو. ٻنهي هڪ ئي وقت نارائڻ ڪاڪا کان پڇيو. ''ڪاڪا ڏينهن جو ڇا ٺاهيو اٿوَ.؟''

''سائي مصالحي ۾ پامفريٽ ۽ ڦلڪو.''

''تہ رات جو ڪا ڀاڄي ٺاهہ ڪاڪا.'' انيتا چوندي اُٿي بيٺي ۽ الڪا کي چوندي ويئي مان وڃي تيار ٿي ٿيان.

''مان بہ اُٿان ٿي ڪاڪيءَ کي ٿورو ڪاڇن ۾ ڏسي پوءِ مٿي ايندس.'' الڪا اُٿندي چيو.

ٻئي جڏهن تيار ٿي هيٺ لٿيون تہ ڪين ڪاڪي نرملا ٻڌايو تہ دادا ڪيڏانهن ٻاهر ويو آهي ۽ چئي ويو آهي تہ هو مانيءَ جي وقت تائين اچي ويندو.

''مونکي خبر هئي...'' انيتا پاڻ سان ڳالهائيندي چپن ۾ پڻ پڻايو ۽ ڪاڪيءَ کي چيو. ''ڪاڪي اڄ رات جو دادا کي ڪير ۾ هنئبَ وجهي ڏج هنجي سمهڻ کان اڳ.''

ڪاڪي ''ها'' چئي هلي ويئي. الڪا پڇيو. ''چو ڇا ٿيو آهي دادا کي.؟''

فلئٽ جي رجسٽري ۾ ڏينهن ڪانپوءِ هئي. الڪا انيتا کي سمورو سامان ڏسڻ لاءِ ڪارِ ۾ وٺي ويئي ۽ جو ڪجهه به انيتا کي کپندو هو هنکي ڏيئي، باقي پوني واري گهرلاءِ ڪارِ ۾ ئي ڇڏي ڏنائين.

آڪاش دادا کي فون تي هنن جي پوني واپس اچڻ جو پروگرام ٻڌايو. ماني کائڻ ويٺا ته الڪا چيو، ''دادا اسان کي ڪيڏانهن تو موڪلي ديدي.؟ مان نه چاهيندس ته دادا اڪيلو هجي.''

''دادا جي چنتا نه ڪر، نارائڻ ڪاڪا هنجي چڱيءَ طرح سنڀال لهندو آهي.'' انيتا جواب ڏنو.

''هڪ ٻن ڏينهن جي ڳي ڳالهه آهي انيتا، خبرنه آهي گهٽن ڏينهن جو پروگرام ٺاهيو اٿس، مان پوني وڃي هنکي سمجهائيندس.'' آڪاش چيو.

''اهو ته ٺيڪ آهي، پر تڏهن به پنهنجو پنهنجو آهي، جي ديدي به پوني هلي ته مان هلنديس نه ته ته...''

''ته ائين چئه نه ته اجان توکي آڪاش سان اڪيلي رهڻ ۾ هچڪ تي ٿئي. بهانا پيئي تي ڳولهين.''

''انيتا توکي هتي کهڙا ڪم آهن. دادا ڪهڙو پروگرام ٺاهيو آهي اها ته پوني وڃي خبرپوندي. پر جي تون به اسان سان گڏ هلين ته ڪارِ ۾ هلنداسين پاڻ پڪنڪ تي پوندي.''

تيئي ڪار ۾ هلڻ لاءِ تياري ڪرڻ لڳا. ٻنهي راتين ۾ الڪا جي اکين ۾ ڪيترا سجايل سپنا چترن وانگر گهمي ويا، هنجي زبان تي جو نالو اُڪرجي ويو هو سو بار بار زبان جي نوڪ تي اچڻ لڳو هو، جنهنکي وري وري اُچارڻ تي دل پئي ٿي. سجايل سپنن سان سمهندي رهي ۽ نوان سپنا ڏسندي اُٿندي هئي.

اجان الڪا نراش ٿي فون رکيو مس تہ دروازي جي گهنٽي وڳي. الڪا کان تہ اُٿڻ نہ پڳو انيتا اُٿي دروازو کوليو تہ ڏٺائين آڪاش دروازي وٽ بيٺو هو. انيتا کان ڙر نڪري ويئي الڪا ڙر ٻڌي چست ٿي ويئي ۽ آڪاش کي اندر ايندو ڏسي تہ اڳوڀوءِ ماڇلجي ويئي.

”مونکي خبر هئي تہ تون ضرور ايندين، تون نہ ٿو اچين ٻڌي الڪا تہ نستي ٿي ويئي هئي.“

آڪاش الڪا طرف وڌي هنکي ڀاڪر پائي چيو. ”چري ايترو نروس ٿيندي آهين مون نہ سمجهو هو.“

الڪا چپ هئي پر سندس هانءُ ڀريل هو. انيتا سامهون نہ هجي ها تہ شايد سڏڪا ڀري روئي پوي ها آڪاش جي ٻانهن ۾.

الڪا جي فليٽ مان پلنگ، ڪٻٽ، ٽيبل ڪرسين کي ڇڏي باقي گهر جو سامان ڪٺي اچٽو هو.

ٻئي ڏينهن صبوح جو ئي الڪا ۽ آڪاش باندرا هليا ويا. باندرا ۾ الڪا جي گاڏي گئريج ۾ بيٺي هئي، جا هوءَ فقط موڪلن ۾ ئي هلائيندي هئي، يا جڏهن سندس ماءُ کي يا انيتا کي ڪٿي وٺي وڃڻو هوندو هوس.

ڪجهہ ڪپڙا، برتن ۽ ٻيو ننڍو وڏو سامان چوڪيدار، ڪم ڪندڙ مائي ۽ صفائي ڪندڙ مائيءَ کي ڏيئي باقي سامان ڪار ۾ ٺوسي ٻئي انيتا جي گهر ڏانهن هليا.

رستي تان انيتا کي فون ڪري چيائون تہ منجهند جي ماني نہ ٺاهي هو چائنا ٽائون مان ڪجهہ وٺندا ٿا اچن.

انيتا وٽ پهتا تہ دادا جو نياپو رکيو هو. ”آڪاش ۽ الڪا کي مان ڪٿي موڪلڻ جو بندوبست ڪيو آهي، پُڇي ٻڌاءِ ڪڏهن ٿا واپس اچن.“

آڪاش ڪلندي چيو. ٽيئي ڪئراوين ڪان جيئن ئي ٻاهرپٽي آيا تہ ڏٺائون نارائڻ ڪاڪو بہ اچي ويو هو. هنن جي هٿ ۾ ٻہ ٿيلهيون هيون. هڪ ۾ ڪي ڀاڄيون ۽ ٻيءَ ۾ ڪراچي بنڪريءَ مان آندل ڪيڪ ۽ پيسٽريون. نارائڻ ڪاڪو سڌو اندر رنڌڻي ۾ هليو ويو.

انيتا پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي ۽ آڪاش الڪا پنهنجي ڪمري ۾. جڏهن ٻاهر آيا تہ دادا ٻاهر حاطي ۾ پنهنجيءَ مقرر ڪرسيءَ تي ويٺو هو.

الڪا ٽري ۾ ڪٽي آيل چانهہ دادا کي ڏيندي چيو. ”هي ۽ ديدي اچن تہ هنن جي لاءِ ڪٽي ايندس.“

”تون ويهہ پُٽ هننکي نارائڻ ڪاڪا پاڻهي چانهہ ڏيندو. تنهنجي چانهہ ڪٽي آهي. 3 ڪلاڪ ڊرائيونگ ڪري آيا آهيو. ٿڪل هوندا.“

اجان وڏيڪ چوڻ وارو ئي هو تہ انيتا ۽ آڪاش بہ اچي ويا. آڪاش وهندي پڇيو. ”دادا هيءَ ڪئراوين...“

دادا آڪاش جو سوال اڌ ۾ ئي ڪٽيندي چيو. ”هيءُ منهنجو سپنو آهي. اسان سنڌين جو آخرين ٺ . وقت تمام گهٽو وقت ورتو آهي. ڪوئلن جي ڪاڻ جهڙي ڪاري اونداهيءَ ۾ پيئي جيئي هيءَ جاتي. هڪ ٽروري جي ضرورت آهي. نہ تہ گهڻاجي تباهہ ٿي ويندي.“

”توهانجو ڇا مطلب آهي دادا.“ انيتا سوال ڪيو.

”انيتا هيءُ سامهون ڪئراوين ڏسين ٿي نہ. ڪئراوين نہ آهي هڪ هلندڙ چلندڙ گهر آهي. هن ۾ سڀ سهوليتون موجود آهن.“

”اسين ڏسي آيا آهيون دادا تڏهن بہ گهرگهر آهي ۽ توهين هن عمر ۾ هن ۾ گهربٽائي ڇا پٽڪڻ نڪرندا.؟“ انيتا چنتا ڏيکاريندي پڇيو.

”نہ پُٽ هن عمر ۾ مونکان نہ ٿيندو مان ڄاڻان ٿو. پر منهنجا تہ ٻہ جوان پٽ آهن منهنجو وس پڄي ها تہ مان 30 پٽ ڄڻيان ها. جيئن هرهڪ پرانت ۾ هڪ پٽ موڪلي اتي پنهنجي هلچل هلايان.“

هڪ سپنو، هڪ آخرين قدم...!

ٽيئي پوني جي گھرپهتا تہ ڏٺائون، هڪ نئون ڪئراوين بيٺو هو گاڏيءَ جي پاسي ۾. آڪاش سمجهي ويو دادا جي ڪا يوجنا هوندي.

انيتا ۽ الڪا وائڙيون ٿي ويئون. انيتا تہ ڊوڙندي اندر هلي ويئي. ٻہ بسترا تهيل هئا. ننڍو ڪائڻ لاءِ ٽيبل. چئن ڄڻن جي وهڻ لاءِ ايل شيپ ۾ بينچ. ننڍو باٿ روم. هٿ ڌوئڻ لاءِ هڪ ننڍي گينبڊي ۽ ننڍو رنڌڻو. انيتا بستري تي سمهي پيئي ۽ سڏ ڪرڻ لڳي الڪا ۽ آڪاش کي. الڪا تہ اندر آئي پر آڪاش ڪئراوين جي چوڌاري چڪر لڳائي رهيو هو. ڪئراوين جي اڳيان هڪ جهنڊو لڳل هو اچي ڪپڙي تي متڪائي رنگ ۾ متڪوءَ پنهي پاسي سنڌيءَ ۾ لکيل هو، ”جيئو ۽ جيئڻ ڏيو.“ ۽ انگريزيءَ ۾ لکيل هو.LIVE AND LET US LIVE ڪئراوين جي چوڌاري نظر ڦيرائي گھر اندر هليو ويو. چار لڳا هئا آڪاش سمجهي ويو تہ دادا اجان آرام ڪندو هوندو. بنا ڪنهن آواز ڪرڻ جي هو نارائڻ ڪاڪا جي روم ڏانهن وڃڻ لڳو. نارائڻ ڪاڪا بہ گھر ۾ ڪونہ هو. ڪاڪيءَ ٻاهر نڪري اچي پڇيو، ”ها پٽ ڇا کپيئي.؟“

”ڪاڪي ڪپي تہ ڪجهہ بہ نہ ڪاڪو اچي تہ موڪلجس.“

آڪاش ڪئراوين جي اندر ويو ڏٺائين انيتا ۽ الڪا ٻئي ٻن بسترن تي سمهيون پيون هيون. آڪاش کي ڏسي الڪا تہ اٿي ويٺي انيتا سمهڻ جو ڍونگ ڪري ڪونگهرا ڏيڻ لڳي.

آڪاش بہ شيطاني ڪندي الڪا کي آهستي چيو، ”تنهنجي ديديءَ کي ننڊ آهي اڄ تہ اسين پنهنجي ڪم ڪي لڳي وڃون.“

انيتا رڙ ڪري اٿي ويٺي، ’اي بدمعاش“

”هلو اندر هلون دادا بہ اٿيو هوندو، هڪ هڪ چانهہ ٿا هلي پيئون.“

"دادا توهين هتي اڪيلا ڪيئن رهندا، مان هن سان گڏ نه وڃان ته چا ڪر نه ٿيندو." الڪا سهي لاءِ چنتا ڏيکاريندي چيو.

"ائين ڪيئن، تون آڪاش سان گڏ وڃين ٿي ۽ بس، خبر نه آهي ڳ هٽن ڏينهن جو سفر ٿو ٿئي. تون دادا جي چنتا نه ڪر مان هتي ئي رهيل هونديس جيستائين توهان هنگامو ڪري واپس اچو." انيتا هنن کي دادا جي لاءِ خاطري ڏيندي چيو.

"منهنجو مقصد فقط هنگامو ڪرڻ جو نه آهي انيتا. منهنجي ڪوشش آهي ته حالتون بدلجن. منهنجو مقصد آهي هڪ چڻگ، پيدا ڪرڻ. منهنجي اندر نه ته توهانجي اندر ڪٿي به ٻري باه، باه ٻرڻ کپي." دادا جذباتي ٿيندي جواب ڏنو.

"ان وچ ۾ جي تنهنجو هبي اچي وڃي ته...؟" الڪا پڇيو.

"هنکي به هتي گهرائينديس. هنکي ته پوني ۾ رهڻ وڻندو آهي."

راجو ڪرسيءَ تان اٿندي من ئي من ۾ سوچيندو اندر وڃڻ لڳو. "هيءَ رات ڪڏهن ختم ٿيندي، صبوح ڪڏهن ٿيندو."

نارائڻ ڪاڪا ۽ نرمدا ڪاڪي رات جي ماني ڪاڏي جي ٽيبل تي رکي پاسي ۾ ئي بيٺا هئا. اهو چاڻڻ لاءِ ته هننکي متان ڪاجهه کپي.

سڀ پنهنجي پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهي ويا ته آڪاش پڇيو. "دادا ٻڌايو سفر ڪٿان ۽ ڪيئن شروع ڪرڻو آهي.؟"

دادا نارائڻ ڪاڪا کي باهر رکيل هڪ فائيل کڻي اچڻ لاءِ چيو.

نارائڻ ڪاڪا فائيل راجوءَ جي هٿ ۾ ڏيئي وري پاسي ۾ بيهي رهيو.

"ڪاڪا، ڪاڪي توهان به ويهو. کڻو پليٽون ۽ گڏجي کائو."

"نه پٽ اسان جي ماني اندر رکي آهي، اسين پنهنجي ڪمري ۾ وچي کائينداسين."

”مان سمجهي ويس، مون تہ شاديءَ کان اڳ ئي الڪا ڪئي ڇيو هو تہ شاديءَ کانپوءِ هر الڳ الڳ پرانت ۾ وڃي هر پرانت جي ريتين رسمن سان شادي ڪن ۽ هر پرانت ۾ رهني مون ملهائين.“

”واه صلاح تہ سٺي ۽ صحي آهي، منهنجي شاديءَ کانپوءِ مونکي اها صلاح ڇو نہ ڏنئہ.“ دادا ماحول کي هلڪو ڪندي چيو.

”دادا توهانجو سپنو تہ سهڻو آهي، ۽ جيئن مون سمجهو آهي اِها جوابداري مون تي ئي آهي، ڪڏهن روانو ٿيڻو آهي ۽ ڪٿي ڪٿي وڃڻو آهي.؟“

”فقط تنهنجي جوابداري نہ آهي، اُميش ڊسمبر ۾ اچڻو آهي پارت جي ڪاجهہ حصي جو اميش دورو ڪري، اُميش ئي ڇو منهنجي تہ اچا آهي هر سنڌي گهرمان هڪ جوان ٻاهر نڪري سنڌين جي حقن لاءِ ڪاجهہ ڪري.“ دادا اتي ئي چپ نہ رهيو. وڌيڪ چيائين. منزل تي پهچڻ کان اڳ ڪيترا چوراها، ڪيترا موڙ ۽ ڪيتريون ڏنگيون ڦڏيون راهون ايندڙيون آهن. وڏن جي ورهاست کي قائم رکڻو آهي، انهن جي سنواريل سپيتا، ادب ۽ ٻوليءَ کي قائم رکڻو آهي، سنڌي جاتيءَ کي پنهنجن حقي حقن جي ٻوجهہ ڏيڻ آهي.“

هن مهل تائين انيتا ۽ الڪا ٻئي چپ هيون، الڪا تہ چپ ئي رهي پر انيتا پڇيو، ”دادا توهين سمجهو ٿا توهان کي سڦلتا ملندي.“

”سڦلتا ملڻ کان وڌيڪ مهتوُ آهي ڪوشش ڪرڻ جي.“

”ڪڏهن نڪرڻو آهي دادا مونکي هڪ هفتو کپي آفيس جي ڪم لاءِ پوءِ جيئن توهان چوندا...“ آڪاش پڇيو.

”نارائڻ ڪاڪا هڪ ٻئي ڊرائيور جو بندوبست ڪيو آهي، هنجو پائٽيو آهي، هو ٻئي ڊرائيونگ ڪندا الڪا ۽ تون اندر ڪنراوين ۾ هوندا، تون پنهنجو لئپ ٽاپ ڪٽي وڃ آفيس جو ڪم ڪنراوين مان بہ ڪري ٿو سگهين. مون سان بہ لڙهہ وچڙ ۾ رهندين.“

راجوءَ جو ڌيان سپنو سيني جي اکين ۾ جاءِ بڻائي چڏي هئي.

آڪاش جي هٿ ۾ دادا جو ڌيان پنو هو، هو ڌيان سان پڙهڻ لڳو.

1. Andhra Pradesh Hyderabad
2. Arunachal Pradesh Itangar
3. Assam - dispur
4. Bihar - Patna
5. Chhattisgarh - Raipur
6. Goa - Panaji
7. Gujarat - Gandhi Nagar
8. Haryana - Chandigarh
9. Himachal Pradesh Shimla
10. Jammu and Kashmir-Jammu
11. Jharkhand - Ranchi
12. Karnataka - Bangalore
13. Kerala - Thiruvananthapuram
14. Madhya Pradesh - Bhopal
15. Maharashtra - Mumbai
16. Manipur Imphal
17. Megalaya - Shillong
18. Mizoram - Aizwa
19. Nagaland - Kohima
20. Orissa -Bhubaneshwar
21. Pujab - Chandigrah
22. Rajashthan - Jaipur
23. Sikkim - Gangtok
24. Tamil Nadu - Chnnai
25. Tripura - Agar Tala
26. Uttar Pradesh - Lucknow
27. Uttarakhand - Dehradhun
28. West Bengal - Kolkata
29. Delhi

”ها هڪ ڳالهه نہ وسارج آڪاش، جڏهن ڪنهن بہ پرانت جي ڪئپيٽل ۾ وڃين تہ اتي جي ڪنهن اهم ماڻهوءَ سان گڏجي پرانت جي اليڪشن ڪمشنر جي آفيس ۾ وڃي پرانت جي ووٽرس جي لسٽ ضرور وٺجي، جيئن خبر پوي تہ اتي ڪيترا سنڌي آهن.

”ها دادا توهين هڪ ڪم ڪريو هڪ لسٽ ٺاهيندا وڃو، جيئن اُن موجب اسين اڳيان وڌندا وڃون.“ آڪاش پيءُ کي صلاح ڏيندي چيو.

رات ڪافي گذري چڪي هئي، انيتا ۽ الڪا اُٿندي دادا کي بہ اُٿڻ لاءِ ۽ وڃي آرام ڪرڻ لاءِ چيو.

راجو اُٿيو ۽ پنهنجي ڪمري ۾ بہ ويو، پر هنکي ننڊ نہ آئي، هنکي ياد آيو هن هڪ دفعي دادا پنهنجي ڏاڏيءَ کي چيو هو. ”دادا توهين شهر شهر ڳوٺ ڳوٺ گهمو، جتي بہ وڃو پروگرام شروع ڪرڻ کان اڳ اپيل ڪريو تہ هرڪو سنڌي پنهنجو نالو ۽ پتو لکي توهانجي متڪي ۾ وجهي، اهڙي طرح اسان کي ڪيترا ۽ ڪهڙا سنڌي ڪٿي آهن انجي جاڻ پوندي.“ سالن کان پوءِ جڏهن هو هن سان گڏيو هو تہ چيو هئائين ”ڪاش تنهنجيءَ

”تہ توهين وڃو، اسان کي ڪجهہ ڪپيو تہ اسين ويٺيون آهيون ڪاڪا، توهين وڃو ڪاڪا.“ انيتا ڪاڪا کي وڃڻ لاءِ چيو.

راجو ماني کائيندي چوندو رهيو، ”منزل جي چوٽيءَ تي پهچي بہ ساٿي ملي، اتان اوچائيءَ کي جاچين ۽ ماڻين. اُن کان وڌيڪ اهم آهي منزل طرف ويندڙ راه تي گڏجي هلندي منزل پائين. اُن ۾ من جو سڪون آهي منزل پائڻ جو احساس ۽ فخر آهي.“

”اهڙا مثال اسانجي سامهون آهن، جن بہ جوڙن کھڙي بہ ڪيتر ۾ هڪ ٻئي سان ڪلهي سان ڪلهو ملائي، قدم سان قدم ملائي اڳيان وڌايو آهي انهن جي جيون ۾ هڪ اٿاه آنند پرجي ويو آهي. مان چاهيان ٿو توهان ٻنهي جي جيون ۾ بہ اهو آنند پرجي.“

ٽيئي ٻڌندا رهيا، پر الڪا اتساهہ ۾ اچي ويئي ۽ چيائين، ”دادا هيءَ توهانجي دنيا علحدي آهي، مان هڪ رواجي ڇوڪري آهيان پر ڪجهہ بہ توهان چئو ٿا مان اُن سڀ جو آنند ماڻڻ ٿي چاهيان.“

راجوءَ فائيل کولي اُن مان هڪ پنو ڪڍيو، آڪاش کي ڏيندي چيائين، ”هن ۾ پارٽ جي سينئي پرانتن ۽ انهن جي ڪئپيٽل (راڄڌاني) ڏيڪاريل آهي، تون ڪهڙي پاسي کان ٿو شروع ڪرڻ چاهين، اتر، اوڀر، اولهہ يا ڏکڻ توتي ٿو ڇڏيان، هر شهر هر ڳوٺ ۾ سنڌي ٿا وسن انهن سان گڏجڻو آهي. جتي جتي پئناچائتون آهن اُنهن جي طرفان سيني سنڌين جي هڪ گڏجاڻي ڪرڻي آهي، جنهن ۾ کين ٻڌائڻو آهي تہ جيئڻ تن لاءِ ڪاڏو ضروري آهي، تيئن جاتيءَ جي جياپي لاءِ جاتيءَ جي سڃاڻپ ضروري آهي، اُها سڃاڻپ آهي ان جاتيءَ جي ٻولي، اُن جاتيءَ جو ڪاڏو، اُن جاتيءَ جو رهڻ سهڻ ۽ سيني کان وڌيڪ اسانجي وڏن جا سنڌي سيپتا، سنسڪرتي، ساهتيہ جو هيڏو پنداريري ۽ سنواري اسانکي ڏيئي ويا آهن اُن کي قائم رکڻ آهي.“

چوڏاري ٻُراڻ ڦهلجي ويئي هئي، سڀ چپ هئا پر لڳو پئي

رٿا تي هلڻجي ها تہ اڄ سنڌين جي هڪ ڊائريڪٽري ٺهي پوي ها. پر راجو هاڻي ڏاڍي دير ٿي ويئي آهي. وقت هٿن مان واريءَ وانگر وهي ويو. چنتا نہ ڪر ڪنهن ڏينهن ڪو نڪرندو جو اهو سنڌين کي هڪ ڌاڳي ۾ پوئڻ جو ڪم ڪندو.''

هڪ هفتو ڇڻ چند ڪلاڪن ۾ گذري ويو. آڪاش ۽ انيتا دادا ۽ ٻن دوستن سان گڏجي مئجسٽريٽ جي آفيس ۾ وڃي شادي بہ رجسٽر ڪرائي آيا. اها رات الڪا جي خاص رات هئي.

راجو هر رات سوچيندو هو. ''ڇا اڄ سنڌي جاتيءَ جي حالت آهي ائين تہ نہ آهي اسين ريتيءَ کي جل سمجهي، اُن جي پٺيان ٿا ڊوڙون؟ اها مرگهہ ترشنا هاءِ ڙي...! ڪيئن نہ سيني کي پٽڪائي رهي آهي؟''

آخرانُهن سوچ ويڇل راتين کان پوءِ هڪ صبوح جو ڪنراوين ۾ آڪاش، الڪا، نارائڻ ڪاڪا ۽ هنجو پائٽيو پرديپ وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويا.

انيتا مشڪي بہ رهي هئي، هنجي اکين ۾ ڳوڙها بہ وڇل هئا. راجو جي اکين ۾ عجيب چمڪ هئي، سوچيائين پئي، ''ورق ورائڻ سولا آهن. ڪيترا سپنا اڌورا آهن. ڇا انُهن جو پورو ٿيڻ سولو آهي.؟''

اهڙي ئي وقت گيتا جي نہ هلڻ ڪري، جدائي نراشا پيدا ڪندي آهي. دل مان هڪ ڪوڪ سان گڏ شڪايت ۽ گذارش ويريو آواز نڪرندو آهي، ''گذارش ڪئي آهي دنيا جي ڀڳوان کي، تہ جدائيءَ جي مدت گهٽائي. نہ تہ تہ دنيا وارن کي ڇئي رکيو آهي، تہ اهميت ڀڳوان جي گهٽائي ڇڏين. هاڻي هيءَ توکان جدا ٿي رهڻ جي زندگي جئي نٿي وڃي، گيتو...''

راجوءَ جون اکيون بند هيون. هنجو ساڄو هٿ پاسي ۾ رکيل ڪونديءَ ۾ ڪٽريل گل جي مٿان رکيل هو ۽ سندس دل جي ڌرڪن.....!

''پيرَ پٿون هر پانڌيئڙي جا، منزل جو ڪو اير نہ پيرا!''

Together, we will reach.
Where we have to.

Together, we have suffered.
Suffering that was
thrust upon us.


Together, Joys of this and that.
Enjoyed what we could.

Why be sorry, or bear sorrow.
Will not make us weak.
Cause we are one.

Alone or together,
We will reach.
Where we have to.

سنڌين جو قومي جهنڊو ۽
سنڌين جو قومي ترانو

آنڌيءَ ۾ جوت جلائڻ وارا سنڌي،
خاڪ کي سون بڻائڻ وارا سنڌي،
شاهه، سچل، ساميءَ جي و رسي وارا،
نس نس ۾ وهي ٿي جن جي سنڌو ڌارا،
ٿي رهن مليرن ۾ مارُوئڙا ۽ جهر جهنگل ۾ جهانگيئڙا،
بر پٽ کي باغ بڻائڻ وارا سنڌي،
آنڌيءَ ۾ جوت جلائڻ وارا سنڌي.



پريم ياوَ ايڪي سان رهندا جڳ ۾،
محبت جو ياوَ پريل جن جي رڳ رڳ ۾،
سيني سان پريم و ڌائيندا، ڪجهه ڏيندا ۽ ڪجهه پائيندا،
سنسار ۾ پريم و ڌائڻ وارا سنڌي،
آنڌيءَ ۾ جوت جلائڻ وارا سنڌي.

موهن جي دڙي جيان دهجي اوُچا رهندا،
طوفان زلزلا سور ۽ سختيون سهندا،
هيمونءَ جيان ڦاسي کائيندا،
تہ بہ مُرڪي مُرڪي ڳائيندا،
هي ڪڏندي ڪنڌ ڪپائڻ وارا سنڌي،
آنڌيءَ ۾ جوت جلائڻ وارا سنڌي.

- موتي پرڪاش